

سنگیت
انجلی

پنهنجي پاران

'سنگيت انجلي'، منهنجي گذريل چاليهه، پنجاهه سالن جي زندگيءَ جو چٽڀي ڪري ته پوتاميل ٿي حياتيءَ جي جدا جدا دؤرن منجهان لنگهندي، جيڪي هليو چليو يا اٿيو ويٺو آهيان، اهي سڀ يادگيريون هِنن گيتن منجهان ليئا پائي، جڻ ڳالهائين ڪجھ ڳُڪو جيون، جيڪو گذاريو اٿم، انهيءَ ساک، ٻيا ڪنهن رڪ-رڪاءَ جي، هي گيت ڏيندا رهندا جيسين سندن وجود هوندو. ڪير چوان ته هي گيت منهنجي گذريل ڪيترن جنمن جو اُپٽ هوندو؟

ستن اٺن ورهين جي عمر ۾ چوڻ ۽ ڳائڻ شروع ڪيم. پنهنجن، پراون جذبن جي ٻُرن ٿي اڏامندو رهيس ۽ اهو اڏام اڄ تائين جاري آهي. البت ڪن ٻُرن جو زور، ڪڏهن ڪڏهن وشال آڪاش ۾ ايڏيون وڏيون گُهتوُن ٿو ڏياري، جنهن ڪري ڊپ ٿيندو آهي ته ڪٿي اهي ٻُر ڪوهي نه وڃهان. ٻُر ڪنهن جو آڌار ۽ آسرو اٿم، انهيءَ ڪري ساهه ڪٽي پيو ٿو هلان - جيڪو سائين 'بيوس' چاليهه سال اڳ بخشش ڪيو هو.

سنگيت - انجليءَ جي ستن ئي وستارن ۾، جيڪي ڪجھ هٿ ۾ اٿم، اهو سڀ گهٽي قدر ڏنو ويو آهي. سواءِ پنجن ستن سوَن سِٽن جي، جن خود ٻاهر اچڻ



ھوندراج لیلارام (دکایل)

ارپيان ٿو
هيءُ قلن مٺ

ھنجي استاد
سائين ڀيوس کي
جنهن رڳو ڀاونا
روپي تلهي ڏل تي
راضي ٿي هيڏيءَ
ذات جي بخشيش
ڪئي.
* * *

پتا شري ٻالمڪند
ڀائي ليلارام جيسا سنگهه
صاحب، ماتا ٽڪل ٻائي،
ماتا موتل ٻائيءَ کي.
هڪڙيءَ پيار جي گود ۾
گيان ڏيئي نا هيو
سنواريو، ۽ ٻيءَ جنم
ڏيئي جهان ڏيکاريو.

دکايل

ايو. انهيءَ کانسواءِ ١٩٢٣ ۽ ١٩٢٦ ۾ اوائلي ڇپايل گيتن
ڪتاب، ڪرشن ڀڄناولي لوڙي آريه ڀڄناولي، منجهان
چنا به هن مجموعي ۾ ڏني ڪانه ويئي آهي. ڀهريون
؛ ته هندستان اڇوت ڪانپوءِ هيٺ مٿي ٿي ويو. تنهن
.اڇوتي بهادري لوڙي قربانين جون سنگيت. ڪتابون
ي ١٩٢٦ کان ٢٨-١٩٢٥ تاءِ 'انقلاب'، 'سوراج'، لوڙي
اخبارن ۾ ڏيندو رهيس، اُنهن رچنائن منجهان
ڳڙي رچنا به پاڻ وٽ سنڀالي نه سگهيس. سبب
لاپرواهي. سوامي ڏرمداس- جيون ڪوتا جون به هزا
ون، جدا ڪتاب اندر، گرمکي- لپيءَ ۾ ڇپيل آهن
يءَ طرح ڇنجي ڪٽي نه جيڪي پاڻ وٽ هو، اهو سب
ڀهنجي پائون لوڙي ڀيرن جي آڏو ڌريو اٿم. شل قبول
ڀوي.

'دکايل'

سنگيت انجلي

پرڪاشڪ:
لوڪ ساهتيه پرڪاشن گانڌي ڌام
آديپور (ڪڇ)

١ جون ١٩٦٣

قيمت
هڪ ڪمري جو جلد ڏهه روپيه

هوندراج ليلارام
'دکايل'

سنت ونوبا جي آشيرواد

مهاڪوي شري دکايل جي اڄ تائين ڪيل ڪاويه-رچنا جو سمورو پرڪاشن ٿي رهيو آهي، اها خوشيءَ جي ڳالهه آهي.

ڀوُ-دان-يگيه کي جيڪو زوردار ۽ پُر اثر شاعري لوڙي سنگيت جو دان هن ڏنو آهي، اهو اَملهه آهي. اڄ ساري ڀارت ۾ جڳهه جڳهه انهيءَ جو پڙاڏو ٻڌڻ ۾ اچي ٿو.

ڀڳوان جو وِرهه محسوس ڪري، ڀڳت جن هميشه دکايل ٿي رهندا آهن. ليڪن انهيءَ دک ۾ جو سُک ڀريل آهي، سو اهو ٿي ڄاڻي ٿو، جنهن کي ڀڳوان اهڙو نصيب بخشيو آهي.

اهڙن ورلي ڀُڳن جي سماج ۾ دکايل جيءَ جو شمار آهي. چاهيون ٿا ته اَسين سڀ انهيءَ ڀڳت منڊليءَ ۾ داخل ٿيون.

سيني کي پرڻام

بينگال - ياترا

١٨ مئي ١٩٦٣ 'ونوبا' جا جئه جڳت

سنگيت انجلي

(ست گل)

اسانجا ٻه اکر

ڪوي ”دڪايل“ جي گيتن جا تازو ڇپايل، ستت نئي ڪتاب، هن هڪ ئي جلد ۾ ڏيندي، لوڪ ساهت پرڪاشن گانڌي ڀنڊار وارا، پاڻ کي هڪ وڏي رڻ کان مڪت سمجهن ٿا. هن وقت تائين ڪيترن پائرن لوڙي ٻڌن، ڪويءَ جي پراڻين لوڙي نين رچنائن جي گهر پئي ڪئي ۽ اسان به انهن کي اهي رچنائون ڇپائي پهچائڻ جا انجام پئي ڪيا. اڄ پرميشور جي ديا سان اسانجو اهو وچن پورو ٿي رهيو آهي ۽ سنگيت انجليءَ جا لڳ ڀڳ هڪ هزار صفحا انهيءَ جي ساک ڏيندا.

هن سنڌي لوڪ ڪويءَ جي هندي رچنائن جو، لڳ ڀڳ ٻه سؤ صفحن وارو ”ڌرتي کي گيت“ نامڪ پستڪ پڻ، پرڪاشن پاران هن ئي سال ۾ ڇپائي پڌرو ڪيو ويو آهي. اهي گيت، ڪويءَ جي جدا جدا ننڍين وڏين، ڏيدلڪ ڇپايل چونڊين منجهان گڏ ڪري ڇپايا ويا آهن. اميد ته پهرئين ڇاپي جون پنج هزار ڪاپيون هن ئي سال ۾ پڙهندڙن جي هٿن تائين پهچي وينديون، ڇو ته ”سروود ۽“ جو سندر وڇار ڏينهون ڏينهن وڌي لوڪ پريه ٿيندو.

ڪويءَ جا باقي سڀ سنڌي ناٽڪ، سنڌس صلوڪيون يا ترجمو ڪيل ڪهاڻيون ۽ ادب لطيف، ترت ڇپائي پڌرو ڪرڻ جو ڪارڀ اسانجي اڳيان آهي.

विनोबा की आशीर्वाद

महाकवि श्री दुखायल की आज तक की काव्य–रचना
समग्र प्रकाशन किया जा रहा है, यह खुशी की बात
। भू-दान यज्ञ को जो वाङ्मय–दान उन्होंने दिया है
अमूल्य है । और सारे भारत में जगह जगह उसका
ध्वनि सुनाई देता है ।

भगवान का विरह महसूस करके भक्त जन हमेशा
यल ही रहते हैं । लेकिन उस दुख में जो सुख भरा
ह वही जानता है जिसको भगवान ने वह भाग्य बक्षा है।

ऐसे बिरले पुरुषों के समाज में दुखायल जी शुमार
और चाहते हैं कि हम सब उस भक्तमंडली में
ल हों ।

सब को प्रणाम ।

गाल यात्रा	विनोबा का
१८-४-६३	जय जगत

جھونگار

ناٽڪن منجهان 'هريجن اَبلا' ۽ 'نرسي مهتو' ٿ سنڌ
ٿي ڇپيا هئا. انهيءَ کان سواءِ 'علاؤالدين پدمڻي'
'ڏيتي ليتي' گراموفون رڪارڊن ۾ اچي چڪا هئا. ا
ڇهن ڪانسواءِ باقي ٻي ناٽڪ 'يگنياٽي ميران' 'عمر مار
۽ 'اهنسا' اجا تائين ٻي رهجي ويا هئا. اُميد ته ها
انهن سڀني ٻي ناٽڪن کي هڪ ٻي ڪتاب ۾ گڏ
ڇپائي پاڻُن لوڙي پيئرن جي هٿن ۾ ڏنو ويندو. ٻچاڙ
جو ايترو ئي چونداسين ته اسين، پنهنجي لکن پاڻُن
پيئرن جي شوق لوڙي اُساهه جي ڀروسي لي ٻي
هيڏو سارو ڪاريه ڪري رهيا آهيون.

آديپور (ڪڇ) — ڪرشنا

١٥ جون ١٩٦٣

ونڻ کهاڙيءَ جـي کهاڻـي، انهيءَ وقت
هونگاري ويئي، جڏهن سنڌ اسيمبليءَ جون ٻيو
فعو عام چوندون ٿيون هيون. هونءَ نه ته هن
کهاڻيءَ جو جنم فبروري ١٩٤٥ع ۾ سکر سينٽرل جيل
ٿيو هو، جڏهن آءٌ اُتي ٽن مهنن جي ڀوئين سزا
ئي رهيو هوس.

اڄ ونڻ-کهاڙي جي کهاڻي، هر سنڌيءَ جي
افظي جو ڄڻ ڪمال آهي. جتي به وڃڻ ٿيند و اتم،
ٽي انهيءَ کهاڻيءَ جي فرمايش ٿيندي ئي رهندي
هي، ٻوءِ انهيءَ سا ٻئي شهر يا ڳوٺ ۾ پنج دفعا ئي
و ڪين ويو هجان! اڃو ته اِها لوڪ ڪٿا هڪ دفعو
وري ڳڏجي جهونگاريون ۽ وطن جي آزادي برقرار
رکڻ جو قسم کائون.

فهرست

پلنامو

صفحو	سٽ	غلط	برابر
٥	٥	ليو لياو	لياو ليو
٥٢	١١	سلطان نخمو	سلطان نمو
٥٩	١٤	[illegible]	[illegible]
٩٨	١	درد آنهن	گرم آنهن
٩٠	٢	روڙالو ڪمو	دوڙالو ڪمو
٩٤	٩	چڪور	چڪور
١٠٥	٤	ڪي ڌڪار	[illegible]

ـو ٿـڌيرو واءُ ويتر وڻ ڏنـــي سرهاڻ ٿئي،
ند لوھر کـي ونـــي وئي واھہ جي آلاڻ ٿــي.
ڻ جـــي هڪ هڪ پـن وڄايا ڄڻ سريلا ساز ٿئي،
ات مـان واچـوڙي جـــي نڪتا مٺا آواز ٿئي!
ي۽ خوشي وڻ جي کھاڙي کي ٿـي گذري ناگوار،
ل ۾هن سمجھيو تہ ’پن پن ٿو ڪري منهنجي پچار!‘
اءُ لوڏيو پئي جيئن وڻ کي لڏيو ٿئي ڏار ڏار،
اڙ ۾ ڪارو ڪاوُنـو ٿيو تيئن ٿئي بـــي قرار!
يت ٻاڙھو منهن ڪري وڻ کي چيائين خار مان،
ل ڪِلي ڪر ڪيج هيڪر جاڻ مان پيي ٿو اچان!
نهنجي هوندي خير پنهنجي سرجو هرگز ڪين جاڻ،
ڪير اهيان آءٌ، هيڪر ڪول اک مونکي سڃاڻ.
ڪارناما منهنجا پڻ پنهنجن وڏن کان ڏس پڇي،
بر ۾ اڄ پيي نہ دهشت کان سگهن ٿا جي ڪڇي.
نهنجي نالي کـان ٿـا شاهي بـابـرا پيلا ڪنبن،
ات منهنجيءَ کي ڏسي سامهون، ٿا جنسي ونءُ وڃن.
سم آهـــي لوھہ جـو منهنجو کھاڙو نانءُ آھہ،
ڻ جبل جيڏا وڏ يانٺو ايڏو منهنجو هيانءُ آهہ.
ـو ڪاي مونٽي، جو ڏيکاريو جوانيءَ جـو غرور،
رس! اهڙي ڏوھہ جي توکي سزا ملندي ضرور.

وڻ ۽ کهاڙو

ٿيو خزان جو دؤر پورو نت نئون آيو بهار
وڻ سڪل ساوا ٿيا گل ڦل لڙي پيا بي شمار
هيڊ گنبذ جي ڪاي جهولي خوشيءَ ۾ ڏار ڏار
مست ٿي جهنگ جا پکي ڪن هيڄ هڪ ٻئي سان هزار
هن سهائي وقت نڪتو گهر ڇڏي هڪڙو لهار
جنهن جي هٿ ۾ ڌار وارو هو کهاڙو زيبدار
ڏڀ وڃيو ويو ٿئي ملي من کو گراهڪ مالدار
دل گهريو جو ماهه ڏئي مونکان وٺي هي مددگار
وات ويندي جي ڏٺائين ٻئي کو ايندو راهگير
ٿئي ڇيائين کو وٺي منهنجو کهاڙو بينظير
ٻنڌ ڪري ٿڪجي پيو آيس مٿان پاڇو لڙي
ڇالو وارو وڻ ڏسي آرام لاءِ آرسيو گهڙي

سال کن ڪانئيون وڍي وڪڙي ڪندس پيو روزگار،
فيصلو آخر ڪري، هو وڻ وڍڻ لاءِ ٿيو تيار.
ن ڪهاڙي لاءِ ڪپي ڪرڙي نه پيس چنتا گهٽي،
پ ڏئي، وڻ تي چڙهي ٽاري مڇي آيو ڪٽي.
ن گهڙي نـاهي ڪهاڙي ۾ وجهي سو ٿيو تيار،
ڍ مٿان وَڍ ڪائي درخت نيٺ ڌرتيءَ تي ڪريو!
وڻ ڪريو ڪاري ڪهاڙي جي جٽڪ بيگهي مٿي؛
طعنہ ڏيئي پنهنجي ٽارڻ پٽي گهريائين دل ٽٽي.
ڪر خبر درخت! اُها ساڳي تنهنجي دهشت ڪٿي؟
و ڪباڙيءَ سان ڪلڻ واري تنهنجي جرات ڪٿي؟
جيڪڏهن توکي اجا مغرور ڪو هوندو خمار!
ساد رک ڏاري ڪندس باقي به عضوو ڏار ڏار.
ڻ وراڻيندي چيو "ڪارا ڪهاڙا چـڏ ٻڪاڪ"
اڪ سگهڻي ڪر ڦٽي پنهنجي اجائي ڪر نه هاڪ.
نهنجي سامهون تون بهين ها؟
ايڏو تو منجهه دم نه هو،
ونکي ڪيرڻ هو ڪٿن تنهنجو اڪيلو ڪم نه هو.
ـگ منهنجو ڳن ٻڌي توسان جڏهن شامل ٿيو،
ونکي ڪيرڻ ۾ تڏهن ڪانہ جو پورهيو ٿاب پيو.
ـي فقط توکي رکـي ويهي ها، سگهڻو آسرو،
ـار ماري هـا ٻکن ۾ پاڻ کي ڏئـي ها ٻرو!

ايترو چوندي ڪهاڙو جوش ۾ سهڪڻ لڳو
خون هنجي جسم جو ريءَ باهه جڻ ٽهڪڻ لڳو
بي سبب ڪاوڙ ڪهاڙي جي ڏسي، درخت چيو
مان نٿو سمجهان ته تنهنجو ڏوهه مون ڪهڙو ڪيو؟
سمجهه رک پيائي ڪهاڙا! جوش ۾ ايڏو نه آءُ
ڪوڙ ۽ سچ جو پوي ٿو ڪين ڪاوڙ ۾ سماءُ
تون وڏو آهين ته توکان آهه وڏو منهنجو ڏٽي
سونهن پنهنجيءَ سان جنهن قدرت کي سينگاريو ڪٽي
جي اجا آهن حياتيءَ جا کي ڪپڙيءَ ۾ ڪٽا
چوڏو لاهي ڪين پڇندين مر ڪرين حيلا گهڻا
هڪ طرف ڪاري ڪهاڙي کي غضب جو جوش هو
ٻئي طرف درخت دڪايل! چپ ڪڙو خاموش هو
نيٺ هڏ ساهي هليو لوهر ڪهاڙو جيئن ڪٽي
تيئن اڳيان ڪانير ڳڏيس جنهن کي ڪهاڙو ويو وٺي
شوق سان ورتو ڪهاڙو جهنگ جي ڪانير ڪِلي
پاڳـ. لوهر جا ڪاٻا جو من- گهريو ويس ملهه ملي
ڦر ڪهاڙي جو ڳنهي ڪانيرو اجا اڳتي ڇڙيو
هن ڏٺو، ساهون ڪڙو بيٺو هو درخت دل گهريو
ديال آيس چو نه هن وڻ کي وڍي کيرپان ڪٽي
مال ٻـڻ لهندو جهجهو ڏيندو مدد ڏادي گهٽي

هيءَ ”تنهنجي منهنجي ڪهاڻي“
پنجويهه سال اڳ جي ڳالهه آهي، جڏهن سنڌ ۾
Muslim Mass Contact جي مقصد سان ڳوٺاڻي
هلچل شروع ڪئي ويئي هئي. انهيءَ وقت ڳوٺن
۾ پيرين پنڌ گهمندي، سنڌ جي عوامي زندگيءَ
جو جيڪو درشن ٿيو، هيءَ ڪهاڻي انهيءَ جي اُپج
آهي. اڄ ملڪ آزاد آهي پر ملڪ جي ڌرتي اڃا
مالڪيءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙيل آهي. انهيءَ
ڪري ڪروڙين ملڪي پائرن لوڙي پينرن جو
حال اهڙوئي بدتر آهي، جهڙو حال سندن غلاميءَ
جي وقت ۾ هو.

اچو ته اسين هڪ دفعو پنهنجي آرٽڪ، سماجڪ

فخر تنهنجو خوامخواهه، آهي اجايو هي گمان،
مان ڪريو آهيان جي، پنهنجن جو ٻٽيو آهيان نشان.
ديش واسي اڄ سُڻي وڻ ۽ ڪهاڙي جو قصو،
ملڪ پنهنجي ڏي نهاريو، پنهنجي حالت ڏي ڏسو.
وڻ مٿي هن ملڪ جي آزادگي جاڙي سدا،
ڳن غلاميءَ جي ڪهاڙي جو نه ٿيو ٻهر خدا.
هيءَ نصيحت ناهه ليڪن دل دکايل جي پڪار،
جا ڪندي، غافل وطن وارن کي جاڳائي هوشيار.

آزادي مندر جا راڪا!

(ٽنھنجي منھنجي ڪھاڻي)

راڪا! او راڪا!
آزادي مندر جا راڪا!
آزادي مندر جا راڪا!
راڪا! او راڪا!

آڪاسي گنگا جي لھرين جو پينگھو لوڏيندو،
پرڀاتي تارن کي منڙيون منڙيون لوليون ڏيندو.
روز اچي ٿو، ھير جھڪورون کڻندو صبح سھاڻو،
گل ڦل ھيج ملھائن، ٿئي چؤطرف چمن چانڊاڻو.
سورج خوش رنگ ڪرڻن سان ڌرتيءَ جي سونھن وڌائي،
قدرت جي ھر وستوءَ کي ٿو سونا ويس پڏائي.

نوڙي راجنيتڪ ڀاڃي کي ٽپاسي ڏسون ته غلاميءَ وقت جيڪي اوٽايون اسان منجهه هيون، اُهي آزاد ٿيڻ کان پوءِ اچا اسان ۾ آهن ڇا؟ جي آهن، ته اُنهن کي دور ڪرڻ لاءِ اسين ڇا ٿا ڪريون.

انسان کي ورثي ۾ ويسر ڏاڍي گهڻي مليل آهي. هڪ دفعو جيڪر "تنهنجي منهنجي ڪهاڻي" وري جهونگاريون ته ڇڱو.

ڪير بنا ننڍڙن ٻارن جون مائر اڄ واجهائن،
چاڻ ٻچيءَ تي آئر ڏيئي رئندڙ ٽٻون پرچائن.
هن حالت جو صرف غلامي ڪارڻ آهه بنيادي،
آزادي جي ايندي، پاڻهي ايندي پوءِ آبادي.
ديس ڪي آزاديءَ جي درسن جي پربل ابلاڪا،
راڪا! او راڪا! آزادي مندر جا راڪا.

(٣)

پئسي پرک مهل نڪري ٿو مَنهُ چڙي ڏس هاري،
ڏاندن جي ڏٻري جوڙي تي ڪٽندو هر پانجاري.
ڏاند پٽارا پُهرن لاءِ چيڪا پٽ پٽن ٿا؛
ڪاڏي ڪان وڏ ڪيڏو سارو پنهنجو هڏ رت ڏين ٿا!
انساني خود غرضيءَ لئي آهن گگدام پڪاري،
جنهن ننڍڙي ڪان حيوانن جي حق تي ڪاتي ماري.
بيت پيري جن ماءُ مِٽيءَ جو ڪير نہ ڪڏهن پيتو؛
وڏڙي بي رحميءَ سان ويتر لوڙن بيٺو ڪيتو.
پوءِ ٻہ ٻار ٻچا پاڳئي جا ويچارا پالن ٿا؛
پاڻيءَ ڪانجهيءَ سردي گرميءَ ۾ وهندي جالن ٿا.
ٻر جي هاندي ڏٻرا ٿيندا، ڪاتيءَ هينان ايندا؛
ڏيهن پُچا جي داور در انسان تي دانهين ٿيندا.
بيت پٽيو پاڳئي ڪان ڪراڻي ٿو ڪيڏي بي دادي!
ايندي آزادي ٻک ڀڄندي، ٿيندي گهر گهر شادي.

برف پهاڙن تي پگهرجي اس ۾ ڇا رنگ ڪڏي ٿي،
تيز هوا جي جهوٽن سان ڪيئن جهر جهر ڪندي وهي ٿي.
جهرڻن مان درياهه ٻڌي ڌرتيءَ جي پياس بجهائن،
ڌوڙ پٽن واريا سن کي ٿا سائو سبز بڻائن.
قدرت جي هر ڪنهن نعمت جي ديش تي آهه عنايت،
ان هوندي ٻي ملڪ کي حاصل ناهي دل جي راحت.
هند واسين جي سامهون آهي ناشادي ناشادي،
ڇو ته وڃائي آهن وڻنا سي وطني آزادي.
ديش کي آزاديءَ جي درسن جي پربل ابلاڪا،
راڪا! او راڪا! آزادي مندر جا راڪا!

(٢)

ساجهر جهنگ چرڻ نڪري ٿو ملڪ جو مال پٽارو،
جنهن جي کائڻ لاءِ ميسر ناهي پورو چارو.
سڙيل سڪل کي ٿانگا ٿونگا، چاري ڇا ڏڻ واهي؟
مال چري، منهن چار هڻي بس ٿڪي ٿو گهر ڏي راهي!
عام چراگاهه ڪاٿي آهن، ڪاٿي ساوا چارا،
هيڏن ٻيلن هوندي گهر جا مالڪ ٿيا ويچارا.
هر ڪي جي حيوان ڪڏهن کي ساوا ٻڌ چري ٿو؛
پاگيو هن ڀل جي عيوض ۾ پاري ڏند پري ٿو!
اُره اُهي اڄ ڪاٿي آهن مينهن ڳابن وارا؛
نڻ چوڄلڪن؟ سڪل ڪکن تي ڏين ڪيئن کير پلارا!

(٥)

عمر سڄي پورهئي ۾ ٿو مزدور غريب گذاري،
رنج مصيبت جهڙن اسبابن جي وچ ۾ گهاري.
گهر کان دُور، پري شهرن جي خاڪ وتي ڇاڻيندو،
خاطر ناهه عزيزن کي ڪجهه گهر ۾ پيي آڻيندو.
پورهئي مان مسڪين شهر ۾ پيٽ ڏکيو ٿو پالي،
ايذي أجرت ڪاٿي آهي جو پرِوار سنڀالي.
ٻار أگهاڙا پيٽ بکيا ٿا رانهون روز نهارن،
آس رکي روٽي ڪپڙن جي ڏينهن ڏکيرا گهارن.
زور سياري جي پارن ۾ تن جو هڏ نه هاي ٿو،
سخت لکن جون جهڙپون کائي ننگو جسم جاي ٿو.
ماءُ دلاسي ٿي ٻارن کي روز پيٽئي پرپائي،
پنهنجي بيڪس حالت تي ٿي جهرجهر نير وهائي.
دانهن غريب ڏين ڪنهنجي در،
ڪنهن وٽ ٿين فريادي،
آزاديءَ ڌاران پيو تن جي ڪير ڪندو امدادي؟
ديش جي آزاديءَ جي درسن جي پربل ابلاکا،
راکا! او راکا! آزادي مندر جا راکا!

(٦)

ملڪ جي ماڻهن کي خود غرضيءَ جو ويو مرض وڪوڙي؛
جنهن کان ننڍڙو، وڏڙو، عالم، جاهل هرڪو لوڙي.

ديس کي آزاديءَ جي درسن جي پربل ابلاڪا،
راڪا! او راڪا! آزادي مندر جا راڪا!

(۴)

معنت جي دنيا تي ڪرميءَ جي ڪافي حقداري،
هڏ جي پورهئي کي توڏئي جو پنهنجي جيوت ساري.
ڪٽنب ڪنبيلي سان گڏ جي تو اڻ ٿڪ ڪار ڪمائي،
ڪوشش ساڻ ڪٽن داڻن مان ڪيڏا ڪيچ اُپائي.
بوڏ اڇي يا سوڪ ٿئي هي مرد نه هينئڙو هاري،
آئينده جي آس رکي تو بگڙي بات سنواري.
پر افسوس انهيءَ هوندي بي مشڪل ٿئيس گذارو،
پيٽ بکيو اڌ اگهاڙو ڪٽنب گذاري سارو.
بڻئيءَ وقت ڪين ٿا ڪايا ميراڻا پيراڻا،
وياج وتي ۾ باقي اَن جا پورا ٿين ٿا داڻا!
سال سڄو بارن جي خاطر ڪٽنت ڪٽي تو ڪائي،
ڪوٽ تي ڪوٽ چڙهن قرض جا،
ڪيئن سو مُور چڪائي؟
جيسين بروس ملڪ نه ٿيسين هن گهر جي بربادي،
ٿيندي دجات، نه ويندي هاريءَ جي معنت افرادي.
ديش کي آزاديءَ جي درسن جي پربل ابلاڪا،
راڪا! او راڪا! آزادي مندر جا راڪا!

انهن ڏينهن ملڪ ۾ آزاديءَ جي هلچل جو زور هو. چوڌاري آزاديءَ جا سرويچ سپاهي، سرتي موت جو ڪفن ٻڌي جيلن، لٺين، گولين ۽ ڦاسين جو مقابلو ڪري رهيا هئا. اُهي گهڙيون وسرڻ جون ڪٿي آهن. گانڌيءَ جي اهنسڪ سکيا پرماڻي سوين استريون ۽ پرش، ٻار توڙي ٻڍا قربانيءَ جي ڪاليءَ جو خالي کپر، پنهنجي گرم گرم خون سان ڀري ڏيڻ لاءِ جڻ شرطون پچائيندا هئا. اهڙي وقت نالي ۽ عزت جا ٻکيا سياستدان ته جڻ ڏسبا ئي ڪين هئا. البت اُهي ظاهر تڏهن ٿيندا هئا، جڏهن صلح ٿيندو هو، يا اسيمبلي يا ميونسپالٽين جون چونڊون ٿينديون هيون. پوءِ ڏس اُنهن ڪير پياڪ مجنن جون ٻڻاڪون. رت ڏيندڙ مجنون ته

عام وڪيلن ڊاڪٽرن ۾ ڪا همدردي ناهي،
جيڪي خاطر ٻڪري ڪهندا! چوندا "اِن ۾ ڇاهي؟"
استادن کي پيٽ جي چنتا بيپرواهہ بڻايو،
شاگردن جي واڌاري جو خير ڪو ڪن ٿا سعيو!
هنرمندن کي مال مشينن جي محتاج بڻايو،
فئشن جي جادوءَ خودداري ۽ ويساهہ وڃايو.
واپاري مريادا ڪوهي، ويئا ڪرڻ دلالي،
ذات حرام ٿي هيري هرڪنهن، ڏسجي ٿو ڪو خالي.
نوڪر بڻجي ڪوهي ويئا، ٻيا ڪي ديس جو جيون،
هاءِ غلاميءَ جي رسمي اثرن جو ڪارڻ رودن.
روئڻ مان ورندو نہ دکايل! همت ٿيندي هادي،
خوشحالي آئيندي هت آزاديءَ جي شهزادي.
ديس کي آزاديءَ جي درسن جي پربل ابلاکا.
راڪا! او راڪا!

آزادي مندر جا راڪا!
آزادي مندر جا راڪا!
راڪا! او راڪا!

لعليٰ - مجنون

بدن تي نہ ڪپڙو سڄو هوس ڪو،
هوُ بي حال هو، جڻ چريو ٿئي لڳو.
نہ اڳہ جي خبر ڪا نہ پٺ جو سماءُ،
مزي ساڻ ڏسندو رهيو ٿئي لقاءُ.
چمن تي هيس مُهر پر ديد ٿر،
ڪڏهن آهہ نڪري ٿئي ويس بي خبر.
بزارين گهٽين ۾ جتي ٿئي ويو،
ڏسي هن کي هرڪنهن چريو پئي چيو.
پنيان گل هيس ڇوڪرن جي گهڻي،
هنيس ٿي اُنهن مان پٿر ڪن ڪڻي.
ڏنائين نہ پر ڇيڙ جو ٿئي جواب،
نہ ڪاوڙجي ڪنهن تي وڌائين ٿئي ڏاب.

ويچارا هونءَ به ڪنڌ ڀر ئي بيا آزادي - لعليٰ جو
جاب جپيندا هئا.

لعليٰ - مجنونءَ جي هن ڪهاڻيءَ سنڌين کي
سچ ته حقي عاشق جي ڪسوٽي ڪرڻ سيکاري. اڇو
ته هڪ دفعو اُها ڪهاڻي وري ڳايون ۽ پنهنجي
اتساهه کي تازو ڪريون.

رگو ياد ليليٰ هيس صبح شام،
زبان تي نہ هئنجي هيو ٻيو ڪلام.
جڏهن ٻڌئي ليليٰ کي ساري خبر،
تڏهن هن کي ڪاٺ لڳو جنسي گهر.
رنو تنهن جي مجنون هُتي زار زار،
نہ هت ليليٰ هاريا تنهن ڳوڙها هزار.
عزيزن جي بندش کان مجبور دل،
وئي وس کان نڪتي تنهن وهلور دل.
مڪو نيٺ ٻانهيءَ جي هٿ هن سلام،
ڏکي سترچيءَ ۾ سنو سٺيو طعام.
اچي پهتي مسجد ۾ ٻانهي جڏهن،
مسافر مڙي ڪوڙ آيس تڏهن.
ڪنوري تي پيئي تي جنهنجي نظر،
چتي چپ چيو تنهن اُنهيءَ هيڏانهن ڪر.
چيو نيٺ ٻانهيءَ هي اُنکي ڏيان،
اوهان ۾ جي آهي ڪو مجنون ميان.
تڏهن هڪ مسافر چيو رڙ ڪري،
اجهو نيڪ خاتون مان ناهيان پري.
طلب جنهن جي دم دم، اندر تار آهہ،
مسبين تنهن سڄڻ اج لڏي سار آهہ.

ڏسي ھي جي ڪنھنکي ٻيو قياس ٿئي،
نہ پئي ڇوڪرن کي ڇڏيائين ڏکي.
رتو رت ٿيو تن پيرهن تار تار،
هيو موت مروان ملوڪان شڪار.
چريو هو نہ چا نيٺ انسان هو،
اگر دربدر يا پريشان هو.
سياڻي مگر لوڪ ڪيئن سو اندو،
وڏو جنهن ۾ سياڻپ دنيا جي سندو!
هو پاڳل هو، هن ۾ نہ ڦند ڦير هو،
عداوت نہ ڪنهن سان سندس وير هو.
ڪيو صبر آخر سڄو ڳجھ عيان،
نہ هوندو نہ هي ٻيو ڪو مجنونءَ بذان.
ڪيو عشق من جنهنجو غمناڪ هو،
هو مجنون هو ليليٰ جو مشتاق هو.
ڏسي عشق جو راز ٿيندو پڌر،
پيو ٽرت مجنون بچائي نظر.
پوي هن ٽي جنئين ڪين ڪنهن جي نگاھ،
وڃي ويجھي مسجد ۾ ورتئين پناھ.
نہ اُڃ بک جي پرواھ نہ ڏينھن رات جي،
هيس تات جي بس ملاقات جي.

خوشي منهنجي مجنونءَ لءِ آهي محال،
ڏنو عشق ورثي ۾ جنهنکي ملال.
ڇُري ۽ ڪنوررو ڪٽي وڄ اُٿي،
مِنو منهنجو مجنون رهي ٿو جتي.
وجي ڪيس چؤ "ليلا بيمار آهه،
ڪٺي پيٽ جي سور لاچار آهه.
مليو ڏس اٿس سياڻي لقمان جو،
دوا لءِ ڪپي خون انسان جو.
جڏهن حال اهڙو ڪندينءَ تون بيان،
تڏهن ٿيندي پاڻهي حقيقت عيان.
ائين چوندي ليلا جي دل ٿي اُداس،
محبت ڪري شل نہ ڪنهنکي نراس.
رواني ٿي پاڻهي ڪنوررو ڪٽي،
رهيو پيو هو مجنون جتي ڪپ هٽي.
اچي پهتي مسجد ۾ پاڻهي جڏهن
اُمالڪ وڏي هي بہ آيس تڏهن.
چيائين- "ڪيءَ ايڏي اڄ دير چو،
اڱڻ ۾ پريءَ جي نہ پيو خير هو؟
ڪنوررو اچا هٿ ۾ ورتئين جڏهين،
پري چرڪ پئي هئي ويو تڏهين.

ڳهري خير جي پوءِ مسافر دعا،
چيائين "وڃ تورا تنهنجا خدا."
ڪتورو ڪُتيءَ جو هو روزاني ڪار،
ڪندو ڪائي رچ خوب هو، هي ٻه يار.
ڪيو نيٺ هڪ ڏينهن لعليءَ سوال،
سهيلي! ڏي مجنون سندو ڪو ته حال؟
الائي گذاري ٿو ڪيئن غمگسار؟
رهي ٿو سدائي سندس انتظار.
ائين چوندي لعليءَ جو پنجر پڳو،
وهڻ نير نيڻن مان جهر جهر لڳو.
تڏهن هنڪي ٻانهيءَ چيو "منهنجي جان"؛
نه ڪر فڪر ايڏو مان صدقي وڃان.
ڇڏي ڏي ڏکائڻ مٺي مفت جيءُ،
گهڻا رنج جا ڪائي بيدم نه ٿيءُ!
سڄڻ تنهنجو پرديسي ناهي ڏکيو،
اڃي ڪان سهيلي! لڳي ٿو سکيو!
ڪئي عشق تنهنجي حياتي زهر،
ڏسانئي هتي ڪين ٻـر ڪو اثر!
تڏهن لعليءَ جي من ۾ جاڳيو گمان،
چيائين- "مان وٺندس سندس امتحان."

ڏنائين تہ هنکي نہ ٻي سار هُئي،
رڳو ليليٰ ليليٰ سندي تار هُئي.
مخاطب ٿي هن سان ڪيائين ڪلام،
اُٿــي مجنون! ليليٰ ڏنا ٿــي سلام.
اٿــس پيٺ ۾ ســور ڏاڍو پــيــو،
”پــري رت ڪٽورو ڏي“ ليليٰ چيو.
مليو ڏس اٿس سيـاڻــي لقمان جــو،
دوا لءِ کپــي خــون انســان جــو.
ٻڌي ليليٰ ليليٰ پيو مُرڪي ۾ ساهہ،
چيائين، ”چـــا جـاڳيو آ منهنجو الله!
مٿي نــانءِ ليليٰ تـان صدقي ٿيان،
گھري هڪ ڪٽورو پِري سوَ ڏيـان.
وٺــي پــوءِ ڪٽورو ڇــري پيار مان،
ڇميائين اُنهن کـــي وڏي چاهہ سان.
ڇريءَ جا ڏئي ڇيهہ، هن وَس ڪيا،
مگر ٻت مان نڪتي نہ رت ٻُوند ڪا!
اکين مان هنجُون هن جي وسنديون رهيون،
ڏنـو جن ڏنيون تن ڏنديون آگريون.
ڪٽي خوش خبر ٻانهي گهر ڏي پڳي،
ڪاڻي اصــل ۽ نقل جـــي ڪُل لڳي.

پڇيائين عجب مان ڇري ڇو پيا ؟
مهربان بانو! تون ڏس ماجرا!
وراڻيو تڏهن هن اي مجنون ميان!
سنيهو ڏي توکي پرينءَ جو ڏيان.
اٿس پيٽ ۾ سور ڏاڍو پيو،
پري رت ڪٽورو ڏي لعليٰ چيو.
مليو ڏس اٿس سياڻي لقمان جو،
دوا لءِ ڪپي خون انسان جو.
چئي نوزبالله ڏنائين جواب،
اُهو پيو کو مجنون وجي لهه جناب!
ڪٽيءَ جي ڪٽوري تي ڏي خون جو،
چيومانءِ عاشق نه آهيان اُهو.
اگر اهڙو توکي جي مجنون کپي،
خوشيءَ سان سڏي جو ڪڍي خون ڏي.
ته هن ڪنڌ ۾ اونڌي منهن پيو اٿئي،
صبوح شام لعليٰ ڪي پيو ٿو سڏئي.
ائين چوندي عاشق هي وگهري ويو؛
ڪٽورو ڇري هو، أنيئي پيو!
تڏهن ٻانهي ويئي وڏي ڏنهن طرف،
پيو قيص ٻٽ تي هيو جنهن طرف.

اُٺويھ سؤ اُٺونجاھ ۾ سنڌ ڇڏي آءَ بمبئي
نس. ٽرت ئي اُنھن پرانتن جو دؤرو شروع ڪيم،
ني سنڌي نرواسي ڇانوٽيون وسائي وينا ھئا.
يءَ ڪھاڻي سنہ ١٩٥١ جي آھي. مڌيہ پرديش
ون نرواسي ڪئمپون خالي ٿيڻ لڳيون ھيون.
ڏن سچا ۽ خود دار سنڌي، ڌنڌي روزگار سانگي
ديپ جي جدا جدا شھرن ۽ ڳوٺن ۾ ٽڙي پکڙي
ھنجو آئيندو اڏڻ ڪي لڳي ويا ھئا. ھڪ اھڙي
ھر ۾ وڃڻ ٿيو، جتي ڪئمپن منجھان آيل نرواسين
ءِ سرڪار طرفان ڪچا اجھا اڏيا ويا ھئا. رات
و عام ميڙ ڪان پوءِ پنچائتي ميڙ ٿيو، جتي شھر
آيل نرواسين جي روزگار، پکن اجھن ٺوڙي
نڌي ڏاڙيءَ لاءِ ضروري قرض بابت ڳالھ ٻولھ

ٻڌي لعليٰ مجنونءَ جو پيار قصو،
اوهان اصل ۽ نقل جاچي ڏسو!
مٿان ڪو اوهانکي به ڏي کين ريب،
سنڀاليو! نہ کائو مٿان ڪو فريب!!
ڪٿيءَ جي ڪٿوري جا مجنون گهڻا،
مگر خون ڏيڻ وارا ڪي ڪي ڪٿا.
فدا سر جي آزادي- لعليٰ تان ڪن،
وطن کان مٿي ڪجهہ نہ وانجهي رکن.
دکايل! اُهي ديش جا گهڻگهرا،
ڀرن جي گهڙا ملڪ ۽ قوم جا.

دري ڀاڻي کڀاڻي پائيواريءَ منجهان سندن
لو ڪڍي، پئسا امانت ۾ داخل ڪري ڇڏيا!
و حال ڏسي ويچاري پيرسن ماتا پنهنجي ڏير
ب گهڻو ئي سمجهايو ڪيو پر وريو ڪجهه ڪين.
ري وياج ۽ ننهن سميت ڪيل پورهئي منجهان
ندڙ پئدايش تي سندن ڏکيو سکيو گذر ٿيڻ لڳو.
ڻس هڪ آئيس ڪئنڊي تي ڪافين لاءِ تيايون
هيندي هئي. پر بدقسمتيءَ جي ڳالهه ڇئبي جو
رن ئي ڏينهن ۾ ڪئمپ ۾ سندس ننهن جي چرتر
ت چؤ پچؤ شروع ٿي ويئي. پنچات وارن جي
رڻ ڪري مائي نيٺ آئيس ڪنڊيءَ وارو ڪارخانو
ڏي آئي. پنچات وارن ڪيس ڪجهه وقت مالي
د ڪئي پر اُها ترت بند ٿي وين، جو دان
ندڙن کوليل ڳنڍيون ٻڌي ڇڏيون. مائيءَ ٻڌايو
اُهو عرصو پاڻ سڄيءَ ڪالونيءَ جي ڄڻ نوڪرياڻي
رهي. هرڪو مٿس آيو رهندو هو. ليڪن ننڍن
چن صدقي هوءَ اهو سڀ سهندي رهي. آخر مڪيءَ
د ڏيڻ کان لاچاري ڏيکاري! مائي چوڻ لڳي،
ون ئي ٻڌاءِ ته هاڻي مان ڇا ڪريان." سرڪاري
يل مدد وارا ٻه هزار به ته اڳي کائي چڙهيا آهيون.

ٿي رهي هئي، جو اچانڪ ڪنهن ماتا وچ ۾ دخل
ڏيندي چيو ”انهن مکين ۽ معتبرن سان ڳالهيون
ڪنديون، ڪين اسان دکايلن جو دک سور به
ٻڌنديون؟“ دل - پنچائت جي روبرو هن پنهنجي
ڪرم ڪهاڻي ٻڌائيندي روئي ڏنو. ٻڌايائين ته
ڪيئن پاڻ هڪ ودوا ننهن ۽ سندس ٻن ٻارڙن
سميت ڏير (پتيءَ جي سؤٽ) جي دلاسن تي
لڳي، وسائڻ واري ٻن ايائي هزارن روپين جي
سرڪاري مدد وٺي ڪئمپ ڇڏي هت آئي هئي.
هن وڌيڪ ٻڌايو ته ڪيس ائين به چيو ويو هو ته
”جي وسائڻ واري مدد ڪين وٺنديءَ ته سرڪار
تو کي ۽ تنهنجي ننهن کي ’ودوا - آشرم‘ ۾ موڪلي
ڇڏيندي ۽ پوءِ تنهنجي جوان ننهن کي زوريءَ
شادي ڪرائي ڇڏيندي، وغيره وغيره ...... انهيءَ
ڪري ئي هن پتيءَ جي سؤٽ سان سرڪاري
مدد وٺي ڪئمپ ڇڏڻ قبول ڪيو هو. شروع ۾
ته سندس ڏير ڪائڻ ۾ هزار وٺي پنهنجي دوڪان
۾ نندڙي پائنٽي جي ناتي حصو ٻڌيو، پر جئين ئي
ڏٺائين ته دوڪان ڪافي چڙهندو ٿو وڃي ته
سندس من ۾ لوڀ جاڳي اٿيو. هن ڇهن مهينن

ودوا

منهنجا ٺاڪر منهنجا سوامي،
گهٽ گهٽ واسي انترياميِ.
مان ودوا ويچاري آهيان،
تو بن ڪنهنکي حال ٻڌايان!
ٻيا ٻَنِ ڏيئي آيس تو وٽ،
مالڪ منهنجا ڪٽ ڏک جهٽ پٽ.
منهنجو ڪو سنسار نه آهي،
ويجهو ڪو پروار نه آهي.
سمجهين حال سڄو تو سائين!
منهنجي ڏک آهي تو تائين.
لڄ پت منهنجي، پنهنجي جاڻي،
ٿيندين پاڻ اچي تون ساڻي.

هاڻي تہ سرڪار ودوائن واريءَ ڪئمپ ۾ بہ داخلا
ڪين ڏيندي .... اهڙيون ڪيتريون نہ ڳالهيون
ٿيون هونديون ؟ هيءَ 'ودوا' جي ڪهاڻي بہ انهن
دکي جيون جي داستانن منجهان هڪ داستان آهي.
اڇو نہ هيءَ دک گاٿا هڪ دفعو گڏ جي گڏگنايون.

ڪَل نہ هيم اهڙو ڏينهن ايندو،
ايڏو تـرت وڇوڙو ٿيندو.
گڏ نہ گذاريا ڏهہ ڏينهن سارا،
هت شاهـد هــي مينديءَ وارا.
ڪلهہ ڪٽي ويو، رودن ڏيئي،
ٿي بس بار حياتي پيئي.
ڪنهن کي دل جي دانهن ڏيان مان؟
غم ڪائي ٿي سور پيان مان.
ٿورا ئي، پر ڏينهن ها پيارا،
نـاز نـزاڪت وارا نيـارا!
هو نہ سهي سگهندو دک منهنجو،
سک هن جو هو جڻ سک منهنجو.
کُرڪڻ منهنجي تي کُرنـــدو هو،
ڪيڏو هوُ مونکي گهرندو هو.
هن جي سڏ ۾ ليءِ هئي نياري،
دل کي ناچ نچائڻ واري.
اکہ ۾ جادو مرڪ ۾ جادو،
دل کي ڪندو هو جنهن سان قابو.
اڄ ٿي هرڪا ياد ستائي،
هاءِ جدائي جڻ ٿي کهائي.

سينڌ تان سِنڌر واري ريکا،
ميٽي اچانڪ هاءِ وڌاٿا.
قياس نہ ٻيو پاويءِ ڪي ڪوئي،
عمر گذاريم روئي روئي.
هاڻي دينانٿ ديا ڪر،
نار نذر تي مهر ميا ڪر.
تو ريءِ ٻيو ڪو ناهہ سهارو،
موٽ ڏيئي نہ تہ ڪر نيتارو.
ٿيس دنيا جي لءِ بيگاني،
در در ٿي بدنام جواني.
ڪو همدرديءِ وارو ڪونهي،
دل جو وٺي ڪو، پيارو ڪونهي.
هرڪو جڻ مطلب جو آهي،
ڪو مٽ مائٽ پنهنجو ناهي.
هيڏي ساري نيل گگن ۾،
ڪيڏانهن اڏامان؟ سَتُ نہ پرن ۾.
وَلر وڇوڙيل آهيان پنڇي،
آنديءِ موٽ وڇوڙيو سائي.
هڪڙي وڇڙئي، ڪل جڳ وڇڙيو؛
جڻ تہ مسافر ڪان دڳ وڇڙيو!

پاڻ پرائو پڻ پرائي،
بارُ ٿي سمجهي جڻ پاڄائي!
ماءُ بنا ڪو ساءُ نہ آهي،
گهر ۾ آدر پاءُ نہ آهي.
سس سهرو ٿا ڏائڻ سمجهن،
اُٿندي وهندي ندوري ڪونن!
ويٺي ٿي قسمت تي روئان،
لڱل ڪلنڪ هنجن سان ڌوئان.
منهنجو سور نٿو ڪو سمجهي،
دل وارو ڪو هجي، جو سمجهي.
درد پري آهہ ڪرم ڪهاڻي،
پر نہ ٻڌڻ وارو ڪو پراڻي.
ٻاڳہ ڦتل، وڌوا جو آهيان،
ڪنهن سان ڪيئن پوءِ سينو ساهيان؟
آءٌ ٻچاڻتي توکان ٺاڪر!
آهہ اَنياءُ نہ مونسان ٺاڪر؟
سون - پري مان هيس سهاڳڻ،
ڀاڳہ رنو، ٿي پيس ڏهاڳڻ.
پاڻ سان ڪين مون وٺل وهايو،
قدرت اهڙو ڪيس ڪمايو.

کيل خوشيون پڻ ننڍڙي واريون،
اڄ ڪاھہ ڏاڍو ياد پوڻ ٿيون.
ياد پون ٿيون سي ھڪ جيڏيون،
جن سان مون ٿئي رانديون ڪيڏيون.
گُڏڙين گڏڙن جا رانديڪا؛
ريل ۽ موٽر ياد پون ٿا.
ياد پون ٿا ڏينھن بي ڳڻتيا،
ڪاندي ڪڏندي جيڪي گذريا.
جو گذريو جڻ خواب ٿي گذريو،
ڪل ٿو ھُري اڄ، جو ڪاھہ وسريو.
موٽي ايندا سي نہ ڏھاڙا،
جي ڪُنئاري بابل وٽ گھاريا.
اڄ بابل جو پيار ڪٿي آھہ،
گود امڙ جي آر ڪٿي آھہ؟
پنھنجن ۾ نہ رھي پنھنجائي،
پنھنجائي ٿي پيئي ڌاريائي.
رت وارا خود ڌاريا ٿي پيا،
ماءُ ڄڻيا سڪئي سڪ ڪان ويا.
ڪنھنکي ڏيان ڏوراھو ويھي؟
ڪين رھيو ڪو جڏھن سنيھي!

تون هڪ تو ڄاڻين دل منهنجي،
مجبوري ۽ مشڪل منهنجي.
منهنجي دک جا پيا نہ ٽلاهي،
آهن جي تہ سماج جا واهي.
ڌرم جا ٺيڪيدار سڏائن؛
پاڻ نہ ڪن، ٻين کي سمجهائن!
پڳون! جن کي مان ڏنو ٿي،
اڳوانيءَ جو شان ڏنو ٿي.
سچ تہ اڄڪي اڌرم جا راڪا،
کهڙي ڪريان اهڙن جي وياڪيا؟
هو پاڙيءَ کي وهڻ نہ ڏين ٿا،
مطلب خاطر بند ٻڌن ٿا.
چاهن ٿا سڀ ڪجهہ هو ماڻن،
مون جهڙيون پنهنجي گهر آڻن.
وحشي آهن گندا آهن،
بي حد بڇڙا مندا آهن.
جڏ نہ انهن تي ٻار اسانجو،
ٻيڙو ڪر تون پار اسانجو.
ڪير جو هي مونکي سمجهائن؛
مطلب ڳالهيون گيان ٻڌائن.

آهه سماج کي جو سمجهائي،
مونسان کيڏي ويڏن آهي.
سچ پچ جڻ قيد ياڻي آهيان،
بي عرصي بانديءَ آهيان.
آهه اُٿڻ ويهڻ تي بندش،
دور پلا هيءَ کيئن تُنهنجي بندش؟
بندش بهتر مرضيءَ واري،
دل کي هوند لڳي جا پياري.
لڪ چُپ جو نه ضرور پوي پو،
تُنهنجي نه اِشارو کي نه ڇوي کو.
خود پنهنجن پڻ جاتو ناهي،
مونکي ڪنهن به سڃاتو ناهي!
سمجهن ها، هي حال نه تُنهنجي ها،
جندڙي هيئن جنجال نه تُنهنجي ها.
آءُ رئان، مِٺ رهڙون ڏين ٿا،
تنگ، رهڻ منهنجي مان ٿين ٿا.
لوڪ نه من ڏارڻ لاءِ آهن،
پاڻ ٿا پنهنجن کي ڀڄرائن!
اڄ امرت ٿو آگ لڳائي،
لوڪ ڏسي ٿو حيرت ڪائي.

اسانجي ديش ۾ هزارين گهر اهڙا هوندا، جتي
ﺮاب ايندو هوندو ۽ انهن گهرن جون ’گرهه-
ﮐﺸميون‘، پنهنجا ڳلن جهڙا ٻـکيا ٻار، ڪڇ ۾
ﮐﺮي، سڄي رات پنهنجي شرابي پتيءَ کان ملبل
رين جو سمرڻ ڪندي، پاسا ورائيندي رات
ذاريندي هونديون. رتو ديرو گانذي خذمت گهر ۾
رابيءَ جي آکاڻي، ناٽڪ جي صورت ۾ هزارن
ناٽن ڏٺي ۽ ٻڌي. سنڌ جي ٻين ڳوٺن توڙي
هرن ۾ به هيءَ ’سنگيت - روپڪ‘ منچ تي ايندو
هيو. ورهاڱي کان پوءِ هت هندستان ۾ به اها
ڪاڻي گونجندي رهي ۽ اڄ به هن آکاڻيءَ جي آڌار
گانذي ڌام ۾ هڪ چٽرن جو نماءُ ڪيو ويو. اڇو
هيڪر اسين ۽ توهين اها ’شرابيءَ جي آکاڻي‘
ري سرسان پڙهون ۽ ٻين کي ٻڌائي ٻڌايون.

پريم پتيءَ جو ڄاڻان ٿي مان،
پنهنجو ڌرم سڃاڻان ٿي مان.
پل جو ساٿي عمر جو ساٿي،
مون وٽ آهي منهنجو ساٿي.
ٿنڀي - ويسهه ٿي چت منهنجي،
راکو ٿي رکندو پت منهنجي.
ٻيڙيءَ منهنجيءَ کي ڊپ ناهي،
ويڙهو جو هن جي هٿ آهي.
واءُ اچي جي پل طوفاني،
ٿيندو هن جو پيار سُکاني.
تو منجهه شل مان هن کي پاپان،
ساڳيو روپ مان توکي پايان.
تو بن ٻئي کنهنکي نه سڏيان مان،
دامن تنهنجو ڪين ڇڏيان مان.
آئُت ٻڌجي آءُ مراري!
ٻيڙا من جي کَت گرڌاري.
نام دان پنهنجو ڏي مونکي،
ٻيو نه دکايل کي کجهه گهرجي.

جو نہ اوجاڳا ڪري هڪ اڌ هجي جي رات ڪا،
روز جي آهي مصيبت، هت تہ ناهي بات ڪا.

...ون ۽ تہ شادي ۽ جي ٿو سنبند ڪي چڱو هرڪو چوي،
...ر پاوءُ جنهن سان پوي شل ڪنهن چڱي سان ئي پوي.

...ت چڱائي ۽ جو پري ڪان ناهہ ٿورو واسطو،
...ي پوي ٿو نيٺ اُت شادي ۽ جو ڳورو واسطو.

...ر انهي ۽ هوندي بہ ناري فرض ٿي پيارو ڪري،
...و رهي هن جو پتي توڙي ڪٽي هن ڪان پري.

...ت سشيلا جي پتي ۽ جو سچ تہ اهڙو حال هو،
...نهن ڪي پنهنجي اَرڌانگني ۽ جو نہ ذرڙو خيال هو.

...ينهن سارو هوُ سِرن جي لءِ ڪُٽيندو هو متي،
...ام جو ليڪن گُتي تي هو ڪندو پئسا ڦٽي!

...اڻ جهڙن سان وڃي گڏجي هوُ پيئندو هو شراب،
...نهن ڇڏيو گوپال جو آخر ڪري خانو خراب.

...ڪن جوارين ۽ شرابين ساڻ هنجو سنگ هو،
...نهنڪري هن تي بہ ساڳيوئي چڙهي ويو رنگ هو.

...يت هڪ ڏينهن ڪن شرابين سان سندس جهيڙو ٿيو،
...ائڙي ۽ تي ڪيس جهاجي جنهنڪري وڃڻو پيو!

...وز جو هي معاملو ٿي روز جو پيو هي قصو،
...روز ٿاڻي تي سلامي ۽ جو ڳاي پيس ڪرڪسو.

شرابي

ڪنھن جي چنتا ۾ پلا ھن جي وھاڻي رانڙي،
ڪنھن جي اوسيڙي ۾ ڪاٽي ٿي نماڻي رانڙي.
ٿورڙي ڪڙڪي تي چرڪي ٿي دڪياري در پٽي،
پر نراسائيءَ ڪان ساڳيا ٻير پٽتي ٿي مٽي!
ڀَھَر ويجھي ڪانہ ڏسجي ٿي انڌاري رات ۾،
چپ چپاتي موت واري آھہ ڪاريءَ رات ۾.
جڳ سُتل آھي مگر ھوءَ ٿي اُٻي اُپ ڏي تڪي،
ڪامڙدڪ جي ڪان ٿي پنھنجو ماس ڏندن سان چڪي.
رات اونداھيءَ سان اونداھو ٿيو ابلا جو نصيب،
لڙڪ ڏھہ ڏھہ ٿي وھائي حال ھيڻي ٿي غريب.
ناھہ ڪو ھمدرد ويجھو، ناھہ ڪو ساٿي سڄڻ،
انڪ ورڙالا وھايس عمر سورن ۾ ھڄڻ.

هو سندس نالو سشيلا جهڙو، تهڙي هئي سشيل،
پاڻ ني پاڙڻ سگهي قدرت کان بيشڪ جا سبيل.
جو نہ آخرڪار پارت ورش جي ناري هئي،
پنهنجي سگهہ کان وڌ پتيءَ جي جنهن کي لڄ پياري هئي.
نردئي هو، نيچ هو، پاپي ڪٽي هنجو پتي،
تہ بہ پتيءَ جي لاءِ جڻ هوءَ هئي ديا جي مورتي.
ذرت، ڌيرج ۽ ڪميا ايڏو هو ڪو هن نار ۾،
جوش ۽ ڪاوڙ مٿي ويندو هو شرڌا پيار ۾!
ڀل ڪمائي ڪين، ڀر اڳواٽ پوڄن هي ڪندو،
جو پتيءَ ڌاران نہ پتنيءَ کي گرهہ هڏ ڀيسندو!
ايڏي خذمت ۽ ادب هوندي بہ ٿيو هن سان نہ نياءُ،
نيٺ هڪڙي ڏينهن چانديءَ جي ڪڙن تي ٿيو وڻاءُ.
هو نشي ۾ چُور پيتل هوس ڏاڍو ڪو شراب،
زور سان زيور کسڻ جي هن ڪئي ڪوشش شتاب.
داءُ هڪڙي ۾ ڪڙا بيئي جوئاري ويس ڦري،
پيو نہ ڪجهہ گهر ۾ نہ هو، چا لءِ وڙهي، چا چا گهري؟
نيٺ پنڪڻ ۽ گهٽي دارونءَ پيڻ جو ٿيو اثر،
سور گردي جو ٿيس، پيدا نهائينءَ ۾ پٿر.
سور کان ڦٿڪڻ لڳو، وڪاڻ لڳو، ٻيبڻ لڳو،
پنهنجي ڪرتيءَ تي ڪري پڇتاءُ هٿ مهٽڻ لڳو.

ٺڳ ٺڳيءَ يا ڪار ڪند هن لءِ نہ هئي هرگز سزا
هنکي وڻندا ها سدا نالين جي گپ چڪ جا مزا
ڪنهن ڳٽر جي ڪنڌ ۾ پيو هوندو هو جي بي خبر
ڇوڪرا رؤنشو مچائڻ لءِ ڪندا ها ڌمچڪر
جيڪڏهن ٽاٽي يا ڳٽرن مان هيس ملندي نجات
ڪنهن ڳٽي جي ٻاهران ڪاٽيندو هو پنڪين ۾ رات
پر ڪڏهن جي ڪنهن چڱي ماڻهوءَ کي پوندو قياس هو
ٽيڙ ڪائيندو شرابي پنهنجي گهر هو پهچندو
هي ڏسي ابلا ششيلا پاڳہ تي رئندي هئي
پنهنجي ڳوڙهن سان نماڻي پنهنجو منهن ڌئندي هئي
جنهن ٽي پنهنجي پيٽ پالڻ جو نہ رڳٽو بار هو
ڇهن ٻارن جو ولر جنهن جي پٺيان پيو ٽار هو
ڇا ڪري ڪنهن وٽ وڃي ڪنهن کي وڃي فرياد ڏي
اڄ غريبن جو دڪايل ڇو ڪٽي ٽو داد ٽئي
پاڻ مارڻ هو ششيلا لءِ نہ مشڪل معاملو
جر مگر آندن جي ٻچڙي موهہ ٻارن جو برو
نيٺ ڪنهن سهنجي سگهي گهر ۾ ڪرڻ ورتڻ لڳي
هئي سگهڙ سياڻي گهڻو ئي گهر-جهلو ۽ هڏ ڏڳي
جند جي بورهئي منجهان اُٽ خرچ ڪجهہ ڪڍندي هئي
بي بدد هن کي ڪندو هو ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏاڳو سئي

’ليلا چنيسر‘ جو قصو، سنڌ جا پڳت شاهہ لطيف جي ڏوهيڙن ۾ ڳائيندي ڳائيندي رات گذاري ڇڏيندا هئا. تازو ڪنهن دوست بمبئيءَ ۾ فرمايش ڪئي تہ جيڪر توں اهو قصو ’نرتيہ-ناٽڪ‘ لاءِ سنگيت ۾ لکين. ڳالهہ وٺي ۽ دل جون اُچلون ڪاغذ تي ڪيڏڻ لڳيون. ٻہ ٽي سال ٿيا جو اهو ’نرتيہ-ناٽڪ‘ جيپور جي سنڌي ڪلاڪارن اُتي ڪنهن موقعي تي رنگ-منچ تي ڪيڏيو ۽ اُن ڪان پوءِ، ساڳين سائين احمد آباد ۾ ڪنهن سڪول جي مدد لاءِ اهو ساڳيو ’ليلان-چنيسر‘ وارو سنگيت-نرتيہ-ناٽڪ ڪري ڏيکاريو. چون ٿا تہ عام لوڪن کي ڏاڍو پسند پيو. ’آڪاش-واڻي‘ بمبئيءَ وارن هڪ سال اڳي منهنجي ئي زباني

جيئن سچي ڀڳتاءَ جا ڳوڙها اکين ۾ ڀئي ڇليا،
تيئن پتي - پتنيءَ ٻنهي لءِ در خوشيءَ جا ٽئي کليا.
ان کان پوءِ گوپال جي پيون عادت ڪيءِ ڪٽي،
پر سشيلا جي پتي ورتا ڌرم جي جيءِ ڪٽي.
اڄ پتي پتنيءَ ۾ آهي پيار ساڳيو بي حساب،
ڇو ته گهر ۾ ٿو اچي اڄ ڪين شيطاني شراب.
هندواسي هن بريءَ عادت کان اڄ پاسو ڪري،
ڇو نه پنهنجو گهر ڇڏيو ٿا سون چانديءَ سان ڀري.
هن ڪني پاڻيءَ کان بهتر کير جا پيالا پيئو،
کير جا پيالا پيئو نت نت جيئو، جڳ جڳ جيئو.
ڪر ڀري اهڙو دکايل! شوخ شيطاني شراب،
هر ڌرم مذهب وجهي لعنت ٿو جنهن تي بي حساب.

ليلان چنيسر

(نرتيہ - سنگيت - ناٽڪ)

(نظارو ٻهريون - قافلو)

ڏجي ڳائن ٿا.

راهي ! او راهي !
هل ڪاهيندو هل، او راهي !
هل ڪاهيندو هل !

ساهيءَ ۾ گمراهي راهي !
پير پٿونءَ ٿين پـل
او راهي !!
هل ڪاهيندو هل !

اِها آڪاڻي رڪارڊ ڪري، سنڌي عوام جي ڪنن تائين پهچائي ۽ ڪڏهن پرسارت ڪندا رهن ٿا. اڄ اُها آڪاڻي يا سنگيت روپڪ 'نرتيه-ناٽڪ' جي روپ ۾ اوهانجي اڳيان آهي. سنڌي ڪلا پريمي جيڪڏهن هيءَ ننڍڙي ۽ نماڻي ڀيٽ قبول ڪندا ته مونکي ازحد خوشي ٿيندي.

ست پرينديءَ ٿي هلي کا ڳڻ ڳٽيندي ٿي هلي،
يت جائيءَ کي دلاسا خوب ٿي ڏيندي هلي.

نظارو ٿيون - محل)

داسين جو ٻهرا - نرتيہ)

از- آواز.

ند پـــورو ٿيو چنيسر راڄ ۾ ڀهٽيون اچـــي،
ل موچاريءَ سي ويجهو محل جي نڪتيون اچي.
راندر داخل ٿيجي ڪيئن ؟ پهه پڇائيند يون رهيون،
وسيءَ پنهنجيءَ تي ڏاڍا خار کائيند يون رهيون.
ڪسي دربان داسين جي هئي در تي ڪڙي،
ڏسي ڪجهه سوچ ۾ پئجي ويئون سي کا گهڙي.
ٿ داسين کي ڪري وس دام سان اندر هليون،
ڻ موتين جون ڪٽي ٿيلهيون ٿي سوداگر هليون.
ل ۾ ڀهٽيون اچي آخر سي راڻيءَ جي اڳيان،
ن مٿين تي مست ٿيندڙ منڊ سياڻيءَ جي اڳيان.

لان جو لاڏ - نرتيہ)

نهن ليلان جي ڏسي ڪنڊرو نہ دنگ رهجي وئي،
ئن قبوليندو چنيسر، خيال ۾ پئجي وئي.
هئي جنهن جي عجب جنهن جو سوايو شان هو،
پٽ - راڻي هئي، هن جو وڏو طومان هو.

(نظارو ٻيو- رستو)
(ڪنئرُوُ ۽ سنڌس ماءُ جو اچڻ)
ساز- آواز:
حسرتن جا هارَ هوءَ پُڻندي هلي ٿي ڪير آهه،
چانڊوڪي تارن جي ڪٽي رئندي هلي ٿي ڪير آهه؟
ڪير آهي جا اُميدن جي ٿي پيرن تي هلي؛
بي خبر ڏينهن رات جو پيئي ڏکيا چارا چلي!
پر سفر پورو ٻه ٿيندو يا نه سو جاڻي نٿي،
چاهه جي اُتساهه کان ڪجهه خيال ۾ آڻي نٿي.
هل هلان آهي حياتيءَ ۾ ته منزل دور ناهه،
جي سڏائو واءُ آ، ٻيڙيءَ کي ساحل دور ناهه.
پنڌ ۾ آهي ته پڇندي نيٺ پنهنجي هنڌ تي،
شوق شائق کي وٺي ويندو سڄائل سنڌ تي.
گهر ڇڏي نڪتي نماڻي وَر ڇنبسر واسطي،
آهه ڪنئرُوُ دربدر اڄ پنهنجي دلبر واسطي.
ماءُ جي ممتا ٿي پنڌن ۾ هلي آڻت ٻڌي،
هونءَ پلا ڪاٿي سگهي ها، ڪيئن سفر ڪري جڏي.
پيار جو هٿ ۽ دعائون ساڻ آهن ماءُ جون،
ڪانئڊ پائڻ لاءِ صلاحون ساڻ آهن ماءُ جون.
نيٺ آندو آهه جيجل ماءُ جو، ڏاري نه آهه،
ڌيءَ جي سڪ کان مٿي جنهن کي ڪا شيءِ پياري نه آهه.

(ليلان جي محبتا - نرتيہ)
موهجي پيٽي مٽين تي مور مستڪ جو مٿي،
هن ڏني مرڪي قبوليت هن مهانگي شرط تي!
پر چيائين، جيئن ڍڪي ۽ ٻ ڍول هوءَ نڪري چڙي،
جو وڃي پنهنجو اُتاريان ڪانڊ ڏونڌاڙي سڏي.
ساز- آواز
(ڪنئرو ۽ ليلان جو نرتيہ)
شرط ليلان جو جوابي جهٽ ڪيو ڪنئروءَ قبول،
چي، جي رب راضي رهيو پاڻهي ڪندو ڪندن ڪي قول.
(ليلان جو هار ونڻ)
نو-لکي جي لوڀ ليلان کي ٻڌي سوگهو ڪيو،
ڪين ڪا جيڪر ڪري، هن کي اُهو ڪرڻو پيو!
تيار ٿي هت ساڻ پنهنجو سک ڦنائڻ واسطي،
ياڳہ جو ڍارو هڻي سڀ ڪجهہ لٽائڻ واسطي.
رات هڪڙيءَ جو اِهو وينڊو لنگهي عرصو قليل،
پنهنجي دل کي پاڻهي ڏيندي رهي ڌوکو دليل.
نو-لکو آخر وٺي ڪنئروءَ کان هارائي هلي،
ريت ڪل سيڄا- ڀڙن جي کيس سمجهائي هلي.
ساز- آواز.
هاءِ ليلان ڇا ڪيءِ؟ سوچيءِ ڪڏهن هن جو انجام،
پريت ڏکڻي آهہ ڏاڍي ست نہ هي سوندي قيام.

پيرِ ڌرتيءَ تي نہ ھو ھن جو، اکيون آڪاس ۾،
روپ ھن جو خوب چانيل ھو سڄي رڻواس ۾.
جو تہ پنھنجي وَر چنيسر کي سدا پياري ھئي،
ھونءَ بہ پنھنجي روپ رنگ ۾ مند موچاري ھئي.
نازسان ڏسندي رھي ھڪ ھڪ کري موتي مٽيو،
نيٺ ڏِٺہ موتين منجھان ھڪ ھار بس ھن کي وڻيو.
ڪنھن بہ قيمت تي خريدڻ لاءِ ليلان تيار ٿي،
پر مِلي شيءِ ڪيئن سا، جي ڏيندڙ ڪري انڪار ٿي.

(ڪونئروءَ جي ماءُ جو نرتيہ)

ماءُ ڪنئروءَ جي چيو ھِي ھار وِڪائو نہ آھہ،
سوڪڙي وڏڙن جي آ سرڪار! وڪائو نہ آھہ!
شرط ھڪڙي تي ڪڏي ڏينديس ھِنئين جو ھار مان،
پنھنجي وڏڙن کان مليل ورثو سدا جو پيار مان.
"الڏ مان ليلان چيو "ڪر ڳالھہ دل جي بي گمان!"
ماءُ ڪنئروءَ جي جھڪائي سِر چيو "صدقي وڃان."
رات ھڪڙي ڏيءُ منھنجي گھوٽ تنھنجي سان رھي،
جي ڪرين منظور تون بدل ۾ ھي سؤدو ٿئي.
عمر ڀر تنھنجو چنيسر، ھي ٿي چاھي رات ھڪ؛
ھار ڀڙ پائج ھميشہ تون رکو مھ بات ھڪ.

ـر رکي سيجا تي پيرانديءَ کان سوچيندي رهي،
ـهنجي دل کي پاڻهي آٿت ۽ ڏيڏيندي رهي.

ـيسن جون لانيون)

ـرتي ويلي پکين جي لات تي جاري جڏهن،
ـد مان راجا جي جاڳڻ جي ٿي تياري تڏهن.

چنيسر- نرتيه)

ـ پنيل اک هن جي پيئي جيئن ئي ڏاريءَ زال تي،
ـرک ماري جوش کان جاڳي اٿيو سيجا ڇڏي.
ـڙڪندي آواز سان هن کان پڇائين "ڪير تون؟"
ـڪٿي ليلان؟ ڇو ڏسجين ٿي هتي هن وير تون؟

ـڪنڙوءَ جو نرتيه)

ـاز سان ڪنڙوءَ جهڪايو ڪنڌ قدمن ۾ ڪري،
ـمايو داءُ هن راجا تي پنهنجو آخري.
ـاجرا ساري چنيسر کي ساليائين هار جي،
ـاله پنهنجي جيت جي، ليلان جي ڪاڌل هار جي.

چنيسر جو نرتيه)

ـاله ڪنڙوءَ جي تي راجا کي نه آيو اعتبار،
ـن ائين سمجهيو مچائان آهه هيءَ عورت مڪار.
ـ انهيءَ دم بدگماني جڻ نه ڪر موڙي اٿي؛
ـاز الفت جي سا هڪ تار کي توڙي اٿي.

پيار کان وٺ هار جاتيءَ ؟ مٺ ويءَ ڪيٽن مارجي !
سڌ مڇاٽا ڪانہ هونديءَ پوءِ جي آزار جي.
وڃ وڃي هاڻي وري پنهنجي وڏاتا کي مڃاءِ،
يا تہ ساري عمر ويٺي هار تي هنجون وهاءِ.
(نظارو چوٿون - سيڄا پون) (ليلان جو وڃڻ)
(ڪنئرو خوش - نرتيہ)
آس اولي هاڻ ڪنئرو دل جي سڪ پوري ڪندي،
خواب جو گذريس سمو، تحقيق تاءِ پهچندي.
آرزو بي تاب کي تسڪين اچ ايندي تمام،
چو تہ سو ماندو سڄڻ جنهن لءِ ڪيم ننڊون حرام.
رات جو دل ڏڙڪندڙ سان در جهلي بيٺي اچي،
هوس دپ، ڏکري مٿان پوئينءَ پريکيا ۾ ڪچي !
(چنيسر جو اچڻ)

(بتي گُلُ)

مئہ ۾ متوالو چنيسر آيو خلوت گاهہ ۾،
قرب سان ڪنئروءَ جهلي موڪو ڪيو سو ساهہ ۾.
هن خوشيءَ کان ٿي پئي ڪنئروءَ جي دل چا باغ باغ،
نا اُميديءَ ۾ ٻريو اڄ جڻ اُميدن جو چراغ.
صبح جي پر وسوسن کان هن جو من ماندو رهيو،
شاهہ جي ناراضپي جو خوف هيڪاندو رهيو.

(ليلان مورچا ـ ترتيب)
(ساز آواز ـ گيت)

اُٹ ٽـڙ مــن ۾ ســاجــن ســاري،
نبل نماڻا نيڻ ڪٽي ٿـي روئـي راهه نهاري،
اُٹ ٽـڙ مــن ۾ ســاجــن ساري!
ڪـڇ ڪوڏيــن تــي ســون چنيسر
وڪٽي ڪيئن وساري ـ اٹ ٽڙ ....
هــار ٽــي هــرڪ چڏيـائين هــاري،
هاڻ هنجون ٿي هاري ـ اٹ ٽڙ ....
ڪٿ ليـلان ڪٿ ڪوجهي ڪنـڌرو؟
ڪير لکئي کي ٽاري ـ اٹ ٽڙ ....
سيج سجي جــي نــاهــه چنيسر،
ڪانڌ بنا ڪيئن گهاري ـ اٹ ٽڙ ....

حڪم ٿيو ليلان کي آڻي هن گهڙيءَ حاضر ڪريو،
جوش جي جڻ باهہ کان راجا جو ٿئي هردو ٻريو.
(ليلان جو اچڻ)
شرمندي ليلان اچي بيٺي مٿي منهن ڪيئن ڪٽي،
معاف ٿئي هن جي منڊائي جي چنيسر کي وٽي.
ثاب پيو هن جو نہ ڪو حيلو وسيلو چا ڪري؟
وَر وڃائي منڌ ويٺي، ڪيئن لکيو لوهي ٽري!
پيار ٻـي مانو ٻٽيو ليلان جو کسجي ويو ڏٽي،
دل جي آسڻ تـان ڪري راڻي فقيرياڻي ٻڻي.
پاڳہ ڪنئروءَ جا ڪليا مشڪل سندس آسان ٿيو،
پيار قربانيءَ جي وس هڪ رات ۾ سلطان ٿيو.
(چنيسر ۽ ڪنئروءَ جو وڃڻ)
مهل پنئسي ٻرڪ جي ٽي ٻرڪ سوني جي سچي،
ٻرڪ جنهن ۾ هاءِ نڪتي نيٺ سا ليلان ڪچي.
(ليلان جو پڇتاءُ ـ نرٿيہ)
ڪوڙ موتيءَ تي مٿيو موتي سچو جنهن پيار جو،
سور تنهن کي پيو سدا سهٽو سچي سنسار جو!
ڪيئن ڏڏو پوندو نٽئين، ٽيٽو هو جيڪي ٽي ويو،
پاڳہ ليلان جو ڦٽو، ڪنئروءَ کي ٻـرَ ٻنهنجو ڪيو.
دل جو مالڪ جيڪو دنيا جي مٽين تي ٿو مٽي،
ڪيئن پريءَ بازار ۾ سگهندو دڪاڻل سو وٽي!

وتندو! موتي آيس پـر قيد جـي چار ديوارين
اندر باند ڪيو ويس. لاڙڪاڻي ميونسپل پريزيڊنٽ
ري پريداس تولاڻي، ڊاڪٽر پوهومل ٻناڻي ۽
اڌو ريجهومل جو فرزند ڀاءُ واڌو لاهوري انهي
قت اندر ساڻ هئا. اُنهن کـي نظربندي قانون
يٺ سکر سينٽرل جيل ڏانهن اُماڻيو ويو ۽ مونکي
هن مهنن جي سخت جيل جي سزا ٻڌائي ويئي،
يڪا سزا اپيل کـان پوءِ گهٽائي ٻه مهنا جيل يا
ج سؤ روپيه ڏنڊ ۾ بدلائي ڇڏيائون. آزاد ٿيڻ
ن پوءِ بزرگ ساٿين جي صلاح سان هندستان هليو
يس ۽ دادا جئرامداس دولترام جـي صلاح سان
ارت - پـرمـڻ لاءِ نڪري پيس. ساڳئي وقت
ي پرتاب ڪڇ جي ڪناري: ٽـي ڪنڊلا بندر
ڪانڌي ڏام نگر جي وساڻ جا گهاٽ ڪهڙي رهيو
ـو. هڪ طرف پـرچار ۽ ٻئي طرف وستار جـو
اريه هو. ساڻ هئا ساٿي ڪم ڪندڙ ۽ سدا جو
از ڪنجڙي. انهيءَ وقت پرشارتيءَ جي ڪهاڻي
هنجي روز جو راڳ هو. جتي ويندو هوس اُتي
يندو هوس- اها ڪهاڻي يا آپ ٻيتي. اچو ته
ڪ ڀيرو اها ڳذريل ڪال جي چوڏهن سال پراڻي
هاڻي هڪ دفعو وري دهرايون.

جهاز اجا بمبئي بندر تي لنگر هنيون ئي ڪين هو، جو هيءَ 'آپ - بيتي' لکي پوري ڪيم. سرگواسي پياءُ شانتي شهاڻيءَ لکيو هو ته "جڏهن تون سنڌ ڇڏي هت ايندين، تڏهن اسانکي مهاراڻا پرتاپ وانگر پٽ تي سمهندو ۽ پاتال ۾ کائيندو ڏسندين؛ اسين اڄ پهاڙن جي دامن ۾ ڇانوٽيون هڻي ويٺا آهيون. کهڙو نه چڱو ٿئي جو تون به هت ڪلياڻ ۾ اچين ۽ اچي پنهنجي پيارن جو پيڙ - جهلو ٿئين." لاڙڪاڻي ۾ سترهن ارڙهن مهنا ورهاڱي کان پوءِ گذريا، اهو عرصو منهنجي يوگ - ساڌنا جو عرصو هو جڻ. ڪيترن ئي ڪهڙيءَ گهڙيءَ موت جا سڏ ٻڌا پوندا هئا. هڪ دفعو ته سڄي سنڌ ڇاڪاري آيس. ٻالڪن ۽ دوستن سمجهايو پئي ته ستين لڳين ته لاڙڪاڻي ڪين

مون تہ پنھنجو فرض پالڻ ٺٺي ڳھريو،
جڏ جفا سان جوڙني، جالڻ ٺٺي ڳھريو.
پر سنو ٿيو حاڪمن ڪان ڪين سو،
مون ڪرڻ پنھنجن لء جيڪي پئي ڳھريو.
راڄ جا باني پيلا جاني نواب،
نياء جا ٿاڻي لهڻ بي سود خواب!
قاعدي جي اوٽ ۾ سرڪار جو،
نيت مونتي پي اچانڪ وار ٿيو.
ٽرنگ ٿيرت ياٿرا ڪرٽي پئي،
جنھن مٿان پنج سوَ چٽي پرٽي پئي.
مون سوان بيا پي هئا ڪي يار باند،
ڊاڪٽر، ڊيوان، زميندار باند.
ڏوھ تن جو ھو، جو شاھوڪار هئا،
غير مسلم هئا، هندن جا ٻار هئا.
ڪالھ هئي جن لاء رحمت جائداد،
اڄ بڻي ٿن لاء زحمت جائداد!
قيد مان نڪتا مگر ملڪيت ڇڏي،
مون جيان هوُ پڻ پنيان آيا لڏي.
دل سان آيا ڪين، پر لاچار ٿي،
آ پيشاھيء کان پڳا بيزار ٿي.

پرشارٿي !

مرضي منهنجي هئي نہ مان سنڌ ۾ رهان،
جنمي حق آزادگي پنهنجو لهان.
خاڪ ڇاٽبندي ويو گذري ڏيڍ سال،
پر مليو مونکي وڇايل سو نہ لعل.
مون ڪيو هٽ هو، جو سک آزادگي،
ٻُڌجي پيو سنڌ ۾ سو دک آزادگي.
سٺ ورهيہ ساگر ولوڙڻ سان مليو،
جيڪو امرت، زهر ٿي پيو! جڳ ڪليو.
منهن چڙهي سڀ لوڪ طعنہ ڏيڻ لڳا،
ويل وئي پنهنجا پراوا ٿيڻ لڳا.
معنتون منهنجون پيئون ٻڌجي مذاق،
جا بجا منهنجي حماقت جي ٿي هاڪ.

پانڊون کان ڪورون سڀڪي کسيو،
هي ڏسي قدرت ٺٺي پاسي کان هسيو.
ڇو ته هنڪي آئينده جي ڄاڻ هئي،
سڀ ڪرائڻ ڪرڻ واري پاڻ هئي.
هن ٻڌايو جيڪڏهن تقدير ڪي،
ساڻ پيدا پڻ ڪيو تدبير ڪي.
ڪورون کي راڄ لوڀ انڌو ڪيو،
پاڻرن پنهنجن ۾ جن سَنڌو ڪيو.
پانڊون جو ويا ڦري ڪل راڄ ڪاڄ،
هستناپور وارو سارو تخت-تاج!
ٻارهين سالين جو مٻين اڳيات واس،
ڪرٽو پين جنهن کان ٺٺي جهنگن ۾ نواس.
دور پنهنجي ديس کان ٿي دربدر،
ڀٽڪندا هت هُت رهيا سي دربدر.
سَمَس ٻٽجي ڪنهن ڪٺي، ٺٺي ڪڙهه صفا،
ٿي رسويو ڪنهن ڏني جيءَ کي جفا.
ڪو ٻٽيو نرواهه جي لءِ نرت ڪار،
سارٿيءَ جي ڪنهن ڪٺي ٺٺي ڪرت ڪار.
دروپدي راڻي، وڃي ٻانهي ٻڻي،
سر تي ڪيڏا ڪشٽ ويچاري ڪٽي.

هي اڪيلا ڪين، ٿيا ٻيا پيي جوان،
وِهه بدل نفرت جي تيرن جا نشان.
راڄ جنهن جو پايو ڳهرٽا تـي ٻـڌو؛
تنهن مان پيو ڪهڙو نتيجو پـڇندو؟
زخم دل تي پنهنجي، سي آيا کٽي،
ڪو چتائـي اڄ اُهـــي، مرهم هٽي.
ڪي اڳي آيا ته آيا پوءِ ڪي،
جو ته سيني کي ڪڍيو نفرت ڏکي.
راڄ نفرت جو هميشه جو نه راڄ،
نيٺ ڍهندو پختو هُئي، پوءِ جو نه راڄ.
ٿي سدا تواريخ اهڙي ساک ڏي،
پاپ پنهنجي ۾ تو پاپي ناس ٿئي.
وقت جي البت وِٿـي قدرت ڪٽي،
ڏئي ٿي اهڙن کي پي ٿوري کي گهٽي.
انڪري سچ، صبر جو پنهنجو ڇڏي؟
جو نه همت ساڻ ويسهه کي گڏي.
تو جهڪي همت اڳيان سارو جهان،
سورهن جـــو آهـــ ذرتـــي آسمان.
راز سارو تـو مهاڀـارت سلي،
تو چڪر دنيا جو همت سان چلي.

ويو وڏي هرطرف مذهب جو ڪٽڪ،
جنهن ڪيو سنڌي هندن کي دربدر.
گهر ڇڏي نڪتا سي بڻجي بيوطن،
اڄ اُنهن جو آهه ڏک سان تار من.
ياد ماضيءَ جي ستائي ڪين ٿي،
ڪا سمک تن کي نه آهي حال جي.
حال لوچڻ جو نه جن کي آ خيال،
ٿي سياڻو پوندو تن جي لءِ محال.
جي وساري پاڻ اڄ ويٺا، اُهي،
آئينده ۾ پاڻ پوندا پوئتي.
ڪاهليءَ جي شل ڇڏن عادت ڪني،
جا اُنهن کي آهه ڪم-همتيءَ ڏني!
حوصلو اڄ ويو اسانجو پست ٿي،
چؤطرف ظاهر ٿي جنهن کان عاجزي.
جڻ اچڻ سان ويا هتي مادا مري،
خون غيرت جو رڳن اندر ٺري.
هت هُتي بدنام اڄ آهيون اسين،
پر اڃا ٿا ڪين ساڃاهيون اسين.
وقت آيو آهه جو جاڳي وٺون،
ويل عزت واپس وري ساڳي وٺون.

داس بڻجي خود گذاريو ڌرم راڄ،
جنهن جي سر تي ڪنهن سمي جهوليو ٿئي تاج.
مهل ٿي موٽاج هر ڪنهن کي ڪري،
وار اُن جو ڪين ٿـو سٺرو ٽري.
پل هڪجي پوء چو نہ ڪو شاهہ و گدا،
ڏسڻي سڀ کي ٿي پوي هيءَ ماجرا.
پاڻ تي پاڙڻ ٿو پـر جنهنکي اچي،
ٿو اهو موٽاج جيون کان بچي.
پانڊوَن کي ڏيئي گيتا جي سکيا،
ڪرشڻ سيکاريو، وٺڻ حق پانهنجا.
نيت پاپي ڪورون جي هار ٿـي،
پانڊون جو شيام هو جو سارٿــي.
ڪرشڻ ء سچ ۾ نہ ڪوئي ڀيد هو،
پانڊون جي سوڀ سان هي سِڌ ٿيو.
ويا هزارين سال گذري، ڀر وري،
اڄ، ورائي ورق سي تواريخ ٿي.
عمر ڀر جن سان هو جڙءُ پنهنجو سَنو،
سات اڄ ساٿيو ٿو ڏسجي ڪٿو.
اڄ سنڌي سنڌين کان ٽڪجي ڌار ٿيا،
يار جي ها سي ڦري اغيار ٿيا.

مرد جي همت، مدد ڪرتار جي،
ٻالهه آهي هيءَ رڳو ويچار جي.
ڪر نه ڪنهن پورهئي کان هرگز عار تون،
سمجهه محنت کي سکن جو سار تون.
رهه هتي هڏ ڪين ٿي شرنارٿي،
جيءُ جڳهه ۾ پر تون ٿي پرشارٿي.
سنڌ جون ڏيهون، نمبر ڪر ياد ڪين،
ڪيڏ پرشارٿ جي پر هنڌڙي زمين.
هڪ دنيا مان ٻيءَ ۾ پيو تنهنجو قدم،
سمجهه هي تنهنجو نئون آهي جنم.
خيال هن کي دل ۾ جي ڏيندين تون جاءِ،
پوءِ ڪندين هرگز نه همت تون هاءِ.
سنڌڙي تنهنجي ڦري ٿي هندڙي،
هندڙي تو لءِ دکايل! سنڌڙي.

سمجھون اڄ آهي شروع اگيان واس،
ڪا گهڙي پاڻجي نہ ٿيون هرگز اُداس.
هئي اورچائي اسانجي وصف جا،
پاڻ ۾ جيئڙو رکون تنهن کي سدا.
سنڌ جا بربٽ وسايا ڪنهن هئا؟
باغ ۽ بنگلا بڻايا ڪنهن هئا؟
هو بزارين ۾ اُتي ڪنهن جو اثر؟
ڪير هو واپار ۾ اُت نامور؟
تو وساري ڇو ڇڏيو اڄ پاڻکي؟
جاڻَ جڙُ پاڻجي وئي خود جاڻَ کي!
جي پلو چاهين تہ گولهي پيڻ لهہ،
پنهنجي واڌاري جو ساگيو ڇيد لهہ!
ٻيءَ طرح ويندين صفا برباد ٿي،
ڪين ماڻيندين ڪو سک آزاد ٿي.
تنهنڪري اُٿ پاڻ تي ڪجھ پاڙ تون،
پنهنجا سي جلوا اگيان ڏيکار تون.
پاڳ پنهنجي کي اُدم سان ناھ تون،
پاڻ مان پيدا ٿيل شڪ لاھ تون.
تون وري ڏيکار همت حيرت ڪري،
ڏوڙ مان ذن ڪر ذرا همت ڪري.

ر ۾ فرض ۽ محبت جي جنگ جاري هئي. اهڙي
ت فرض ٽوڙي محبت هڪٻئي جي آڏو نہ اچي
ڏو آيا. پتيءَ پتنيءَ کان موڪلايو. جيئن اڄ بہ
رارين نوان شادي ڪيل جوڙا هڪٻئي کان
ڪلائي نيفا ۽ لداخ ۾ هماليہ جي چوٽين تي
لا آور غنيم سان دوبدو ٿي رهيا آهن. اُنهن جوانن
ن نوورنين جي هٿن ۽ پيرن تي شاديءَ رات
ي لڳايل ميندي اڃا بہ جيئن جو تيئن ثابت
ي. هڪ طرف منديءَ جو رنگ آهي تہ ٻئي
ي لهوءَ ۾ لال ٿيڻ لاءِ هي سپاهي گهوٽ اُتاولا
ن. "نہ روڪ منهنجي راڻي! نہ روڪ" ڪهاڻي
نوٽيڪ آزاديءَ جي پراڻي اتهاس جو هڪ پرلاءِ
ي، تڏهن بہ اڄ جيڪو ڀارت جي آزاديءَ جو
ن اتهاس جڙي رهيو آهي، تنهن جو هڪ باب
آهي. اُميد اٿم تہ سنڌي سورهن جو اولاد
ءِ ڪهاڻي ايامن تائين ڪين وساريندو.

ٻٽيهه سال اڳ جڏهن راشٽرپتا گانڌيءَ، ڀارت
جي آزاديءَ لاءِ لوڻ جي ستياگرهه لاءِ ڏانڊيءَ تي
چڙهائي ڪئي، انهيءَ زماني ۾ هيءَ آکاڻي وجود
آئي. ٻي هٿيار فوجن جون قطارون پنهنجي لنگوٽئي
اڳوان جي سڏ تي سر قربان ڪرڻ لاءِ جڻ اُتاوليون
ڏسبيون هيون. هيءَ ڪهاڻي ٻه اهڙي هڪ جوان
گهوٽ جي آهي، جنهن اڃا پنهنجي نئين وواهت
ڪنوار جو پورو گهونگهٽ ٻه ڪين پٽيو هو، ج
ڪيس آزاديءَ جي هلچل ۾ شامل ٿيڻ جو چئلينج
مليو ۽ هو هڪ جيڏن الهڙ دوستن سان نڪري پيو
نئين ڪنوار نيڻ-جل سان هن جي آڏو جڻ الڪ ٻڌي
بيٺي هئي. انهيءَ وقت سندس روم روم ۾ ڪنوا
جو پيار ڇوليون ماري رهيو هو. ليڪن ٻئي پاسي

تون نہ ٻڌين ٿي چا ؟
هــوُ يــڌ جــا بـاجـا ،
جوش پـري دل ۾ ،
ٻـڌ تہ چوَن چا ٿا ؟
منهنجي راڻي! نہ روڪ.
دير نہ ويرُ! ڪري ،
دل نہ اڏيـر ڪري ،
ماڳہ رَسڻ جي ڪر،
هــر تـدبير ڪري .
منهنجي راڻي! نہ روڪ.
ملڪ مـصيبت ۾ ،
بـي حـد آفت ۾ ،
تون ڪئن گهر گهارين ،
عيـش و عشرت ۾ ؟
منهنجي راڻي! نہ روڪ.
ڏيهہ ڌڪر ماريو ،
مـرضـن آزاريـو ،
موت لـکين ماري ،
رڻ ڪيڏو ٻـاريـو !
منهنجي راڻي! نہ روڪ.

نہ روک راڻي

نہ روک منهنجي راڻي! نہ روک.
نہ روک منهنجي راڻي!
ديش پڪاري ٿــو،
راهـــہ نهاري ٿــو،
فــرض وطن وارو.
يــاد ڏياري ٿــو.
منهنجي راڻي! نہ روک.
نــاد وجــڻ وارو،
ملڪ اُٿيو ســارو.
دوڙ ٿڪو ســاٿــي!
ساٿ هلڻ هــارو.
منهنجي راڻي! نہ روک.

ساهه پرائو آ،
جنهن تي ناهه بقا،
تنهن ڏيڻ ۾ پولي!
تنهنجو ويندو ڇا؟
منهنجي راڻي! نه روڪ.

فرض - محبت جو،
هي سچو ناتو،
مهل پئي ٿين ٿا،
هڪ ٻئي جو راکو.
منهنجي راڻي! نه روڪ.

فرض وساريم جي،
قؤل نه پاڙيم جي،
لوڪ گلا ڏيندو!
سڌ نه اُنايم جي.
منهنجي راڻي! نه روڪ.

هڪ جيڏا سانئي،
اڳرا ويندا ٿي،
ٺوڪ هڻي چوندا،
توکي ويو ڇا ٿي؟
منهنجي راڻي! نه روڪ.

آن وستر ڪاڻ‍ي؟
پورو گهر ڪاڻ‍ي؟
ديش دڪايل ڪ‍ي،
بيت گذر ڪاڻي؟
منهنجي راڻي! نہ روڪ.
ديش غلاميءَ ۾،
مرض مداميءَ ۾،
غيرت پاڻجي ويو،
سرس سلاميءَ ۾.
منهنجي راڻي! نہ روڪ.
دل وارا ايندا،
مات مري ٿيندا،
لوڪ پلي صدقي،
ساھ سوين ڏيندا.
منهنجي راڻي! نہ روڪ.
موھ نہ ڪنهن ڪم جو،
فاني هڏ چم جو،
ڪال ڪڏي ويندو،
هي دم آدم جو.
منهنجي راڻي! نہ روڪ.

نيڻ دکايل ويو،
وير نہ ڀنتي پيو،
ڀارت ماتا جو،
ڪير سجايو ٿيو.
منهنجي راڻي! نہ روڪ.

سرتيون تنهنجون پڻ ،
خوب ڪنديون پُڻ پڻ .
روز اشارن سان ،
تنگ ڪندءِ ڪامڻ .
منهنجي راڻي ! نہ روڪ .
ويہ پٽي جن جا ،
سوپ ڪري ورندا ،
تن جيڏين جا مزا ،
توکي وِهہ لڳندا .
منهنجي راڻي ! نہ روڪ .
راڻي ! تنءُ سڄاڻ ،
ڇڏ ناحق ڇڪتاڻ ،
موڪل ڏي تہ مران ،
ملڪ مٺي جي ڪاڻ .
منهنجي راڻي ! نہ روڪ .
ثـاب پڄـي آزي ،
ڪامڻ تـي راضي ،
موهہ پڄو هـاري ،
فـرض ڪٺي بازي .
منهنجي راڻي ! نہ روڪ .

ڪروڙن باشندن جي زبان تي آهي. اِنهن سورمن
جي قربانيءَ ئي شهيد هيمون ڪالاڻيءَ جهڙا سنڌي
سپاتر پيدا ڪيا، جن ماتا جي آن-بان صدقي
پنهنجا سر صدقي ڪري ڇڏيا. اچو ته انهن شهيدن
جي چکيا جي ڀسم جو قسم کڻي ڀارت جي ۽ دنيا
جي ڀلائيءَ توڙي آزاديءَ جو اقرار ڪريون. ڀڪ
ئم ته شهيد جي ويهه ورهيه اڳ لکيل هيءَ آکاڻي
ائيندي، اسين پاڻ توڙي پنهنجي قوم کي "جنم
ڀگت" لاءِ تيار ڪري سگهنداسين.

معصوم شهيد جـو خـون سکڻ جـو ڪينهي.
جڏهن ڏس تڏهن هزاريـن ملڪي مستانا، انهيءَ
خون جا تلڪ ڏيئي سر ڏيڻ لاءِ، خون جي هولي
کيڏڻ واسطي اُنهيءَ ئي ساڳي راهه تان ڪاهيندا
پيا وڃن ۽ ائين اِتهاس پنهنجا ڪارنـاما وري
وري دهرائيندو ٿو رهي. ڀارت جڏهن اڃا غلام
هـو، تڏهن انهيءَ غلام ڀـارت جو هڪ فـرزنـد
پنهنجي ٻن ساٿين سان ڦاسيءَ جـي تختي تي
کلندو کڏندو چڙهي ويو. هو سردار هو. اِنهيءَ
کري دار يعني ڦاسيءَ جـي تختي تـي چڙهڻ
سندس کبي هٿ جـو کيل هو. سر-دار جـو ٿيو.
سردار ڀڳت سنگهه، سکديو ۽ راجگروُ وير هئا. اڄ
ٻه اُنهن شهيدن جي قربانيءَ جي ڪٿا، ملڪ جي

(٣)

سپنن جي دنيا آزاد دنيا،
رنگين دنيا آباد دنيا.
تونگر ڪو هجي يا فقير هجي،
هر ڪنهن کي وڻي هيءَ شاد دنيا!

(٤)

بند نيڻ مگر ٻوڙيا ٿئي حواس،
هر طرف هيو آنند اُلاس.
ڪڏي جوڳي ٿي بر بن پٽڪيس ٿئي،
ڪڏي ڀوڳي ٿي ڀوڳيم ڀوڳ ولاس.

(٥)

ڇا ڇا نہ ڏٺا مون خواب نوان،
احباب نوان اسباب نوان،
اسرار جا گنج ڏٺم هرجا،
حيرت جا نرالا باب نوان!

(٦)

اسرار عجب هڪ آيو نظر،
حيران ڪندڙ هو ڇا منظر،
هت هت پئي وهيو ڪيسر جو درياءُ،
هئي ڌرتي نہ نہ آڪاس بہ نہ!

شهيد جي ڪهاڻي

ٻيڻي پهر سوا اڃا رات هئي،
ڦٽي ڪچڙي مس پرڀات هئي.
چــؤطرف هئي خاموش فضا،
ڪجھه قدر اڃا ظلمات هئي.

(٢)

هيو ننڊ ۾ غــافــل هرڪو بشر،
هــل هو نہ هنگامو شور نہ شر.
جڏي هوش ۾ ڪو عالم نہ رهيو،
سپنن جي دنيا جاڳي نئي مگر!

(١١)

سر ڪن جا ڏڙن ڪان ڏار ڏٺم،
ڪيئي نيزي تي هسوار ڏٺم،
ڇيهون ڇيهون ڏٺم ڪن جون ڇاتيون.
گولين جا گهٽيئي شڪار ڏٺم.

(١٢)

جنهن طرف ڏٺم پئي پئي وڍ ڪٽ،
ڏڪ ڏڪ پئي پئي پئي پئي سٽ سٽ؛
هر طرف مثل ڇينگهاڙ ڏٺم،
ميدان نه هو پر هو مرگهٽ.

(١٣)

هڪ پاسي خون جي پياس هئي،
ٻئي طرف ڏيڻ جي آس هئي؛
هڪڙا تئي ڪريا ۽ ٻيا تئي وريا،
ڏسندڙ لاءِ عبرت خاص هئي.

(١٤)

هڪ طرف هٿيار ٻنوهار ڏٺم،
ٻئي پاسي مرڻ لاءِ تيار ڏٺم؛
هڪ طرف شڪاري شوخ هئا،
ٻئي طرف نماڻا شڪار ڏٺم!

(٧)

هرطرف هنگامو هو هرجا
گهمسان گهٽو ڏونــڌاڙ ڏڪا،
هوليءَ جو مثل ڄڻ هو ڏمڇر؛
چؤطرف ڦوهارا پئي ڇٽڪيا.

(٨)

هولي ئي ڇوان يا جنونُ ڇوان؛
ڪين ٻيو ڪو نيارو نمونُ ڇوان؟
هي ڪيسر ڪُنگو ڪيئن ڇوان؟
بس جيڪي ڏٺم سو خون ڇوان.

(٩)

ڪٿي اڳتي نيڻ نهاريم جان،
آيو ڪين نظر ڪجهه خون بنا؛
ڪنهن خون جي هولي کيلي ٿئي،
لڳو لال ٿئي جنهن سان سارو جهان.

(١٠)

ڪي جوان پريان ٿئي جنگ ڏٺم،
رت ڳاڙيندا مرد ملنگ ڏٺم،
سالم نه بدن هو ڪنهن جو، مگر،
جدا انگ کان تن جا انگ ڏٺم.

(١٩)

جنهن جي راڄ ۾ آهي نياءُ نہ ڪو،
تنهن جي راڄ ۾ گهارڻ آهہ ڏکيو،
اهڙو حاڪم، حاڪم ڪيئن چوان،
جيڪو رعيت جو رکي خيال نہ ٿو!

(٢٠)

جنهنجي راڄ ۾ رشوت روز هلي،
جنهنجي راڄ ۾ مشڪل پيٽ پلي،
اهڙي راڄ کان بيشڪ پينگہ ڀلي،
رعيت جو نٿو جتي چارو چلي!

(٢١)

جنهنجي راڄ ۾ ڀاوُ نہ خدمت جو،
تلوار تي زور حڪومت جو؛
جتي قرب جو آهي نانءُ نہ ڪو،
رکو حرف هلي ٿو حرفت جو.

(٢٢)

جيڪو حاڪم پنهنجو پيٽ ڀري،
رعيت کي لڙائي راڄ ڪري،
اهڙو راڄ ڀلا ڪيئن رهڻ ڏبو؟
جيڪو ڀاءُ کي ڀاءُ کان ڌار ڪري!

(۱۵)

سر جنهن تنهن ڏنو مرڪي تنهن ڏنو،
هڏ مرد جو ان تنهن کين ڄنو،
ڏيندڙ کي نڪو ڏک ٿيو هرگز،
ڏسندڙ جو مگر تنهن هيانءُ ڇنو!

(۱۶)

هيءَ ظلم سندي روئداد ڏسي،
هيءَ بي دردي بي داد ڏسي:
نہ وڌيڪ سٺو ٿيو موکان، الا!
هيڏو ظلم ڏسي بغداد ڏسي.

(۱۷)

ست پائي وڃي ڪائونس مون پڇيو،
بيٺو هو مرڻ لاءِ جو سنبريو،
هيءَ ماجرا ڇاهي بهر خدا!
ائين چوندي تنهن منهنجو هيانءُ ڦسيو!

(۱۸)

حيران ڏسي هن مونکي چيو،
سر ڏيئي، ڪرڻ تو وڃان سؤدو،
هيءُ موت نہ آهي موت، مگر،
آهي پاڻ ملهائڻ جو موقعو!

هن جا سڏڪا ۽ سِسڪيون منهنجي لاءِ ڪي
ان ڪين هئا. رات جي سانت ۾ اهي سڏڪا
ور دور بڌڻ ۾ ايندا هوندا؟ پر ڪنهن کي ضرورت
ڻي آهي جو پرائو سور پنهنجي پيٽ ۾ پائي.

جيل جي اسپتال ۾ هوس ۽ هي ٽيون مهنو
انهيءَ ساڳيءَ کٽ تي سمهيو. مون ڪٿيءَ کي
سيرو ڪيو ۽ اٿي وينس. پريو پڙهيو ته ڪجهه
ٿين هو پر تڪبندي واهه جو ڪندو هو ۽ پنهنجون
وڙيل ڪافيون پيو جهونگاريندو هو. قيديءَ
جهان مقدم بڻيو هو. ڏندي-ڀڃي سان ڳڏ اڻ آڻ
هوار ڀڳهار به ملندو هوس. ڏينهن جو ٻاهر پارتيءَ
ن جيل جي واڙيءَ ۾ رهندو هو ۽ رات جو ٽورا
ر ڪلاڪ اسپتال ۾ بيل بيمار قيدين تي پهرو
يندو هو.

(٢٣)

سر ڏيئي سوين جا ڳائيندس ،
مٺي ماءُ جو درد گهٽائيندس ،
مونکي گانڌيءَ جي چرخي جو قسم !
وک پٺتي ڪين هٽائيندس .

(٢٤)

ڏسي ملڪ کي شوق غلاميءَ جو ،
هن مارو - مرض مداميءَ جو ؛
ڏيئي خون بدن جو وطن صدقي ،
مان ڌوئندس داغ غلاميءَ جو .

(٢٥)

ويو جان وطن لءِ ڏيڻ وارو ،
ويو ملڪ تان صدقي ٿيڻ وارو ؛
ويو ديش جو وير سپاٽر ويو ،
ويو ، ويو تن من ارپڻ وارو .

(٢٦)

هي خون اهو رنگ لائيندو ،
ڪيئي مرد ستل جا ڳائيندو ،
بند ديش دکايل جا ڪٽيا ،
"جَم - هند" سان مکتي پائيندو .

آرتوار صبوح جو پريو چٺيون کڻي آيو. ڏيڍ
سال کان پوءِ اُهي چٺيون وري ڏنيون هئائين.
ادي اُتساهه سان آڻي منهنجي هٿ ۾ ڏنائين.
بئي چٺيون پينسل سان لکيل جڻ ته محبت جو
قراري دستاويز هو. هڪ چٺيءَ ۾ لکيل هو ته ’تون
ل نہ هارج، چار درويشن جو قصو ياد هوندءِ.
خر اسين بہ الله جي مهربانيءَ سان هڪ ڏينهن
رور ملنداسين........ مٿان فلاڻي کي فلاڻي وانگر
وئي جيل جو عرصو گندو ڪري اچين. صاحبان
نهنجي آهي ۽ تنهنجي ئي ٿي رهندي.‘ چٺيون
رهندي مونکي صاحبان ۽ پرئي جي بهرين ملاقات
کين اڳيان تري آئي ته ڪيئن نہ خريف جي آغار
رونبي ڪندي اکين ئي اکين ۾ هڪ ٻئي سان
حبت جو اقرار ڪيو هئائون. ڪيئن نہ چوريءَ
وريءَ پيا آپسي چاهه جي نرت وڌائيندا هئا.

لاڳوت هو نندڙو سوهن قسم جي لڪ چپ ڪيسين
ي هاي سگهي. نيٺ بصر پڳو تہ بانس آئي. صاحبان
ي چاچي بنا دير ڀالتيءَ کي پرڻائي ڇڏيو ۽ هڪ
ٽ پڙهيل ڇوڪري سان، جنهن جي عمر پنهنجي
کنوار کان پنج سال ننڍي هئي. وني سترهين

هاڻي ٻه هوُ منهنجي سيراندي ۽ واري سيخائين دروازي کي ٽيڪ ڏيئي ويٺو هو ۽ پڻي جهونگارڻ سان گڏ سُڏڪيو! اها سندس روزاني ڪار هئي ۽ ائين پيو پاڻ سان اوريندو اوڍاريندو هو.

’پريل!‘ مون هن کي سڏ ڪيو. منهنجو آواز بيماريءَ سبب هونءَ ئي نرم ۽ جهڪو هو.

هن آهستي جواب ڏيندي چيو ”اچا جاڳين ٿو ڇا؛ ڇا ڪريان يار! ننڊ ئي الله ڪسي ورتي آهي. هن ڪن ٿرسي وري چيو ”ننڊ ڪسي ها ته پلي، پر پرينءَ کان هيترو دور ۽ پاسي ٿر ڪين ڪري ها.“ هوُ چپ ٿي ويو ۽ ساڻ ساڻ سندس گونگو سڏڪو منهنجي دل جي تارن کي ڇهي اڌ رات جي سانت ۾ سمائجي ويو. منهنجي چوڻ تي هن پنهنجي ڪهاڻي شروع ڪئي ۽ ائين پوري به ٿي. پيچاڙيءَ جو چيائين ”ادا! تنهنجي جيلر صاحب مهيندو آهي، جيڪر ڪائونس چئي ڏئي ڏئين ته مان صبوح جو پنهنجا گهر وارا ڪپڙا گدام منجهان ڪڍي اچان ۽ ٿوڪي صاحبان جون اهي چنيون ڏيکاريان، جيڪي هن مونکي ڪچي جيل ۾ لکيون هيون.

ڪتي. جوڙو آخر پڪڙجي پيو ۽ نتيجي طور هن
وهه هيٺ پرڻي کي اڍائي سال سخت قيد جي
سزا ملي. ٻئي طرف صاحبان ساهري گهر رهڻ کان
انڪار ڪيو جنهن ڪري لاچار ٿي سندس ننڍڙي
ڇوٽ ڪيس طلاق ڏنو. پر پڪي ان هوندي به آزاد
ٿيو. صاحبان کي سندس مائٽن وري به هڪ چڱي
چوڪي زميندار سان پرڻائي ڇڏيو. ڇوڪريءَ جو
س چيا، جو ڳوٺ ۽ ڳوٺ جي سماج سان مهاڏو
ڪائي سگهي. صاحبان جي مجبوريءَ هڪ دفعو
ري روئي ڏنو.

پرڻي ٻڌايو ته هن وقت هوءَ هڪ ٻار جي ماءُ
هي ۽ پنهنجي مرد سان خوش آهي. اهو ٻڌائيندي
ڻو روئي وينو. ڪجهه رکي چيائين ته ٻاهر ويندس ته
ول صاحبان سان فيصلو ڪندس، جي مونسان پنهنجي
ڪرڻ قبوليائين ته واهه، ٻيءَ صورت ۾ ٻنهي
سندس مڙس کي ماريندس ۽ پوءِ کيس. ائين
جوندي چوندي هن جي اکين جا ڳوڙها سڪي ويا ۽
ن جو هٿ وجهي شهپر ٿي پيو. آخر مون کيس
ٿاري اُتاري ٿڌو ڪيو. کيس ٻڌايم ته پيار ۾ رکيو
ڏيڻ ٿيندو آهي ۽ نڪي وٺڻ. سانس انجام ڪيم

جي تہ ونهيو هو ٻارهين جـو! صاحبان سور ٻي
چاچي جـي تـڪيءَ چڙيءَ هينان ڪنڌ ڪٽي رکيو ۽
ائين هن قربانگاهہ ۾ سندس پيار ترقي ترقي ٽڏو
ٽـي ويو. هوءَ پڙهيل ڪڙهيل نينگر هئي. روز
قرآن جو دؤر ڪندي هئي، اهوئي سبب هو جو
ٻرئي جو پيار ڪيتري بہ اتاولي هوندي، آپي کان
ٻاهر وڃي نہ سگهيو. هينئر ٻرئي لاءِ چؤطرف اونده
هئي. غريب وٽ نہ هئا بہ هزار نڪي ڪنووتيءَ
لاءِ ڪا پيڻ يا پائڻي. اهوئـي سبب هو جو هن
گـوءِ ۾ هوُ هارائـي ويٺو. ٻريو سچ پچ تہ اڄ
بي وس ٿي پيو. انهيءَ وچ ٻارهن مهنا گذري
ويا ۽ انهن ٻارهن مهنن ۾ هوُ الائي ڪٿان جو ڪٿان
وڃي پهتو. يڪتارو ڪٽي ڳوٺ ڳوٺ چاڪاريندو
رهيو ۽ ائين هڪ ڏينهن صاحبان جي ساهري ڳوٺ
۾ بہ اچي پهتو. نيٺ سندس ملاقات صاحبان سان
ٿي، جنهن ساٿس پڇي نڪرڻ جي رٿ لاچار ٿي
قبول ڪئي، جو تہ ٻيءَ صورت ۾ ٻرئي ڪيس
دڙڪو ڏنو تہ هوُ آپگهات ڪري ڇڏيندو. صاحبان
جو سانٺيڪو پيار هـن دب هيٺ بغاوت ڪري
اٿيو ۽ هوءَ ٻيءَ رات گهر ڇڏي ٻرئي سان پڇي

پرئي ۽ صاحبان جي ڪهاڻي

ساز دل تي تار الفت ڇيڙ ڪين،
خلق دنيا جي اٿيئي تماشبين!

(۱)

جان پنهنجيءَ کان ڏنم بيزار هو،
اک پنل، پنبڻيون پسيل، ڳاڙها ڳل؛
ڪو لڳل هن سان وڏو آزار هو.
ڪنهن گهڻي غم جي سبب خاموش هو،
هوش ۾ هوندي به ڄڻ بي هوش هو!

(۲)

درد جي تابش کان ٽيس جيرا اڪيون،
ساڻي سورن جي ڏنس ايڏو بخار!
جنهن جون ڇهري تي نشانيون پئي بڪيون.

نه هن ۽ صاحبان جي پيار جي ڪهاڻي شعر ۾ لکي ڪيس ڏيندس. هو جڏهن هڪ مهني ڪان پوءِ پنهنجي سزا پوري ڪري ٻاهر نڪتو تڏهن پنهنجو انجام ٻاڌيندي مون کيس چيو:

"ساز دل تي تار الفت ڇيڙ ڪين،
خلق دنيا جي اٿيئي تماشبين."

اڇو نه هيءَ هڪ سچي ۽ حقيقي ڪهاڻي وارو مرسيو ٻڌايون، ۽ ائين سماج جي قاتل ڇريءَ هيٺان ذبح ٿيل پکين جي هن پريمي جوڙي تي فاتحا پڙهون.

(٦)

منهنجي همدردي ۽ پنهنجائي ڏسي،
جڻ تہ بڌندڙ کي ويو ٻُڙو ملي،
هڪ مٺيءَ پابوهہ تي پيس دل ڦِسي.
زخم جا تـوپـا ڪچا اُڪاڻ لڳا،
نيڻ هن جـا چاڪندا اُٿـلـڻ لڳا.

(٣)

ڪا گهڙي هن جون اکيون ٿمنديون رهيون،
ٿيو ڍرو طـوفـان جيسين درد جو،
تيسين تائين سي اَجهل سمنديون رهيون!
دل جهلي هينءَ نيٺ هن چوري زبان،
۽ ڪيائين هـن طرح ظاهـر بيان.

(٨)

منهنجون هن سان جيئن نگاهون چار ٿيون،
جـڻ نئين دنيا ۾ پـاتـم پـاڻکي،
جت خوديءَ جون حجتون بيڪار ٿيون.
عشق حضرت بـي خودي آيـو کڻي،
دل جو برپٽ جنهن کان پيو گلشن بڻي.

(٩)

مون ڏنو، هن منهن ورائيندي ڏنيون،
مرم واريءَ مرڪ سان جڻ مرڪندي،
نيچي نظرن ساڻ گجهڙيون دعوتون!

درد آنهن جا ڏونهان بادل بڻي،
آسري جي ڏار تي پيا ٽٽي ڇڻي.

(٣)

ظاهري لاشڪ هيو هو بي خبر،
ٽٽي ڏبيل سُڏڪين سانھن ڪنهنکي سڏيو،
ڪنهن جي ورنديءَ لءِ ڏنو ٽٽي منتظر.
ڌڙڪندڙ دل ۾ هيس ڪافي گمان،
ڇا ڪندو اڳتي الائي آسمان؟

(٤)

قيد ۾ يارن عزيزن کان پري،
ناهہ ڪو ويجهو جتي ساٿي سڄڻ،
جي نہ هو روئي، تہ ڏهن بيو ڇا ڪري؟
موت گهرندي پي جتي ٽٽي بي نياز؛
تو اُتي هڪ درد ئي ٽٽي ڪار ساز!

(٥)

مون وڃي ويجهو ڇيس بهر خدا،
ايڏي غم اندوهہ جو ڪهڙو سبب،
آهہ اهڙي تو سان ڪهڙي ماجرا.
ڪم نصيبيءَ جو بڻيو آهين شڪار،
يا زمانو ناهہ تو سان سازگار؟

(١٣)

مينهن سان مان ۾ محبت جي هٽي،
هت رڳو ساسين سڪالو بت ڇڏي؛
ساهه منهنجو پساڻ سان ويئي ڪٽي.
ويو جڏهن نڪري هٿان هرڪو تڪيو،
درد هڪڙو هو تڏهن حاضر هڪيو.

(١٤)

منهنجي مرده دل ۾ آئي اهڙي جان،
آس جو پاتم نراسا ۾ وجود،
جڻ ٿيا همر آغوش ڌرتي - آسمان.
هو ڪڙو ڀاسي ۾ جو مايوس پيار،
درد اُن کي پي ڏنو هيڪر قرار.

(١٥)

درد همدم ٿيو ته بيٺي چاهه ٿي،
ڪشمڪش ۾ ڳنڍ ويئي پيچندي.
ته اکين مان دل ڪان دل ڏي راهه ٿي.
ويو پکيڙو دل سندو ڀانڊي ٻٽي،
جو سنيهو قرب جو آيو ڪٽي.

(١٦)

ڪئي تصور حسن جي حيران دل،
عشق بندش جون حدون ٽوڙي ڇڏيون،
موج مشتاقيءَ ڪئي مستان دل.

ٿن بدن مون هن کي نذرانو ڪيو،
سر جهڪائي سجدو روزانو ڪيو.

(١٠)

منهنجي سامهون آسماني چنڊ هو،
تنهن تجلي کان ٿي روشن ڪائنات،
موجزن جڻ چانڊنيءَ جو سمنڊ هو!
چوطرف هو ماهتابان جو ظهور،
حسن خوبانُ دل کي بخشيو ٿَي سرور.

(١١)

خوب سيني ۾ اُٿيا اُڀري امنگ،
وصل جي بي خبر ٿي پئي آرزو،
دل ۾ پيدا ٿيا لکين چتڙا ترنگ.
هُن اتي موٽڻ جي ڪئي مرڪي پچار؛
مون چيو ”وائي وڃڻ جي ڪين وار.“

(١٢)

اوچتو جذبن تي پيو غالب حيا،
منهنجي منٿ، بي وسيءَ جو ٿي شڪار،
نيٺ رئندي پير هن پويان ڪيا.
بي ڪسيءَ ڳوڙها وهايا بي حساب،
پيو پسي جن کان مقدر جو ڪتاب!

(٢٠)

ويو وهي ڪرڙو قلم تقدير جو،
اوچتي هيڏو وڇوڙو پيو نصيب،
وس هليو هرگز نہ ڪو تدبير جو.
بس جدائيءَ تن بدن جهوري ڇڏيو،
ماس ٻت جو جنهن هڏي ڪوري ڇڏيو.

(٢١)

بند اچ پرديس ۾ آهيان پري،
منهن ڏسڻ آهي پرينءَ جو جت عبث،
ٿو هتي باقي بچيل هڏ، غم چري.
هي وڇوڙو باب منهنجي ۾ ٻٽيو،
ٿيو اهو جيڪي مقدر ڪي وٽيو.

(٢٢)

شاعر جو بيان

مون ڏٺو هن جي اکين ۾ آب هو،
چوندي چوندي هن ڇڏي روڪي زبان،
هي سندس حسرت جو دردي باب هو.
عشق جو هردم هيس آڏو ڪتاب،
ٿئي ملبس بس عشق جو جنهن مان جواب.

ڪا ٻاڪ وسريو وڇوڙي جو خيال،
ياد ايندي ئي ويهڻ ٿي پيو وبال!

(١٧)

دل ۾ پيدا ٿيو نئين سر پيچ و تاب،
مون وجهي ساجن جي چانئٺ ڪي چميو،
الوداع بس ويو ڪري شرم و حجاب.
ٿيو حيا دلبر جو شوخيءَ ۾ عيان،
مون چيو، "تون ئي ڪٽي چؤ ڇا ڪيان؟"

(١٨)

قرب مان تو جي مکيون چوريءَ چنيون،
جن ۾ اُلفت جو هيو راز و نياز،
سي ڪيون مون ساهه پنهنجي ڪان منيون.
هئي سنڌ ۽ صحبت جي هينئڙي ۾ اُڪير،
ننهنجي در آيس تڏهن سهٽا سڏ ير!

(١٩)

بيار ۾ منهنجي ڏسي دل بي قرار،
ٻانڻ مونکي پنهنجو هن سونپي ڇڏيو،
هن جون ٻانهون ٿيون ڳلي منهنجي جو هار.
ڏاڪ ۾ هئي چپ هٽي وئي قضا،
جنهن ڪري آخر ڇڏيو هن ڪان جدا.

خط بهتو، جنهن ڪـي لڪڻي اڄ پريا سترهن
ال ٿيا. ۷ فبروري ۱۹۴۵ سکر سينٽرل جيـل ۾
ها ڪهاڻي لکي هيم. ٻاهر اچي دوستن کي ڏيکاري
ڏايم ۽ ائين ڏٺائيندي هيڏو عرصو گـذري ويـو.
يءَ ڪهاڻي هن کان اڳ نہ ڪنهن اخبار ۾ پڌري
ي نکي ڪنهن ڪتاب ۾ ئي ڇپي. ڪٽي چٽجي
، واکهي واءِ ٿنهنجي منهنجي ڪنٽين ئي پيٽي
وندي. ڪهڻن ئي دوستن جا خط آيا تہ اِها ڪهاڻي
يکر ڇپائجي، پر خيال ڇيو نہ ڪيو. اڄ هيترن
رهين جي ساندڻ کان پوءِ نہ رڳو ڪن ڳاڻ ڳڻين
وستن احبابن جي لاءِ هيءَ ڪهاڻي ڇپايان ٿو،
ـ اُنهن دوستن ۽ پيارن لاءِ پـڻ پڌري ڪري

(٢٣)

عشق هن جـي زندگيءَ جـو راز هو،
جنهن ۾ ئي هن جي سمايل هئي نجات،
حسن هن جـي روح جـو آواز هـو.
درد شاهد هـو تـہ هـو مهجور هو،
دل کنان، معذور هـو مجبور هو.

(٢۴)

شمع کي جيئن ٿا اچي پوپٽ جلن،
هجر ۾ گل جي روئن ٿيون بلبليون،
ساهہ پنهنجي کان ٿا هٿ پنڊرا پلن.
جيئن فدا سر چند تان چڪور ڪري،
تيئن بنا معشوق جـــي عاشق مري.

(٢٥)

ٿي اُٿي پيدا ٿئي قربانيءَ جي لاڳ،
رهبري جنهن جي ڪري ٿي مست دل،
ٿي ٻري اُت عشق جي خاموش آگ.
تو دکايل! سو ئي منزل تي رسي،
جو مجازيءَ کـــي حقيقت ۾ ٻسي.

خط پهتو

تنهنجو خط پهتو مگر مان ڇا لکان ؟
سوال ٿو هر هر اهو دل کان پڇان .
چوٽ کائي ٿي جڏهن دل کي رسي ،
ٿو تڏهن پيدا برابر درد ٿئي .
درد-دل جو تون به ٿي آهين شڪار ،
ٿي ڪري تنهنجي تڏهن اڄ دل پڪار .
درد سان رشتو ڳنڍي گهارڻ ڏکيو ،
سور سانڍي پاڻ کي ڳارڻ ڏکيو .
هيءَ شڪايت ناهه دل وارن جو شان ،
دانهن ڪمزوريءَ جو آ ظاهر نشان .
قرب جي ڏيکاري مونکي رسم و راهه ،
ٿي گهرين ثابت ڪرڻ منهنجو گناهه ؟

رهيو آهيان، جن جي کنن تي کڏهن هن کهاڻيءَ جو پڙلاءُ به ڪين پيو هوندو. اُميد اٿم ته هيءَ کهاڻي گهڻن کي ئي پنهنجي کهاڻي ٿي لڳندي. جيتوڻيڪ آهي ڪنهن اوچتي جذبي جي تخليق. ڏسان ته گهڻا دردوند هن کهاڻيءَ کي ڳائي پنهنجو من هلڪو ڪن ٿا.

تنهنجي فطرت ۾ ڀريل جذبات آهه،
جنهن کان خود مجبور عورت ذات آهه.
تو ۾ سامهون ٿي ڇٽڻ جي دل ڪٿي؛
سمجهه توکي مهل سر نٿي سات ڏي؟

جوش ۾ غلطي ڪرين ٿي بار بار،
تنهنجي ڪمزوري آ عالم آشڪار.
تـو ليئو پـائي وڏي غلطي ڪئي،
مرڪ هڪڙيءَ تي ڇڏيءَ بس دل ڏئي!

حرص محبت جو جئين وڌندو رهيو،
شوق صحبت جو تئين وڌندو رهيو.
تـــو ائين پاجي وساريو پاڻ کي،
ڄاڻ خود کوهي ڇڏيو ڄڻ ڄاڻ کي!

پنهنجي مقصد ۾ نه پر ٿينءَ ڪامياب؛
پورو سو تنهنجو نه ٿيو سونهري خواب.
منهنجي دل جيڪس هان تون حاصل ڪرين،
هڏ نه هي الزام هان مونتي ڌرين.

سچ چوان ڪوڙو نه جي توکي لڳي،
تنهنجي دل ئي ٿي فقط توکي ٺڳي.
تون لڪين ٿي، تنهنجي شاديءَ جو وڳو،
غم سبب ڄڻ ٿلي ڪفن توکي لڳو!

بي رُخيءَ منهنجيءَ کي تون سمجهي قصور،
ٿي سزا مونکي ڏيڻ چاهين ضرور.
جج ۽ فريادي جي بيٺي آسمان!
ظلم هي ناهي تڏهن ٻيو ڇا چوان.
بار پنهنجي دل جو لاهڻ ٿي گهرين،
فڪر پر منهنجو وڌائڻ ٿي گهرين.
وهڪ ۾ جذبات جي وهندي نه وڃ،
بي سبب جيڪي اچئي چوندي نه وڃ.
هونءَ نه مان آهيان گهٽوئي عيبدار،
پر ڪٿين تنهنجي نه مون هڪڙي ميار.
عيب هرڪو آهه تو مون مان ڪڍيو،
ڪين ڪنهن الزام کان وانجهو رکيو.
بي وفا جو نئو ڏنو مونکي خطاب،
مان ڀلا اُنجو ڏيان ڪهڙو جواب؟
تنهنجي نظرن ۾ مان ظالم، سنگدل؛
نيچ، ڪانئر، بي حيا ۽ تنگدل!
ڪاش تون، پيئين نه ها انسان سان،
ڏين رڳو تشبيهه ها حيوان سان.
ڏوهه هن ۾ توکي مان ڏيندس نه مور،
هي نه تنهنجي جنس جو آهي قصور.

مون بنا تنهنجي ٿئي جاڳي آنڊ مانڊ،
اڄ ويئي ڪيڏانهن سا، ساڳي آنڊ مانڊ؟
ڇو نہ ٿي ڪولي لڪيءَ سڀ روبڪار،
مونسان تنهنجو هو نہ بس خودغرض پيار؟
پيار آڪ جي ناهہ ماڪي لاهڻي،
سينگ مڪڙ جي پڇائي ڪائڻي!
پيار پنهنجو رنگ بدلائي نٿو،
سور سهندي ڍنگ بدلائي نٿو.
جي اگر مامعي وهيڻو پيار آهہ،
پيار ناهي پر اهو واپار آهہ.
سون جي ڪا هام جي هٽندو پتل،
باهہ جو خطرو نہ سو ڪٽندو پتل.
ٽئو نہ هڪڙو آگ جو سهندو پتل،
مامعو لاهي بس وچي رهندو پتل!
ڪا خوشامد پيار کي درڪار ناهہ،
پر حقيقي پيار آخر پيار آهہ.
تنهنجي نظرن ۾ ڀلي مغرور مان،
پر حقيقت جي اکيان معذور مان.
تون لکين ٿي، تنهنجي شاديءَ جو سٽي،
منهنجي دل پاڇي نہ ڪو پٽڪو پٽي.

سون جي گهٽن وچون بڻجي ڏنگيو،
ڪيڏو تنهنجي دل کي ٽُٽي بي چين ڪيو؟
شادي منڊپ تنهنجي لءِ شمشان هو،
هي سڄو سنسار جڻ سنسان هو!
ترس! دل ڪيتو ڇڏي ويندءِ نهي،
ڏيري ڏيري خفت هي ويندءِ لهي.
چار ڏينهن کي خبر جا گذرڻ ته ڏي،
وقت کي ٿورو گهٽو نبرڻ ته ڏي.
وقت مدت جا ٿو ڦٽ ميڙيو ڇڏي،
ٿو ڇوي چوٽيءَ چڙهي واڪي وڏي.
چار ڏينهن اڳ تنهنجو مونسان پيار هو،
هر ادا منهنجيءَ ٿي تنهنجو آر هو.
وقت پيو الفت ڦري نفرت بڻي،
چو نه پوءِ ساڳيو هجان مان سؤ ڪٽي.
ڪالهه تاءِ هوس تنهنجي جان مان،
اڄ دنيا جو بدترين انسان مان.
ڪالهه تاءِ آءٌ تنهنجو ڇا نه هوس،
هوس جيڪي هوس سڀڪجهه مان نه هوس.
تنهنجي نيڻن جو اُجالو نور هوس،
مان هزارن ۾ رڳو منظور هوس.

تون نٿي ڄاڻين تہ منھنجي زندگي،
زندگيءَ ڏاران ھلي ٿـــي زندگي.
مرڪ، جنھن ۾ تـو ڏٺـو ٽڙندو بھار،
سؤ دفعا جنھن تي ڪئي تو دل نثار.
توکي ڪھڙي بي خبر! ڪَـرَ درد جي،
مرڪ ۾ ٻيي آھہ ڪا ڄـر درد جي.
تون نٿي ڄاڻين تہ ھي منھنجون اکيون،
پنھنجي پلڪن ۾ جي تو سانڍي رکيون.
تن اکين جي تہ ــہ ۾ ڪو غم جو اٿاھہ،
تو تڪر ماري ڪنارن سان درياھہ.
ھو حياتيءَ ۾ نہ منھنجي چرچ ڪو،
رشڪ ٿـي تـوکـي الائي ڇـوءِ ڇو؟
منھنجو تو ظاھر ڏٺو رنگين مزاج،
جـو حقيقت ۾ ھيو غمگين مـزاج.
مون چيو جيڪي اُھـو تحقيق ڄاڻ،
مان جئين آھيان تئين مونکي سڃاڻ.
منھنجي ھستي ايتري ناھي بري،
جيتري ظاھر تـو ڄاڻائڻ گھري.
نرم دل ايذي نـہ ٻـي شايد ھجي،
جو سندءِ لڙڪن جو ڪو تاثير ٿئي.

چهري مان ظاهر نہ ڪو ارمان هو،
رنج جو هلڪو نہ ڪو نيشان هو.
چال منهنجيءَ ۾ هئي مستي هزار،
مرڪ ۾ ساڳي هئي رنگين بهار.
زيب زينت ۾ نہ ڪوئي فرق پيو؛
هئي چمڪ نيڻن ۾ ساڳيو هو نشو!
تو ڏٺو منهنجي اکين ۾ هو فتور،
چال ۾ مستي ۽ مستيءَ ۾ غرور!
ڪنهن خوشيءَ ڪان منهنجي دل هئي باغ باغ،
هو مٿي آڪاس تي منهنجو دماغ.
گفتگوءَ ۾ منهنجي تو گرمي ڏٺي،
منهنجي ٿهڪن ۾ ٿئي بي رحمي ڏٺي.
هئي سندم هر لفظ مان ٿُندي عيانُ،
جنهن جو تو جلندي ڪيو آهي بيان!
صبر تنهنجي دل کي اچ آهي ڪٿي،
پنهنجي ماري جو ڪٿي ٻئي جي ٻڌي.
پوت خيالي سر تان هيڪر هيٺ لاهہ،
سون ورني شيءِ نہ هرڪا سون آهہ.
زندگي منهنجي اُها ساڳي اڃا،
فرق پيو آهي ڪٿي؟ جو مان ميان!

توکي دل وارا کپن بهتر غلام،
تنهنجي در تي دائما ڪن جي سلام.
تون هميشه شير تي آهين سوار،
توکي جيئرو جاڳندو کپي شڪار.
سرڪشي تنهنجي اڳيان ڀاري گناهه،
شل نه ٿئي ڪنهن کان هي هڪواري گناهه.
تون رکين ٿي پنهنجي مٿ ۾ تيسين بند،
ڪين حرڪت قلب جي ٿئي جيسين بند.
تنهنجو رنگ ۽ ڍنگ آهي ڏيکدار،
ٿو تڏهن سولو اچي ڦاسي شڪار.
توکي اختياريءَ جو ڏاڍو مرض آهه،
تنهنجي دل ايڏو تڏهن خود غرض آهه.
جي ڀوي اختيار ۾ ٿوري ڪسر،
تون ڪري برپا ڇڏين ٿي ڇا حشر.
شل نه لاپرواهه ٿئي ڪو بدنصيب،
تنهنجي هٿ مان هڏ نه سو ڇٽندو غريب.
هر هنر سان ٿي جهلي قابو رکين،
ڪين ٿي ڪا راهه نڪرڻ جي ڇڏين.
تنهنجو ڪنهن سان پيار تيسين ڪين ٿئي،
جيسين هو اختيار ٻورو ڪين ڏئي.

نرم هئي البت ڪڏهن هيءَ دل، مگر،
ٿي زماني جي جبر کان سخت تر.
تو ڪئي الفت انهيءَ انسان سان،
پيار کي دوکو ٿو سمجهي جو اجان.
تو حياتيءَ جي ڪئي دولت نذر،
زندگيءَ جي تو ڪئي راحت نذر.
تو ڪئي جنهن چين جي مون وٽ تلاش،
غم نه ٿئي ها، جي ملي ها توکي ڪاش!
تو پٿر پيڙي ڪڍڻ پاڻي گهريو،
ڪين تنهنجي دل ۾ ٿئي سڀ ڪجهه هريو.
تنهنجي بي صبري به هڪڙو راز آهه،
جنهنجو حاصل خير مونکي نياز آهه.
تون انهيءَ حڪمت جو آهين شاهڪار،
جنهن جو غلبو ڪُل دنيا تي آ شڪار.
تون حڪومت ٿي سدا چاهين وسيع،
جئين رهي ٿي هرڪا دل تنهنجي مُطيع.
عمر سان گڏ حرص ٿو وڌندو رهي،
توري پيي کا روڪ جو ٿي دل سهي.
سلطنت شاهيءَ جي آ تنهنجي نظر،
آهه جنهن کان دل جي دنيا بي خبر؟

ٽون ٻه ٻڌ! منهنجي حماقت جو قصو،
ٻيل سڌي ڪو هن کي محبت جو قصو.

مون ڏٺو هن کي جڏهن ڪمسن هئي،
مونتي ٻين کان هوءَ گهڻو پرسن هئي.

اڃ ٽڙيل مکڙي اڃا ٿي هئي نه گل،
جو سگهندڙ کان ٻئجي ويو هرجاءِ هل.

واس لاءِ ڀئنرا ڪئنا ٿيا بي شمار،
سؤ دفعا سي جان گهورڻ لاءِ تيار.

هٿ اچا گل کي نه ٻنهنجي جاڻ هئي،
هِٿ مڇي ويئي وڏي ڇڪتاڻ هئي.

بس سؤن ۾ هوس مان هڪڙو جڻو،
جنهن کي هن جو قرب هو حاصل گهڻو.

پيار هو هن جو مگر معصوم پيار،
منهنجي دل کي جو ڪندو هو بي قرار.

منهنجي لاءِ هي پيار هڪڙو راز هو،
هو سهڻين آواز بي آواز هو.

هن جي محبت مان ملي ٿو ڪو سرور،
ايترو محسوس ٿيندو هو ضرور.

ڏيري ڏيري زور دل جو چاهه ٿيو،
گهر سندس مون لاءِ زيارتگاهه ٿيو.

آهه عورت سان پڇڻ بي حد محال،
اڻ ڳهه اڻڪائي ٿيو ڳنهڻو ڄڻ وبال.
مونتي اڄ جي آهه ڪو غيظ و غضب،
بس، بغاوت جو فقط آهي سبب.
تنهنجي نفرت تنهنجي هيءَ بي حد ڌڪار،
ٿي سڀاڳي دل جي حقيقي روبڪار.
دل ۾ تنهنجي آهه گڏ غم سان غصو،
ٿو جلائي جو رڳي هيڪر جسو.
توکي ڪاوڙ جي ضرورت ڪين آهه،
مونکي ڪنهن ڪان خاص نفرت ڪين آهه.
تون بلاشڪ ٿي سگهين مونکان پڇي،
مرڪندو ڇو هوس مان توکي ڏسي؟
تنهنجي نيڻن ۾ جڏهن چاندو هو پيار،
مونکي ڪلهه ايندي هئي بي اختيار.
مرڪ منهنجيءَ کي تو سمجهيو پيار ٿئي،
پيار تنهنجي کي مون ڄاتو ڄار ٿئي.
جيڪڏهن مونکان حقيقت ڪو پڇي،
ٻاڻ تو ڌوکو ڏنو خود ٻاڻ کي.
ڪنهن سمي خود مون به کاڌو هو فريب،
پيار واريءَ قلبنديءَ جو صاف ريب.

هن طرح الفت جي ٿي جا ابتدا،
اڳتي ٻڌ، اُنجي ٿي ڪهڙي انتها.
پيار جي چقمق جهاڙي سوگهو ڪيو،
عشق آيو علم ۾ رخنو پيو.
ورق اٿلائڻ ويا وسري شتاب،
بار ٿي پيا جان تي جنسي ڪتاب.
وقت جا پاڇا جئين لڙندا ويا،
زور محبت جا نشا چڙهندا ويا.
منهنجي تصور ۾ جي ڪا صورت هئي،
مهلڪا جي دل گهري مورت هئي.
بي قراري هئي نه هڪ طرفي نه هئي،
انتظاري هئي نه هڪ طرفي نه هئي.
مون بنا هن جي نه ٿي ساعت سَري،
ٿئي ورهيه ٽيس وِرهه جي هرڪا گهڙي.
جي وڇڻ ۾ وير ڪا پوندي هئي،
در جهلي بيهندي هئي، چوندي هئي.
جنّن بنا پاڻيءَ مڇيءَ جو آهه حال،
تو بنا منهنجو جياپو ٿيڻ محال!
جي هجي ها تنهنجو ڪجهه مون ساڻ پيار،
ڇو پوي ڪڍڻو ها هيڏو انتظار!

مونکي ڏسندي خاڪ ٿيندا ها رقيب،
جن جي نظرن ۾ هيس مان خوش نصيب.
ڪنهن سمي مونکي وڃڻ ۾ ٿي اَوير،
منهنجي گهر آئي، ڀري هوءِ پاڻ ڀير!
مون جُهڪي ڪجهه پڙڪندي ويٺي لڪيو،
هن اچي منهنجي ڪلهي ٿي هٿ رکيو.
چرڪ ماري منهن ورائي مون ڏٺو،
مون ڏٺــو جيڪي لڳو ڏاڍو مٺو.
هن نهاريو منهنجي دل ٿي ٺار پيا،
نيڻ نيڻن سان مليي بس چار ٿيا.
ماٺ هنجي من جو هو خاصو بيانُ،
هن جي چهري مان شڪايت هئي عيانُ.
مان ڏوهاري هوس لاشڪ هن اڳيان،
مون چيو، "سرڪار! معافي ٿو وٺان.
هن کان پوءِ اهڙي خطا ٿيندي نه مور،
وقت سر ٿيندس اچي حاضر حضور!"
بس خوشيءَ کان هن جو منهن ٻهڪي اُٿيو،
جڻ چمن ۾ گل خندانُ ٽهڪي اُٿيو.
تجربو اڄ منهنجي لءِ هي خاص هو،
هن جي دل جي پاڻ جو لاهي پتو.

اوچتي سر تي مصيبت ٿي سوار،
ٿيس زماني جي مان گردش جو شڪار.
مون سان اهڙي ڪار ڪا قسمت ڪئي،
جو رهيل تعليم پڻ ڇڏڻي پئي.
حادثن جون آيون ڪي اهڙيون گهڙيون،
جو منهجي زنجير جون پيئون ڪڙيون.
هيڪلي ڪاٿي مصيبت ٿي اچي،
پر بلائون ٻيون پٺيان سوَ ٿي ٻڇي!
دل اڃا پورو پَٽيو هو ڪين دم،
جو مٿان ڪڙڪيو اچي ٻيو رنج و غم!
پنهنجي دل سان منهنجي دل
جنهن هڻي گڏي،
تنهن به سيني مان ڪڍي اُڇلي ڇڏي!
رخ ڏسي هنجو ڪنبي ويو منهنجو ساهه،
درد جاڳيو منهنجي دل جو بي پناهه.
مون ڏنو هن مون کان منهن ڦيري ڇڏيو،
جاءِ منهنجيءَ تي ڪو ٻيو هيري ڇڏيو.
شهر جو مشهور دولتمند هو؛
جو سندس آخر وڃي خاوند ٿيو.
دل نه هن کان پئي ملي هوندس، مگر؛
سون چانديءَ سان ڊڪيل ڪارو پٿر.

اهڙا ڏوراپا جڏهن ڏيندي هئي،
ڪتڪتائي ڪا مٺي ٿيندي هئي.
ڏينهن قربت جا ويا جيئن بيتندا،
پيچ پختا پريت جا ويا پيچندا!

جئين هوائون ٿئي محبت جون گهليون،
پيار جي جهرڻي جون ٿئي ڇوليون ڇليون.
پيار هو هڪ ٻئي سان، جاني پيار هو،
ڪين ترڪائو زباني پيار هو.

پيار جي گهري نديءَ جي وهڪ ۾،
ٿئي ترِيا هينئڙا خوشيءَ جي وهڪ ۾.
اوچتي وهندي ندي ميدان ۾،
پهتي هڪڙي ڏينهن ريگستان ۾.

رفته رفته ٿيندو ويو پاڻي ختم،
ٿي ويئي آخر ندي واريءَ ۾ گم!
مون بنا اڄ ڪا دنيا جاڳي نئي،
ڪنهن سمي هت پي ڪا وهندڙ هئي ندي.

منهنجي نظرن ۾ جو، هو سونو سچو؛
ڪسوٽيءَ ثابت ڪيو ڪوڙو ڪچو!
جوڙي آهي، وقت آهي بادشا،
ڪالهه هو جو شاهه اڄ آهي گدا!

’اڌوري ڪهاڻي‘ نالي ڪري اڌوري ڪهاڻي
ندي، پر ڏسبو ڪري تہ پاڻ ۾ پوري ڪهاڻي
ي. قلم هلندي هلندي روڪجي ويو ۽ مون
سندس خيال رکي ڪري ڪهاڻيءَ کي پورو ڪيو.
ر نہ آهي تہ هن اڌوري ڪهاڻيءَ جو ٻيو باب
ڏهن ڪاغذ تي ايندو بہ يا نہ! مڙيوئي من جون
ون آهن ۽ آهن اُنهن لهرين جا اُترا چڙهاءُ.
ڪانگي يا هڪ طرفيون اڇلون آهن. چوڻ وارو
پاڻ تہ ٻڌڻ وارو بہ پاڻ؛ پاڻ سان ئي آهن
هيون ڪرڻيون؛ جن ڪي کو چبھ يا چيڙو
ي ئي ڪين. ٻيو لکہ ۽ گاء. خوشي ٿيندي
ڪڏهن ڪو ٻيو بہ هن اڌوري ڪهاڻي ڳاڻ ۾
ت ڏيندو ۽ سر ملائيندو.

هن وساريو، مون کان پر وسري نٿي،
ياد هنجي دل منجهان نڪري نٿي.
پيار جو ناٽڪ ٿيو يا تحقيق ٿيو،
منهنجي لءِ ٿيو جيڪي بلڪل ٺيڪ ٿيو.
مون ٻڌايو لوڪي پنهنجو داستان،
هن کان پوءِ پڇي ڇا اڃا ٻيو ڪجهه لڪان؟
پيار جنهن ۾ عام جو ناهي حصو،
پيار اهڙي کي دڪايل! ڇا ڪبو.

هت نه جنما جنم ساڳي آهه ڪار،
ڳالهه اچ منهنجي نه ٿي ڪا اختيار.
دل ڏئي دانهن جي عادت ڪين آهه،
هونءَ به روئڻ ۾ ڪا مصلحت ڪين آهه.
تون به هيڪر پل نه مونکي آزماءِ،
جو هڄڻي ويهن نهن جو زور لاءِ.
پر نتيجي جو ذرا رکجانءِ ڌيان،
لوڪ لوئيندءِ ۽ آڻيندءِ گمان.
ڇا جو ڇا چوندءِ، ٻڌڻ لڳندءِ عبث،
چمن ۾ ويهڻ اُٿڻ لڳندءِ عبث.
دل وٺڻ سمجهين مٿان ڪا راند آهه،
هت وٺڻ کان ڏيڻ سندي هيڪاند آهه.
تنهن ڪري ٻڌ! پيرهن پڙ ۾ نه پاءِ،
وڃ وڃي ٻيو ڪو وسيلو آزماءِ.
عشق آهي نانگ تنهن کان پڇ پري،
پير-مرشد ساڻ ڪو يا اچ ڪري.
عقل جي ساٿي ڪري ايندينءَ هٿي،
ڪين سوپاري ڪڏهن ٿيندينءَ هٿي.
منهنجي ڳالهين تي خفا ٿيون ڪين ٿيءُ،
ڪاميابيءَ جو اٿئي هڏ ڏڳ نه هيءُ.

اڌوري ڪهاڻي

ڏس اِهي پلڪون نہ ڪڻ گهوري نہ ڏس،
ٿو هيئنئون دڪ دڪ ڪري ٿورو ترس!
هوند ڪا هڪڙي هجي جيڪر سهان،
چوٽ ٻي ٿو چوٽ ڪائيندو رهان.
دل سنڀالڻ ڏي، پلي پوء وار ڪر،
شوق سان پيدا نئون آزار ڪر.
تيرَ ابرن جا ٿي هردم کائي دل،
پر ڪڏهن پلجي نٿي ڏرمائي دل.
زخم ٿو هن کي ڪري راحت نصيب،
درد ۾ پائي ٿي ڪا لذت عجيب.
جي هجي هڪڙي جنم جو ڪو حساب،
پاڻ کي آئت ڏيان جيڪر جناب.

مونکي تنهنجي پاءُ پل صحبت ڪپي،
سا اَجهل، اَڙبنگ، چري محبت ڪپي.
ٿوت هردي ۾ وهي جنهن کان درياهہ،
ٿـرِ پوي ٿي تؤنس ماريل جو پساهہ.
مـرُ تہ نڪ تائين ٻڏان غوطہ اچن،
دم چڙهي، ٿم ٿم ڪري اکڙيون سـمـن.
هٿ هٽي، پاٺهي ڪنارو پائبو،
پر ٻڏي ويس جي نہ هـڏ پڇتائبو.
هينءَ ڪناري تي اُسڙڪي ساهہ ڏيان،
چو نہ تنهن کان سيـر ۾ لڙهندو رهان.
هوءَ وهي ۽ مان وهان، ڪل جَڳہ وهي،
ڪوبہ پياسو ڪيئن ڪناري تي رهي؟
جي انديشن کي ڪندو همراهہ ڪو،
ڪين پائي دل جو سگهندو ٿاهہ سو.
دل هجي ڳهوڙو، پنبيان ڳاڏي دماغ،
پوءِ پل ڳهـم شوق سان مسرت جو باغ.
تنهن ڪري اچ، ڏيون ٽپو مهراڻ ۾،
پاڻ کـــي پنهنجي سمايون پاڻ ۾.
لـوڪ لڄ وارو اهـــو اُچلي لباس،
ٿون رکو گڏجي هاڻ جي باس باسِ.

چار ۾ جيسين آچي بلبل قسي،
تيسين ماريءَ کي رکڻ تعمل کپي.
ڪم نہ بيءَ صورت ۾ ايندس ڪوڙڪو،
جان جو جنجال ٿيندس ڪوڙڪو.
تنهنڪري ايڏي اُتاول ڪين ڪر،
ڌار ڌيرج ۽ سنڀالي پير ڌر.
مان نٿو توکي چوان مونڌي نہ اچ،
اچ ڀلي، پر منهنجي بي صبريءَ کان بچ.
مونکي ديوانو ڪندو تنهنجو چهاءُ،
ڏين دنيا جو نڪو رهندو سماءُ.
وچ، هلي وچ، منهنجي ويجهو ڪين آءُ،
مان نٿون هٽندس نٿين سر ڪين داءُ.
پر وڃڻ کان اڳ ذرا مون ڏانهن نهار،
دل چوي ٿي هڪ دفعو ڪر نيڻ چار.
چا ڪريان عادت ڪنان مجبور دل،
ٿي هٽان نڪتي وڃي وهلور دل.
اچ! نہ مان توکي سمايان ساهہ ۾،
چار لڳندا چنڊ دل جي چاهہ ۾.
اچ اچي هن دل جو هيڪر حال پڇ،
جو اٿم ڀورو اچي ارمان ڪر.

ڪير جو تنهنجي ارادن کي لکي،
نيچي نظرن ۾ شرارت ٿي بکي.
زلف لهرائڻ اجايو بي سبب،
ٿا سلن تنهنجي نئين دل جي طلب.
ڇا ڪري سگهندس مگر بي زور مان
خلق ڪلندي جي ڪندس ڪو شور مان.
آرسيءَ تي ياڻ اُڇلي، منهن ڏسڻ؛
جڻ تہ پنهنجو پاڻ تي آهي ڪلڻ.
ڇو، اهي ڳالهيون نٿيون توکي وڻن؟
ڪيئن وڻن؛ طعنہ ٻڙيُن جو ٿيون هڻن!
ڇا ڪريان، مونکي بہ هي ناهي پسند،
پر ڪريان ڪيئن منهن انهن ڳالهين جو بند؟
ٿئي نہ جي ڪجھ، ڳالھ ئي پيدا نہ ٿئي،
ڪو ڇوي جيڪر نہ ڪنهنکي ڏوھ ڏئي.
مون چيو جيڪي، ٻڌ! دل ۾ نہ ڪر،
خوامخواھ بي فائدي آنهون نہ ڀر.
مون ڏنو آهي سَنو آهي گهٽو،
دل سهي سگهندي نہ هاڻي ڪو اٽو.
ڪنهنڪري تنهنجو مُڪياري آھ پيار،
ڏين نہ ڏين سو تنهنجي ئي آ اختيار.

مون کي توکان پيو نہ ڪجهہ گهرجي وڌيڪ ،
بس انهيءَ کان ڪين ڪجھ تون ڏي وڌيڪ .
تو ڏنو جي هي تہ مونکي ڪل مليو ،
بـي صبر دل کـي وڏو تحمل مليو .
دپ نہ عورت ذات کان ٿيندو اٿم ،
قياس پيي تن تي ڪڏهن ايندو اٿم .
پر انهيءَ هوندي بہ دل حيران آهہ ،
هن جي چيتڻ جو نہ ڪو امکان آهہ .
جاڻ هوندي پيي سدا اڻ جاڻ ٿي ،
ڪيئن نہ انڪائي دکايل ! پاڻ ٿي .
دل جو ٿي ؛ هن جو پلا ڪهڙو قصور ،
ڪجهہ نہ ڪجهہ ڏيندي سدا رهندي ضرور .
ڪاش ! تو وٽ پيي ڪا اهڙي دل هجي ،
جو نہ پوءِ مستن سندي محفل مچي .
هڪ حياڻي چا ، سوين هلنديون هلن ،
پوءِ بہ جيڪر ڪين سي پوريون پڄن .
ٿَڪ نہ ٿئي جي تون سڌو رستو وٺين ،
هينءَ اجايون خوامخواهہ گوهيون نہ ڏين .
اَک بچائي ، اَک اڙائڻ جو قصور ،
معاف منهنجي دل ڪري سگهندءِ نہ مور .

خير ڪو هڪ اڌ ويا پويان ڇڏي ،
پر سگهيو سو پي نہ مون سان دل گڏي !
پنهنجي ئي سڪ جو جتي هوندو خيال ،
پيار جو ڪهڙو اُتي رهندو سوال !
پيار جي ماندو ٿئي مطلب جو جٽيو ،
ڪين ڪم جنهن مان ڪڏهن ڪنهن جو ٻٽيو .
دل ٻُڪي رهندي سدا ٻڪ ٻڪ ڪري ،
ڪو هجي جو پيار سان هن کي پري .
پر شڪايت ڪرڻ هين؛ دل جو نہ وڙ ،
هوءِ ٿہ ڏيڻ ڏاران نہ ڪجھ جاڻي اُلڙ .
مر ٿہ ڏي ، مانگڻ بنا ڏيندي رهي ،
جڳ ٻرو ٿئي خود ڇڳي ٿيندي رهي .
پر ڀلائيءَ يا ٻرائيءَ جو جناب ،
ڪير آهي جو ڪندو پورو حساب .
ليڪہ ليکڻ سان جو ليکاريءَ لکيو ،
تنهن کي ميٽڻ ڪو اڃا ناهي سکيو .
بس اهوئي ٿو اچي هر هر خيال ،
غم غلط ڪر ، دل جو هي رنج و ملال .
جا گهڙي گذري نہ تنهن کي ياد ڪر ،
حال لوچي دل اُجڙ آباد ڪر .

کير پئندي جنهن جا چپ هوندا ڄليا،
سو ٻنا ڦـوڪڻ لسي پئندو پلا؟
هڪ دفعو ئي آزمائيندو ضرور،
خاطريءَ ڌاران ڪڏهن پئندو نه مور.
ڪيئن چوان امرت وسائڻ ٿي گهرين،
يا زهر قاتل سان مارڻ ٿي گهرين.
تـون ٻڌي ڪر ڳالهه هن جـو فيصلو،
ڪيترو رهندس اجا مان ويسلو؟
پر ٻڌءِ! توکي ڇڏي سگهندس نه مان،
پـوءِ ڪٽي اوڙاهه اونهي ۾ ڪران.
عشق ۽ ڳڻ ٿور! هي ڪهڙو حساب!
ٻاڏهي مان پاڻ کي ڏيندس جواب.
تون هلي اچ، منهنجي نيڻن ۾ ٿي ويهه،
جئين ڏسي توکي نه بيگانن جو ڏيهه.
مان اڪيلو آهيان هن سنسار ۾،
ڪو رهيو ناهي سندم گهر ٻار ۾.
جن جٽيو سي ويا هليا ڇورو ڪري،
منهنجو هردو بيار ريءَ ٻورو ڪري.
ڪو ڇڏي ويا ڪين، جو هينئڙو ڀري،
ڌڙڪندڙ دل ٿي ڪڏهن هنئڙو ڏري،

سڀ وٽي ٿو پر جي سالم پيار آهه،
زندگيءَ لءِ پيار جڻ اسرار آهه.
دل جي برپٽ کي بڻائي بوستان،
ٿو ڪري خود خار کي پڻ گل خندان.
تنهنڪري اڄ اهڙي ڪيميائي ڪريون،
رنگ کي بي رنگ جيون ۾ ڀريون.
ٿئي صبح سونو ۽ سوني شام ٿئي،
رات روپيءَ کان عطا خوش جام ٿئي.
تون هجين مون سان ۽ مان توسان هجان،
تو بنا ڀيو ڪجهه نه دنيا ۾ ڏسان.
راڳ منهنجي جو بڻي پرلاءُ تون،
نت ڀرين منهنجي ڪلا ۾ ڀاوُ تون.
منهنجي نيڻن ۾ ڦرين تصوير ٿي،
منهنجي خوابن جي رهين تعبير ٿي.
جي ڏسان هت هُت رهو توکي ڏسان،
جاڳندي يا ننڊ ۾ توکي پسان.
پنهنجي گيتن جي مان ليءِ توکي ڪريان،
جان جڳن، بي جان جيون ۾ ڀريان.
زندگيءَ جو راڳ اڄ ڳايون ملي،
مات ٿئي جڳين موت واري ڪاهلي.

زخم جي آهن، اُنهن ني نار وجهہ،
رک ماٺ ڪن ني، نہ دِل بيڪار وجهہ.
پنهنجي هٿ سان ڇو ڏکائين پاڻ کي،
خوامخواهہ وينو ستائين پاڻ کي!
اهڙيون ئي ڳالهيون ٻڌيندو تو رهان،
دم دلاسا دل کي ڏيندو تو رهان.
ڇا ڪريان جڳ ۾ اڃا جيئڻو اٿم،
پاڻ وٽ آهي جو ڪجهہ ڏيڻو اٿم.
پيار جي منزل هجي مشڪل ڀلي،
پهچبو مقصد تي پر آخر هلي.
پيار ڌاران زندگي جڻ بار آهہ،
خوش حياتي آهہ پر جي پيار آهہ.
پيار جيئڻ موت جو ميٺي حساب،
لازواليءَ جو پڙهائي ٿو ڪتاب.
پيار آهي منهنجي لءِ آبِ حيات،
پيار پيو ڪجهہ ناهہ پر هڪ پاڪ ذات.
آهہ ڪو وٽ جي ڪو اهڙو پيار ڏي.
آسرو نہ نہ ڪين ڪي بيڪار ڏي.
پيار جي هڪ ڌار جون ڌاريون سوين،
خصلتون، خوبيون، خوشيون، خواريون سوين.

ٻئي جي محنت تي اڏيندا سين نہ گهر،
کائيندا سين پر ونڌي ورچي ٽڪر.
چو؟ ڏکي ٽوڪي لڳي هيءَ راهہ تي،
هيٺن تہ ڏيندين؟ طعنہ بازن کي هٿي.
لوڪ ڪالندو ٽنهنجي منهنجي پيار تي،
اوچتي هن بي سبب انڪار تي!
مون تہ هڪڙي ئي نظر ۾ دل ڏني،
تون وچين ٿي ڪن ۾ پر سيڪجهہ چني.
خير لڳندي ڪانہ ميندي زور جي؛
هون؟ بہ رئندي ماءُ ڪنڊ ۾ چور جي!
تون چڏي ويندين؟ ڀلي چڏ، پر ٻڌءِ!
مونکي پنڪائڻ ريءَ چا پوندءِ ڀليءِ؟
گذرندي ڏکندي ڪٽي منهنجي گهڙي،
پر نہ ڪنهن جي ڪنهن بنا رهندي آڙي.
درد ٽاليندو مان رهندس دم بدم،
ٽوڪي پر چوندس نہ ڪجهہ، ٽنهنجو قسم.
ڀل رهي خوش باش ٽنهنجي زندگي،
منهنجي نيبهہ آهہ مون سان زندگي.
ڀل اڪيلو سوز فرقت ۾ سجهان،
بار پنهنجي غم جو چو ڪنهن تي وجهان.

جيئن پنيا اڳرا نہ ڏسجن ڏيهہ ۾،
سڀ ڀريا پڪيا هجن ساٽيهہ ۾.
بي اجهي، ننگو، بکيو، جاهل، اگهو،
ملڪ پنهنجي ۾ هجي هرگز نہ ڪو.
ڪو ڪسي زوريءَ نہ ڪنهن جو روزگار،
ڪين بندن ۾ هجي ملڪي وپار.
ڪو نہ ٻئي جي خون چوسڻ جي ڪري،
حق وٺي ۽ حق ڏئي ٻن ماري.
سرڳہ اهڙو ملڪ ۾ آڻيون ملي،
جت گذاري هرڪو جيئن خوش ٿي کلي.
ڪلپنا پنهنجي ائين ساڪار ٿئي،
مطلبي ڪنهن جو نہ ڪنهن سان پيار ٿئي.
تياڳہ، قرباني بہ ڀَرَ ٿين پيار جا،
جيئن سچا ماڻيون مزا سنسار جا.
اهڙو اچ سنسار کو گڏجي اڏيون،
جو اُيامن جا لَڏي ڇيلا ڇڏيون.
عيش ٻورهئي سان ٿو گڏ پيارو لڳي،
نہ تہ عياشي پاڻ کي جڻ ٿو ٺڳي.
عيش ماڻيندا سين ڏينا داسي،
پر ڪندا سين ڪين ڪجهہ چوريءَ ڇپي.

مهرباني فرمائي درست ڪري پڙهو

ح	سٽ	غلط	برابر
	۵	ٺيو تيار	تيار ٺيو
	۱۱	سلطان ٻٽيو	سلطان ٺيو
	۱۴	دربدر	سربسر
	۱	درد آنهن	گرم آنهن
	۲	روزانو ڪيو	دوزانو ڪيو
	۹	چڪور	چڪوو
۱	۴	ڪپي شڪار	گهرجي شڪار

Printed by Mellaram M. Vaswani, at the
Sunder Printing Press, Ajmer.

Published by Krishna Bhambhani Secretary Lok Sahitya
Prakashan Gandhidham, Adipur (Kutch)

پير تون ٻُڌُرا ڪري بلڪل نہ هل،
منهنجي طرفان گهارِ ٿي بي فڪر پل.
مر اڌوري هيءَ ڪهاڻي پيار جي،
ختم ٿئي هِت هُت پلي اُپٽار جي.
هار هرحالت ۾ ناهي عشق جي،
نامرادي سونهن آهي عشق جي.
عشق ڪنهن جي موت جو موٿاج ناهہ،
ڪيس بيءَ شاباس جي ڪا هاج ناهہ.
عشق نِت جنهن دل دکايل ۾ رهي،
سا نہ پيو در ٿي ڪڏهن پاڇي ٻَهي!

قومي للكار

اسانجا ٻه اکر

راشٽريه ڪوي 'دڪايل' جا قومي گيت، سنڌ ۾
ڳائجندا رهيا. ليڪن سنڌي انهن گيتن کي پنهنجو ڪري
سمجهندا هئا ۽ انهيءَ ڪري اهي 'لوڪ-گيت' بڻيا.
تن بهترين اهي گيت گڏ ڪري سنگيت-ڦول ۾
۱۹ ۾ ڇپايا ويا. هن ڪتاب جو ٻيو ڇاپو وري ۱۹۴۶ ۾
ڪيتو. انهيءَ ڪانپوءِ ڇئن ٻين ننڍن وڏن ڪتابن ۾ سندس
ديش پريم بابت ڪجهه رچنائون ڇپيون.

هندستان جي آزادي آئي ته سهين، پر ساڻ ساڻ
ڪي ورهاڱو ڪٺي آئي! انهيءَ ڪانپوءِ ڪويءَ جي قلم
ي ڪلام روئي ڏنو. اج انهيءَ روڏن ۽ سڏڪن وچ
ڪي سُرَ هن ٻڌايا آهن، اهي هندستان جي ڪنڊ ڪڙڇ
وسندڙ سنڌي، هندي جڳت لاءِ اوپرا ۽ انڀسچال
ين آهن. ڪوي دڪايل جي قومي للڪار اج به انساه
سندڙ آهي، جيترو آزاديءَ جي لڙائيءَ وقت هند ڀاڄو
ي هزارن ۽ لکن سنڌواسين ۾ جان ڦوڪيندي رهي.
لوڪ ساهت ارڪاشن گانڌي ڀڏام" وارن جي اها ڏارڊسمت
دش هئي ته ڪوي دڪايل جا قومي گيت، جيڪي
ديءَ جي اتهاس جي هڪ ڪڙي آهن، اهي گڏ ڪري
ڪ ني ٻستڪ ۾ آڻي، عام جي هٿن ۾ ڏيون ۽ اج اسانجي

بندوقن منجهان چئن گولين ڪاڻي زخمي ٿيو. جن
ين شڪارپور جي نوجوان شري مينگهراج ڳلا لوڙ ي
راچيءَ جي مرهٽي هوو ٺهار شري دلاڙيه کي شهيد بڻايو.
هن قربانيءَ جو سڌ سڌي سنڌ جو سورهيه وديارٿي
ي هيمون ڪالاڻي ڦاسيءَ تي لٽڪي ويو.

آشا آهي ته 'قومي للڪار' اسانکي اڄ به ديش
آزاديءَ جي رکيا خاطر، مري مٽجڻ لاءِ تيار ڪندي
ندي.

ور (ڪڇ)
اپريل ١٩٤٣

— ڪرشنا

أها آشا پوري ٿي رهي آهي، هن 'قومي للڪار' جي
پڌري ٿيڻ سان. اميد ته هيءَ اِلهاڪ 'سنگيت-ڪتا
ٻالڪن کي ديش جي آزاديءَ واري لڙائيءَ جي ڏينهن
جون گهڻن ئي پراڻيون ڳالهيون ۽ وسريل واقعا وري ياد
ڏياريندي. خاص ڪري اڄ جڏهن ديش چيني حملي
ڪري بي چين آهي. سچ ته هن وقت ملڪ کي قومي
ايڪتا لوڙي اُتساهه جي ازحد ضرورت آهي. گانڌيجيءَ
جيڪو ستياگرهه جو هٿيار، ڀارت وسيلي دنيا کي ڏنو
اڄ اسانکي انهيءَ هٿيار جي جان تان گهڻي گهرج آهي
انهيءَ اهنسڪ ستياگرهه ڀارتين ۾ جيڪا قربانيءَ جي
طاقت پيدا ڪئي هئي، هڪ ڀيرو انهيءَ قربانيءَ جي
آزمايش وري ٿيڻي آهي. ٻڪ آهي ته ملڪ انهيءَ گهڙيءَ
لاءِ تيار رهندو. هونءَ ته جدا جدا ملڪن ۾، اڄوڪن
خونيءَ ۽ وناشڪاري هٿيارن جي هلندڙ هوڏ يا چٽاڀيٽي
آخر سيني کي ٿڪائيندي. انهيءَ وقت ڌرين جي وچ
پيدا ٿيل مشڪل مسئلن لوڙي لڪرارن کي ختم ڪرڻ
خاطر، اڄي ٻوءِ گانڌيءَ واري، هڪ ٻئي کي سمجهڻ
لوڙي سمجهائڻ لاءِ اهنسڪ ستياگرهه واري واٽ ئي ڪم
اچڻي آهي.

اچو ته اسين انهيءَ بليدان جي سڌ لاءِ هاڻي ئي پان
کي تيار ڪرڻ شروع ڪريون، جڏهن بليدان جو سڌ سڏي
سنڌ جو سپوت شري جئرامداس دولترام ڪراچي پوليس

فهرست

مهرباني فرمائي درست ڪري پڙهو

صفحو	سٽ	غلط	برابر
٢٩	٢	وجهي مٿل ملڪ	وجهي ٿي مٿل مل
٣٨	٣	لات پاپوش	لات جو پاپوش
٥٢	٥	آزادي پٽلي	آزادگي پٽلي
٦٩	١٣	جاڳي اٿو	ساڳي اٿو
٧٦	٧	ويندو نه	ويندو نه
١٠٢	٥	سختيون نه سهنداسون	سختيون سهنداسون
١٢٣	٤	وڏو لو وِير	وڏو لو وير
١٥٥	١١	ووٽ لنهنجو	ووٽ ۾ لنهنجو
١٦٧	٩	ٻيري ڳڏهه	ٻيري ۽ ڳڏهه
١٨٦	٤	هيءَ درد واري	هيءَ دردن واري
٢٧٣	١٦	ذات پات جو	ذات ۽ پات جو
٢٨١	١١	چڙهيو آهيان	چڙهندو آهيان
٣٠٢	١٨	وندهه	اوندهه

Printed by Mellaram M. Vaswani, at the
Sunder Printing Press, Ajmer.
&
Published by Krishna Bhambhani Secretary Lok Sahitya
Prakashan Gandhidham, Adipur (Kutch)

ننڍڙوئي هوس، جو ڳائڻ جو شوق هو. پتا شري
ڪي ليلا رام صاحبن وٽ صبح شام ستسنگ ٿيندو
و. اوطاق ۾ ڪو نه ڪو ڳائيندڙ فقير رهيو ئي پيو هوندو
و. شام صبح جو ڪيرتن ۽ آئي وئي جي راڳ جون
ڦڙون منهنجي لاءِ اُنساه جو ڪارڻ بڻيون ۽ مون به
ڻ توڙي چوڻ شروع ڪيو. لکڻ جي اوائلي بريرنا
تن سالن جي عمر ۾ پوڄيه پتا صاحب توڙي اُستاد
بيوس ۽ دادا مورو سنگهه جي سنگ منجهان ملي.
د ۾ بيوس سائين جي چرنن ۾ ويهي باقي ڪجهه
ڻ جو اوسر مليو. ۱۹۲۳ع ۾ جڏهن آءٌ اجا تيرهن
الن جو مس هوس، تڏهن منهنجي رچنائن جو

دوآيس، ويندي ونو با يگ ٿائين. اڄوڪا نوجوان
ڪ تورڙي پانڪ، جن لاءِ شايد اُنهن هاڃان جو
اس ئي سڀ ڪجهه آهي، هنن گيتن کي گنگنائيندي
ڙيءَ جي اُنوکين هاڃان جو تصور ڪري سگهندا.
"قومي للڪار" ۾ جيڪي سنگيت مڪڙيون تورڙي
ي پوتل آهن، اُهي اُنهن سڀني لاءِ آهن، جيڪي
ن گيتن کي پنهنجو سمجهن ۽ جهونگارين. اڄ ڏاءِ
ڏيءَ جي ساساني ۾ جيڪي به قومي آندولن هاڃا
ن ۽ اُنهن بابت جيڪي به گيت مون چيا ۽ ڳايا
ن، ڪوشش ڪري تنهجي پوءِڪا ڏيڻي پوءِ ئي
ي ڏنا اٿم. ڪي ڦڏڪر گيت به هن ڪتاب ۾ جدا
ا پرڪرڻن ۾ اچي ويا آهن، پر اُهي به بي موقعي
ي ڪين سگهبا. هاڻي اڄو نه هن پارت پارٽيءَ
لي ءِ ۾ ڪو بهرپارچو پاڻ کي ڪوهي چڏيون ۽
ون اُهي راڳ، جن منهنجي دل جي تارن کي پڻي
ڙيو آهي.

ٻهريون ڪتاب ”ڪرشنا ڀڄناولي“ ڇپجي پڌر
ٿيو. انهيءَ ننڍڙي ڪتاب ئي خاص طور سائين بيوس
ڏاڍ ڀهچايو. چانڊڪا ائميچوئرس ڊرئميٽڪ سوسائٽي
جي ناٽڪن ۾ پارٽ وٺندي، سائين بيوس جي ويجهو
ته گهٽوئي آيو هوس، پر وڌيڪ ويجهو ڪرشنا ڀڄناولي
ئي ڪيو. پوءِ ته منهنجي ڪچين پڪين رچنائن تي
سندس نظرثاني ٿيندي ئي رهي ۽ ائين گهٽوئي ڪجهه
لکي ڳڌ ڪيم. اڄ پنهنجن اُنهن سڀني قومي گيتن
کي هڪ ئي ڪتاب ۾ ڏيئي عام جي اڳيان رکي رهيو
آهيان، جيڪي هن وقت تائين ڌار ڌار ڪتابن ٽوڙي
چونبڙين ۾ پئي پڌرا ٿيا آهن. سنڌ ۾ اهي گيت هزارين
زبانن تي پيا ترندا هئا؛ پرهت هند ۾ به انهن منجهان
گهڻيئي اهڙا گيت آهن، جي اڄ به ڪيترن جي قلب
کي قرار ڏين ٿا.

اوائل ۾ ئي گانڌيجيءَ جي اهنسڪ هلچان ج
قبضو منهنجي دل تي سورنهن آنه ٿي چڪو هو
يارنهن سال عمر جو مس هوس جو باپوءَ جي ويچار
ڇڪي ورتو ۽ اُنهن ويچارن جي ڪشش، ڏينهون
ڏينهن وڌندي ئي رهي. ۱۹۲۱ کان ۱۹۴۷ تائين ستاويه
سال انهن هلچان ڪيئن نه ڀن ڀن روپ ورتا؛ ۽ آ
به انهن جدا جدا روپن جو ورنن پنهنجي گيتن

ڪوهه ڪَنِ فرهاد جو جيسين متو ماتم رهي.
اي دکايل رهه خوشيءَ سان خاص خادم ديس جو،
آخرين دم تي به تنهنجو قوم سيوا ڪم رهي.

مرادن جو ڏينهن

آرزو آ يا اِلاهي! هند شل آزاد ٿئي،
هند شل آزاد ٿئي، فرياد جو ڪو داد ٿئي.
سر هزارن جا اُڏائي تيز تر تلوار سان،
خون جون نديون ڏسي دل شاد پل صياد ٿئي.
نوجوانن کي نه آ پرواهه پنهنجي جان جي،
ٿيو مگر مقصد سندن، گلشن اُجڙ آباد ٿئي.
وقت اهڙو آهه آيو خود ڏسو مقتل اندر،
ڪونه قرباني ڏسي ٿو شرمندو جلاد ٿئي.
سر ڪري ڪُنگري قلعي جي ڏڙ رکو ديوار ۾،
جئن هميشهه لاءِ پختو ڪوٽ جو بنياد ٿئي.
سنت سابرمت ڪڍيو گولي نمونو يڏ جو،
شال هر ناڪس اڳيان هرهڪ هندي پرهلاد ٿئي.
شل مرادن جو ڏينهن برندو رهي برندو رهي،
ء وري ساگيو دکايل، شال يارت شاد ٿئي.

قومي للڪار

دل جي خاني غمڪده ۾ شال ڪڏهن غم رهي،
جيسين ٻوساٽيل غلاميءَ ۾ هي منهنجو دم رهي.
دامنِ هستي رهي شل سوز دل ڪان چاڪ چاڪ،
آرزو آزاديءَ جو زخم بي مرهم رهي.
شال هندستان ۾ هيءَ زارشاهي ٿئي ختم،
ڪير چاهيندو زمانيءَ ۾ اجا ظالم رهي؟
جهوپڙين وارا هتي جا جيسين عالم ۾ رهن،
زور ڪيسين بهشڪاري ملڪ ۾ قائم رهي.
ڪيئن ڀلا آزاد دل تلوار جي طابع ڪندين،
آگ لڪڙيءَ جي اند رکيئن ٿي دبيل دائم رهي؟
حڪم شيرين جو ٿيو ڪيسين جشن جائز حرام،

او باغي!

باغـي آهـيـن؟
لوڪ چوي ٿـو.
مور نہ ڪر پرواهہ،
او باغي! مور نہ ڪر پرواهہ!
سپاهي! مور نہ ڪر پرواهہ.

منزل ڪيڏانهن؟
مقصد جيڏانهن.
موت يا آزاديءَ جي راهہ،
آزاديءَ جـي راهـہ،
سپاهي! آزاديءَ جي راهہ.

هڪڙو آهين؟
بيا ڏَلَ ايندا.
ٿيندا ڪوڙ اچي همراهہ،
ڪوڙ اچي همراهہ،
سپاهي! ڪوڙ اچي همراهہ.

هڪڙو هوندو!
سو گهليندو.
قائم جي رکندو ويساهہ،

منهنجو وطن

هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن،
مصريءَ کان مٺيرو ماکيءَ کان مٺيرو،
قربان تنهن وطن تان ڪريان پنهنجو تن بدن،
هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن.

پنهنجي وطن جي آءٌ جي حالت ڪريان بيان،
سُٺي پوي زمين هَنجُون هاري آسمان.
دکڙا وطن جا سارينديءَ، منهنجو ڇِلي ٿو من.
هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن.
مٺڙي وطن کان آءٌ رکي ڪي ٻه نه واريان،
جيڪي هجيم ڏيئي وري ڪين پڇاريان،
دل ۾ هميشه شال رهي، ديش جي لڳن،
هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن.
جي چاهه اٿم ڪا نه وطن شاد ڏسان مان،
آزاد ڏسان مان وري آباد ڏسان مان.
مستي اِنهيءَ ۾ آهه، دکايل جي دل مگن.
هي منهنجو وطن، منهنجو وطن، منهنجو وطن.

...ڻ، غلاميءَ ڪان ڇا ڏکايل! حال ٻٽيا تنهنجا،
...ي ٽڏيءَ ۾ انگ اُگهاڙا، ماءُ جٽيا تنهنجا،
سيءَ مرن پر ڏانهن نہ ڪن،
اُڃن ٻڇن پر ڪين ڪڇن!
...ن ٽٽي ڏيرڏڪايا اڄ سي هڪڙي ڪپڙي جا محتاج.
ڏاهيو ڏاهيو ڌاريو راڄ،
ڌاهيو ڌاهيو پنهنجو راڄ.

رڪندو جي ويساهہ،
سپاهي! جي رڪندو ويساهہ.
ديش دڪايل!
گونگو ڏٻرو.
سورهيہ باغي وجهندس ساهہ،
سورهيہ وجهندس ساهہ،
سپاهي! باغي وجهندس ساهہ.

ٻاهيو ڏاريو راڄ!

ٿاهيو، ٿاهيو پنهنجو راڄ.
ملڪ اسانجو مالڪ ڌاريا!
ڪٿي نہ اهڙو جڏو رواج،
ٻاهيو ٻاهيو ڌاريو راڄ.

لکين بکايل پيائر تنهنجا هنجون هارن ٿا،
مُنيون پيٽ کي ڏئي جبل جي رات گذارين ٿا
ظلم ڏسو بغداد ڏسو،
شاد وطن ناشاد ڏسو.
ڪٿي ڪٽي لڪ ٿا واجهائن هجي انبارين جتي اناج
ٻاهيو ٻاهيو ڌاريو راڄ،
ٿاهيو ٿاهيو پنهنجو راڄ.

ڪ هڪ انش منجهان، هڪ هڪ گيت منجهان
ن بهادر ستياگرهين جي قرباني ليئا پائيندي ڏسي
هنداسين.

مهاتما گانڌي ڏکڻ آفريڪا ۾ ستياگرهه جا
ڪلي تجربا ڪري هندستان موٽيو ۽ هن سرگواسي
ي گوکلي جي پيار ۽ سهواس ۾ ڀارت جي آزاديءَ
ت سوچڻ شروع ڪيو. سنه ١٩١٥ ۾ شري گوکلي
ي ديهانت کان پوءِ گانڌيجي اڪيلي سر ديش جي
ن تي نڪتو ۽ ائين هو ڀارتواسين سان رلي ملي
ڪ ٿيو. خاص ڪري چمپارن ۽ کيڙا جي ستياگرهه
ڌيجيءَ کي سڄي ملڪ ۾ مشهور ڪري ڇڏيو ۽
يءَ ڪري هو ديش واسين جو وشواس حاصل ڪري
يو. پهرئين مهاڀاري لڙائيءَ کان پوءِ جڏهن انگريز
ڪومت نون ملڪي سڌارن ڏيڻ جي آڙ ۾، هندستان
ي وڌيڪ غلاميءَ جي زنجيرن ۾ جڪڙڻ لاءِ،
لٽ ڪميشن جي رپورٽ ظاهر ڪئي، تڏهن
جي ديش ۾ بي آراميءَ جي لهر ڦهلجي ويئي.
ڌيجيءَ جي ناميل ستياگرهه سڀا جي سهاري هيٺ
لي، بمبئي، احمدآباد توڙي هندستان جي جدا
ا شهرن ۾ اسهڪار هلچل جي شروعات پورن هڙتال
ن ڪئي ويئي. ٦-اپريل ١٩١٩ع الهيءَ هلچل جي

ڀارت جي آزاديءَ جو اِتهاس جڏهن لک

پورو ٿيندو، تڏهن ائين چئبو ته هاڻي انه

اِتهاس جا ڪي به باقي باب رهيل آهن ئي ڪين

ائين برابر آهي ته آزاديءَ جا مکيه سپهه سالار، لک

بابن ۾ ڏسبا ۽ انهن جي قربانين جو بيان اسين

اسانجا پويان پڙهندا ۽ ائين پنهنجن سرويچ سپاه

کي داد ڏيندا رهنداسين، جن پنهنجو سروانس قر

ڪرڻ ۾ ڪابه ڪسر ڪانه ڇڏي. پر اهڙا به ڪي گم

سورما هوندا، جن ڀارت - ماتا جي آزاديءَ لاءِ پنهن

سڀ ڪجهه نڇاور ڪري، پاڻ کي فنا جي گود

اُڇلي ڇڏيو هوندو. اهڙن سوروِيرن ۽ شهيدن

قرباني جي هيءَ ڪهاڻي آهي، جنهن ڪهاڻي

آزادي هلچل جو آغاز

(١٣- اپريل ١٩١٩)

ڀارت جي ٻانورن جي تُربت جليانوالا.
سوراج جي نشاني نؤبت جليانوالا.
موسوم بهار ۾ ٿيو قتلام عام تو تي،
تو منجهه سوين شهيدن جو رت جليانوالا.
ڀارت جي ايڪتا جو ذاتي بنياد آهين،
ويرن جو خاص ورثو وصيت جليانوالا.
بدلي ۾ تو جا ورتي ڊاير جي خونريزي؛
تازي اڃا سا تو ۾ رنگت جليانوالا.
هر دل ۾ اي دڪايل! ڀارت لء درد جاڳي،
تو مان وٺون نئين سر نصيحت جليانوالا.

يادگار-تنت آهي. پنجاب ۾ انهيءَ هڙتال جي
ڪاميابيءَ انگريز سرڪار کي پاڳيءَ ڪان ڪڍي ڇڏيو
۽ اُنهيءَ جو نتيجو، امرتسر جي جليانوالہ باغ وارو
ڪوس ٿيو. انگريزي عملدارن جنرل ڊائر توڙي
گورنر مائيڪل اوڊائر ويساکيءَ جي پوتر تهوار تي
هزارن هندستانين کي سندن ئي خون سان وهنجاريو.
باغ جي سيني سوڙهن لنگهن تي توبون جهلي اُنهن
کي بند ڪيو ويو ۽ ائين بنا اطلاع ڏيڻ جي هزارن
لوڪن تي توبن جو گهوڙو دبائي، بارود جي باهہ جا
گولا وسايا ويا. هن اوچتي حملي هزارين نهٿيار ۽
صابر ڀارتين کي موت جي گهاٽ اُتاري ڇڏيو. هن
خون-ناحق سڄي ديش ۾ غم ۽ غصي جي لهر پيدا
ڪئي. گانڌيجيءَ ائين جليانوالہ جي اُنهن هزارن
هندو سک ۽ مسلمان شهيدن جي گڏجي وهايل خون
سان، ڀارتي ايڪتا توڙي آزاديءَ لاءِ اهنسڪ آندولن
جو بهريون لڪيو- ”قطع تعلقات“. اڄو تہ اسين
بہ هڪ دفعو انهيءَ جليانوالا باغ جي زيارت ڪريون-
هيءُ گيت گنگنائي ڀارت جي امر شهيدن جي امرگاٿا
ڳايون ۽ ائين ڀارت جي آزاديءَ کي امر بڻايون.

ڪين. ان هوندي به ڪيس اِهو وشواس هو ته بمبئي،
دراس، بهار ۽ سنڌ سندس هن للڪار جي پٺڀرائي
رور ڪندا. گانڌيجيءَ پنهنجي آتمڪٿا ۾ اِهو خيال
يءَ طرح ظاهر ڪيو آهي.

گانڌيجيءَ اعتراض جي ڏينهن ملهائڻ واري
ريخ ٣٠ مارچ منجهان ڦيرائي جيتوڻيڪ ٦ اپريل
ڪئي هئي پر دهليءَ وارن کي اِهو اطلاع وقت سر
ڪين پهتو ۽ اُنهن اُهو ڏينهن ٣٠ مارچ ١٩١٩ع تي ملهايو.
هليءَ ۾ سرگباسي سوامي شرڌانند ۽ حڪيم اجمل خان
ن هلچل جي اڳواڻي ڪئي. شهر ۾ هن قسم جي
ڪمل هڙتال اڳ ڪڏهن ڪانه ٿي هئي. هندو
سامان جڻ ملي ڪير-کنڊ ٿي ويا هئا. ايتري قدر جو
وامي شرڌانند کي انهيءَ ڏينهن جامع مسجد ۾ تقرير
ڪرائي وئي. تڏهن ته سڄي ديش ڳايو:

رولٽ ائڪٽ جي خلاف دهليءَ ۾ ۳۰ مارچ ۱۹۱۹ع
تي پورڻ هڙتال ٿي. هن هڙتال جو فيصلو گانڌيجيءَ
مدراس ۾ ڪيو هو. ڏکڻ جا گهٽيئي اڳوان سندس هن
قدم ۾ شامل راءِ هئا. شري راجگوپال آچاريه به اُنهن
منجهان هڪ هو. گانڌيجيءَ اُنهيءَ وقت چيو هو ته
”ستياگره آتم شڌيءَ جي يڌ آهي، ڌرم يڌ آهي ۽
ڌرمي ڪارج شڌ ٿي ڪرڻ سونهين ٿو. انهيءَ ڪري
هن سڄي ملڪ کي چوويهن ڪلاڪن جي ورت رکڻ
جي صلاح ڏني ۽ پنهنجا ڌنڌا ڌاڙيون اُنهيءَ ڏينهن
بند ڪرڻ لاءِ چيو. گانڌيجيءَ جڏهن هيءَ رٿ
ديشواسين اڳيان رکي، تڏهن ڪيس اها خاطري ڪان
هئي ته سڄو ديش سندس اها رٿ قبول ڪندو يا

احمد آباد، نڙياد ۾ ٿيل خونن توڙي انهيءَ کان
ءِ ڇؤرا ڇؤريءَ جي هنسڪ حادثن ٿيڻ ڪري،
ڏيڄيءَ ستياگرهه جو قدم واپس ورتو. ليڪن
يءَ کان پوءِ پاڻ چرخو ڪاهي تي ڪُٽي ملڪ ۾ اسهڪار
آندولن شروع ڪيائين. ڌاري حڪومت سان
هيوگ ڪرڻ لاءِ سرڪاري نوڪريون توڙي
ڪاري سڪول ڇڏي اچڻ لاءِ ديش واسين کي
يائين ۽ سندس اِهو سڏ ملڪ جي هزارين نؤجوانن
يو. وڪيل وڪالت ڇڏي آيا. سرڪاري عملدار
نجي عملداري ڦٽي ڪري ملڪ جي آزاديءَ لاءِ
ري نروار ٿيا. هزارين وديارٿي سرڪاري سڪول
ڪاليج ڇڏي آيا. انهيءَ هلچل کي زور وٺائڻ لاءِ

ايڪتا جو راز

ايڪتا ۾ هند جو اعليٰ مقدر ٿي ويو،
چشم وارو خون قطرو، لعل وگوهر ٿي ويو.
نبض جنهن ۾ ٿئي فسادي خون جو ڏورو ڦريو،
تنهن تي گانڌي جي هنر جو چالو نشتر ٿي ويو.
آب زم زم ۾ زهر ڏارين دغا سان هو وڌو،
گانڌي منتر سان ڦري سو آب ڪوثر ٿي ويو.
جنهن ۾ هيرن جون هماٽيون سون واري جون نديون،
سو ولائت جي لٽڻ سان، ديس پٿر ٿي ويو.
جو اڳي ڏاڍي سيو هو، پنهنجي مغرب ملڪ ۾،
خون دل پارت جو پي سائو ستمگر ٿي ويو.
ڏس دکايل! تون ڪرامت، لعل لانگوٽي سندي،
بار پدڙو ملڪ جو اڄ مدت لشڪر ٿي ويو.

چرخي جي تار سان

ڀارت آزاد ٿيندو چرخي جي تار سان.
گهارڻ ناممڪن آهي ڏاڍي سرڪار سان. ڀارت ....

جوڙي کي جيءَ سان جوڙيو،
گانڌيءَ جو حڪم نه موڙيو،
بند غلامي توڙيو،
ڪاڻي تلوار سان. ڀارت....

ڀارت جو شان بچايو،
ماتا جو مان وڌايو،
ٻلن کي راهه ٻڌايو،
محبت ۽ پيار سان. ڀارت...

ڳانڌيجيءَ سڄي ملڪ جو دؤرو شروع ڪيو. شهرن
۽ ڳوٺن ۾ قومي سڪول ۽ پنچائتي ڪورٽون شروع ٿي
ويئون. اسهڪار هلچل سان گڏ ولائتي شين ڏوڙي
شراب بهشڪار جو آندولن پڻ هلايو ويو. ١٩٢١ع ۾
آءٌ لاڙڪاڻي ۾ برپا ڪيل قومي سڪول ۾ پڙهندو
هوس. انهيءَ وقت سڪول جي پڙهائيءَ کان وڌيڪ
شراب جي گڏن تي پڪيٽنگ ڪرڻ ۽ ڳوٺن ۾ ملڪي
آزادي ڏوڙي خلافت جي هلچل جا راڳ ڳائڻ ئي موڙکي
وڌيڪ وڻندا هئا. اهي گيت ڏيري ڏيري وڌڻ ويجهڻ
لڳا ۽ ١٩٣٠ تاءِ ڍير ٿي ويا. اڃو ته اُنهن گيتن جو
سواد وٺون ۽ ڀارت جي هن بنيادي هلچل جي ياد
تازي ڪريون.

بن چرخي آهہ نہ چارو، تنهي کاديءَ سان نيتارو،
ڪريو بهشڪار سوپارو، سردار گانڌيءَ جو.
اهو چرخو چوٽ رسائي، بي روزگار ورسائي،
فرمان تڏهن فرمائي، سردار گانڌيءَ جو.
هن چرخي سان چت لايو، بن کاديءَ موُر نہ پايو،
اوهين اهڙو عرض اُنايو، سردار گانڌيءَ جو.
هڪ هڪ چرخي جو ڦيرو، وڃي ڪندو ولائت گهيرو،
هي بمگولو آ ڍيرو، سردار گانڌيءَ جو.
تڏهن گهرگهر ائٽ ڪتيندو، شڌ کاديءَ کي پهريندو،
ڙي پرن تڏهن هي ايندو، سردار گانڌيءَ جو.
ٿيو تيار دکايل جاڳو، مستيءَ لالچ تياڳيو،
تني پارت ورش سڀاڳو، سردار گانڌيءَ جو.

ائٽ جو آواز

تنهنجي ائٽ جو آواز هون نہ جهوپڙين ۾ بڌو،
هرڪو ڪاهيندو تنهي اوتيو،
هرڪو ڪاهيندو تنهي وتيو، ڊيرا ناهيندو تنهي وتيو.
تنهنجي ائٽ جو آواز هون نہ آشرم ۾ بڌو،
چرخو چاهہ سان تنهي ڪتيو،
چاهہ سان تنهي ڪتيو، هرڪو چوريندو تنهي وتيو.

ايڪو الفت سان ايندو،
محبت سان سڀ ڪجهه ٿيندو.
ڪلفت ۽ ساڙ نه ويندو،
جهيڙي تڪرار سان. پارت....
ماتا جو درد نواريو،
ٻڏندي ٻيڙي کي تاريو،
پرڻ دکايل پاڙيو،
گانڌي سردار سان. پارت....

چرخو

غريبن کي روزي رسائيندو چرخو،
اُگهاڙا هزارين ڍڪائيندو چرخو.
ڪٿي قحط جي چوٽ ڪان جي ڪريا سي،
مسيحا ٿي مڙدا جيارينده چرخو.
خطرناڪ رستو آ، آزاديءَ جو،
مگر ماڳ منزل پڄائيندو چرخو.
ڪنداسين ستنتر هندستان پنهنجو،
دکايل جي هرڪو هلائيندو چرخو.

چرخي جي مهما

ٿيو چرخو ڪدڙ پيارو، سردار گانڌيءَ جو،
هي آهه مدامي نعرو، سردار گانڌيءَ جو.

سوديشي هلچل

سوراج جي سهيلي! آهي سوديشي هلچل،
سو ملڪ مانَ وارو، جنهن ۾ سوديشي پل پل.
جي چاهيو ٿيون سنتتر، تياڳيو وديشي وستر،
هي آهہ مُول منتر، ڏيندو ڏبل کي بل بل.
پنهنجي سان پريم جاڳيو، جاڙو ٿيو ملڪ پاڳيو،
وستر وديشي تياڳيو، پنهنجي سان پريم پل پل.
هاتو لڳائي ڪهر کي، سائو ڪرين چو پرکي،
الٽو ڪري اثر کي، گورن ۾ آڻ گهل گهل!
پنهنجا ڏنڌا وساريا، ويا زور پنهنجي ڏاريا،
پائر بکن ۾ ماريا، آئي گهرن ۾ کل کل.
نٿي هنر ۾ جا اَڳري، پنهنجي هيءَ هند نگري؛
ڪهڙي نہ صاف سٿري، ڍاڪا جي خاص ململ.
هي جا آگ آيل، ڌارين جي سا لڳايل،
ڪر مات اي دکايل! زيادهہ نہ سُور سل سل.

ميڊ ان انڊيا

ونڪي ڌارين جو جڙيل ڪوبہ نہ سامان ڪبي،
ميڊ ان انڊيا جو لکيل صاف ٿو نيشان ڪبي.

تنهنجي ڪاڏيءَ جو آواز مون ته ڳوٺڙن ۾ ٻڌو،
هرڪو پائيندو ٿئي ويو،
پائيندو ٿئي ويو، ڳڻ ڳائيندو ٿي ويو.

تنهنجي اهنسا جو راز دنيا دور ٻڌو،
حيرت ڪائيندو ٿئي ويو،
حيرت ڪائيندو ٿئي ويو، ساراهيندو ٿئي ويو.

تنهنجي ايڪتا جو راز هندو مسلمان ٻڌو،
ساري هندستان ٻڌو،
هرڪو چاهيندو ٿئي ويو، پائر پائيندو ٿئي ويو.

تنهنجو هريجن آواز، مون ته مندرن ۾ ٻڌو،
تيرٿ ياترين ۾ ٻڌو،
هرڪو ڳائيندو ٿئي ويو، ڳلي لائيندو ٿئي ويو.

تنهنجي روحانيت جو راز، مان ته تپسيا مون ٻڌو،
آتم ڪٿا مان مون ٻڌو،
هرڪو هنڊائيندو ويو، ڳائي ڳارائيندو ويو.

مون ته گانڌي تنهنجو نانءُ چوٽ منارن تان ٻڌو،
تارن ستارن تان ٻڌو،
هرڪو اُچاريندو ويو، توکي سنڀاريندو ويو.

ڀهريان هرگز نہ پرائو مٺار جرمن جو،
جونکي ڪشمير سندي سرڻي صفا شال کپي.
جونکي ساسر نہ کپي ٽِري نہ کپي مغرب جو،
سون کان مٺو پنهنجو ٽامي سندو ٿال کپي.
جونکي عيسائي سنن ۾ نہ کپي ڪو بہ حساب،
پنهنجي هجري ٿي کپي ديسي سنبت سال کپي.
ل کي راحت ٿي ماءِ حسن مان هند واسين جي،
جونکي پئرس جي پَرِيَنِ لءِ نٿو پرتال کپي.
لڪ ماتا جي سدا آهہ اِها خاص پڪار،
ي هندي! هند کي بائڪاٽ سندو ڀال کپي.
و هو پاتال اميريڪا سو آڪاس بڻيو،
اٿي آڪاس، هي ڀارت سندو پاتال کپي.
نهن ٿي دنيا جون ننڍيون قومون بہ ڪن ٿيون چرچا،
اءِ اڄ هند جو هيٺو نہ اهو حال کپي.
ي دکايل! تون تہ ٿي ڀهرئين هندي ڀوءِ هندو،
رکي مذهب کان مٿي ملڪ سندو خيال کپي.

مونکي رختو نہ کپي ۽ نہ پالش برٽن جو،
پنھنجو ڪاديءَ جو اُھو کھرو ٿلھو ٿان کپي.
پيلو، ڪئنچي ۽ نہ سگريٽ کپي پاسنگ شو،
پنھنجي سستي ۽ سٺي پن جي بيڙي پان کپي.
مونکي پيسٽري ۽ ڊبل روٽي، ٽوسٽ کپي،
پنھنجو ڏوڌ و ٿو کپي، روٽ کپي نان کپي.
پين فائونٽن مونکي نہ ولائت جي کپي،
خاص چٽسال سان ڪشموري قلمدان کپي.
ڇا اميريڪا جي مان ٽارچ بجايءَ کي ڪريان،
مونکي سو ٿين سندو ديسي شمعدان کپي.
پنھنجي بت تان جو کپي ماس منجي جرمن ڏي،
اھڙو بي جان جڏو ڪين ٿو اِنسان کپي.
جي لڙائيءَ ۾ ڪري ٻي نہ سگھو قرباني،
ديس صدقي رکو بائڪاٽ جو احسان کپي.
جو دکايل! ھو ڪڏھن باغ ارم کان سائو:
ھاءِ سو ھند جو اُجڙيل نہ گلستان کپي.

سوديشي پريم

ٿاءِ برٽش جي نہ اِٽليءَ جو ٿو رومال کپي،
ساد و سوُدو ئي مگر ملڪ سندو مال کپي.

...هانجو چاهه سوديشي هنرمند لاءِ تڪبو-جادوُ،
...هانجو فرضِ پنهنجي ديش سان ناتي نباهڻ جو.
...سادي تي ڏنو گهرجي، نڪا اُک عيب تي اُٿڪي،
...هوئي ڪارگر رستو فقط هنرن وڌائڻ جو.
...ڪال آهي جو سرديشي وڃي واپار گهاٽي ۾،
...يو آ ملڪ کي موقعو وري ڪينجهر ڪمائڻ جو.
...ي جي پلٽ پاڻان ڪان دڪايل ديس ۾ داديون،
...ل جو وقت آيو آ نڪي باتين بنائڻ جو.

کادي پرچار

پنهنجي ڪي همٿايو کادي پايو.
وديشي ڪپڙو ڪين گهرايو،
پنهنجي ڪي همٿايو کادي پايو.
ڪروڙين پائر بک مرن ٿا،
روٽيءَ ٽڪري لاءِ رڙن ٿا،
تن جو بيٺ ڀرايو کادي پايو.
وديشي ڪپڙو .... پنهنجي ڪي ....
پنهنجي بدن تي پائي جوڙيون،
چوڻ بچايو ست ڪروڙيون،
ڏارين ڏن لٽايو، کادي پايو.
وديشي ڪپڙو .... پنهنجي ڪي ....

سوديشي

آمان جيڪل اچي ويو وقت ديسي واپرائڻ ج
عجب موقعو مليو آهي سوديشي آزمائڻ ج
ڏرت پيا ڏيهه ۾ ڪاهي بکن ڏينگو وڏو ڌاهي
اچا ساڳيو سمو ناهي اجائي زر اُڏائڻ ج
غريبيءَ ملڪ ۾ ماٺا! مچائي آهه هائيد وسر
زمانو ويو غريبن جي صدا ٺاري ٺٺائڻ ج
مصيبت ڪان وطن وارن ڳجها ڳوڙها ڳهٽا ڳاڙي
مگر تن کي نه ڏيو موقعو ڪلهي ماتم مچائڻ ج
دکين جي دل منجهان نڪري اُماڙي آهه جي ڦاٽي
نه ڏيندي ملڪ کي موقعو ڪچين هٿن هلائڻ ج
مدت کان جو جُلاهن جو زماني ڏؤر ڏَرْ پوري
اوهانتي ئي منحصر آ سو پوريل در پٺائڻ ج
لڳايا جي قلم قدرت خوشيءَ خوشبوءِ جي خاط
اسانجو وڙ نه سي ڪپڙا سلا ساڙي سڪائڻ ج
ڪنگاليءَ ۾ قدر ڪيميا، مفلسيءَ ۾ مٽيا مروت
نه آهي حوصلو ڪنهن ۾ دکيءَ دل کي ڌپائڻ
هيو هَر هُنر ۾ اڳرو ڇا قابل دستڪاريءَ
هيندو ويلو وري آيو، اُجڙ پارت ٻڌائڻ

درمان کادي

دکي ديش جو آهہ درمان کادي،
وجهي مُئل ملڪ ۾ جان کادي.
ونڊي ڪانءِ ٻين سان، ٿي اهڙو سبق ڏي،
ڪري دل ۾ پيدا ٿي ايمان کادي.
نڌر ۽ نماڻن کي ڏئي آسرو ٿي،
ڪروڙن غريبن جو گذران کادي.
وٺي وال کادي، ڪيو ڪال گهر مان،
ڏڪر جو ڇڏيندي نہ امڪان کادي.
غريبن اميرن کي هڪڙو ڪريٿي،
ڪري اوچو قوميت جو نيشان کادي.
دکايل، تڏهن ديس آزاد ٿيندو،
جڏهن ناهي گهر گهر هندستان کادي.

کادي پايو

پيئر پايو کادي جام،
پائر پايو کادي جام،
آهي اهڙو رايو عام.
پيئر پايو کادي جام- پائر پايو ....

ڪاديءَ سان ايندي خوشحالي،
پاڻ بچايون پنهنجي مالي.
گانڌيءَ آ فرمايو ڪادي پايو.
وديشي ڪپڙو .... پنهنجي ڪي ....

ملڪ سڄي ۾ ماتم آهي،
چؤڌاري ڇانيل غم آهي.
ڀارت جي بک لاهيو ڪادي پايو.
وديشي ڪپڙو .... پنهنجي ڪي ....

جاڳو ديويون دير نہ لايو،
ڪين اجايو وقت وڃايو.
آيل! آئت هلايو ڪادي پايو.
وديشي ڪپڙو .... پنهنجي ڪي ....

آهہ دکايل! سمر سياڳو،
ڀارت واسي ڀائر جاڳو،
سوراج وٺڻ جو سعيو ڪادي پايو.
وديشي ڪپڙو .... پنهنجي ڪي ....

ڪي ديش ماتا کي پينر قربانيءَ جي آ درڪار،
ا ڳہ دکايل! جاڳڻ گهرجي غفلت ڇڏ ۽ ٿيءُ هوشيار.
کاديءَ وارا، ڇڏ مائي! ......

ٿڏ کادي پايو!

پايو پايو اي ڀارت واسي ٿڏ کادي پايو.
ٿڏ کادي پايو اي پينر......

گهر گهر ۾ اوهين ٿڏ کادي جو ڀهچايو پيغام،
وطن وساري پنهنجو ڇوٽا ڌارين کي ورسايو.

آزاديءَ جي صدقي گهرجي کاديءَ جي تلوار،
تيار ڪري بم گولا ست جا، چرخو توب بڻايو.

ڀارت جي دک دور ڪرڻ لءِ کادي آهہ علاج،
کاديءَ ڌاران ٻيو نہ وسيلو، گانڌيءَ فرمايو.

صديءَ ڏيڍ کان دکي ديس کي ٻکن ڪيو بيحال،
مگر تکر لءِ ڪين بکايل ڀائر تڙقايو.

ٿڏ کاديءَ سان ديش دکايل ماٽيندو سوراج،
ڀاءُ ڀيڻ سان کدڙ ڀريہي جيءَ ناد وڄايو.

کهڙي کادي جاڙي دادي! کادي ڪين تياڳہ،
هن کاديءَ تي آهہ منحصر مسڪينن جو ڀاڳہ.
پينر پايو کادي جامہ- پائر پايو ....

سونهن ۽ سگهڙائيءَ جو پينر! جوڙي آهي جوڙ،
اهڙي جوڙي پائي، ناٽو ڇونہ بچايون ڪوڙ.
پينر پايو کادي جامہ- پائر پايو ....

گهر گهر جي ٿئي خوب دڪايل! کاديءَ جو پرويش،
ڇونہ غريبي دور ٿئي ۽ ٿئي آسودو ديش.
پينر پايو کادي جامہ- پائر پايو ....

کادي تلوار

کاديءَ وارا، چؤ مائي! کادي گهرجي- وال گهٽ
وال گهٽي؟ آنا چار. يارنهن وال جلدي ڏيا
کاديءَ وارا، چؤ مائي! .... —

گانڌيءَ جو فرمان ٿيو آهہ، پهري کادي هر نر نا
وديشي ڪپڙي جي آ سراسر، بڌل زهر ۾ هر هڪ نا
کاديءَ وارا، چؤ مائي! ......

ڀارت کي آزاد ڪرڻ لءِ گهرجي کاديءَ جي تلوا
هاءِ تڪر لءِ بچا اسانجا ڪرڻن ڦڙڪن سوين هزا
کاديءَ وارا، چؤ مائي! ......

جي سڀ ڪاڏيءَ سان دل لايو،
ٻاهر پڻسو ڪين پڇايو.
ٿيندو چونڊ اُڌار ڏاڏي! ڪاڏيءَ سان ....

ڪيڏا پيـــائـــر ڏِتـــا ٻاڏائن؛
ڳاهہ اُڀـــاري وِيئا ڪـــائن!
ـرد ڪو دل ۾ ڌار ڏاڏي! ڪاڏيءَ سان ...

ديس سڄو اڄ آهہ دکايل،
ٻڪن ڏکن ڪان ويتر گهايل.
ـسڪٽي آهـــ سنوار ڏاڏي! ڪـاڏيءَ سان ...

شرابي!

ـم ٽوٽي آهـــ شرابي شريعت جي ڦٽڪار،
ـعت جي ڦٽڪار شرابي! شريعت جي ڦٽڪار.
ـذهب ۾ لعنت ٽوٽي، ڌرمن ڏني ڌڪار،
ـن جي ٽپ چڪ ۾ ڪرندي آٽين ڏرو نہ عار
ـن ڏرو نہ عار شرابي! آٽين ڏرو نـــہ عار.
ـ پيٽ جي ساڃهہ نہ ۾ رهي نہ ڪا بدڪار،
ـيءَ ۾ تون ٿئين شرابي! زندگيءَ مان بيزار،
ـگيءَ مان بيزار شرابي! زندگيءَ مان بيزار.

کادي هنڌايان !

پنهنجي وطن جي مان کادي هنڌايان
کادي هنڌايان مان پئسو بچايان
لعل لکين ڀارت جا ڀينر! بکن کيا بي حال
گهر جا گهرجائو زيتي ڇو ڌارين کي ورسايان
صرفي، سنجم سان ئي داديون ٿيندو ديس اُڌار
هٿ سان ٻاهر اُڇلي پئسو ٻوڙ کي ڇو پڇتايان
غفلت کان جو چمن هند جو ڪري ڇڏيم ويران
چوڻ اُنهيءَ گلشن کي ٻيهر سائو سبز بڻايان
رختو بختو کين کپي ٿو ململ مور نہ پايان
ديس ڌرم کيئن پلجي دکايل! اُلٽي نهر وهايان

کادي گيت

کاديءَ سان رکو پيار دادي،
کادي اسانجو آڌار دادي!
سستي سادي کادي پايو،
چرخو چوري هنر هلايو.
کادي اسانجو هٿيار دادي! کاديءَ سان ....

ڏرم ڀڏ ۾ شراب خوري،
دغا ديس سان آهه نسوري،
كين شرابي ٻٽنداسين،
اسين بند پارت جا پڇنداسين.
اڄو هٽڻ لءِ ڪٽي ڪهاڙيون،
هجن هٿن ۾ لٺيون اُگهاڙيون،
سوُر صبر سان سهنداسين،
اسين بند پارت جا پڇنداسين.
رشيا ۽ جرمن شراب ٽياڳيو،
ٽڙيو اميريڪا به نياڳيو،
اسين به پوءِ نه پونداسين،
پر بند پارت جا پڇنداسين.
پوتر پارت جي هيءَ ڌرتي،
شراب جي شيطان آ ورتي،
واپس تنهن كان وٺنداسين،
اسين بند پارت جا پڇنداسين.
دارونءَ ديس دکايل كيڙو،
ڏلهي ڏكار ڏكايل كيڙو،
مؤر نه موذيءَ ميندا سين،
اسين بند پارت جا پڇنداسين.

صحت وڃائين زور وڃائين موُت مٿي ڪي سوا
مانُ وڃائين مـــال وڃائين ٻـــائــيءَ لءِ لاچـا
ٻـــائيءَ لءِ لاچار شرابي! ٻـــائيءَ لءِ لاچا
گهڻيءَ گهڻيءَ ۾ لعنت تو تي، ٿئين شرابي خوا
هيڏو هيڏو ڇـوڪر لائـي مٿي ڪَني مڙدا
مٿي ڪني مڙدار شرابـي! مٿي ڪني مڙدا
گانڌيءَ جو فرمان ٿيو آ ڪِني ڇڏيو هيءَ ڪا
ڀارت ڪـــي اڄ آهہ دڪايل آزادي درڪا
آزادي درڪـار شـرابـي! آزادي درڪـا

شراب بهشڪار

خون خـوشيءَ سـان ڏيندا سين،
پـر بند ڀارت جـا پڄندا سين.
گُتي گـتي لـي ڏرڙو آهـي،
شراب ڪـي ڪيءِ ڪـرڙو آهي،
ٻـاٻـيءَ ٻـاڙ ٻـٽيندا سين،
اسين بند ڀارت جا پڄندا سين.

هلچل جي وچ ۾ لکيل آهن. جيڪي پاڻڪن جي جاڻ
لاءِ ڏجن ٿا. دل وارا سڄڻ اِنهن گيتن منجهان محسوس
ڪندا ته آزاديءَ جي هلچلن کي ڌاري سرڪار ڪيئن
ته جدا جدا طريقن سان ڪچلڻ ٿئي چاهيو. ان هوندي
به اِنسان جي اندر ۾ جيڪا آزادي ۽ وڪاس جو پياءُ
پيريل آهي، تنهن هٽي وجي هنڌ ڪيو. پارت آزاد
ٿيڻو هو ۽ آخر ٿيو. اچو ته هنن گيتن تي به نظرثاني
ڪريون.

مهاتما گانڌيءَ جي اهسڪار ۽ بهشڪار هلچل جو
مقابلو ڪرڻ لاءِ، انگريز سرڪار سڄي ملڪ
”امن - سڀائون“ قائم ڪيون. جن ۾ لقبدار، پينشن بردار
زميندار ۽ توڏي شاهوڪارن کي ڀرتي ڪيو ويو
اُنهن جي معرفت قومي هلچل کي نگهوسار ڪرڻ جو
هرڪو يتن ڪيو ويو، پر گانڌيجيءَ جي شروع ڪيل
آزاديءَ جي عوامي هلچل اِنهن رڪاوٽن هوندي ب
ويئي زور وٺندي. انگريز سرڪار اُنهن سرڪاري
پينشنرن ۽ لقب دارن کي آفرين - ناما ڏيندي هئي
جيڪي قومي هلچل کي دٻائڻ ۾ بهرو وٺندا هئا.

هن باري ۾ وقت بوقت ڪي گيت لکيا ويا
آهن. اُنهن منجهان ڪي اوائلي آهن ته ڪي قوم

گورنر جي دربار

ھنن ۾ راءِ صاحب کي مليو اخبار جو پرچو،
ينيان آندي ٽپاليءَ پڻ چٺي ۽ تار گورنر جي،
خوشيءَ ۾ ڦولجي ديوان، منشيءَ سان مخاطب ٿيو،
جا لڳڻي آهه منهنجي شهر ۾ دربار گورنر جي؟
ذامڻ عرش تي چاهي ٿي منهنجي ڀاڳ جي اُنتي،
صيبن سان چمڻ لائق ٿيس پيزار گورنر جي.
الاهي! شال تيسين کين جاڳن چيلا گانڌيءَ جا،
چمڻ سان کن متان کافر مٿي مردار گورنر جي.
ٻرندي شمع مٿان ڪيئن پوپٽ مڙي اچن ٿا
هڪهڪ ٿي شوق سان سي ڪيئن پرت مان پچن ٿا
شادي عشاق پنهنجي ڇا پيار مان رچن ٿا
جلندي مٿي جواني سي ذاج ۾ ڏين ٿا
مرندي مراد ڌاري پوپٽ ئي ٿي اچان مار
يعني تہ رُو شمع تي پيهر اچي پچان مار

اُچلون

دکايل ديس ماٺا جي اکين جون بي پناهہ آنسو
ڪٽي فرياد پنهنجي بي ڪسيءَ جي سڏڪنديون آيون
مگر افسوس بد مستيءَ کان سي آنگوري ميءِ سمجهي
ڪيون خالي تو پي پياليون جي رت جون ڇلڪنديون آيون!

* * * *

ويرِ ماتا

ائين ديش جي صدقي ڪڏهن لخت جگر پنهنجا،
ورت ٿي جڏهن جنني جنم ڀومي؟ کي ٻارن جي.
ي سنسار ۾ جا ڪالهه تائين ٻن ڇنن واري،
لن صدقي ٻئي ڏيئي ٻٽي ماتا هزارن جي.
ي آيا خوشيءَ وارا اکين ۾ لڙڪ ماتا جي،
ر هن کي جڏهن آٽي سٽائي موت؛ پيارن جي.
ائين، ”شڪر جو ٿيس اڄ دکايل! قرض ڪان آجي.
يالي مون ڏني هيڪر امانت ملڪ وارن جي.“

قومي وچن

ايل ديش جي الفت نه نڪري منهنجي سيني مان،
ي آزاديءَ جي عطر جي خوشبوءِ پسيني مان.

جوانو!

اٿو، جاڳو، جوانو! ملڪ لءِ آزادي گهرجي،
ڪيو ايءَ ڪونڌ! قرباني سچائي سادگي گهرجي.

نوجوانو!

نوجوانو اڄ اوهانجو آهه ٿيڻو امتحان،
وس اوهانجي آهه ٻوڙڻ يا بچائڻ ملڪ شان.

خالي خطري کان، تِکي محبت جي تلوار،
شڪ ڪتاري خوف جي زهري جنهنجي ڌار،
پر بيٺي هڪ وار، ماڻن ڪين مياڻ ۾.
آهه نـــه وٺي مور نيڪيءَ بديءَ وچ ۾،
ويجهو هڪ ٻئي جي وسِن ناهن هرگز دور،
من ڪي جو منظور ساعت ۾ سوئي ٿئي.

قومي وچن

سوديشيءَ جي چاهه

مونکي پنهنجي گهرج لءِ سامان سوديشي کپي،
۽ چِٽو هرچيز تي نيشان سوديشي کپي.
جي اڄا بجلي بتي ناهي ٿي سوديش ۾،
تِين جو ڪم-خرچ شمعدان سوديشي کپي.

اُپواس جا ايڪيهه ڏينهن

خير جا گذري ويا ايڪيهه ڏينهن،
مهر جا گانڌيءَ تي برسيا خوب مينهن.

آس

نوجوانن ۾ تنکي طاقت ڪپي،
برق ۽ بجاءِ سندي عادت ڪپي.

ديش ڀڳت جيل ۾

نهنجي گردن جي مٿان ظالم جو خنجر ٽٽي ڦريو،
شم قاتل جي منجهان خون جو قطرو نہ ڪِريو،
ي تميزيءَ سان جڏهن سخت دلي ٿي شامل،
اس ڪاڻ تي تڏهن وقت جو حاڪم بہ هِريو!

انهيءَ تي حيف!

تير جو ماري ٿو نيشان تي،
حيف آهي تنهن جڏي اِنسان تي.

قربانيءَ جي آگ

جو نہ هرگز آدرش تان ٿو هٽي،
گوءِ خوبيءَ جي دنيا ۾ سو ڪٽي،
آگ قرباني ٻري ٿي زور سان،
پؤنبي اي شير! شاهي شور سان.

آوهانُ

ڏي اگيان آزاديءَ جي پيت دان،
مات ڀارت جي مٿان تون جوان! جان.

قومي جهنڊو

جيسين سج سنسار اندر چمڪندو،
تيسين شل قائم رهي قومي جهنڊو.

پرولي

ڪريون سانت ڪهڙي اسين ويڙهو ماڻهون،
وڙهڻ ڪم اسانجو صاحب مان نہ ڄاڻون؛
جي ٻيو ڪو نہ وڙهندو تہ پنهنجن سان لڙبو،
ڏسي گهر جا پاڻي، تا ڏنڊي کي ناڻيون!

چتاءُ

حاڪمو! آهہ حوالي هي اوهانجي، جو جگر،
آهہ سو چشم هزارن جي اکيان نور نظر،
قيدخاني ۾ اوهان ڄاتو جو بيقدر پٿر،
آهہ آزاد هندستان جو سو شمس و قمر.

اعلان

عام آزاديءَ سندو اعلان ٿيو،
قوم جي خاطر اچي قربان ٿيو.

دانهن

ادا ٻک ادا ٻک، ادا ٻک ادا ٻک
ڏنا ٻک وڏا ڏک، ادا ٻک ادا ٻک
ڪسيا ٻک مڙيئي سک، ادا ٻک ادا ٻک.

...ھڙو:

...يا آهيون بابلا! اڄ ٻکين پريو ڪُهر،
...اڏالن ٽا ٻارڙا ڏس جام وهائي جر.
...ن پيا مٺڙي ملڪ جا اڄ پونگا ڌهي ٻر،
...نجا ماري هٿ سان ٽون پالين وينو پر.
...ائي واٽي در، ٽو پَٽين پراون لءِ.

٢

...ن جي چنتا ٻنِ وجهي پنهنجا اُٿ ٽون پال،
...ي تنهنجي آسري اڄ جنجي سار سنڀال.
...ونـ دنيا حيران ٽٽي ڏسي تنهنجا خيال،
...ي ٽڙڦي ٻک ڪَنان ڏس پائر ٽيا بي‌حال،
...چن ٽا پاتال، الآ! گهوڙها گهڙندي جن جا.

امرتي قل

سر رکي سورهيه ترڪي ني آءُ نون،
امرتي آزادگي قل کاءُ نون.

قومي جهنڊو

نوجوانو! جان جيسين جان ۾،
قوم جو جهنڊو رهي نيشان ۾،
نوجوانو! آهه هي سهٽو سمو،
بس غلاميءَ جو آ ڪرڻو خاتمو.

سبق

ڏارين ڪي ڀل اي ادا! پنهنجا پالي، پال،
آهي تنهنجي آسري، جنجي سار سنڀال،
پنهنجا مارين ٻين لءِ تنهنجي عجب چال،
راتيان ڏينهان رڙندي پائر ٿيا بيحال،
ڀهچن ٿا پاتال ڳوڙها ڳڙندي تن جا.

ٻار پاڻيءَ ۾ جڏهن ظاهر ڏسي ٿو ماهتاب،
ٻن هٿن سان جهلڻ جي ڪوشش ڪري ٿو بي حساب

و رنگ آندو ۽ ٽنهي رنگن کي نئين معنيٰ ڏني.
چيو ته "ڳيڙو رنگ آهي قربانيءَ جي نشاني ۽
رنگ آهي پوترتا يا پاڪيزگيءَ جي نشاني-سائي
ـ لاءِ چيائين ته اِها نشاني آهي آباديءَ ۽ آسودگيءَ
. يعني ڀارت جو قومي جهنڊو قرباني، پوترتا ۽
يءَ جو نشان آهي، جنهن مٿان وري ليکيل آهي
ني ڀاڙڻ جي نشاني چرخو يعني گرام اديوگ.
ڪن هندستان جي آزاديءَ کانپوءِ جهنڊي جا رنگ
ا ڳيا رکيا ويا پر چرخي جي بدران مٿس 'اشوڪ چڪر'
و ويو. جنهن جي معنيٰ سمجهائي وئي-شانتيءَ
نشان. قربانيءَ ۾ سچائي يا پوترتا سان آئي
دگي، جيڪا قائم رکي سگهبي شانتيءَ سان.
يون گيت جهنڊي ۾ ڪيل مٿئين ڦيرڦار، وقت
يو ويو.

ڀارت جي قومي جهنڊي جو اِتهاس ڏيکاري
تہ، جهنڊي ۾ وقت بوقت تبديل ٿيندي رهي آه
جنهن وقت مهاتما گانڌي هندستان جي آزاديءَ ج
ىڌ جون واڳون پنهنجي هٿ ۾ جهليون، تڏهن
قومي جهنڊي کي ڀارت جي مکيہ جاتين جي نشان ط
ڳاڙهي، سائي ۽ اڇي رنگ سان رڱيو ۽ منجھس چرخ
جو نشان چٽيو. پر پوءِ تجربي ڏيکاريو تہ جي
جهنڊو جاتيوار عيوضيپڻي جو نيشان ٿي رهيو،
اڳتي هلي، شايد جهنڊي جي رنگن جي ڦيرڦار باب
وڏيون مشڪلاتون پيدا ٿين. انهيءَ ڪري گانڌيج
دوranديشي ڪري بروقت قومي جهنڊي کي سڀ
قوميت جو رنگ ڏنو. هن ڳاڙهي رنگ جي جاءِ

...س ڀڳتيءَ جي ٻرهه ۾ هن ڏکيا ڀڳوا لتا،
...ـه آزادي تپسيا ۾ پڪو قومي جهنڊو.
...ت جو اهڃاڻ سالم آهه ساڳيو جان تي،
...هن سان ئي سوراج ماڻي مرڪندو قومي جهنڊو.
...ڪ ٿيندو آندو ڏکايل! جيئن جهنڊي ۾ انقلاب،
...ٿن حڪومت جو ٿيون چرخو ڪندو قومي جهنڊو.

اعلان هي قومي جهنڊو

...ـه آزاديءَ سندو اعلان هي قومي جهنڊو،
...م هندستان جو جند جان هي قومي جهنڊو.
...رو آزاديءَ ۾ ڀاڙ جنهن پختي هُئي،
... ڀارت ديس جي لڄ شان هي قومي جهنڊو.
...نجي سائي هيت هڪ ٿيون مختلف جاتيون ملي،
... سو ميلاپ جو نيشان هي قومي جهنڊو.
... رکي اسي ڪروڙن جي ڀڃائن جو وڏو،
... نه ماري مرڪندي ميدان هي قومي جهنڊو.

گيڙوءَ رنڱ قومي جهنڊو

آهه ڳاڙهي جي عيوض گيڙوءَ رنڱو قومي جهنڊ
رنگ خونيءَ مان ٻٽيو صوفي سچو قومي جهنڊ
ڪيئن ڦري ڳاڙهي منجهان آخر اچي هي رنگ ٿ
ٿــو ٻڌائي ايڪتائيءَ جـــو مٺو قومي جهنڊ
ناهه هرگز رنگ گيڙو خاص ڪنهن هڪ قوم ج
پر هندين سڀني جو هاڻي ٿيو يڪو قومي جهنڊ
سر ٿي هي سنياس ڌاري وِير ويراڳي ٻٽي
دل ٿي ڏِئنا جو نه ڌاري داغ ٿو قومي جهنڊ
پـرت مان ڀري ٻوڙ ۽ صفا سادو لباس
آهه قائـل ٿيو اهنسا ڌرم جـو قومي جهنڊ

آزادي ڏينهن

(٢٦ جنوري)

آزاديءَ جو ڏينهن سڀاڳو،
ڀارت واسي جاڳو،
جاڳو! هند نواسي جاڳو!

برهم ڦٽيءَ جون باکون نڪتيون،
دور ٿيو انڌڪار.
آزاديءَ جي آشا وارو،
سورج ٿيو نروار.
همت جاڳي مستي جاڳي،
ديس ستل جي هستي جاڳي،
جاڳي ملڪ جو شانُ.
پنهنجي وطن ۾ شال پذاري،
ڀارت جو ڀڳوان.
جاڳو جاڳو ديس نواسي،
ننڊ نياڳي تياڳيو،
جاڳو! ڀارت واسي جاڳو.

هن هندوري هند ۾ جيسين لُڏي کو لعل ٿ
ٿيسين سهندو کيئن پلا ايمان هي قومي جهنڊ
نيٺ ڀهچائيندو اوچي آدرش جي چوٽ ٿ
پرِ مرادن سان کندو دامان هي قومي جهنڊ
جيسين سج ۾ سوجهرو ۽ چنڊ ۾ چمڪاٽ آ
ٿيسين شل قائم رکي طومان هي قومي جهنڊ

آزاديءَ جو اعلان
(٢٦ جنوري)

نوجوانو! جنگ آزاديءَ سندو اعلان ٿيو
قرب مان ڪڏندا اچي ايءَ ڪونڌ اڄ قربان ٿيو
ملڪ ماتا جي محبت جي ڪبي ٿي ثابتي
بس ڪرڻ قربان پنهنجي ديس ٿان جند جان ٿيو
ٿا ڪبن سورهيه ستياگرهي لڪين ٿعداد ۾
آهه ڀارت اڄ اهنسا۔جنگ جو ميدان ٿيو
بم بندوقن ۽ هوابازن جهازن جي اڳيان
بن هٿيارن ۽ پنوهارن ڏوبدو انسان ٿيو
جي مٿين ٿان سرڳ ماٺيندين، ڪٿيءَ آزادگي
آهه ارجن واسطي گيتا اندر هي گيان ٿيو

پائر پينر قول ڪريون اڄ،
پائر پينر قول.
ديس 'دکايل' شاد ڪنداسين،
پاڙينداسين پول.
يا مرنداسين، يا ٽيڪنداسين،
ملڪ جا خود مختيار.
آزاديءَ جو وار ملهايون ....

بهار ۽ جوت

آزاديءَ جي جوت ٻري،
روشن ديش جي ڪنڊ ڪنڊ ٿئي،
اندوڪار ٽري.
آزاديءَ جي جوت ٻري.
طوفان اچن، بجليون ڪڙڪن،
پل برفون وسن، درياهه اٿلن،
وجهه وڪَ اڳتي همت ذري،
آزاديءَ جي جوت ٻري.

آزاديءَ جو وار

آزاديءَ جو وار ملهايون،
آزاديءَ جو وار.
ننڍڙا وڏڙا پار ملهايون،
آزاديءَ جو وار.
ديس اسانجو باندي آهي،
ديس اسانجو باندي،
روز پڪاري ديس دلارو،
هند جو رهبر گانڌي.
بند غلامي ٽوڙڻ خاطر،
چرخو آهي هٿيار.
آزاديءَ جو وار ملهايون ....
ڌارين جي ٿي داسي ڳهاري،
ڌارين جي ٿي داسي.
مرم اِنهيءَ کان آهي منڙي،
ڀارت مات اُداسي.
هوندي جا اولاد، جڳت ۾،
ٿئي ٿي روز خوار.
آزاديءَ جو وار ملهايون ....

يگيہ سڦل ٿيندو، جنتيءَ جا،
ڪٽيا ڪشٽ ڪشالا.
قربانيءَ جي جوالا ڀڙڪي،
قربانيءَ جي جوالا.
قربانيءَ جي ڪالي آئي،
قربانيءَ جي ڪالي.
پياسڻ آئي پياس ٻُجهائڻ،
آس رکي متوالي.
رت پنهنجي سان تارڪري ڏي،
ديويءَ کي ڀُر پيالي.
رت سان آزادي ديپڪ جي،
جڳندي جوت جلالي.
قربانيءَ جي ڪالي آئي،
قربانيءَ جي ڪالي.

٢

قلواڙي وطن جي قولي،
قلواڙي وطن جي قولي.
بلبل، مور، پپيها پولن،
ڇهنب چتون ۾ چيھا کولن.
سرگم جا پنج سر ملائن،
سا....گم....م....د....ني....سا، ڳائن.
آئي چمن ۾ بهار آزادي،
هر گل مستيءَ ۾ جهولي.
قلواڙي وطن جي قولي.

قربانيءَ جي جوالا

قربانيءَ جي جوالا ڀڙکي،
قربانيءَ جي جوالا.
آزاديءَ جي اگن ڪُنڊَ ۾،
گهرجي پراڻن جي آهوتي، آهوتي پراڻن جي.
انگ انگ هوم، سرير ڪٽائي،
پيتا ڏي تن من جي، ڏي پيتا تن من جي.

ڪانگريس

ڪانگريس، ڪانگريس، ڪانگريس، ڪانگريس.

جڏهن ملڪ ۾ آه زاري وڌي،
دکي هند جي بيقراري وڌي،
مفلسي، غريبي، غداري وڌي،
مدد لءِ مصيبت ۾ پياري وڌي.

ڪانگريس، ڪانگريس ....

جڏهن لوڀ لالچ کان لاچار ٿي،
اتياچار لءِ تيار سرڪار ٿي،
چڏي فرض غرض ۾ گينوار ٿي،
تڏهن مفلسن جي مددگار ٿي.

ڪانگريس، ڪانگريس ....

۱۹۳۵ ۾ ڪانگريس جي سوني جبلي ملهائڻ لاءِ،
سڄي ديش ۾ هڪ اُمنگ جي لهر پيدا ٿي. سنڌ
پرانت ۾ به هن ميلي ملهائڻ ۾ پوئتي ڪين پيو. ۱۹۳۲ ۽
واريءَ هلچل ڪانپوءِ ملڪ ۾ مايوسي ڦهلجي ويئي
هئي. انهيءَ مايوسيءَ منجهان ڪڍڻ لاءِ، ديش جي
نيتائن، ڀارت جي هن قومي جماعت جي سوني جبلي
ملهائڻ جو اعلان ڪيو. ملڪ جي هر ننڍي وڏي شهر
۽ ڳوٺ ۾ ڪانگريس جي سوني جبلي ملهائي ويئي
۽ ائين وري ٽڪل ٽوڙي نراس ستياگرهين ۾ نئون
ساهہ ڦوڪيو ويو، جنهن جو نتيجو اهو نڪتو جو ۱۹۳۶
۾ ٿيل اسيمبلين جي چونڊن ۾ ڪانگريس جي
شاندار سوڀ ٿي ۽ چند پرانتن کي ڇڏي، باقي پوري
ملڪ ۾ ڪانگريس وزارتون ٺهيون ڪيون ويئون
انهيءَ جبليءَ جي موقعي تي هيٺيون گيت ڳايو ويو

منجهيل ڇو رهو ذات ۽ پات ۾،
کِهڙو قوميت جي گڏيل نيات ۾،
هندي هندواسي ٿيو هر بات ۾،
اچو ملڪ جي پوڄ پنچات ۾.
کانگريس، کانگريس ....

هجي شال قائم ۽ آباد سا،
غلاميءَ جي گهانگهي کان آزاد سا،
دڪايل! چوايو زنده باد سا،
رهي سوني جبليءَ سان شل ياد سا.
کانگريس، کانگريس ....

جڏهن ملڪ ڄاتي غلامي پري،
رهي ڪين رعيت سندي پروري،
نڪا عدل انصاف جي بهتري،
تڏهن ڪنهن اسانجي ڪئي رهبري؟
ڪانگريس، ڪانگريس ....

ڪيو ديس کي ڪنهن ڀلا ٻي ڊپو،
دنيا ۾ سندس شان اوچو رکيو،
ڪنهنجي تاب طاقت جو ڏئنڪو وڳو،
جهلايو ڪنهن آزادگيءَ جو جهنڊو؟
ڪانگريس، ڪانگريس ....

جئين چين تي چين واسين جو راڄ،
۽ آهي جپان تي جپانين جو راڄ،
خود انگلنڊتي انگريزي ماڻهن جو راڄ؛
ڇيو ڪنهن کپي ڪيئن نه ڌارين جو راڄ؟
ڪانگريس، ڪانگريس ....

وڙي قوم پرست ڳهٽيئي چونڊجي آيا. وائسراءِ
رڊ ولنگڊن لاچار ٿي ڪانگريس کي اُنهن پرانتن ۾
زراتون ناهڻ لاءِ ڪوٺ ڪئي، جن ۾ هو گهٽائيءَ
چونڊجي آيا هئا. ڪانگريس انهيءَ شرط تي وزراتون
هڻ قبول ڪيون ته سندن روزمره جي ڪم ۾ ڪو به
ورنر دستندازي نه ڪندو. ۱۹۳۹ع ۾ ٻي مهاڀاري يڌ
روع ٿي ويئي ۽ ڪانگريس پرڳڻن جا وزير استعفائون
يئي وزيريءَ جون ڪرسيون ڇڏي آيا، ڇو ته انگريز
رڪار جڏهن هندستان کي بنا ملڪ جي صلاح دنيا
ي لڙائيءَ ۾ شامل ڪيو ته سڄي ديش ۾ ناراضگي
يدا ٿي ۽ ائين ڪانگريسي وزير آخر ۱۹۴۰ع شخصي
تياگرهه ڪري وچي جيلن ۾ باند ٿيا.

ڀارت سرڪار هندستان کي پرانتڪ خود مختياري
ڏيئي ١٩٣٦ع ۾ سڄي هندستان ۾ بالغن جي ووٽن
جي آڌار تي عام چونڊن ڪرائڻ جو فيصلو ڪيو
لارڊ ولنگڊن سمجهيو تہ اُٿويهہ سؤ ٻٽيهن واري
هلچل ڪانپوءِ ڪانگريس ختم ٿي ويئي آهي. انهي
ڪري تہ ٽڪڙ ۾ پرانتڪ اسيمبلي چونڊون ٽوڙي
مرڪز ۾ پارليامينٽ (هند اسيمبلي) چونڊون ڪرڻ
جو اعلان ڪيو. ڪانگريس فيصلو ڪيو تہ انهن چونڊن
۾ انگريز سرڪار سان مقابلو ڪيو ويندو. چونڊن
جي نتيجي ڏيکاريو تہ گهٽ ڪري سيني پرانتن
ڪانگريس کي گهڻائي ملي. سواءِ پنجاب ۽ سند
ٽوڙي بينگال جي. پر انهن ٽن پرانتن ۾ بہ ڪانگريسي

٢

ڌارين جي حڪومت سان ٿيو دولت جو خاتمو،
اخلاص جو، اتحاد جو، عزت جو خاتمو،
جوانن جي جوانمردي ۽ جرات جو خاتمو،
غيرت نہ رهي هاءِ ٿيو غيرت جو خاتمو،
غفلت مان ڪيو جنهن اچي بيدار ڪانگريس،
آهي اوهانجي ووٽ جي حقدار ڪانگريس.

٣

جنهن جو ئي آهہ واسطو سوراج سان سڌو،
هڏڙين جو پاڻ ڪيت سڌارن ۾ جنهن وڌو،
جنهن خون دل جو ماهہ ڏئي سنمان کي گڏو،
سختيون سهي ڪيو ذرا سرڪار کي سڌو،
اڳواڻ سائي ملڪ جي مهندار ڪانگريس،
آهي اوهانجي ووٽ جي حقدار ڪانگريس.

٤

جا بي فلڪ لڙي ٿئي بهادر ٿي بي ڊپو،
ڪوري ۾ باهہ جي ڏئي سوراج لءِ ٽپو،
جنهن جائداد کي سنو ظبطين سندو ٿپو،
جنهن جي هو سر کي بار مصيبت سندو جهپو،

حقدار ڪانگريس

آهي اوهانجي ووٽ جي حقدار ڪانگريس،
هند جو گهري ٿي هند تي اختيار ڪانگريس.

ا

ٽنگ آيو جڏهن ملڪ حڪومت جي بار ڪان،
هن زور، ظلم، ڏاڍ ڪان وحشت جي بار ڪان،
هن طوق غلاميءَ ڪان مصيبت جي بار ڪان،
ڌارين جي جڏي راڄ جي زحمت جي بار ڪان،
ڀارت کي ڪيو اهڙي سمي تيار ڪانگريس،
آهي اوهانجي ووٽ جي حقدار ڪانگريس.

ادا وونو

ديس وارن جي ڏکي ڏانهن اُنائڻ وڃجانءِ،
ووٽ جي مهل اٿيئي پاڻ ماهائڻ وڃجانءِ.
عام اُپڪار جو ويچار رکي ڀاءُ وونو!
ملڪ منڊي سان ڀلا ڀال ڀلائڻ وڃجانءِ.
چاڪو چانديءَ جو ڏسي؛ چاهه ۾ ٿج ڪين چريو،
لوڀ ۾ پاڻ ٻڌي ٻيا نه ٻڌائڻ وڃجانءِ.
پَٽ هي دارونءَ جو ٻرو، ڌرم وڃائي ٿو رکي،
خاص محفل ۾ مٿن چاپ نه ڪائڻ وڃجانءِ.
جاتي لوپي هجي نوڪيءَ جا اُني پؤن بارنهن،
تون نه لالچ ني لڳي پاڻ لڄائڻ وڃجانءِ.
ڪنهن سان نيبهه نه رهيو آهه سدا هي ناٽو،
مرڪ ترشنا پويان نڪي پاڻ ڀلائڻ وڃجانءِ.
آهه لالچ لڇي جنهن لوڪ لُڇائي ماريا،
اهڙي ڏائڻ ڪان نه تون پاڻ ڏنگائڻ وڃجانءِ.
ڪنج چاليهه جنهن ميڙيا، تنهن هو قارون جا ڪنيون؟
ڪين دولت جي پٺيان ڌرم وڃائڻ وڃجانءِ.
ڪوٽ واريءَ جا اڏيندين هي دڪايل! ڪيسين؟
جيڪي رهڻو ناهي تنهن سان نه رهائڻ وڃجانءِ.

جا سُور سهڻ لءِ اڳ تيار ڪانگريس،
آهي اوهانجي ووٽ جي حقدار ڪانگريس.

۵

حاصل ٿيو ووٽ جيل جي ڳُو رين چڪين منجهان،
آواز عام راءِ جو پڙري پٽين منجهان،
قيدن جي ڪشٽ مان ٿيو لوڙهين لٺين منجهان،
ڀارت جي بيش قيمتي قربانين منجهان.
هن عام راءِ جي آهي مختيار ڪانگريس،
آهي اوهانجي ووٽ جي حقدار ڪانگريس.

٦

لالچ يا خوشامد تي لڳي ووٽ جي ڏيندا،
ورثي ۾ غلامي پنهنجي پوين لءِ ڇڏيندا،
خود غرض رڳو پنهنجو وجهي پاڻ پريندا،
ڏيو ووٽ اُنهن کي جي وجهي ملڪ اَڏيندا،
جا ديس 'دکايل' سان وفادار ڪانگريس،
آهي اوهانجي ووٽ جي حقدار ڪانگريس.

اوهين ياد وطن جو قرض ڪجو،
پنهنجو پورو دکايل فرض ڪجو،
ڏجو پاڻ ۽ پين کي عرض ڪجو،
ملي سوپ سچن سردارن کي. ڏجو ووٽ ....

موتين کان مهانگو ووٽ

ووٽ جو قدر سڃاڻ ووٽر!
موتين کان ٿي ووٽ مهانگو. ووٽ جو ....
ووٽ آتمي آواز اندر جو،
ووٽ وسيلو جيون پر جو،
گانڌيءَ جو فرمانُ ووٽر! موتين کان ....
ووٽ ٻڌن ڪنن کان آجو،
ووٽ ٿنهنجو منهنجو ڇا جو؟
ووٽ کي قاضي جاڻ ووٽر! موتين کان ....
ووٽ مليءَ پر سيوا ڪارڻ،
ووٽ جي معنيٰ پاڻ ٿي پارڻ،
ووٽ ڏکن جو ڏاڻ ووٽر! موتين کان ....

ووٽ ڏيو حقدارن کي

ڏجو ووٽ حقي حقدارن کي،
حق پليءَ وجهو حق وارن کي.
اِهو گانڌيءَ جو فرمان آهي،
اِهو جوهر جو اعلان آهي،
اِهو ملڪ سڄي جو مان آهي،
ڏجو مُهٽ مٿن مهندارن کي. ڏجو ووٽ ....
ڪيئي جوان وڃي پيا جيلن ۾،
دکي ديس جي خاطر ويلن ۾،
وڏي ناز جا پاليل نيلن ۾،
ڪجو ياد وطن جي يارن کي. ڏجو ووٽ ....
ڏيئي ووٽ وطن آزاد ڪجو،
پنهن جو ملڪ مٿو آباد ڪجو،
دکي ديس جو دادل! داد ڪجو،
پري ڪين ڪجو پنهنجي پيارن کي. ڏجو ووٽ ....
اهو ووٽ امانت وِيرن جي،
نڪي ملڪيت آهه اميرن جي،
اِها آس آ قومي فقيرن جي،
ڪين ڏسجو ناٽي وارن کي. ڏجو ووٽ ....

ڪانگريس فرمان

هين ووٽ اُتي ڪم لايو، جتي ڪانگريس فرمايو،
ووٽ اُتي ڪم لايو ...

ونسپل ۾ مطلب وارا، ڪندا وڃي ڪهڙا اَڪ ڪارا؛
ٽ نه ووٽ وڃايو، اوهين مفت نه ووٽ وڃايو.

۾ خوشامد جنهن جو ڏندو، لب لالچ لئي ٽنئي جو انڌو،
هن ڪان پاڻ بچايو اوهين ووٽ چڱي ڪم لايو.

ڪانگريس جا سچا سپاهي، ڪئي وطن سان جن همراهي،
ووٽ تِنهي ورسايو. اوهين ووٽ ...

ڪ جو جن کي اونو آهي اسيمبليءِ ڏي ويندا ڪاهي،
ڪنداسي ووٽ سجايو. اوهين ووٽ ...

وف نه جن کي آهي ڪنهن جو ووٽ اُنهن کي ڏيئي پنهنجو،
ووٽر پاڻ ماهايو. اوهين ووٽ ...

ووٽ نه تنهنجو منهنجو ورثو
ووٽ امانت جاڻي هرڪو.
سياڻن هي سمجهايو. اوهين ووٽ ...

ڪانگريس ڪاميٽيءَ وارن ملڪ جي اعليٰ مدبر يارن،
ڏنو دڪايل رايو. اوهين ووٽ ...

جنهن ميمبر جي ٽٽي اک ميري،
ملڪ جو تنهن کي سمجهو ويري،
پڌرو آ پرماڻ ووٽر! موٽين ڪان ....

ڪانگريس جي نيتي پڌري،
آهه سدا سيوا لءِ اڳري،
اُپرن جي اڳواڻ ووٽر! موٽين ڪان ....

ڌرم ڌانهن پاڙهي ووٽر ڌڪجي،
چقمق وانگر ايندا چڪجي،
جهلي نه سگهندا پاڻ ووٽر! موٽين ڪان ....

پنهنجو شخصي نفعو وساري،
ووٽ ڏجو ووٽر ويچاري،
مائجو پورو ماڻ ووٽر! موٽين ڪان ....

ووٽ نه رکجو تنهن کان وانجو،
جيڪا دکايل! ڪري اسانجو،
ڪانگريس ڪلياڻ ووٽر! موٽين ڪان ....

ڏا ٿيا اڄ غريب جا ڪيڏا خوشامدي،
ٽان ٿــو آءِ بـــہ آهہ ڪرامات ووٽ جي.
ٽي ڪٿي لڪي ٿو هي چوندن جو معاملو،
مبر ڪـــان وڌ ملي ويو ووٽر ڪـــي مرتبو.

٤

نهن کي دلاسو ٿـــو ملي مفتي وڪيل جو،
م راس مفت ٿئي ٿو ڪٿي اڄ اپيل جو.
نهن ڪـــي ملي ٿو آسرو پنهنجي سبيل جو،
ـر، اڄ زمانـــو آهـــہ دڪايل دليل جو.
ٽـــر بـــہ ميمبرن جـو سياڻي ويـــا متو،
مبر ڪان وڌ مـلي ويـو ووٽـر ڪـي مرتبو.

٥

. چيس مون نيٺ ادا تنهنجو ڇاهي خيال،
ن ٿي ڪاي ڇيائين هي ڪهڙو پڇين ٿو سوال؟
ڙو اسان ڪـان آهہ گهڻو ميمبرن جو حال،
دس مان ووٽ تنهنکي، ڀلائي ٿي جيڪا ڀال.
ڪنهن کي ياد نـاهہ آ اڄ ڪانگريس جو،
بر ڪـــان وڌ ملي ويـو ووٽـر ڪي مرتبو.

ووٽر سان گفتگو

منهنجي ٿي ڪالهه رات ڪنهن ووٽر سان گفتگوءَ،
جنهن جو اوهانکي ڏيانٿو هي احوال هوُبهوُ.
مرڪي چيائين اج اَدا! ناهيون اڳيان مچوُ،
ميمبر ڪان اج مٿي آهي ووٽر جي آبروُ.
ويهي جنهن مونکي هينيون سٽايو سچو قصو،
ميمبر ڪان وڌ ملي ويو ووٽر کي مرتبو!

٢

ڪو ٿو اچي ڏي زور سان نانڪ جي مفت پاس،
آٽي ٿو ڏئي ڪوري گهرئي وسڪي جي ٻئنت خاص.
ڪو ٿو ڏئي آسرا تہ ڪندس تنهنجو ڪم مان راس،
هيڪرتون ووٽ ڏيڻ جي رکو مون سان باس باس.
ڪيڏانهن ويو اج اُهو اڳيون ديواني دبدبو،
ميمبر ڪان وڌ ملي ويو ووٽر کي مرتبو.

٣

ڪو ٿو چوي ڪندس تنهنجي پوٽي جي معاف فِي،
ڪو ٿو منهنجي سڪيلڌي پٽ کي ڏي نوڪري.

ووٽ ڏيو سيوا کي

ڏجو ووٽ لنگوٽيءَ واري کي،
هن ملڪ سندي متوالي کي. ڏجو ووٽ ....
هڪ طرف اٿو آدا ووٽر ڏن،
ٻئي طرف اٿو پيپنا تن من،
ڏنوان هٿي، هٿ ٿو نرڏن،
هٿ روزجشن هٿ شيوا وچن،
متان ڀاڄي وڃو پنهنجي پياري کي،
ڏجو ووٽ لنگوٽيءَ واري کي.
هڪ طرف آ بوتل ٽي بوتل،
ٻئي طرف فقيريءَ جي توڪل،
هڪ طرف مطلبين جي محفل،
ٻئي طرف اٿو شيوا ۽ ٽهل،
ڪري دور شراب هچاري کي،
ڏجو ووٽ لنگوٽيءَ واري کي.
هڪ طرف اميريءَ جو ڏوکو،
ٻئي طرف فقيريءَ جو سودو،
ٻنهي پنهنجو جدا جدا ڏي ورتو،
هڪ سوارت، ٻئي پرمارت جو،
ڪجو پڌرو آڇي ۽ ڪاري کي،
ڏجو ووٽ لنگوٽيءَ واري کي.

وونر پاڻ ملهايو

آدا! وونر! پاڻ ملهايو،
اِهو ووٽ چڱي ڪم لايو،
آدا وونر پاڻ ملهايو ....

آدا وونر! ڏجو ووٽ امانت ڄاڻي،
ووٽ ڏيڻ جي مهل - ڪجو ياد نهل.
پنهنجو خادم ڪين وسارجو - آدا وونر! ....

آدا وونر! نڪي ايندؤ گاڏيون موٽر،
پيرين پنڌ اچجو - اچي ووٽ ڏجو.
اِهو قول پيارل پاڙجو - آدا وونر! ....

آدا وونر! آدا وونر ڪجهه ويچارو،
اهڙي راهه هلو - جنهن مان نڪي ڪو پاڙو.
مٺي ملڪ جو ڏک سک سارجو - آدا وونر! ....

آدا وونر! آهي ووٽ، سڳورو راڄا،
نڪي ڪٽ ڪٽبو، نڪي ملهه مٽبو.
ويهي ڪا نه گهڙي وِڃائجو - آدا وونر! ....

آدا وونر! مٺان پوريءَ (بلبل) وانگر پالجي،
پيتيءَ ۾ نه لهي، ڦٽڪو نه وهي.
اهو ڏيان دڪايل! ڏارجو - آدا وونر! ....

وڻـر هاڙي جاڳيا آهـن.
ڪين اَجا اُهي ساڳيا آهن.
هضم ڪري هڙ حال، ڪندا وڃي ووٽ سجايو،
پاڻ ملهايو- نيهن نڀايو. شهر سان ....
ڪانگريس جا سيواڌاري،
آهن هر ڪنهن جا هتڪاري.
عام ڀلي جو خيال، رکي ووٽ تن ورسايو،
پاڻ ملهايو- نيهن نڀايو. شهر سان ....
آهـ سـڌاري جـو هي حيلو،
ووٽ سُکن جـو جاڻ وسيلو.
ٿيندو ديس نهال، دکايل! دير نہ لايو،
پاڻ ملهايو- نيهن نڀايو. شهر سان ...

چونڊن جو چهچٽو

... ڪنهن اُميدوار جو هڪ ڪم ڪندڙ مليو،
...يچارو رات هـو نـہ ڀهر اڌ ڪـو آهليو.
...سوال ڏيندي، ڏيندي ڀڳي ڏاڍو گهڻو ڪليو؛
...يائين دلاسو ڏين ٿا، مگر ڏين ٿا بي‌دليو.

ووٽ ڏجو وِچاري (راڳ مارو)

شهرسان پائر پال پلائي، پاڻ ماهايو،
پاڻ ملهايو۔ نيهنُ نڀايو.
وقت سٺائو آيو ووٽر!
مرڪي پاڻ ملهايو ووٽر!
موٽيو سياڳو سال، وڃائي متان پوءِ پڇتايو،
پاڻ ملهايو۔ نيهن نڀايو. شهر سان ....
نوٽن تي جي ووٽ وڪامن،
لاوا لنجا چون اُگهامن.
ملڪ ۾ بائيتال وجهي، چوٽا ووٽ وڃايو،
پاڻ ملهايو۔ نينهن نڀايو. شهر سان ....
ڪرسيءَ تي جو ناٽو هاري،
پاڻ ڪري ٿو بين ڪي ڪاري.
مفت ڦرائي مال، ميمبر آدو ڪٽي چٽي آيو،
پاڻ ملهايو۔ نيهن نڀايو. شهر سان ....
ڏيندي ڏيندي پوندن ڏڪٽي،
هام نہ هاٽي هٽندا سڪٽي.
ڪهڙي؟ "ميمبرٽين نہ معال؛ ناٽي آهي نَرڪي نوايو!"
پاڻ ملهايو پائو! نينهن نڀايو. شهر سان ....

٤

ڙو اوهان مان شهر کي کو ٽيو آ وَٽ وَٽاءِ،
ڳو نفعي جي بدران ٽي پٽي ميمبري وٽاءِ،
ي نہ ڪم ڪندو اڳيون سيٽن جو سٽ سٽاءِ،
بي دلاسي سان ڪڏي ڪنندو نہ ڪو هي داءِ.
لو ڏبو نہ ووٽ هينئر، رستو وٺ جناب!
چونڊ ميمبرن جو ڪيو آ مٽو خراب.

٥

ن ٿا نماڻو منهن ڪري ايلاض بار بار،
وا جا سڪڻا يار دلاسا ٿا ڏين هزار.
ڙا ڪنا گهڙيندا وڃي سي اُميدوار،
ئر! وسوڙها ڪر نہ تون اهڙن تي اعتبار.
رو هميشہ جن جي ڪمن جو رهيو ڪتاب،
چونڊ ميمبرن جو ڪيو آ مٽو خراب.

٦

ري شهر جو خيال ڏسي ڪانگريس سان،
رڪو اُميدوار گهٽائي نٿو وسان.
وم آهہ سيني کي زيادهہ مان چا لکان؟
ڪر وچن ڏئي وري ڦرجو نہ قؤل کان.
ڇان، ڪانگريس 'دڪايل' ٿئي ڪامياب،
چونڊ ميمبرن جو ڪيو آ مٽو خراب.

ڪي سائينءَ جا سنواريا نہ ڏين ٿا ڪليو جواب،
هن چونڊ ميمبرن جو ڪيو آ مٿو خراب.

٢

سوالن پڇڻ سان ڪن ٿا ڪي ميمبر جو نڪ ۾ دم،
هيڏن ورهين ۾ ڪهڙو ڪيو عام جو تو ڪم؛
جيڪو شهر جا هيڏن وڃي پئسا ڪندو هضم،
تنهن جي ڪنداسين هيل اسين ميمبري ختم.
ووٽر بہ ميمبرن ڪان گهرن ٿا تہ ڏيو حساب،
هن چونڊ ميمبرن جو ڪيو آ مٿو خراب.

٣

سنيرون نہ هيڏي عرصي ۾ ڪائي ٽڪس گهٽي،
ليڪن وڌي ٿي روز نئين سچ نئين چٽي.
اڄ ڪلهہ ڪٿي سا آهہ اڳين شهر جي ڪٽي،
ٽڪسون غريب ڏين ٿا بڌي پيٽ کي پٽي!
پيرڻ تو پنهنجي شهر کي جاتو وڏو ثواب،
هن چونڊ ميمبرن جو ڪيو آ مٿو خراب.

شهر جي حالت ڪيڏن سڌري،
جيسين ڪا خود غرضي نڪري.
هلنديءَ وارن جي اون،
ميمبر صاحب رکندا چونه!
ووٽ ڏيڻ جي مهل اَڻو ويجهي، ٻُڌجو،
انڪار ڪجو، ادا ناڻي وارن کان بچجو.
عام پلي لاءِ ....

خود مطلب ميمبر جو حال،
جؤ ڍيري گڏهه رکپال.
ناڻي وارن جو دوکو،
اڄ نه سياڻي ڪندو کوکو.
ناهه 'دڪايل' ناڻو، شيوا-ڏن ڏسجو،
اقرار ڪجو، پاڻو پاڻ وجي پيتيون پرجو.
عام پلي لاءِ ....

•

سپنو

سپني ۾ رات مون ڏٺو هڪڙو اُميدوار،
ڳارا ٻُٽيندي ڏٺي ڪيو ووٽن جو جنهن شمار.
نيڻن ۾ ننڊ ڪين هيس قلب کي قرار،
ڪرسيءَ جو يار کي ڏٺي ڏٺو ڏاڍو انتظار.

عام پلي لاءِ ووٽ!

عام پلي جي لاءِ ووٽر! ووٽ ڏجو،
ووٽ ڏجو اوهين ووٽ ڏجو. عام پلي ....

شهر جي ڏک سک جا ساٿي!
اُٿو اوهانکي ويو ڇا ٿي؟
پلي ٻُري* جي جاڻ رکو،
وڃو نہ پلجي ڏسي ڏکو.

ووٽ ڏيڻ جي وقت ووٽر! سوچ ڪجو،
ويچار ڪجو، اوهين پنهنجو پاڻ سان سچا ٿجو.
عام پلي جي لاءِ ووٽر! ووٽ ڏجو.

ڪانگريس جي قرباني،
پُلندا ڪيئن هندستاني؟
سر ڏيئي جن سار لڌي،
ملڪ جي طاقت ڏار وڌي.

راءِ ڏيڻ ۾ رياءُ نہ ڪو ووٽر رکجو،
آچار ڪجو، نڪي پؤ يا پرم وس ٿي پلجو.
عام پلي لاءِ ....

اڄ ووٽ ڏيڻ کان ڪيترا وارن ٿا نابري،
چؤطرف ويو هي منهنجي لۓ ٻارڻ وڏو ٻري.
ميمبر ٿيڻ جي هيل ٿئو ڏي ڪو خاطري،
پوءِ ٿيس نہ سياڻي مٺان ووٽر وڃن ڦري.

٥

پاڻ جي ڪڏهن مون ڪين ڪنهن ووٽر جو گهر ڏٺو،
چانئٺ چڙهيس نہ ڪنهن جي نہ ڪنهن جو مون در ڏٺو.
اهڙو نہ چوندا جو هو اڳي مون حشر ڏٺو،
جهڙو هيئنئر مون پاڻ کي آ دربدر ڏٺو!
ڪاڏهون آ ڪانگريس، ميونسپل ۾ اڄ گهڙي،
پوءِ ٿيس نہ سياڻي مٺان ووٽر وڃن ڦري.

٦

جنهن وقت ميونسپل جي اندر ايندي ڪانگريس،
مطلب نہ ڪنهن کي پوروڪرڻ ڏيندي ڪانگريس.
رکپال عام پئسي جي هڪ ٿيندي ڪانگريس،
پنهنجي شهر سان پيال پالئيندي ڪانگريس.
ووٽر هي عرض جاٺو دڪايل جو آخري،
پوءِ ٿيس نہ سياڻي مٺان ووٽر وڃن ڦري.

هرهر ٽئي اُٺي ڪري اُٿيو ڪري ياد ميمبري،
پوءِ ٿيس نہ سياڻي متان ووٽر وڃن ڦري.

٢

دل ۾ اُٿيس پئي ڏاڍا گھڻا خيالي بدبدا،
ويچاري جا ڪري چڏيا جن حوصلا خطا.
ڪنهن ٽئي چيس هتي مونکي ناليءَ جي گھرج آ،
ڪنهن ٽئي چيس تہ اڄ منهنجي حودي نہ ٿي صفا!
حاضر، چيائين "حڪم جي ٿيندي بجاوري"،
پوءِ ٿيس نہ سياڻي متان ووٽر وڃن ڦري.

٣

چوءِ چوءِ ڪان نيٺ تنگ ٿي ميمبر ڪيو خيال،
ناحق وجهان ڇو پنهنجي ڳلي ۾ پلا جنجال.
ليڪن جڏهن پيو مفت جو ميمبر ڪي ياد مال،
ويچاري جاتو، آهہ ڇڏڻ ميمبري محال.
ڪيئن سو ڇڏيندو، جنهنجي پلا ڏاٽ وئي هري،
پوءِ ٿيس نہ شياڻي متان ووٽر وڃن ڦري.

٤

ڏاڍو دنو غريب جي ڪرسيءَ تان پيس ڪري،
رهندو نہ عزم، ويندي سا پڄندي سڄي پڄي.

ووٽر اوهين سچار رهيا ڪانگريس سان،
هر ڪنهن مدد لءِ تيار رهيا ڪانگريس سان.
آيا اسانجي عرض تي هر تڪ مان هزارين،
دل جان سان نثار رهيا ڪانگريس سان.

زنده دل جي خوب نشاني،
ملي اوهان کان اڄ لاثاني.

عرض ڪيو سئيڪار ووٽر! شڪريه ....
اسانکي پينرن ۽ قرب ماڻائن به ڏيکاريو،
سبق سوراج جو سهڻو اسانکي تن به سيکاريو.
اوهان جا پڻ وڏا ٿورا مڃون ٿا خوب ماڻائون،
قرب پڻ ڪانگريسين لءِ سچي دل سان اوهان ذاريو.

شڪريه أدائي ڪريون اوهانجي،
شيوا جهجهائي ڪريون اوهانجي.

آس اِها هروار ووٽر! شڪريه ....

هاڻي فرض اسين پڻ پاليون،
پنهنجا نازڪ سوال سنڀاليون.

اهو اسان تي بار ووٽر! شڪريه ....

شڪريه اَدائي

وونو صاحب! ڪري شڪريه اَدائي ڪانگريس ،
اڄ اوهانجي ئي ڪري عزت وڌائي ڪانگريس .
ٿا ڏيون ڌنيواد دل سان شهرواسين ڪي اسين ،
جن جي همت سان ڪئي حاصل وڏائي ڪانگريس.

اوهان اسانجو عرض اگهايو،
ڪانگريس جو مان وڌايو.
ووٽ ڏيئي اُتساهہ وڌايو،
شان وڌايو مانُ وڌايو.

شڪريه ميون صد بار وونو! شڪريه ....

ڪانگريس سان رهيا سچارا ،
پرن ٿي پورا رهيا پيارا .
ووٽ گهڻا ڏيئي دل وارا ،
ڪانگريسي ڪيڙو سوپارا .

پيٽيون ڀيڙيون ٿار، وونو! شڪريه ....

خود غرض مان ڪين وٺينداسين،
ٿون همت رکي هلجانءِ. ووٽ ڏنو ....
ڪوڏر ڪٽن، جهاڙو هڻن،
جڳ کي وڻن، ميمبر اُهي.
پنهنجي ديس جا، پنهنجي قوم جا،
ٿيا رهنما، رهبر اُهي.
اسين عرض اُنهن جو مڃينداسين،
پنهنجو فرض نہ ٿون ڀلجانءِ. ووٽ ....
اڄ ديس کي، ايڪو کپي،
ٿون مهت ڏي، ووٽر! اُٿي.
هن راهہ جو، ٽڪي جو ڪنڊو،
ٽنهن کي ڪڍو، همت رکي.
اسين ملڪ جا مالڪ ٿينداسين،
ڪو قدم نہ ٿون هٽجانءِ. ووٽ ....
مشڪل سمي، ٿي آگ ۾،
ڪاهي وڃي، جا ڪانگريس.
شيوا رڳو، جنهن جو مٿو،
آهي رهيو، سا ڪانگريس.
اسين اُن جا ڏڪايل! ٿينداسين،
ٿون ڀروسو ڀل رکجانءِ. ووٽ ڏنو ....

ووٽر جاڳ!

ووٽ ڏنو تو ووٽر! هاڻي جاڻ وڏي رکجانءِ،
پنهنجي تڪ جي ميمبر کي چؤ واٽ سنئين وٺجانءِ.

جي دل لُڏي، غيرت بڏي،
پوءِ ڪيئن ڪُڏي، سگهندو اُهو.
خود پيٽ جي، جنهن کي لڳي،
ڪيئن دل وڏي رکندو اُهو.
پِيءِ پرڻ نه ڪنهنکي ڏيندا سين،
اِهو قول تون ياد ڪجان. ووٽ ....
واڪي وڏي، چئجو گڏي،
تون اچ چڏي، اِها ميمبري.
پنهنجي ٻول کان، ڪِرئين قول تان،
ڏاڍي ٻول سان، تون وئين ڦري.
اسين ڦرڻ نه توکي ڏيندا سين.
اَدا ووٽر! مڙس ٿجانءِ. ووٽ ڏنو ....
جنهن وهه چُري، لالچ بري،
ورتي گهري، اَدا ووٽرو.
جنهن پيٽ جو، اونو رکيو،
پنهنجو گهر ڀريو، تنهن کان ڦرو.

۱۹۳۹ع ۾ ٻي مهاڀاري لڙائي زور شور سان چالو
ي ويئي. ڀارت تي ٻه اُنجو اثر ٿيو. قومي جماعتن
ي اِها ڪوشش رهي ۽ اُنهن ائين ئي چيو، "هن
ت انگريزن کي اِها چٽي پڌرائي ڪرڻ کپي ته
ڏهن هو، دنيا جي آزاديءَ لاءِ جرمني توڙي سندس
ٽي ملڪن سان لڙائي لڙي رهيا آهن ته پوءِ اُهي
گيا انگريز هندستان کي پنهنجي غلاميءَ منجهان
اد ڪرڻ لاءِ تيار آهن؟" انگريزن انهيءَ هڪ ئي
وال منجهان سچو قصو ڀانپي ورتو ۽ هنن ملڪ ۾
رندڙ قومي ويچار کي ڪچيءَ ۾ ئي نگهوسار
ڪرڻ لاءِ فرقيوار فساد ڪرائڻ شروع ڪرائي ڇڏيا.
سلم ليگ ته اڳيئي انهيءَ لاءِ تيار ويٺي هئي، رکو

چونڊن بابت ڏوهڙا

١

اَدا ووٽر! دل ۾ تون ڪري چڱو اِقرار،
ووٽ تہ ڏيندس تنهنکي جا ڪري ٿي اُپڪار.
ديس دکيءَ جو آسرو آڙين جو آڌار،
ووٽن جي حقدار آهي هڪ ئي ڪانگريس.

٢

عام پلي جي خيال کان اَدا ووٽر ووٽ ڪري،
شيواڌارين جون سڀيون اڇجو پيتيون پري،
ٻڏندو جيئن تري پائو! ٻيڙو دکايل ديش جو.

٣

وقت سٽائو آئيو اَدا ووٽر وارو ڪر،
پنهنجي پيارن جون اَدل تون پرتئون پيتيون پر.
وڃي اِها تون ڪانگريس اڳيان امانت ڌر،
ٿيندءِ ساري سر، جي ڏيندين ووٽ وويڪ سان.

گهرو جنگ!

چون ٿا تہ اوندهہ اِجها ڄاڻ آئي،
صلح جي ڇڏيندي ڀڪي روشنائي.
تباهي پري ڪان ٿي ڏس، ڏيل ڏاري،
نظر هر طرف ٿي اچي بي حيائي.
اَلا! ڀاءُ جو ڀاءُ نيشان ٿيندو؟
گهرو جنگ ٿيندي تہ نقصان ٿيندو.

٢

غلاميءَ جو گهاٽي گرهہ، ملڪ ٽاري،
چڙهيو چوٽ منزل تي منزل لتاڙي.
مگر هاڻ، سياست جو خودغرض تعصب،
ٿو چاهي، وطن پل ڪَٽيل راند هاري.
جي ترڪيو تہ ٽڪرا هندستان ٿيندو،
گهروُ جنگ ٿيندي تہ نقصان ٿيندو.

٣

اُٿي! ڪراهن جي سچي پاسباني،
وطن کي ڏي، ڏيٺي ٻوئي جي جواني.
پڪاري ٿي اُلفت وطن جي دڪايل!
نہ رکجانءِ واري مٺي زندگاني.
سدا سولي جيئرو، جو قربان ٿيندو،
گهرو جنگ ٿيندي تہ نقصان ٿيندو.

اِشاري جي ديرِ هئي. ملڪ ۾ ڇوڏاري جاتيوار فس
شروع ٿي ويا. سنڌ ۾ ڇڏيجي ڪٽي ته اُنهن ج
شروعات پهرئين ٿي. مسجد منزل گاهه وارا سکر
فساد ۽ انهن ڪانپوءِ ڀڳت ڪنور رام جو خون.
تعلق جا شرمناڪ واقعا ۽ خونريزي انهن فسادن
پهرئين ڪڙي هئي. جنگ جي ڪري انگريزن
هرو ڀرو اِنهن فسادن کي سڄي ملڪ ۾ ڦهلجڻ ج
ڪلي ڇوٽ ڏيڻ نٿي چاهي، پر اُنهن اِهو ضرور پ
چاهيو ته جئين قومي شڪتين جي ڪوشش
باوجود فرقيوار ناسازي ٻٽي رهي ۽ ڇڏيجي ڪٽي
ٿورو وقت انگريز انهيءَ پنهنجيءَ چال ۾ ڪاميا
ضرور ٿيا پر پوءِ گانڌيجيءَ جي تپسيا ۽ مدبريءَ م
جو رخ ڦيرائي ڇڏيو ۽ ١٩٢٠ع ۾ ملڪ جي آزاديءَ
شخصي ستياگرهه شروع ٿيو. هڪ طرف ستياگر
جون تياريون هلي رهيون هيون ته ٻئي طر
فرقيوار سازيءَ جي هلچل هلي رهي هئي. اڃو
انهيءَ پراڻي اِتهاس جون ڪجهه جهلڪيون ه
گيتن ۾ ڏسون.

سِکَ عيسائيءَ ٻيو نہ ٻڌايو،
پَر ايڪو اونڪار،
آهي مالڪ هڪ مختيار.
دين ڌرم يا پنٿ سليِ ٿو،
ساڳي هڪڙي راهہ.
ٻهچي سگهندو پرسو، جنهن وٽ،
هوندي دل جي چاهہ.
هر مذهب جو مطلب ساڳيو،
سڀ ڌرم جو سار.
آهي مالڪ هڪ مختيار.
ٻاڻ سياڻي جي پر ڄاڻون،
فرق رهي پوءِ ڇو؟
پر اڻڄاڻائيءَ جو دکايل!
سارو هي رولو.
دُور ڏئيءَ واري نفرت ڪر،
سڪ الفت ۽ پيار.
آهي مالڪ هڪ مختيار.

ايڪتا

آهي مالڪ هڪ مختيار.
ٻوءِ پلا هي ڇا جو جهڳڙو؛
ڇا جو هي تڪرار!
هندو مسلم سِکُ عيسائيءِ جو هڪ سرجڻهار،
آهي مالڪ هڪ مختيار.
هندوءَ جي گهر آءٌ نہ آيس،
ٻنهنجيءَ مرضيءَ ساڻُ؛
تون جي مسلم جي گهر ڄائين،
هو ڇا توکي ڄاڻُ؟
شطرنج جا سڀ مهرا آهيون،
ڪيڏڻ وارو يار.
آهي مالڪ هڪ مختيار.
تنهنجي دِين ٻڌايو رَب جو،
ثاني ناهه شريڪ.
ايڪو برهم ٻڌايو منهنجي،
ڌرم ٻہ ساڳيو نيڪ.

ساڳيو اُن ساڳيو پاڻي؛
ٺاڻ اسان ناحق ٺاڻي،
وير وڃايون قرب وڌايون،
هڪ خالق جي خلقت آهيون.
ڄاڻ ڏکايل ڇڏ ڄاڻي!
هڏ ڏين رت ڏين پائر پائر!
گڏجي مرن شل گڏجي جيئن.
ڳوٺ وسن ....

ڳوٽ وسن

ڳوٽ وسن منهنجي سنڌڙيءَ جا،
منهنجي سنڌڙيءَ جا شل ڳوٽ وسن.
ڳوٽ وسن ....
هڪ هندو ٻيو مسلمان،
پارسي سِک ۽ ڪرستان،
جُهتِ پُٽِ ڇاجي،
ڪٿِ پِٽِ ڇاجي،
رڳڙو ڇاجو جهڳڙو ڇاجو،
گهر سڀني جو هندستان.
پرچن سرچن پيار پيار!
سائين ڪري هڪ ٻئي سان مان.
ڳوٽ وسن ....
هي مندر، مسجد، گرجا،
گهر نہ ڏيوئي مالڪ جا،
دين جو نعرو ڌرم جو باجو،
هڪ جو ڪاٻو ٻئي جو ساڄو،
مقصد ساڳيو راهہ جدا،
حق سڃاڻن پيار پيار!
ناحق تي تڪرار نہ ڪن.
ڳوٽ وسن ....

ي. خاص ڪري ٻوڙن جي سلامتي رهي ئي ڪانه.
و گهٽي پاڳي ٻوڙن منجهان لڏي شهرن ڏانهن
لڳا. امر شهيد ڀڳت ڪنور رام ۽ وير شهيد هاسارام
اڙيءَ جي وحشاني خونن ڪانپوءِ، هندو، مسلمانن
آپسي بي اعتمادي ڏاڍي وڌي ويئي. حالتون
يءَ ڪڙيءَ ٿي اچي ٻهٽيون، جو سڄ لڳي ڪانپوءِ
ن جا هندو هڪ ٻوٽ ڪان ٻئي ٻوٽ ڏاءِ وڃي
ن سگهندا هئا. اهڙي وقت فرقيوار سازيءَ جي
چل جي ضرورت محسوس ڪئي ويئي. جڏهن
هبي ڪٽرتا ڪري اِنسانيت جو خون ٿي رهيو
تڏهن سنڌ جي ٻوٽ ٻوٽ ڏاءِ انهيءَ سازيءَ جو
ار شروع ڪيو ويو. وشواس اهوئي رهيو ته هن
جا گيت ٻيو نه ته ڪٽرتا جي ناڻگ جو ڏنگ
ر ماريندا. چو ته اهي گيت حق جو آواز آهن.
ته هڪ دفعو وري دهرائي ڏسون.

پاڪستان حاصل ڪرڻ لاءِ، مسلم ليگ فرقيپرستي
جي باھہ کي هوا ڏيڻ جا ڪيترائي طريقا ڳولهي ڪڍيا
مسجد اڳيان باجن وڄائڻ جو سوال، عيد تي ڳا
ڳائيو ڳئوڪشيءَ کي همٿائڻ، قرآن جي بي حرمتي
جا هنڌ ۽ معاملا پيدا ڪرڻ، تبليغ کي هٿي ڏيڻ
وقت بي وقت غير مسلمانن جي جذبات ڏکوئڻ
هندو ڇوڪريون ڀڄائڻ، مسجدن ۽ مندرن جا
سوال اُٿاري خوني فساد ڪرائڻ. انهيءَ قسم جا
ڪترتا جو زور سنڌ جهڙي صوفي بزرگن جي ڀر ۾ پيو. آرٿ
هيٺ مٿاهين، ٿوري نابرابريءَ جو طوفان مچا
ڏاڙا ۽ قرمار ڪرائڻ مسلم ليگي سياستدانن جي
ڪٻي هٿ جو ڪيل هو. انهيءَ ڪري بي سلامتي وڌ

ٻيڙي ڪاهي آءُ

ٻيڙي ڪاهي آءُ پاڻڻي!
ٻيڙي ڪاهي آءُ،
آهه سٺائو واءُ.
پاڻڻي! ٻيڙي ڪاهي آءُ!
ڪلفت جو طوفان ٽريو،
اُلفت جو سورج اُڀريو.
ويو وڇڻون ڏپ داءُ.
پاڻڻي! ٻيڙي ڪاهي آءُ!
ئوُن پنڌ وارا گڏ ٿين ٿا هندو مسلمان،
ڪ سان هڪ ٻئي کي سڏ ڏين ٿا ويو ڪُل غير گمان.
پاءُ سچاتو پاءُ.
پاڻڻي! ٻيڙي ڪاهي آءُ!
ٻگهه ڪٽي هاڪار پاڻڻي!
ڀڃائي اڄ پار پاڻڻي!
هن ٻيڙيءَ جو پوُر،
هل الفت آباد وني هل،
ناهه ڏڪايل! ڪو جِت ڇل وُل.
ويـر ورونڌ ڪان دوُر.
ويجهو جت نه وڃاءُ.
پاڻڻي! ٻيڙي ڪاهي آءُ!

اچو! اچو!

اچو هندو مسلم کو ميلاپ آڻيون،
ڪريون دل جون تازيون، جي مکڙيون ڪماڻيون.
اچو! اچو!

ڪڍون دل مان، آهي جي ڪلفت جو ڪينو،
ڀلاري ڀيائي ڪريون صاف سينو،
وِڇيون وير واريون ڪڍي قرب واٽيون.
اچو! اچو!

ڪيو ڀاءُ ڪان ڀاءُ ڪيڏو ڪنارو،
ڏسي هاءِ ورناءُ هي وير وارو،
رئڻ رت اکيون ٽيون آمڙ جون نماڻيون.
اچو! اچو!

ڇني ماس نَهن کان ڪيو ڌارئي،
وجهي ڪير ۾ لوڻ ڪئي ڪار ڪارئي،
کلي ڪنڌ ٿي، ڪا مٺي موج ماڻيون.
اچو! اچو!

محبت سان انسان، انسان آهي،
اهو ڌرم مذهب جو فرمان آهي،
دکايل! اجائي نه بي لاڻ ٽاڻيون.
اچو! اچو!

تون، مان جو ھي پيد اجايو،
ھن ھُن جو ھي ڪيد آجايو.
پاڻ ۾ پيھي، پاڻ کي جاڻون،
جنس اُھا ھڪ چونھ سياڻون!

دک تنھنجو سو دک منھنجو، اھڙو ڪريون اِقرار،
ن سڄي سان جيئڻ دکايل، آھہ اڪين جو پيار.
م جو، جي ڪو انگ ڏکي ٿو، نير وھائن نيڻ،
سان ٿا ساري تن جي؛ ٿوَ تي گُري جيئڻ ميڻ.

تون، مان، ھي، ھو چونھ ملائي،
'ھم' ھڪڙي ۾ چُڻو.
سڏ ڏکي ڏيس جو سڻو.

ذار نہ بہ گڏ!

مذھب يا رسمن جي ڪري تون،
ذار ٿئين نہ بالشڪ ٿي.
آگر يون ذار رھن ٿيون جيئڻ، پر،
ڪم جي وقت وجن ھڪ ٿي.
آگر آگر ڪان جي چني تون،
ذار ڪنديون نہ ڪم ڏينديون.

ايڪتا جي ضرورت

سڏو! سڏو!!

سڏ ڏکي ديس جو سڏو،
دانهن ٻڌي هيءَ درد واري .
من کي پڙڪو پيڙو،
سڏ ڏکي ديس جو سڏو!
هڪڙي ٻوهي مگر جا گورا،
ڌار ڪيا، ٿي پوندا ڇورا .
ڌاريا سڏيا، ڌار نه ٿيندا،
ذات مگن جي ڪين مٽيندا .
ٿيڻن هڪ الله جا سڀ ٻندا، هڪڙو اپائڻهار،
پالڻ واري هڪڙي ڌرتي جنهن جا اسين ڪل ٻار .
ڀلي سڏايون مذهب خاطر هندو مسلمان،
پر جي پرجهي ڏسون حقيقت آهيون سڀ انسان .
'هم' ۾ اجايو اڇي ڏکايل!
لڳو ڏئيءَ جو گهٽو،
سڏ ڏکي ديس جو سڏو .

پر جي پيٽ جي پرداخت ٿي ڪانهه؛
نه پوءِ ڪيئن ڪم ڏيندو؟
ڏار رهي پيءَ ڏار نه ٿين،
هڪ ٻئي ۾ اِهو ايمان ڪپي.
تنهنجي منهنجي لاءِ دڪايل!
اهڙو هندستان کپي.

آپسي اعتبار

ڪنهن چيو توکي اعتبار نه ڪر،
يار! ياريءَ کي شرمسار نه ڪر.
توکي مذهب ڌرم ڪٿي ٿو چوي؟
پنهنجي پاڙيسريءَ کي پيار نه ڪر!
وهم جي تير سان ويساهه ڇُٽي؛
دوستيءَ کي تون داغدار نه ڪر.
تون 'دڪايل' ٿي درد ڄاڻين ٿو،
خواهه مخواهه پاڻکي خوار نه ڪر.

پرهت سالم جي هوندو، هڪ ٻئي،
جون سي مددي ٿينديون.
تنهنجي منهنجي لاءِ دکايل!
هڪڙو هندستان ڪپي.
هڪ ٻئي سان همدرد هميشه،
هندو مسلمان ڪپي.
بت جي هر ڪنهن عضوي کي،
آزادي بخشي ٿي قدرت.
ڌار رهي خود-مختياري ماڻيندي،
ٻي ڪن ٿا شرڪت!
ڪنهن ڌارئي جي حماي سان سڀ،
عضوا ٿا گڏجي هڪ ٿين.
هڪ ٻئي جي خاطر رت ڏيئي،
گڏجي سڏجي ٿا منهن ڏين.
پيت ملائي ٿو سيني کي،
جنهن جو ڪم آهي خذمت.
کاڌو پيتو روز پچائي،
ڏي هر عضوي کي قوت.
پيت جي نيڪ رهيو نه صحت مند،
هرڪو عضوو ٻڙ ٿيندو.

ڳانءِ بچايو!

ن ڏکي ڀارت جو باقي ڏن ڳڻوُ-ڏن ۾ رهيو،
ڪ جو جنسي جياپو ئي ڳڻوُ ٽن ۾ رهيو.
ر اُنجو هر منش-ماتر جي تنتن ۾ رهيو،
رو کيتيءَ جو سارو آهه ڏاندن ۾ رهيو.
ي هندستانيو! بچايو ڳانءِ کي اتحاد سان،
ي ڪريو فرياد ڳڏجي قوميت جي ناد سان.

٢

انءِ سڀ جي لاءِ آئي امرتي ڌارا کٽي،
ڪن، ٻيڙن، وڏن کي ٿيج ڏئي ماتا ٻٽي.
ر ڏڌ گهه تي ڪٽمب پالي سگهي هڪڙي جٽي؛
جڳت ۾ ڪنهن به ٻئي کان تي ڪري شيوا گهٽي.

هنا جي جرمنيءَ هو. زمانو جو لڙائيءَ مهاڀاري
تباه کي شهرن شاهي جي فرانس گولا، بارودي جا
دو ڪ ٻ د جي فوجن ۾ دنيا سڄيءَ هئا. رهيا ڪري
کي هندستان پڇڻ بنا حاڪم، انگريز هئي. جاري
لاهو ۾ زماني انهيءَ هو. ڇڏيو ڪري شريڪ ۾ جنگ
لڳايون مشينون شاهي وڏيون لاءِ خانہ ڪوس ڪنو اندر
ناراضپ ۾ ديش سڄي خلاف، جي جنهن هيون، ويئون
ڪن ڪٽي جتي هئا. ويا ڪيا مظاهرا لاءِ ڪرڻ ظاهر
رهي ٿي جلوس ۽ جلسا لاءِ ڪرائڻ بند خاني ڪوس
نڪتا جلوس ۽ جلسا اعتراضي پڻ ۾ ڪاٽي لاڙ هئا.
ويا. ڳايا ٿي موقعي انهيءَ گيت هينيان

گگدامن تي ديا ڪريو

رڳس لاءِ!

گگدامن تي ڪريو ديالي ڳئو ٻچايو ڳئو ٻچايو
يندي اُنهن جي آهه نہ خالي ڳئُو ٻچايو ڳئُو ٻچايو.
قياءس وهيٽي ڳانءِ نهاري،
جان ٻچائڻ لاءِ پڪاري.
هم مدد جي لاءِ سوالي، ڳئو ٻچايو، ڳئو ٻچايو.
ڪسڻ سمي ڳگدامن ڪهندي،
ڪاتيءِ هيٺان لڇندي ڦٿڪندي.
اڻ ڪٽي ويندي آڪ آلي، ڳئُو ٻچايو ڳئُو ٻچايو.
ڪرشن هٿن سان ڳانيون پاليون،
اڇو نہ ڳڏ جي فرض سنڀاليون.
ڪ ٿئي جنهن کان خوش حالي، ڳئُو ٻچايو ڳئُو ٻچايو.
ڳانءِ اسانجي پياري ماتا،
ڏڌ مکڻ ۽ کير ڏئي جا،
م دکايل پيولي پالي، ڳئُو ٻچايو ڳئُو ٻچايو.

بي زبانن سا اڄ پڪاري ٿي گنگي فرياد سان
اي هندستانيو! بچايو ڳانءِ کي اتحاد سان

٣

سلسلو ظلمي سٽيل لاهور ۾ خوني ڏس
چار سؤ ڳانيون ڏهاڙي قتل جو ٿهري قص
خون جو دريا بُڏي؛ ٿئي عقل اِنساني وسِ
ڏيڍ لک هڪ سال ۾ ٿين قتل؟ هيڏو حادث
بڻ ڪُٺي برباد ٿيندو هن ٻري بغداد سا
اي هندستانيو! بچايو ڳانءِ کي اتحاد سا

٤

خون ڏيندي هڪ دفعو، پر کير ڏيندي بار ب
جهل ڇري جلاد ظالم! ڪر نہ قاتل وار و
صبر سان ويندي سهي ڳڳدام، گردن ٿي ڪٽ
پر اوهان کي پيي ڪرڻ ڏيندي نہ دنيا ۾ قر
سک ٿئائيندي اوهانجو پنهنجي دل ناشاد سا
اي هندستانيو! بچايو ڳانءِ کي اتحاد سا

واپاري آندولن

(١٩٣٨)

قيد ۽ ڪنٽرول جي ٿيو ديش جو واپار باند،
ڪلف ڪونئين کي لڳا، ٿي جنس جي بازار باند.
لوهه ليسن جي ڪڙين سان ويو جڪڙجي روزگار؛
چؤطرف جنهن جي ڪري افسوس ٿيو وهنوار باند.

ٿيون منڍيون موڳيون، وڃي ناٺي جي بهجي لين دين،
ڪارپٽ ڏڪجي پئي ڏنڏا ٿيا ويتر ڏار باند.
ڪاريگرين، ميتن، منيبن ۽ پئي ڪيڏي ڪتر؛
چو ته پيڍين جو ڀرو ٿي ويو ڪاروبار باند.

ضابطي جي نانو ۽ مڪو رشوتين جو متو،
مفت خورن جي ورن ۽ ٿيا ڪمين ڪلدار باند.

جنگ جي ڪري ملڪ ۾ چؤڌاري مهانگائيءَ
منهن ڪڍيو. ڌاري سرڪار عام گهرجن جي شين
جهڙوڪ ڪپڙي ۽ اناج تي ڪنٽرول لڳايو. سنڌ سرڪا
انهيءَ سمي اناج جو واپار پنهنجي هٿ ۾ رکڻ لا
سنڌ گرين سنڊيڪيٽ کي جنم ڏنو. اناج جي عا
واپارين ۾ سرڪار جي هن قدم سخت بي آرامي پيد
ڪئي. ڪنٽرولي قانونن فرقيپرست سرڪاري عما
کي جڻ چيڪ چڙهي ڏنو ته هو پل ته واپارين کي
ستائين ۽ پيڙين. رشوت جي بازار گرم ٿي ويئي
اناج جو عام واپار جيئن ته واپارين کان گهٽي قدر رکس
ويو انهيءَ ڪري اناج جي وڪارن ٿوري دوڪا
تي ڪم ڪندڙ ميتن ٿوري منيبن کي نوڪرين کا
جواب ملڻ لڳو. نتيجي طور بي ڪاري وڌڻ لڳي
انهيءَ وقت سنڌ ۾ ڪنٽرول بابت خاص ڪڍ
آرڊيننس جي خلاف هڪ ڏينهن ملهايو ويو. هيٺيو
ڪميٽ انهيءَ موقعي تي لاڙڪاڻي ۾ ڳايو ويو هو.

سڄي ملڪ ۾ ضروري شين جي مهانگائي
ڪري ڪپڙي جو جڻ قحط پئجي ويو. سنڌ جي
ام، شهري ٽوڙي ڳڙناٽن کي ڪپڙي جي ڏکر بيعد
ڪليف ۾ وڌو. اهڙي وقت جوڙجڪي ڪم ڪندڙ
ادي ٽوڙي آڌاٽن جي ڪپري ۽ ڳوناٽن هنرن کي
هلائڻ جي خوب ڪوشش ڪئي. رتوديرو ڳانڌي
شرم (خذمت گهر) ۾ چرخن تيار ڪرڻ لاءِ سرانجام
ڪارآليه شروع ڪيو ويو. سنڌ سرڪار به اُنهيءَ وقت
شرم کان ڪافي چرخا خريد ڪري ڳوٺن ۾ ڏنا.

سا ڳئي وقت هندو مسلم سازيءَ لاءِ "مسلم ماس
ڪانٽيڪٽ" آندولن پڻ شروع ڪيو ويو هو. ڳوناٽا
ادم ڳوٺ ڳوٺ ۾ چرخي ٽوڙي هندو مسلم ايڪتا
و پرچار ڪندا رهيا. ڳوٺن ۾ هاري - حقدار هاچل
، چڱو زور پڪڙيندي رهي. اُنهيءَ وقت جا گيت
ج به جڻ تازا بيا ٿا لڳن. اچو ته اُهي گيت ڳايون
ڳارايون.

ضابطي جو هو ٻهانو، ماڻعو سنڊيڪيٽ جو،
بد ديانت سان ڪرڻ چاهيائون ڪل ڪمڪار باند.

آنڱ جي واپار ۾، ايمانداريءَ جو هجي،
ڪنهنجي همت جو ڪري واپار جو اختيار باند؟

پر پلي جو خيال ء جي پاڻ ۾ ايڪو هجي،
پوءِ واپاريءَ جو حق رکندي نہ ڪا سرڪار باند.

اڄ غريبن کي ڏڪايل آهہ چنتا پيٽ جي،
ڪين ڪوئين ۾ ڪري ڪو اَن جا آنبار باند.

چوي ٿي، هرهر أٿي أٿي تون!
هي پنهنجو بگڙيو نہ ٺاهہ ڀاڳہ.
أٿ ڳـوٺـاٺـا جاڳـہ جاڳـہ!

رهين ٿو رنج و الم ۾ ڪيڏو نہ هندواسي،
ملول چهرو، بدن أبالو ۽ دل أداسي.
نہ انگ اوڇڻ نہ پيٽ داڻو،
مٿي ڍڪڻ لء نہ گهر پراڻو.
ڏڪڻي گذر ٿي رهين سدائين؛
بکئي پيٽ لء ڳهين سدائين.
هي هاجو ڪيڏو؛ جو گهر جي راڻي، ٿي گهر جي داسي!
وطن جو دکڙو سٽي دکايل، بڻيو سنياسي.
رباب دل جو وڄي وڄي ٿو،
وطن جي سورن جو ڳائي راڳہ.
أٿ ڳـوٺـاٺـا جاڳـہ جاڳـہ.

اُٿ ڳوناٺا

اُٿ ڳوناٺا! جاڳ جاڳ، پرھ ڪڍيون باڪون،
ساري دنيا جاڳي اُٿي! تون نہ اُٿئين ڇاڪون؟
اُٿ ڳوناٺا جاڳ جاڳ!
دکي هندڙي ذري ذري ٿي سڏي اُٺاري.
سُڻين ڪين سڏ؟ مٺي ماءُ ٿي ڪري پڪاري!
اکين ۾ پاڻي، ڪٺي نماڻي،
چوي ٿي جواڻي ڪون شال ماڻين.
اُٿي ڪا حالت سڏار پنهنجي،
جا بگڙي آهي، سنوار پنهنجي.
ڏسي اُگهاڙو بکيو اسان کي، ٿي نير هاري،
هجي اُمڙ جو ڪو لعل جيڪو هي دک نواري.

وطن جي خدمت نہ ڇاڏيون بار،
ملڪ جو پورهيو ڪريون نہ عار.
اهڙو ڀاءُ اچي،
پرم ڪان ملڪ بچي.
ننڍي وڏي جا سڪٽا فرق ڇڏيون.
اڇو نہ ڪوٺ آڏيون ....
جيسين دڪايل ايندي نہ الفت،
تيسين حاصل ٿيندي نہ راحت.
هڪڙي گهر جا ڀاتي گڏجن،
جمڻ مرڻ جا ساٿي گڏجن.
رهي وڇوٽي نہ جڳن ڪو وار،
هجن سي هڪٻئي جا غمگسار.
جيتي راند سچي،
هاري ٻازي ڪچي.
اچو! اچو! ڪلفت ڪي جاء نہ ڏيون.
اڇو نہ ڪوٺ آڏيون. ....

ڳوٺ آڏيون!

اڇو نہ ڳوٺ آڏيون سنڌ جا،
هند جا ڳوٺ آڏيون.
اڇو نہ ڳوٺ آڏيون.

جيڏين سرتين ٺٺي شل سنڌڙي،
خوشبوُ جڳ کي ڏئي شل سنڌڙي.
پرهہ ڦٽيءَ جون باکون نکرن،
سهڻيءَ سنڌ جون ساکون نکرن.

نئين چمن ۾ اچي بهار،
رهي گلن ۾ نہ کو بہ خار.
قدرت رنگ رچي؛
خاصي موج مچي!
کِلي کِلي هڪ ٻئي کي شال سڏيون.
اڇو نہ ڳوٺ آڏيون ....

پنهنجا سرِ بَندَ اپنهنجا رازا،
ريءَ مزوريءَ تکڙا تازا!
رستا ناهيون ناليون جوڙيون،
هَڏَ جي سڏ کان منهن نہ موڙيون.

هي قسمت جون سونهيون ليڪون،
هٿ سان ڪيون بگاڙ.
اُٿي پاڻ ٿي پاڙ!
ڏس ليڪو پيو آهي پڌرو،
پَرَ جو واڌو گهَرَ جو گهاٽو.
فرق نہ جنهن ۾ آهي ٿر جو،
جڳہ جون اُميدون تو ۾ جاڳيون.
ڪر ڪا ڏکايل ماڙ!
اُٿي پاڻ ٿي پاڙ!

هَر ۾ برڪت

هر ۾ برڪت هاري،
تنهنجي هڏ ۾ برڪت هاري.
هاري تنهنجي جيت نماڻا!
هڪ داڻي مان ٿين سؤ داڻا!
سالينء جو رنگ، داڻي مان سنگ!
ڪڻڪ هجي ٻوڙي ساري. تنهنجي ...

ناڻا! پاڻ تي پاڙ!

ٿي پاڻ تي پاڙ!
هندنواسي، سنڌنواسي!!
ٻئي جو ٽڪيو نہ ٽاڙ.
اُٿي پاڻ تي پاڙ!

ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڪنير ڪوري،
لوهر، واڍو، سِربند رازو.
هنرمند جي ذات سڀوري،
گهر جوُن گُهرجوُن گهر ۾ پوُريون.
چست هنرن ڏي لاڙ.
اُٿي پاڻ تي پاڙ!

سارِ ڪين تون اڄ پراڻو،
ڪالهہ مُٺي جو پِنڪو چاجو،
حال لوچ ۽ سوچ سياڻو.
ڪمزوريءَ جون ڳالهيون گهوريون.
سائو گهر نہ اُجاڙ.
اُٿي پاڻ تي پاڙ!

مؤت جاڻ ٻئي جي محتاجي،
هٿ هُٿ ڪارو ٿئي ڪاٺيارو.
ڪاڻ ريءَ جڻ جندڙي آجي.

ـهڙو:
ـهاري! منهنجي رَبَ ڪيو تنهنجو وڏو مانُ،
ـراند يگر تا راند ۾ ڏس هاري ڪن اڳوان.
ـيڻجي ايندو پوئتان؛ پوءِ هجي ڪٽي پل خان!
ـتوڻي ازل ڪــان رهيو، مالڪ مهربان.
ـڏسي پنهنجي حال کي ٿيءُ نہ تون حيران،
ـأنتي پنهنجي همٿ ۾، جي همت ٻڌي اِنسان.
ـشؤق جي ڏاڪڻ تي چڙهي ٻار علم جو شمعدان،
ـنہ وري تنهنجو شان اڳي کان اڳرو ٿئي.

هاري جاڳ

ـهاري!

جاڳ، هاري جاڳ!
تــو تــان جڳ ٻهاري، جاڳ.
هاري! جاڳ، هاري جاڳ.
علم کي ڪر ڪوڏر سان شامل،
ڪوڻي چوئي تو ڳانڍي ڪامل.
تنهنجي ئي همٿ ۾ آ هاري!
پنهنجو پليرو پاڳ. هاري جاڳ ....

ٽون ڏاتر جي در جو دربانُ،
جيڪي ڏي سو تنهنجي هٿ سان.
پاڻ کي پيڙين، مَن نہ پيڙين،
تنهنجي دل داتاري. تنهنجي ....
ڪڙمي ڪڙم دنيا کي پائين،
جڳ کارائين پاڻ نہ کائين.
ڏيندي مرڪين، هَڏ نہ ڪُرڪين،
وَرُ رکي ٽو نہ واري. تنهنجي ....
سانوڻ، سرءُ ڪاهي ٽي ڪوڏر،
فجر وڃي، وَرين سومهڻيءَ گهر.
رت ست تنهنجي، محنت تنهنجي،
پاءِ نہ ڪوڏي ڪاري. تنهنجي ....
بنڌڻي ٽي آن وانا،
ڏار بيا ابواب جا ڏاٽا.
هي پيراڻو، هي ميراڻو،
هي سائل سرڪاري. تنهنجي ....
ٽون جي پنهنجو حق سڃاڻين،
خوب دکايل چوڙين ماڻين.
علم پرائين، پاڻ ملهائين،
تنهنجي پوءِ سرساري. تنهنجي ....

اسين ملازم، ملزم نـــاهيون،
پورهئي سان ٿا پيٽ ڪمايون.
سو ڇو ڪنهن کي رنجائينداسين؟
ڪس نہ ڪنهن کي لائينداسين.

قدرت جي نعمت جو ورثـو،
آهي سڀ ڪنهن لءِ هڪ سرڪو.
محبت سـاڻ ميائينداسين،
ڪس نہ ڪنهن کي لائينداسين.

محنت مزدوريءَ جي روٽي،
گهر وينئي ڇو کائن ٽوٽي؟
تن کـي صاف سٽائينداسين،
ڪس نہ ڪنهنکي لائينداسين.

هڪڙي گهر جا پاٽي آهيون،
دک ۾ سک ۾ ساٿي آهيون.
ڪنهن کي گهٽ نہ پائينداسين،
ڪس نہ ڪنهن کي لائينداسين.

پورهيو هڏ جو مرد جي خصلت
آهـ دکايل دل جـي راحت.
محنت جا گـڻ گائينداسين،
ڪس نہ ڪنهن کي لائينداسين.

قرض ڪٽي جي ڀتڪن ميلا؛
موتڻ سان منهن تن جا پيلا!
گهر ۾ کائڻ لاء نہ هوندن،
پورو ڏوڏو ساڳ! هاري جاڳ ....

ناحق ڏنگڻ ٿي ڏن هارين؛
جيل وچي، ٻُڪَ ڀاتي مارين!
مرٽي پرٽي ٿي تون ڪرين ٿو،
ڪيڏو سڪٽو راڳ! هاري جاڳ ....

جي هي افعال ڇڏي تون ڏيندين،
اڳ کان بيشڪ اڳرو ٿيندين.
وقت اچا ويو ناهہ دڪايل!
ساجهر ٿيءُ سجاڳ! هاري جاڳ ....

پورهيت جي پڪار

ونڊي ورهائي کائيندا سين،
ڪَسُ نہ ڪنهنکي لائيندا سين.
پنهنجو حق بچائيندا سين،
ڪس نہ ڪنهنکي لائيندا سين.

تنهنجي محنت مزدوريءَ جي،
قيمت؟ بک بيڪاري!
پورهيت! تنهنجو ڀاڙو ڀاري.
رڻن اُپائڻ وارا پورهيت!
ساري جڳ جا پيارا پورهيت!
پاڻي منڙو واهڻ وارو،
سمنڊ سان گڏجي ٿئي ٿو کارو؛
امرت منٿن جي هڪ واريءَ،
آئي آهي واري.
پورهيت! تنهنجو ڀاڙو ڀاري.
پرم پيلاڙو هيڪر لاهي،
ڪوڙ ڪپٽ جا ڇڏ ٽون ڍاهي.
قربانيءَ جو ديپڪ باري،
ڇڏ اوديا جي اوندهه ٽاري.
ڪر حق-تلفي دور دڪايل!
حاصل ٿئي حقداري.
پورهيت! تنهنجو ڀاڙو ڀاري.

جاڳ پورهيت

پورهيت!

تنهنجو پلڙو ڀاري،

تو! ڇا کون دل هاري.

پورهيت! تنهنجو پلڙو ڀاري.

وقت، وسوڙهل! ناهي ساڳيو،

تنهنجو حق ڪر موڙي جاڳيو.

اڄ ڪله وقت سلامي تنهنجو،

سارو جڳ ٿيو حامي تنهنجو.

تون موقعي جو مرم سڃاڻي،

ڪر همت هوشياري.

پورهيت! تنهنجو پلڙو ڀاري.

پورهيو پنهنجو پاڻ نه کائين؛

ٻوڙنجيءَ وارن کي ورسائين!

خود غرضيءَ جو دئِت هچارو،

دوکي سان ٿو ڪسجي گذارو!

هٿ اُٽڻ ۽ دستڪاريءَ جو هنر،
پين گهرو هنرن سان پڻ دل لائجو.
جيڪڏهن چاهيو سُکيو سهنجو گذر،
هٿ جي پورهئي کان نہ هَڏِ ڪيٻائجو.
آهه سستي ئي گراوٽ جو سبب،
پاڻ جاڳي ملڪ کي جاڳائجو.
جي دکايل! ديش جي اُنتي گهرو،
سڏڙو گانڌيءَ جو اوهين ورنائجو.

فئشن پوڄاري!

ٿا ملڪ ڪريون برباد، ايءَ فئشن پوڄاري!
اٿي عام اِها فرياد، ايءَ فئشن پوڄاري!
چو خوني ڪپڙو پايو ٿا،
بک پارت جي چو وڌايو ٿا.
چو گهر کي آگ لڳايو ٿا. ايءَ فئشن ....
اوهين عام برائي جاهل ٿيا،
خود قوم جا قاتل، ڪاهل ٿيا.
چو نت شت پاسي مائل ٿيا. ايءَ فئشن ....

پورهيت جي حالت

پورهيتن جي گهر الا! افلاس غربت جو الذير
عيش و عشرت ساڻ روشن محفل سرمايدا
مِس هجي، موٽر هجي، پڻ پُر هجي پيالو شراب
پَر مزورن لاءِ مشڪل آهه پورو روزگا
هت هزارين ۽ لکين محتاج رُلنيءَ لءِ، مگ
سڄو يورپ لاءِ شاهوڪار کي گهرجن هزا
لاڏلا بيشڪ زميندارِ، اُڏائن گُلڇر
پر ڪٽنب جي پالنا لءِ آهه پورهيت بيقرا
اُف! زمينداريءَ جي گهاٽي ۾ تو پورهيت پيڙجي
جنهن جو پنهنجي زندگيءَ تي ناهه پورو اختيا
حضرتو! هارين کي ليڪن ڪيئن وساري ٿا سگهو
آهه جن تي اي دڪايل، ديش جو دارومد

پنهنجا هنر هميتايو

پنهنجي هنرن کي اوهين هميتائجو،
پاڪ پورهئي تي هي هت هيرائجو.
کين ڏارين جو اُئيل ڪپڙو ڪجو،
پر فقط پنهنجو جڙيوئي پائجو.

ڪانگريس ۾ جيڪي ترکن ويچارن جا نؤجوان
هئا، اُنهن گڏجي راشٽر-سيوادل کي جنم ڏنو. سڄي
ملڪ ۾ هزارين شاخائون هن قومي سنگٺنا جون کلي
ويئون. سنڌ ۾ بہ هن هلچل ڪافي زور ورتو.
هزارين جوان ۽ جوانڙيون قومي سيوادل ڏانهن
ڇڪجي آيا. بدني ڪسرتن سان گڏ ڪين قواعد پڻ
سيکاريو ويندو هو. ميلن توڙي ميٽنگن وقت
راشٽردل جا سئنڪ واهہ جو بندوبست رکندا هئا.
سنڌن رئليون ٿينديون هيون ۽ ڪئمپون پڻ ڪندا
رهندا هئا. ۱۹۴۲ع واريءَ هلچل ۾ هن دل جا گهڻيئي
سئنڪ ستياگرھ ڪري جيل ويا. اُنهيءَ وقت قومي
سيوادل جي سپاهين جا گڏيل مارچنگ-راڳ اڄ بہ
ڪم اچڻ جهڙا آهن. پڙهو ۽ ڳايو.

ذرو درد نہ دل ۾ ڌاريو ٿا،
ڪجھ قومي فرض نہ ساريو ٿا.
ڇو مفت غلامي گهاريو ٿا. ايءِ فتنشن ....

سڄو ملڪ جڏهن ماتام اندر؛
اوهين عيشن ۽ آرام اندر.
پيئو پيگ پيالا جام اندر. ايءِ فتنشن ....

اڳيان رنڌڪ اوهانجي جي نہ اچي،
هوند هاچل هيءَ ڪي رنگ رچي.
وڌ ظالم سهڻ کان ملڪ بچي. ايءِ فتنشن ....

اوهان صدقي هزارين جيلن ۾،
وڏا وير وڃي پيا وئلن ۾.
اوهين اڃا تماشن کيلن ۾. ايءِ فتنشن ....

جي مدد نہ ڏيو آزار نہ ٿيو،
هن شاهہ راهہ ۾ خار نہ ٿيو.
جي پنهنجا نہ ٿيو تہ بہ ڌار نہ ٿيو. ايءِ فتنشن....

ڏيو آٿت ديش 'دڪايل' کي،
ڪيو ننگ نہ مات ستايل کي.
وٺو موٽي ملڪ وڃايل کي. ايءِ فتنشن ....

راهه ڏکيري پنڌ اُٽانگو،
سرُ جو ڪرڻو ناهي سانگو،
وجهه منزل تي قدم ڪرارو،
رک مقصد جي آس.
ساٿي! همت کي شاباس.

سپاهي جوان!

سيوا دل جا نوجوانُ! ڏي آتم بليدان.
تون ديش جو گهمنڊ،
تون قوم جو گهمنڊ.
تنهنجي روحاني تيج جو ساڪي سج چنڊ.
تون سانتيڪو طوفان.
سيوادل جا نوجوان ....
اهڙو ڪو ڪر يتن،
آزاد ٿئي وطن.
خدمت ۾ قوم جي تون اربي ڏي تن، بدن.
تيءَ ملڪ مٿان قربان،
سيوادل جا نوجوان ....

راشٽر سيوا دل

همٿ کي شاباس،
ساٿي! همٿ کي شاباس.
قرباني جاڳائيندي تنهنجو،
قـوم‌ـي وشـواس.
ساٿي! همٿ کي شاباس.
رات انڌاري ڪاري ڪاري،
گهور گهٽا ڇانئي چؤڌاري،
ڪنوڻ ڪِنوي طوفان ڪنبائي،
ڦاٽي پـل آڪاس.
ساٿي! همٿ کي شاباس.

گانڌيءَ نيٺ شخصي ستياگرهه ڪي عام
تياگرهه جو روپ ڏنو. بابو سڀاش چندر بوس انهيءَ
ڇ هندستان منجهان لڪي ڇپي وڃي جرمنيءَ
تو هو، جتان هو جاپان آيو ۽ اتي ڀارت جي آزاديءَ
ه هن آزاد-هند فوج کڙي ڪئي. گهڻيئي هندستاني
ڪي قيدي خوشيءَ سان پنهنجي محبوب اڳوان
ي کڙي ڪيل فوج ۾ اچي شامل ٿيا. مهاتما گانڌي
٩١٩ اع واريءَ هلچل ۾ ملڪ کي جيڪو نعرو ڏنو،
و هو 'انگريز! ڀارت ڇوڙدو'. هن نعري سچ پچ
نگريز حاڪمن جي ننڊ ڦٽائي ڇڏي، ان هوندي ٻ
ستر ملڪ ڇڏڻ وارا ٿورو ئي هئا. هلچل کي
يالڻ لاءِ ڌاريءَ سرڪار سڀ ڀتن ڪيا ۽ ٻاهرينءَ

جـــي ٽيز ٽٽي ٽبر،
سيني کي ڍال ڪر.
سوراج جا سپاهي! پنهنجي قدم نـــہ ٽر
ٽون ويرن جي سنتان.
سيوادل جا نوجوان ....
رک اهنسا جي خوُ،
ستيہ جـــي جُستجوُ.
ٽوکي مٿي دکـايل! ماٽا جـــي آبـــرو
ڪر اوچو هندستان،
سيوادل جـا نوجوان!
ڏي آتـم بـلـيـدان.

ديشواسين کي سڏ

ڪيو سائين! ڪيئن نہ ڪري جوان جنگ واسطي،
جوان جنگ واسطي، جوان جنگ واسطي.
وهين ڏيندا ڇٽو ڇٽو ڪٽڪ ٽيند و گهٽو گهٽو،
ڪوپا ڪُڏي ڪاهي پوندا تيز ترنگ واسطي.
ڪرت ڪاريون وير! وساريون پرت پاريون ملڪ سان،
ت سنڀاريون جان نہ واريون ننگ ننگ واسطي.
ور لڙائي آهہ هلائي هندستانين هن دفعي،
ڳيون آئي ڏڙ ڏڪيائي فوج فرنگ واسطي.
ڪوپا! ڪاهي، سينا ساهي، هلو ڪاهي هيج مان،
ات سنڀاهي سٽنا ناهي، تير تفنگ واسطي.
لڪ اڳيان اڄ آهہ ڏڪايل! سوال حياتيءَ موت جو،
وکو آهي دير ڪندي ميدان تنگ واسطي.

آزادي!

جا بي جي اچڻ ڪان تون ڪندينءَ انڪار آزادي،
ڏسندينءَ نوجوانن جون سسيون ڏڙ ڏار آزادي.
نوسين شوق سان پنهنجي بدن جو خون پيئندا ہ،
ڏيو شايد اچا تنهنجو ڪپر تمنار آزادي!

ريت نه هلچل جڙ ماٺي ڪري ڇڏيائون. ٻئي پاس
ملڪ به ماٺ ڪري ڪين ويٺو هو. جنوري ٩٢٥
ٺاءِ جوان پٽي جيلن ۾ آيا ۽ ويا. هن هلچل ۾ گهٽيئ
شهيد ٿيا. سنڌ جو ويرهيمون ڪالاٽي به هن ئي هلچ
۾ ڦاسيءَ تي لٽڪايو ويو. سنڌ "پارت ڇوڙ دو
واريءَ هلچل ۾ خوب پاڻ ملهايو. نتيجي طور، ه
هلچل ڪانپوءِ ١٩٤٦ ۾ جڏهن وري اسيمبلين جون ع
چونڊون ٿيون نه سنڌ جي هندو ٽڪن منجهان س
سيڪڙو اُميدوار ڪانگريس ٽڪيٽ تي ڪامياب ٿي
هڪ مسلمان به ڪانگريس ٽڪيٽ تي چونڊجي آي
اُٺويهه سؤ ٻائيتاليهه واريءَ هلچل جون يادگيريو
سٽريون وسرڻ جون ڪين آهن. اُنهن ڏينهن
گيت اڄ به جڙ ڪنن ۾ پيا ٿا وڄن.

سڪتا گمان انديشا ڇا جا،
اُٿ او پنهنجي دل جا راجا!
اُچل اُچل بي فڪر جوئاري،
فڪر وري ڇا لاءِ؟
جوئاري! سر جو داءُ لڳاءِ.

ڪاڻ نہ مور ڪڍي ڏاري جي،
بازي آخر دل واري جي.
سوار نصيب جي گهوڙي تي ٿي،
پِڙ ۾ پير جماءِ.
جوئاري! سر جو داءُ لڳاءِ.

راند ڏيکر جي ريت نياري،
هاري پي جنهن راند نہ هاري.
هار ۽ ڪٽ کي فرضي ڄاڻي،
دم دم بازي لاءِ.
جوئاري! سر جو داءُ لڳاءِ.

ڪيڏ تون ٽيسين راند جوئاري،
جيسين سوپ ملي ساري.
آزاديءَ کي مقصد ڄاڻي،
داءُ دڪايل! لاءِ.
جوئاري! سر جو داءُ لڳاءِ.

بٽي آڪاس ۾ تارا، تڪيون اڄ راهه تا تنهنجي،
مگر تنهنجو اچا تاءِ نه ٿيو ديدار آزادي.
جڏهن يڪمشت ٿي ايندا هندي آزاد مندر ۾،
ڪنبي ويندو سندن تعداد کان سنسار آزادي.
اچا توکي کپي جي رت شهيدن جو کُلي ڇو تون!
ڏيڻ لءِ اڄ به ڀارت ۾ هزارين تيار آزادي.
ڪيو جن هيج مان هيڪر 'دکايل' تو سندو درسن،
نه توکان سي گذاريندا گهڙي هڪ ڌار آزادي.

سر جو داءُ لڳاءِ!

جوئاري!
سَر جو داءُ لڳاءِ.
جوئاري! سر جو داءُ لڳاءِ.
ملڪي محبت جي هن پڙ ۾،
جيڪي هجئي هاءِ.
هار جيت جي چنتا ڇاجي؟
اُٿ دارو اُڇلاءِ،
جوئاري! سر جو داءُ لڳاءِ.

جڳ وانگيان توں بي نہ شرابي،
رک سالم نت هوش شتابي.
مئنوشيءَ جي موج انهيءَ ۾،
ماڻي ڪو مستانو.
شرابي! شال وسي مئخانو.
اهڙي پيمار دکايل، سرڪي،
زاهد پاڻ پيئي خود مرڪي.
بندش ۾ نہ رهي ڪو عالم،
ٿئي نہ نجات بهانو.
شرابي! شال وسي مئخانو.

بهادر سئاگرهي

(سنواد)

سکي! ڪير آهي؟
سنگينن جي ڀري ۾،
هي ڪير آهي؟
زنجيرن ۾ جکڙيل ڪو نر شير آهي.
سکي! ڪير آهي؟
خماريل اکين ۾ عجب آهہ مستي،
ڪري ٿي جا ظاهر دلاور جي هستي.

ملڪي محبت جو شراب!

شرابي!
شال وسي مئخانو،
ملڪي محبت جي مئہ وارو،
ڇلڪي پيو پئمانو.
ڦُرڪي هڪڙيءَ سان بدلائي،
جهونو رنگ زمانو.
شرابي! شال وسي مئخانو.
ڀي پل پيالن تي پُر پيالا،
ملڪي محبت جا متوالا!
پيئندي ڏس! جيئن پيرن ٺرڪي،
لوڪ نہ ماري طعنو.
شرابي! شال وسي مئخانو.
دارون دنگ پريا ليئائي؛
ڇڏ جنسي درياهہ وهائي.
وهم غلامي ٻوڙي هيڪر،
ديس بڻي ديوانو.
شرابي! شال وسي مئخانو.

ٻڌ سکي!

جواب!

اچــا ٿي نهاريان.
ويــا هو سکـي!
مان اچا ٿي نهاريان.
پڇين ٿي، ته ڇو ٿي اڄهل لڙڪ لاڙيان؟
ويــا هو سکـي!
مان اچا ٿي نهاريان.
هو بانڪو بهادر وطن جو سپاهي،
سدا ديش سان جنهن ڪئي خيرخواهي.
سکي! ڇونه اهڙي کي،
سڄو دل سان ساريان.
ويــا هـو سکـي!
مان اچا ٿي نهاريان.
ٻٽي سنتري جنهن ڪئي پاسباني،
وطن جي ڀلي لءِ ويو ڏيئي جواني.
انهيءَ وير کان ڇا،
رکي لڙڪ واريان؟
ويــا هو سکـي!
مان اچا ٿي نهاريان.

منهي مرڪ منهن ۾ ني،
ڪو دلير آهي!
سکي! ڪير آهي؟

نه لرزش آنگن ۾ نه ڏڙڪڻ بدن ۾،
ذري خؤف جي ڪا علامت نه تن ۾.

نڪو بي ڏڙڪ چال،
۾ ڦير آهي.
سکي! ڪير آهي؟

مرڻ جو نه هنڪي کو آرمان ٿو ڏسجي،
نه چهري تي دهشت جو نيشان ٿو ڏسجي.

نه سستي قدم ۾،
اڳي پير آهي.
سکي! ڪير آهي؟

هليا ويا سکي! تون اچا ٿي نهارين؛
اَڙي، هي ڇا! هنجون ڇو تون پيي ٿي هارين؟

ٻڌائين نه ٿي؟
ٻيو مڙيوئي خير آهي.
سکي! ڪير آهي؟

ۓ ڪالر جي ڦندن ۾ ڦاسڙو مونکي نہ آهہ،
هنجي گردن ۾ هي موذي مار صاحب رهڻ ڏيو.
ل ڪمربند سان ڪشيو صاحب اوهين هي سوٽ ڪوٽ،
امو منهنجي جان تي سلوار صاحب رهڻ ڏيو.
ٽ ڊاسن جا پاڇي پيرن ۾ پايو شوق سان،
نهنجي پيرن لۓ هندي پيزار صاحب رهڻ ڏيو.
ڪي اُگهاڙي ناچ ۾ نيبهہ اوهانکي ايگ پيگ،
هڙيون رسمون سٺ سمندر پار صاحب رهڻ ڏيو.
ل پڙهو لنڊن جي اخبارن ۾ معشوقي قصا،
نهنجي لۓ 'هندو' فقط اخبار صاحب رهڻ ڏيو.
ونکي ڪاليداس، ٻيوس، جي فقط ڪوتا ڪبي،
ور شيڪسپيئر جا اشعار صاحب رهڻ ڏيو.
ل تہ انگريزي ۾ لٽڻن ۾ اوهين گٽمٽ ڪريو،
نهنجي لب تي ديش جي گفتار صاحب رهڻ ڏيو.
ل اوهين سرڪار جي سروس ڪريو، مونکي مگر،
لڪ جي خاطر تي اڄ بيڪار صاحب رهڻ ڏيو.
ر اوهين محلين گذاريو، پر 'دڪايل' لۓ فقط،
يوا مندر جي ٽٽل ديوار صاحب رهڻ ڏيو.

غلامي وطن جي رهڻ ڪين ڏيندس،
ڇيائين، يا مرندس يا آزاد ٿيندس.

سڪي! ايڏو اُپڪار؛
ڪيئن مان وساريان؟
ويا هو سڪي!
مان اڃا ٿي نهاريان.

جني ملڪي محبت وڏو ڏوهه آهي،
گهرڻ پنهنجي آزادگي ڏوهه آهي.

اُتي ڪيئن دڪايل!
سڪي ٿي گذاريان؟
ويا هو سڪي!
مان اڃا ٿي نهاريان.

ديش پريم

ديس سان منهنجو ڏٺيءَ لڳ پيار صاحب رهڻ ڏيو
ملڪ مادر جو ٿي خدمتگار صاحب رهڻ ڏيو
هئٽ مغرب جي مبارڪ هجي اوهانکي اي جناب
منهنجي سر تي مشرقي دستار صاحب رهڻ ڏيو

پارتواسي جاڳو

اُٿو پارتواسي جاڳو، اڄ آيو سمو سڀاڳو،
ڇڏيو غفلت آلس تياڳيو، اُٿو پارتواسي جاڳو.

جڏي ساري دنيا جاڳي،
رهي حالت اوهان جي ساڳي.
گهڙي آئي کهڙي نياڳي. اُٿو پارتواسي....

اوهان پنهنجا هنر ورسايا،
ويا زور وٺي هٿ ڏاريا.
ڪئي پائر بکن ۾ ماريا. اُٿو پارتواسي ....

سڄو ملڪ مري ٿيو ماندو،
سڀي سوُر الا! هيڪاندو.
وڏي آفت ۾ ڪنهن آندو؟ اُٿو پارتواسي ....

هلو، هلي ڏسو ڳوٺاٺا،
سدا روئن روز نماڻا.
سهي سوُر گهڻا ٿيا ساڻا. اُٿو پارتواسي ....

اڄ روز سهانگو آهي،
پر موت مهانگو آهي.
ڏاڍو وقت اڻانگو آهي. اُٿو پارتواسي ....

قومي گيت

ڪنهن سان سُور وطن جا سليان، سليان،
ٻري ٻري دل ٽٽي ٽي ٻوڙها .
ڪنهن پر هينئڙو جهليان جهليان .
ڪنهن سان سُور ....
ملڪ نهاري ٿيو من ماندو،
روز نہ ڪو رودن ڪان واندو .
ديس جو دک ڏسندي هيڪاندو،
پاڻ پلا ڪيئن پليان پليان .
ڪنهن سان سُور ....
ننڊ سان نيهُن لڳائي ويٺس،
هٿ هٿ هوش گنوائي ويٺس .
هٿ سان ملڪ وڃائي ويٺس،
هاڻي ٿو هٿڙا مليان مليان .
ڪنهن سان سُور ....
راز ڏسيو اِهو گانڌيءَ ڪامل،
ديس ڇليو ڌارين جي ڇل ول .
آءُ نہ ڪنهن کي ڪين دکايل !
اهڙي ڇِل ٿو ڇليان ڇليان .
ڪنهن سان سُور ....

بز سائي گاهه سان اڳ چمڪندڙ چؤگان هو،
ر ۽ ڳهه جي ندين سان مرڪندڙ ميدان هو.
سار طرفي چندر ونسي راجپوتي شان هو،
يس رکشا لء اُنهن وٽ جوش هو جولان هو.
ان جو پرڪاش جڳ لء آرين استان هو،
شترين جي لاء سارو تاج ۽ طومان هو.
ر قومن حاسدن لء حسرتي سامان هو؛
ي دکايل! دور ديسن ۾ هندي فرمان هو!

اخلاق سڌاريو!

رت جي پراچين سڀيتا نہ وساريو، اخلاق سڌاريو،
ڙي جا صدين کان سا وري ڪار سنواريو. اخلاق سڌاريو.
هر ڪي رهي ڪين نمائش جي ضرورت،
پالش جي ضرورت.
ي نانگ ڇڏي باهريان اندرڪي اجاريو. اخلاق سڌاريو.
نسار ڪي تهذيب جو جنهن پاٺ پڙهايو؛
سؤ دؤر ڪرايو!

اڳي هئي هٿن ۾ برڪت،
اڄ آهي ڪٿي سا شرڪت.
ڪٿي ملڪ سان ڌارين حرڪت. اُٿو ڀارتواسي....

جنهن قوم اندر ڪمزوري،
تنهن قوم جي جيوت ٿوري،
اهڙي ڪانئر قوم نڌوري. اُٿو ڀارتواسي....

جا قوم رکي ٿي طاقت،
خودداري حوصلو همت.
سا رهندي قوم سلامت. اُٿو ڀارتواسي....

جيسين قائم آهي غلامي،
هي مارو مرض مدامي.
تيسين رهندي بي آرامي. اُٿو ڀارتواسي....

اڳيون اوج

جڏهن پنهنجي ديس جي چيزن جو هت سنمان هو
هند جي هر هڪ ٻچي وٽ ڌرم هو ايمان هو
جڏهن ڀارت ورش جو چرخوئي مکيه پرڌان هو
۽ نزاڪت ڪان سمايل نرّ ۾ ململ ٿان هو

هڪڙا ڪائن پيا واجهائن،
روئي روئي حال وڃائن.
ترس ڪو ڏن تي ڪائي. شل پلو ....

هن غربت جو سبب غلامي،
آهي غلامي مرض مدامي.
مانجهي ڪو ملڪ بچائي. شل پلو ....

بانهپ شرم حياءُ کي ٻوڙي،
بانهو، جو دم جيئرو، لوڙي.
بانهپ زلت اُنائي. شل پلو ....

آزاديءَ جو ملهه نه ڪوئي،
جنهن سک ماڻيو ڄاڻي سوئي.
لوڪ سڄو ٿو ڳائي. شل پلو ....

ديش جي لءِ جن ڪفني پاتي،
راهه حقيقي اُنهن سڃاتي.
ويرو ويا سي وڃائي. شل پلو ....

شال دکايل ڀارت جاڳي،
بانهپ جي هيءَ زلت تياڳي.
مرڪي پاڻ ملهائي. شل پلو ....

ڪجهه ياد ڪري اڄ اڳوڻي ڏي نهاريو. اخلاق سڌاريو
اخلاق سان اِنسان ٿو اِنسان چوائي
آدرش سڌائي.
سياڻا ٿيو اُصولن تي ٻهو راهه سنڀاريو، اخلاق سڌاريو
هيءَ آگ بد اخلاق جي ڌارين جي لڳايل
ڪجهه سوچ د ڪايل!
آڌار ڇڏي ٻين جو، اُٿو پنهنجي ڪا ٻاريو. اخلاق سڌاريو

پلو ڪر نہ پلو ٿيندي

ديس جو ڪر ڪو پلو شل پلو ٿيندي،
پلو اُهو جيڪو پال پلائي. ماڪ جو ....
ديش جي چنتا چت ۾ ڌاري،
چڏ هيءَ اوکي ساعت ٽاري.
جاڳ ٿون جڳ جاڳائي. شل پلو ....
پورهيو جن جو پلي نہ تن جي،
پاڳ وجي پيو پائر ٻين جي!
جيڪو ڪٿي سو نہ کائي؟ شل پلو ....

دهشت جو طوفان اُٿي پيو،
وحشت جو پيو ڦاٽي بادل.
نوري ٽڙڪو آشا وارو،
ڏيندو رهڻ نہ مور انڌارو.
دل جي پار مشعال،
او ڀارت جا لال!

ستياگرهي! مست سپاهي،
ساهيءَ ۾ آهي گمراهي.
آزاديءَ جو راهہ نيارو،
ترڪي پوندو ترسڻ وارو.
چست ڪيي ٿي چال،
او ڀارت جا لال!

سنبريو ساٿ ڪڙو واجهائي،
ڪوُچ جو جيسين اِشارو پائي.
وڄندو ناد جڏهن حق وارو،
ڪڏندو ديش دڪايل سارو.
پو ڪنهن جي ڇا مجال،
او ڀارت جا لال!

او پارتي!

او پـــارت جـــا لال!
اُلـــٽ پلٽ ڪـــر خيال.
او پـــارت جـــا لال!
پيدا ٿئي جنهن خيال منجهان، پانهپ جو رنج ملال،
او پارت جا لال!
او دل وارا نڏر باغي!
جهاڳي چڙهه هي سمنڊ دماغي!
تون مشڪل تڙ تانگهڻ وارو،
توکي کڙو دور ڪنارو.
ڪافي هـڪڙي چـال،
او پارت جا لال.
ٿاڪ ٿڪر وهمن جو پاري،
پير لڳئي ٿي پوندو واري.
ڪـــڻ هٿوڙو همت وارو،
ٻاهه حياتيءَ جو تنگ چارو.
شـاهـي راهـہ سنيال،
او پارت جا لال.

حوص جي لڳي آگ دنيا جاي، اُٿ!
وطن جي شجاعت جا وارث وَلي! اُٿ!
دکايل کپي تــو پايدان شاهي.
وطن جا سپاهي!

همت ڌار

نوجوان! همت ڌار،
همت ڌار، دل نہ هار.
قدم ڪٽي پنتي نہ نهار،
نوجوان! همت ڌار.

آفت سان چوڻون ڪائيندو هل،
هل منزل تي، ٽون ڪاهيندو هل.
ٽِرڪين، ٽِڙڪين، دم نہ ٽوڙين،
دم نہ ٽوڙين، منهن نہ موڙين.
تــوڙي اچــني ڪشٽ هزار،
نوجوان! همت ڌار.

جوالامکي پِل ڦاٽي دگهہ روڪي،
بام فلڪ روڪي نہ سگهي توکي.

امن جا سپاهي!

او! وطن جا سپاهي!
امن جا سپاهي!
سڏي ٿوڪي ٿي خلق جي خيرخواهي!
وطن جا سپاهي!

صلح جو فرشتو ٿو توڏي نهاري،
وجهي ننگ تهذيب جو ٿو پڪاري.
لڙاين دنيا ۾ مچائي تباهي.
وطن جا سپاهي!

رهيو ڪين انسانيت جو زمانو،
ٿو لُٽجي دنيا جي حيا جو خزانو.
وسيلو ٿي واھَر ڪري ويھ واهي.
وطن جا سپاهي!

دنيا جي ڀلي لءِ حياتي فنا ڪر،
هنئين ۾ پٿر جي ٿون پيدا ديا ڪر.
وَطن جي ٿئي ثابت جيئن بي گناهي.
وطن جا سپاهي!

قبوليي ٻين جي ٻانهپ؛ حيف صد، نڌر بڻيو آهين،
وساري ڪلمو آزاديءَ جو تون ڪافر بڻيو آهين.
ٻانهپ جي حياتي جڻ ڪنڊ تي ڪاٺي،
جيئري ئي مماتي امرت جا اُجايا.
ڇؤ ٽوڪي ڪپي چا او هند جا ڄايا؟
منن ٻولن جي ڏوڪي ۾ وئي آزادگي تنهنجي،
ڇڏي امرت، زهر جي لءِ وڌي آمادگي تنهنجي.
وئي ڪنهن دربدر ناشاد سانگي شادگي تنهنجي؟
دنيا حيران آهي اڄ ڏسي هيءَ سادگي تنهنجي!
تو ڪئي جا ڀلائي ڏارين سا ڀُلائي؛
بدلي ۾ بُرائي پيا بند نياڳا!
ڇؤ ٽوڪي ڪپي چا او هند جا ڄايا؟
اُٿي اڄ وقت آيو آهه طاقت آزمائڻ جو،
ڪايل ديس ماتا سان سچي ناتي نڀائڻ جو.
ڪو ڪر حيلو غلامي داغ هستيءَ تان مٽائڻ جو،
ڪين جي درد لاهڻ جو وري بگڙي بنائڻ جو.
اُٿ جنگ جا باني، جوڌن جي نشاني.
ڪر ياد نندگاني او نقش بقا جا،
ڇؤ ٽوڪي ڪپي چا او هند جا ڄايا؟

اڳتي هلڻ جو ڪر ڪو حيلو،
ڪر ڪو حيلو همت وسيلو.
همت سوپ سندو هٿيار،
نوجوان! همت ڌار.
ڪانئرتا ڪي ذلت ڄاڻي ڇڏ،
قوّت ايرادي ڪي پنهنجي سڏ.
ڪاميابيءَ جو گُر قرباني،
گُر قرباني ڳُر قرباني.
ڪندي دڪايل جا اِسرار،
نوجوان! همت ڌار.

نوجوان!

ڇؤ توکي ڪبي ڇا او هند جا ڄايا؟
ڇا تنهنجي تقاضا، او هند جا ڄايا.
پوري ڪٿي روٽي ڏن ٿي نہ لنگوٽي؛
هرشيءِ جي ٿي کوٽي سوُرن جا ستايا.
ڇؤ توکي ڪبي ڇا او هند جا ڄايا؟
ڇڏي حق مالڪيءَ جا غير جو چاڪر بڻيو آهين؛
نہ ڪ تنهنجو جي ڪائن تن جو تون نوڪر بڻيو آهين!

ڱرس جي صاف و رنگين گلشن جو سير باقي،
اشنگٽن ۽ ٽوڪيو، پيڪنگ جو سير باقي؟
يوي دکن آ گهيريو هندوستان تنهنجو،
هي سچو ۽ سکٽو ملڪي مڪان تنهنجو.

۴

ورپ ۾ نيستيءَ جو سامان ٿي رهيو آهه،
بڪار هرڪو ديوي! اِنسان ٿي رهيو آهه،
باد شهر مڙجي ويران ٿي رهيو آهه.
مئنچيسٽر سڄوئي سنسان ٿي رهيو آهه.
هڙيءَ جڳهه ۾ ڏوکي گهارڻ مان فائدو ڇا؟
رنج و الم جي چوٽن کائڻ مان فائدو ڇا؟

۵

يءَ لکشمي! اسان کان پوڄا به نت ڪرائين،
يرن ۾ پاڻ ٻوڙي ۽ تلڪ ٿي چڙهائين.
ي ڏيئو ڏيوريءَ جو پڻ چرن ٿي چمائين،
ه به گهر ڪنگال جي ٿي پيرو پنڻيءَ نه پائين.
تنهنجي ڏني 'دڪايل' بلڪل عجيب چالي،
سونو سنڌ سڳهاڻ رهجي وڃي ٿو خالي.

دولت جي ديوي

دولت جي پاڪ ديوي! آ ڪٿ نشان تنهنجو،
ڪنهن شهر يا نگر ۾ سهڻو مڪان تنهنجو.
ڪنهنکي نصيب ٿيو آ اڄ ڪلهه هي مان تنهنجو،
پارت ڪي آهه ديوي! هردم ڌيان تنهنجو.
ٿيندي نصيب تنهنجي عشرت ڪڏهن اسانکي،
ملندي بڏاءِ تنهنجي راحت ڪڏهن اسانکي.

۲

اي ديوي توکي اڄ مون هر بحر و بر ۾ ڍونڍيو،
جهنگل، پهاڙ، وادي، شمس و قمر ۾ ڍونڍيو.
گنگا، ڪئلاس، جمنا، سنتوڪسر ۾ ڍونڍيو،
گوڪل، پرياگ، متهرا، ڪاشي نگر ۾ ڍونڍيو.
تنهنجي طلب ۾ هرسو ماريم هزار چڪر،
ليڪن ٿيو نه مونکي جلوو تنهنجو ميسر!

۳

پورو نه ٿيو اڃا ڇا لندن جو سير باقي؛
نيويارڪ، مارسيلز، برلن جو سير باقي!

ملڪي همدرد پنهنجان ڪين ڪڏهن رلندي پوليس،
ديس سيوا جي پنهنجان قيد نه زندان ٿيندو.

خود بخود هوش ۾ ايندو هي سڄوئي مغرب،
ثاني ثانيءَ سان مائي خورم و خندان ٿيندو.

گهاري سگهندو نه غلاميءَ ۾ دڪايل! يارت،
ظلم جــو باني زمانـــي ۾ پريشان ٿيندو.

آزاد هندستان

بعد سوراج نئون ساز ۽ سامانُ ٿيندو،
ساري دنيا کان نرالو هي هندستانُ ٿيندو.
دور ٿي ويندي سڀي دؤر خزانُ جي ڪلفت،
هرطرف رنگ و بهارِ چمنستانُ ٿيندو.
هندواسين جون ٿينديون پوريون مرادون من جون،
حال مشڪل جو بڻيو آهه سو آسان ٿيندو.
پنهنجو پئرس ۽ لنڊن ٿيندي ڦري هيءُ دهلي،
رشڪ گلزارِ ارم هند جو بستان ٿيندو.
آسمان هند تي وري برسندي رحمت جي گهٽا،
رنگ اخلاق و مروت جو نمايان ٿيندو.
حسد و بغض جو مٽجي ويندو ڀارت مان نشان،
معو تڪرار نہ هندو نہ مسلمان ٿيندو.
حور آزادي جڏهن مرڪندي ايندي هند ۾،
پنهنجو هي ديس تڏهن پاڪ پرستان ٿيندو.
ٿيندا منسوخ هي قانون هٿيارن جا تڏهن،
هند وارن کي عطا خنجر و پيڪان ٿيندو.
ڪنهن بہ اخبار تي بندش نہ ڪندو ڪو حاڪم،
راڄ قيدي کان ضمانت جو نہ خواهان ٿيندو.

ان ٻہ ٽڪو ڪري ڇڏيو آهي؛ جي ڪو آيو ناهي تہ ڳنڍ
کپائڻ بنا، آفيس مان وڃي ئي ڇو ٿو سگهي؟"

١٩٣٢ وارو آندولن اڃا چالو هو. ضلع ستياگرهہ
ڪاميٽيءَ فيصلو ڪيو تہ وڏندڙ رشوت کي روڪڻ
اءِ بهتر آهي تہ آفيسن ۾ رشوت خلاف لڳايل بورڊن
ي ڏامر سان ڪارو ڪجي ۽ انهن پاڻ کي گرفتار
ڪرائجي! ستياگرهہ جي هيءَ رٿ ظاهريءَ طرح
سڻ ۾ تہ بالڪل عجيب هئي، پر آفيسن ۾ لڳايل
ورڊ، جيڪي جڻ هڪ قسم جي مزاڪ بڻجي چڪا
ئا، ستياگرهہ جي هن قدم انهيءَ مزاڪ جي جڻ
مزاڪ اڏائڻ ۾ وڌيڪ ڪم ڪيو. ٻئي پاسي رشوت
ئندڙ سپاهي، ڪلارڪ ٽوڙي ٽپيدار گرفتار ٿيل
ستياگرهين کي چوندا هئا، "بابلا! ڪڏهن اسانجي
مشڪلات بابت سوچيو بہ آٿو، تہ ڪيڏو نہ جوکو کٽي،
سين هي رشوت جا چار پئسا وٺون ٿا؟ ليڪن اِهي
پئسا اسانجي گهر تاءِ پهچڻ ئي ڪيترا ٿا، ڪڏهن
هو بہ تہ حساب ڪريو. پوليس عملدارن جون رسايون،

سنڌ سرڪار، رشوت کي روڪڻ لاءِ هڪ اِهو
اُپاءُ به ورتو هو، جو هر آفيس ۾ بورڊ هڻائي ڇڏيا،
جن تي لکيل هو، "رشوت ڏيڻ توڙي وٺڻ ڏوهه
آهي، جيڪو هن حڪم جي انحرافي ڪندو اُهيءَ کي
سخت کان سخت سزا ڏني ويندي." هڪ ڪلارڪ
دوست، مٿئين بورڊ جو ذڪر ڪندي ٻڌايو، "يار!
جي سچ پڇين ته انهن لڳايل بورڊن اسانکي وڏي
مدد ڪئي آهي." مون حيران ٿي پڇيو، "اهو وري
ڪيئن؟" ڪلارڪ دوست جواب ڏنو، "هونءَ جو،
ڪڏهن گهٽي ڪم سبب ڪنهن کان رشوت جا چار
پئسا وٺڻ پاڻ جي به وجبو هو، پر هاڻي هنن بورڊن،
اسانجي يادگيريءَ کي جڻ سراڻ تي لڳائي ڇڏيو آهي؛

رشوتي ڪاردار

(وزن جدا جدا)

...ڪائي خان مسواڙي گهرائي زين گهوڙي لئي ؛
...ڌاري ؛ گاهه داڻي جي پريل خرزين گهوڙي لئي !
...ڙهيائين ، باادب ٻوري اڪيون ، ياسين گهوڙي لئي ،
...ليڪن ڪين آئي ڪيس ڪا تسڪين گهوڙي لئي .
...ِيائين، "پنهنجي اُمت سان اچي مولي! تجان ساڻي،
...ڻئين منزل تي پهچائي سگهان خوراڪ ۽ پاڻي."

...وچنو هت ۾ مليو تازو حڪم تپدار کي ،
...يڪ پاڻيءَ جي ضرورت آهه ٿي سرڪار کي .

ڪليڪٽرن ۽ مختيارڪارن جون منزلون ٽوڙي ڀڳتالون، صاحب بهادرن جي گهرن تائ ڀڪل ڇيلن، ٽترن ۽ دڪڻ جي ڇاڏن ڀهچائڻ ۾ ڇا ڪجهه لڳندو ئي ڪين هوندو؟ سچ ته رشوت ۾ ورتل هاٿي، جيسين اسانجي گهر ڀهچي ئي ڀهچي، تنهن کان اڳ ۾ رستي ۾ ئي اينترا ته هٿ گهمائڻ وارا! بينا اٿس جو گسائي گسائي ڪيس ڪُمُو بٽايو ٽا ڇڏين. اسانجي ته ڪرم کهاٽي ته ڀڏو!"

ڏاريءَ ۾ نرڏئي سرڪار اُڻويھ سؤ ٻائيتاليهن
واري هلچل جو وير وٺڻ لاءِ، بينگال ۾ هٿراڌو اناج
جو ڏڪر پيدا ڪيو. هڪ سؤ رپئي مڻ چانور ملڻ به
مشڪل ٿي پيا. بيڪاريءَ ڪري غريب آدمي،
مهانگو اناج خريد ڪٿان ڪري سگهندا. روز هزارين
بينگالي بک ۾ پاهه ٿي مرڻ لڳا. مهاتما گانڌيءَ
سميت هزارين ديش ڀڳت اُنهيءَ وقت جيلن ۾ باند
هئا. انهيءَ وقت جيڪي جيلن کان ٻاهر ديش سيوڪ
هئا اُنهن بينگال کي مدد ڪرڻ لاءِ جهوليون ڪرڻ
شروع ڪيون. سڄي ملڪ منجهان لکين مڻ اناج
جا ڪٽا ڪيا ويا. پر مهاڀاري لڙائيءَ سبب ريل جا

برف آڻڻ لءِ پڇايو ترت ڪنهن ڪمدار کي
۽ گهرايو ناچ ڳاني لاءِ نچڻيءَ نار کي
خرچ عملي جي رسائيءَ جو نمبردارن منجهان
خاص مجلس لءِ ڪريو چندو زميندارن منجهان

٣

رشوت کان دور آهي مختيارڪار صاحب
ساري ضلع ۾ هڪڙو ايماندار صاحب
وٺندو فقط رسائي چانور خرار صاحب
گهر جا ٻه ٽين، نعفو چيلا ٻه چار صاحب
بيشڪ غريب پرور آ ڪاردار پنهنجو
هردم ڀلو گهري ٿو، صاحب هزار پنهنجو

٤

ڪو ٻڌڻ وارو نه آهي اڄ غريبن جي پڪار
هڪڙي منزل ٿي چڪي هڪ سال جو پورو ٻگهار
اي دکايل! ڪين اهڙي حال ۾ ڏي ڪا ميار
ٿو رهي تپدار جو لاپي رسائيءَ تي مدار
ليڪ ڪو اهڙو لکي موڪل هينئر اخبار ۾
جو سجاڳي آڻي هڪ واري ستل سرڪار ۾

بينگال جو ذڪر

(١٩٤٤)

ڪوئي ٻڌي ٻڌي ڪوئي ٻڌي ٻڌي.
درد وندن جي پڪار،
ڪوئي ٻڌي ٻڌي.
ٻڪن ڪيا اڇار،
ڪوئي ٻڌي ٻڌي.
ٻڪن ڇڏيو بينگال نهوڙي،
دانهن دکين جي دل ٿي توڙي.
قياس وهيڻيون دلڙيون ڦٿڪن،
ڪين ڪريو ڪن تار. ڪوئي ٻڌي ٻڌي ....

ڳاڌا ماڻ مشڪل هئا. ان هوندي به بينگال ڏانءِ اناج
پهچائڻ جا يتن ٿيندا رهيا. هن ڏڪر ۾ سڄا سارا
پنجاهه لک پارتواسي بکن ڪري بي حال ٿي مئا.
هيٺيان گيت انهيءَ وقت سنڌ جي شهرن توڙي
ڳوٺن ۾ گونجندا رهندا هئا ۽ مصيبت ۾ آيل پائرن
توڙي ڀينرن لاءِ مدد هٿ ڪرڻ ۾ وڏي هٿي
ڏيندا هئا.

بينگال جي بکايل پيٽ

دکي پيٽ بينگال جي اڄ پڪاري،
بُکن جي مصيبت وڌو جنهن کي ماري.
ڪمائڻ پٽي ويو؛ وري ڪين موٽيو!
ٻٽيو ڪال جو بَڪُ بُکن ۾ گذاري.
سمو سخت آيو پٽي پي ڇڏي ويو،
جيئڻ جي نماڻي نہ ڪنهنجي سهاري ؟
نہ چارو پِنڻ جو نہ پورهئي جو چاڙهو،
ٻِنا ٻار پالڻ جو ست ڪيئن سنڀاري.
اُنهن ڪئي داڻن وٽيڻ تا آندا،
ٿَڪا جيڪي سَگهيءَ کُنيءَ ڏي نهاري.
سنو ٿيو نہ جيئڻ جو، مُئي ماءُ ڪان ڏُک،
دڪايل ويئي، ٻار روئندا رُئاري.

بک بڇڙي ڇا باھہ لڳائي؛
مسڪينن لءِ قيامت آئي.
داڙي داڙي لءِ واجھائي،
روز مرن ٿا هزار. ڪوئي ٻڌي ٻڌي ....
جوُن تي پار ڪتا جھڳڙن ٿا،
پيٽ پنيان پٽڪي دم ڏين ٿا.
ڪوڏين تي معصوم وڪامن،
پيءُ - ماءُ تي ٿيا بار. ڪوئي ٻڌي ٻڌي ....
درد پري ھيءَ آھہ ڪھاڻي،
جَھر جَھرِ نيڻ وھائن پاڻي.
دل وارن جو جيءُ ڏکي ٿو،
روئن زارون زار. ڪوئي ٻڌي ٻڌي ....
دولت وارا ڌرم سڃاڻو،
اِنسانيت جو آنگ پڇاڻيو.
ڏين 'ڏڪايل' ٿا واجھائن،
آھہ مدد درڪار. ڪوئي ٻڌي ٻڌي ....

چترنجن داس

همدرد ملڪ و قوم جا پيارا سي- آر- داس،
اي مادرِ وطن جا دلارا سي- آر- داس.
بيڪس جو ۽ يتيم جو حامي ٻڻئين سدا،
مفلس جي زندگيءَ جا سهارا سي- آر- داس.
ڇا مال و زر جو ذڪر تو تَنُ مَنُ ڪيو نثار،
بي زر و گهر جا جانِ جيارا سي- آر- داس.
حالت ڏکي وطن ۽ ڏکي ديس جي ڏسي،
هرگز ڪئي تو ڪين گوارا سي- آر- داس.
اڄ يادگيري تنهنجي ڏکايل وطن کي آهه،
ماتا جي ماڻڪين جا ستارا سي- آر- داس.

هر ڪنهن ملڪ کي پنهنجا شهيد ۽ ديش ڀڳت
ڏاڍا پيارا لڳندا آهن. ڀارت جي آزاديءَ لاءِ الائي
ڪيترن شهيدن، پنهنجو خون ۽ مٺڙي جواني ڏيئي
ڇڏي. هن باب ۾ اهڙن سڀني شهيدن جو تذڪرو
ته آيو ڪونهي. ڪن جزوي سرفروش جوئي ذڪر
ڪري سگهيو آهيان. اڇو ته اُنهن مرد مجاهدن کي
وري وري ياد ڪري، پنهنجي دل ۾ ملڪ جي
محبت کي تازو رکندا هلون. جيڪي ملڪان مشهور
ديش ڀڳت پنهنجي حياتي ڏيئي، ديس کي جيئرو
رکي ويا، اُهي ڪنهن واقفيت جا محتاج ته آهن ڪين
ليڪن جيڪي شهيد ڪنهن شهر يا پرانت ۾ ئي پڌرا
ٿيا، اُنهن بابت گيت ڏيڻ کان اڳ ۾ اڪر سندن
واقفيت جا ڏنا ويا آهن. سنڌين جي نئين نهيءَ لاءِ
اها واقفيت ضروري آهي.

شهيد هاسارام سندرداس پمناڻي، ڪهڙي سنڌيءَ
ن ڳجهو هوندو. ليڪن ڀارت ۾ اچڻ ڪانپوءِ، شايد
ين لهي پنهنجي هن ويڙ پرش کي وساري ڇڏي،
و خيال ذري ذري ستائيندو اٿم. ڀڳت ڪنور رام
و خون ٿيو ته شري پمناڻيءَ جي ننڊ ڦٽي پيئي.
نڌ اسيمبليءَ جو ميمبر ٿيو ۽ هن اسيمبليءَ جي شاهي
ل ۾ رڙ ۽ رڙ مچائي ڏني ته ”ڇو ڪين ٿو اِمر شهيد
ت ڪنور رام جي خونين کي جهليو وڃي؟ هن سنڌ
ي هڪ وڏي مسام ٻيڙ ٿي باهيو، جنهن جو نتيجو
ڪتو سنڌس خون. روهڙي سٽيشن جي ڀرسان،
س بندوق جي گولين جي برسات وسائي ويئي ۽

پنڊت موتيلعل نهرو جي مؤت تي

غم گهٽا جو آسمان تي ويو اچي ڪارو لباس،
تي وسي ڳوڙهن جي ڦڙ ڦڙ ويو مچي ماتم خاص.
باغ ڀارت مان ڇڄي ويو شاهه گل شوڪت ڀريو،
جنهنجي خوش ناموس وارو واءُ اندر آهه واس.
هندواسين جي جگر تي زخم هي اونهو رسيو،
آهه مايوسي مهاندن ۾ ۽ هرڪا دل اُداس.
مؤت موتيلعل نهروءَ جو سڻون ڪهڙي ڪَنين،
۽ چئون ڪهڙيءَ زبانَ سان ٿيو پنڊتجي سرڳواس.
قيدخاني مان ڀرائي مرض مارؤ لاعلاج،
پيٽ قربانيءَ اڳيان سورهيه ڏري ويو ساس ساس.
جنگ آزاديءَ ۾ اڳرو آهه نهرو خاندان،
ديس لءِ جنهن راڄ سک تياڳي ڪيو ڌارڻ سنياس.
هندواسين جو هي مربي، بابو جوهرلعل جو،
هٿ سڄو گانڌيءَ سندو ۽ سمجهه ۾ سي. آر. داس.
هاءِ هن نازڪ سمي ۾ گهرج هئي تنهنجي گهڻي،
ڏس 'دڪايل' ڪِڙو ٿهري ڪال آهي بي قياس.

وِيو ٻمناٽي

ھن گھڙيءَ تنھنجو دنيا مان ٿيو گذر ٻمناٽي،
و مڇي سنڌ سڄيءَ ۾ ڇا حشر ٻمناٽي.

ن ناحق جو سٽي ماڪ جو ٻيو هيانءَ ڦسي،
ھن ڪان وسريو هو اجا ڪين ڪنور، ٻمناٽي!

اءِ افسوس، ٿئين فرقيپرستيءَ جو شڪار،
ڪي هڏ دل ۾ نہ ڪنهن لءِ هو ڪتر ٻمناٽي.

ن هندستاني اول هئين ۽ هندو آخر ۾،
قيداريءَ ڪان مٿي تنهنجو هو در ٻمناٽي.

۾ مذهب ۽ ڌرم جو تو ٿئي جالو ٻورو،
ف موفين ڪان سگھئين ايڪ اڪر ٻمناٽي.

ائين هي مهاپرش، فرض جي ويديءَ تي پاڻ کي
قربان ڪري ويو. هو ڌرمي آدمي هو ۽ گيتا جو اُپاسڪ
انهيءَ ڪري موت جو مرم هو چڱيءَ پر ڄاڻندو هو
اِهوئي ڪارڻ هو جو پنهنجي موت جا اِشارا پائيندي
به هو موت کان ڊنو ڪين. ائين برابر آهي ته اڄ هو
اسانجي وچ ڪونهي. پر اهڙن وِيرن کي موت
ڪڏهن به ماري نٿو سگهي. تڏهن ته هو اسان سڀني
کي ياد آهي.

شهيد هيمون ڪالاڻي، جڏهن سکر جيل ۾ پڪڙجي
يو تڏهن ڪيس مون واريءَ بئرڪ ۾ رکيو ويو. بدن
و سڊول ۽ هانيءَ جو پڪو. سڪول ودياريٽي ته جڻ
ڳندوئي ڪين هو. شام جو گڏجي رانديون ڪندا
ماسين. خاص ڪري ڪبڏي راند ڏاڍي چاهه سان
ڪندو هو. مٿس اِلزام هو ته هُن ريل جي پٽن سان
ڇيڙچاڙ ڪئي آهي. اُنهيءَ وقت سنڌ سان هُرن
ي هلچل ڪري فوجي قاعدو لڳل هو ۽ انهيءَ ڪري
مٿس فوجي ڪورٽ ۾ ڪيس هليو ۽ ملٽري ججن
يس ڦاسيءَ جي سزا ڏني. ڪيس انهيءَ سزا کان بچائڻ
ي ڪوشش ڏاڍي ٿي پر نرڊئي حاڪم هڪ به ڪين
ڏي ۽ نيٺ سکر جي جيل ۾ هو ڪاندي ڦاسيءَ
ي چڙهي ويو. انهيءَ وقت شهيد هيمون تي جيل
سنڌ جهان ڪي گيت لکي مون ٻاهر موڪليا هئا پر اڄ
هي سڀ نه وري هٿ ڪين چڙهيا آهن. ان هوندي
اچو ته سنڌ س ياد تازي ڪريون.

ڪنهن بني نوع سان هئي ڪانه خصومت تنهنجي
قرب هر ڪنهن سان هيو تنهنجو مگر پمناٽي
تون امر وير بڻجين، شانَ شهيدي پائي
نيارو جڳ کان ٿيو مگر تنهنجو سفر پمناٽي
مڪتي پنهنجي تو ماڻي! ديس جي مڪتيءَ پر ڏني
ڪشٽ ڪاٽي نه ٿَڪجين سُور سهه پمناٽي
مات ڀارت جي سدا تو تي دکايل آسيس
جنهن ڏنو توکي امر وير جو وَرُ پمناٽي

شت! توکي راڄ دولت ني وڏو ايمان آهه،
اد رک، منهنجو بہ هي تَنُ ديس تان قربان آهه.

٣

ي غلاميءَ جو ٿڻي ڪيہ جان منهنجيءَ تي اثر،
ل نہ اهڙيءَ جان تي ڪڙڪي پوي ڦهري پٿر.
ير ڇا جي آهہ ظالم! جاد ڪر قتلام سر،
ڙوڦ سان مرندس جي منهنجو ڪال ٽوڙيندو جگر.
ون ڪيو منظور قاتل! جان ڪان بيجان ڪر،
ون نہ منهنجي نوجوانيءَ تي ذرو ارمان ڪر!

٤

ارسؤ چٽگون اُڏيون ۽ ٿيو زمينَ تي زلزلو،
الم جي تلوار ڪان ڇؤڏر مچي ويو ٽرٽلو.
اءِ مانا! گود خالي ويو ڪري اڄ لاڏلو،
يو دڪايل! ٿاب، ظالم جو سٽيو هو ساسلو.
ي شهيديءَ ڪان ٿنهنجي هيمون! حقيقت سا عيانُ؛
ڪين عالم ڪان ڪڏهن وسري سگهي جنهنجو بيان!

شهيد هيمون ڪالاڻي

خون جي برسات برسي پل ٽڪيءَ تلوار مان
خون جون ڌارون ڇٽن پل جسم جي هر تار مان
خون جو ڦوهارو ڇٽڪي خنجر خونخوار مان
خون ئي وهندو رهي بس تيغ جوهردار مان
پنهنجي گردن ٿي جهليندس ظلم جي شمشير تي
پاڻ کي سونپي ڇڏيندس سنگدل! تقدير تي

٢

خون نازين مان ڪڍي بلدان ڏي تلوار کي
خون جي خوراڪ ڏي پل تيغ جوهردار کي
خون جي ڪر رنگ سان پل لال در ديوار کي
خون جو خوشرنگ ئي پختو ڪندو اقرار کي

زا جُڙي. ڪيس، سندس ٻين ساٿين سان گڏ سکر
يل ۾ آندو ويو، جتي اچانڪ بيمار ٿي پيو. جيل
جهان ڇوڙڻ ٻاهران ڪوشش ڪئي ويئي، ته جيئن
س بنا شرط شروط آزاد ڪيو وڃي. پر انهيءَ وقت
ي هوڏي نوڪرشاهيءَ اِها ڳالهه ڪانه مڃي. اختياريءَ
رن وَر وَرڪري ائين ئي پئي چيو ته، ”قيدي، جي
افي وٺندو ته ڪيس آزاد ڪيو ويندو.“ شاباس هجي
ن وير سنڌيءَ کي، جنهن پاڻ کي ڪال جو گراس
ند و ڏسي به جيل منجهان نڪرڻ لاءِ شرطي آزادي
ول نه ڪئي. جيل جي قانوني دقتن هوندي به
ندس ساٿين سيوا ڪرڻ ۾ ڪين گهٽايو. ليڪن موت
ي اِهو منظور ڪين هو ۽ نيٺ اُماس جي ڪاريءَ
ت ۾ هن جيل جي چوديواريءَ اندر، ڀارت ماتا جي
ه جئڪار ڪندي پنهنجو آخري دم ڏنو. اڄ جڏهن
يش آزاد ٿيو آهي، تڏهن هن غريب ۽ گمنام شهيد
ي يادگيري ڪيترن کي هوندي؟ هيئنيون ڪيٽ
ندس موت ڪانپور ساٿي ڏينهن، سکر جيل ۾ لکيو
ڳايو هوم.

ڀاءُ گوربخش جو جنم بنگاديري تعلقي رتوديري
۾ ٿيو هو. ننڍي ئي سندس پتا گذاري ويو هو
جنهنڪري سندس پالڻ پوشڻ ماتا جي هٿان ئي ٿيو
جنهن هڏ جي پورهئي ۽ ڪمائيءَ سان، پنهنجي ه
سڪيلڌي کي پالي وڏو ڪيو. گوربخش جڏه
وڏڙو ۽ سمجهه وارو ٿيو، تڏهن ماءُ کي وني اچ
لاڙڪاڻي لڳو، لاهورين جي ڳوٺ ۾ رهيو. اُتي
ڪپڙي اُٽڻ جي ڪارخاني ۾ پورهيو ڪري پنهنج
ٻوڙي ماتا جي اَدرپورنا ڪندو رهيو. اُتويهه
ٻائيتاليهن جو "ڪئٽ انڊيا" وارو زمانو آيو ته ه
جوان، گانڌيجيءَ جي سڏ تي اهنسڪ آندولن ۾ ٿي
ٻيو ۽ کيس ڇهه مهينا سخت پورهئي سان قيد

محمد اسلم، بلوچي خاندان جو نونهال هو. سندس پتا، پنهنجي قبيلي جو سردار هو ۽ هن محمد اسلم کي، پاڻ کانپوءِ، سرداريءَ جي شاهي شان ۽ دٻدٻي قائم رکڻ لاءِ پڙهائي سيکاري تيار ڪيو. ليڪن هن جوان کي انهيءَ سرداريءَ کان وڌي ٻي ڪا سرداري پسند هئي. "ڪئٽ انڊيا" جي هلچل، هن جوان کي پنهنجي ڳوٺ جي چوديواريءَ مان ڪڍي، جيڪب آباد وٺي آئي. انگريزن جي دٻڙدونس ۽ اهنسڪ ستياگرهين جي قربانين، اسلم جي بلوچي خون ۾ غيرت جو دؤرو پيدا ڪيو. هو پاڻ جهلي نه سگهيو ۽ گانڌيءَ جي سڏ تي هلچل ۾ ٽپي پيو. ڪيس گرفتار ڪري هڪ سال سخت قيد جي سزا ڏني ويئي. هو جيل منجهان نڪتو ته سهين ۾ سخت بيمار ٿي ۽ ٻاهر اچڻ سان ٿورن ئي ڏينهن ۾ انتقال ڪري ويو. سندس نوجوان پتني ۽ ٻار جتي سندس موت تي رُنا، اُتي هزارين هندو ۽ مسلمان سنڌين، هن وطن جي جان نثار سپاهيءَ جي لاش تي ڳوڙها ڳاڙيا. اسلم آزاديءَ جو پروانو هو، شهيد هو ۽ هو پنهنجي قوم جو سردار.

شهيد گربخش

تنهنجي مرڻي جي خبر آئي ڪٽي ڪاري اُماس،
رات جي ٻهرئين پهر ۾ اوچتي ٿئين سرڳواس.
آخري دم تي وڇوڙيو توکي ساٿين کان قضا،
هاءِ ظالم ڪال ڪهري آهه ڪيڏو بي قياس.
پيو سريرڪ ڪشت جو هرگز نہ ڪو من تي اثر،
ڪاشنائن کان نہ تنهنجو ٿيو ڪڏهن چهرو اُداس.
يگيہ ۾ آزادگيءَ جي پراڻ آهوتي ڪري،
ديس سيوا ۾ ڪيو تو پنهنجو سڦلو سواس سواس.
توکي قربانيءَ جي ڪاليءَ کان اَمر پد ٿيو عطا،
ٿيو شهيديءَ کان سنڌءِ مادر جي گوديءَ ۾ نواس.
ياد اچ گوربخش تنهنجي هر دکايل دل کي آهہ،
تنهنجي معصوميت تي خود ٻوڙها ٿو ڳاڙي ڪارواس.

٤

ڪي هرگز نه هئي غير جي فرمان پسند،
ڪانه منظور سلامي، نڪي سرڪار پسند،
و غلاميءَ کان ڪيو، موت کي صد بار پسند.
ون ازل کان هئين سردار سپاهي! اسلام!
اڪ مادر جو وفادار سپاهي، اسلام!

٥

نهنجي مرڻ تي ڪري هاءِ ٿي ماتم سنڌڙي،
انديءَ سيني ۾ سچر، روح ڀريو غم سنڌڙيءَ.
ي رهي درد وڇوڙي جي کان بيدم سنڌڙي،
ح دکايل سوين دلڙيون ٿيون سنڀارن توکي.
نهنجو نالو وٺي، هر روز پڪارن توکي.

—

سيٺ سندرداس جيل ۾ گڏ هو. اصل ته ڪڇ
و رهواسي هو، پر پيرسن کان ڪراچيءَ ۾ واپار ڪندا
ا هئا. جڏهن جڏهن گانڌيءَ جو سڏ ٿيندو هو،
ي پيرمرد جوانن کي به شه ڏيندي، سيني کان اول
يل جي اندر ڪاهي ويندو هو. نيٺ سندس موت
جيل جي چئن ديوارين اندر ٿيو. سندس ديهانت
ي ناهيل ۽ انهيءَ وقت ٻايل گيت ڪڇ جي سرزمين،
ڏيڏام ۾ رهندي وري ياد ايندو آهي. اچو ته
ڪ پيرو پنهنجي هن پيشمر بناهه کي وري ياد ڪريون.

محمد اسلم

توں بلوچن جي اميراڻي هندوري ۾ لُڏئين،
گود ۾ خان اَچڙِڪَئي جي شهاڻي ۾ ڪُڏئين.
عيش معان جي مٺي دور مدارن تان اُڏئين.
هيٺ هرگز نه هئي تنهنجي نظر ڌرتيءَ تي،
ڪا ڪشش توکي ڪٺي آئي مگر ڌرتيءَ تي

٢

قياس جي ڏوَ لي ڳري، حرص پيو حسرت بڻجي
عيش جي خاص محبت پيئي نفرت بڻجي
تنهنجي عشرت پئي هزارن جي لءِ عبرت بڻجي
شوق شاهي ڇڏي اختيار گدائي تو ڪئي
سادگي پياري حياتيءَ ۾ سدائي تو ڪئي

٣

ماڪ صدقي تو مٺل! مرڪندي گهر بار ڇڏيو
پنهنجي پيارن جو تو، مصريءَ ڪان مٺو پيار ڇڏيو
پياءِ پيرائي ڇڏيا، اولاد سندو آر ڇڏيو
تو ڇڏيو ڇا نه؟ مگر حوصلو همت نه ڇڏي
جيل جو جورو جفا سهندي ٻي جرات نه ڇڏي

...ي ڀتامھ! جيسين هندستان خود مختيار ٿئي،
...ڪين ڀاڄوُن ٽيسين شل ٽنهنجي آتل وشواس ڪي.
...۽ قسمت مڪت-مڱ گنگا ڪناري ٽي رهي،
...ي دڪايل ٽو ڪيو ترپت نہ پنهنجي پياس ڪي.

ماتا ڪستوربا

سيکن جي پنيان ڪنهنجي،
مايوسي نهاري ٿي.
ڪنهن ويوڳ جي صدمي کان،
دل ڪنهنجي پڪاري ٿي؟

تو ڪير ڪري ماتم، صياد جي پڃري ۾،
فرياد دبيل ڪنهنجي، آڪاس کي ڏاري ٿي.
آواز بنا ڪنهن جا سڏڪا ٿا ٻُڌجن هر جا،
خاموشي پلا ڪنهنجي عالم کي رُئاري ٿي؟
خوشبوُ کان رهي جنهنجي، هر وار ٿئي دل معطر،
گانڌيءَ جي دکي دل سا ڪستور کي ساري ٿي.
سوراج جي صدقي جنهن جيان ۾ ڏني جندڙي،
تنهن ماءُ مٺيءَ کي اڄ سنتان سنڀاري ٿي.
آسان دکايل نہ وسارڻ جو هي صدمو ٿيو،
دل روز گهري رات ڏينهان رنج ۾ گهاري ٿي.

شهيد سيٺ سندرداس

ٽي سڏي سڏڪا پري سنڌ سيٺ سندرداس کي،
ٿو سندس رودن ڪنبائي پرٿويءَ آڪاس کي.
چاهه تنهنجو هو نه شل آزاد ڀارت ۾ مران،
ڪال پورو ٿيڻ ڏنو ليڪن نه تنهنجي آس کي.
ٽرٽاو تنهنجي وڇوڙي آندو سنڌ ڪڇ راڄ ۾،
۽ رسايو مؤت تنهنجي صدمو عام و خاص کي.
ميل ٻن رنگن جو تنهنجي زندگانيءَ ۾ رهيو،
تو امر پد ٽي رسايو سنڌ جي اِتهاس کي.
تو هميشه ملڪ جي اعلان ڪي آدر ڏنو،
۽ ڪيو هر بار روشن ڪوٽ ڪاراواس کي
پريم هو تنهنجو نه ڪيڏو پنهنجي پياري ديس سان
جنهنجي ڪارڻ تو قبوليو رام جان بنواس کي
جيل جي سختين اُجهائي جوت جيوت جي ڇڏي
ڪشٽ جي ڪاليءَ اگيان تو پيٽ چاڙهيو سواس کي
پيرسن پنجهٺ ورهين هوندي به ٻل شالي رهئين
تو ڪيو ڌارڻ مگر شيوا جي شڌ سنياس کي
تنهنجي قربانيءَ ٻچن ۾ ديش ڀڳتيءَ کي پريو
آڻيندي تنهنجي ٻالي جنبش ۾ حود ڪيلاس کي

خود وچي جيل ۾ تو جيل جي ڏر کي ميٽيو،
هٿڪڙيون پائي هٿن ۾ تو خطر کي ميٽيو.

٣

مادرِ هند جو اڄ ڪين سونهين ٿو مستڪ،
روح ملڪن ۾ مٿو هاءِ تلڪ، هاءِ تلڪ!
باغ ڀارت مان ڳلن جو هي اُڏامي ويو ڪٽڪ،
ظلم تي ظلم مٿان تنهنجو رهيو هاءِ فلڪ!
تنهنجي تصوير ڦري هند جي نيڻن ۾ سدا،
تنهنجو تمثيل تلڪ! ديس 'دکايل' لءِ دوا.

ٻلا ڀائي ديسائي

ٿي غلاميءَ رات ۾ ويو ڳلُ ڏيئو گجرات جو،
هاءِ اونداهو ٿيو گهر پياري ڀارت مات جو.
موت جي طوفان کان ويو ديش جو ديپڪ ٻجهي،
خاتمو آڻڻ گهريو ٿئي جنهن انڌاريءَ رات جو.
هند جي آزاديءَ جي ڪيس جو قابل وڪيل،
ويو اميلن کي ڏئي ورثو وڏيءَ فڪرات جو،
ڪينئن وساريندو ٻلا ڀائيءَ کي هندستان اڄ،
ڀيد جنهن وٺ هو دکايل ڪين ذات پات جو.

لوڪمانيه بال گنگاڌر تلڪ

خدمتِ ملڪ ۾ هردم ٿي تون مخدوم رهئين،
پنهنجي هر مرد اِرادي ني ٿي محڪوم رهئين.
ظلم سهندي نون زماني جو ٿي مظلوم رهئين،
بيگناهيءَ سان نون پيريءَ ۾ به معصوم رهئين.
ديس سيوا جو اڪر تو نه ڀلايو هرگز،
سر ڪڏهن ظلم جي نيچي نه نوايو هرگز.

٢

قوم ۽ ملڪ جو هردم نوکي همدرد چئون،
صاحب همت چئون هڪ حوصلي مند مرد چئون.
مادرِ هند جو نوکي ئي سچو فرد چئون،
نانءَ نيڪيءَ ۾ ٿا فرزند ارجمند چئون.
ننهنجي ڪوشش جو وڏو هند ني ٿيو آهه اثر،
قوم ۽ ملڪ جا شيدا ٿا اچن خوب نظر.

٣

هند کي سوراج جو سُر نار بڌايو نوئي،
راڳ هي سيلف گورنمينٽ جو ڳايو نوئي.
خواب غفلت مان هو ستلن کي جڳايو نوئي،
صاف ڀلان کي سڌو راهه بتايو نوئي!

نهنجي خوشبوءِ کان معطر هند جي هر ڪُنڊ ٿي،
غ دنيا مان سو گل بي‌خار اچ ويندو رهيو.
م ڳوڙهن سان ڀنل اَکِ دل ۾ ڀاري درد آهه،
نڊ ماتا جي هِنئين جو هار اچ ويندو رهيو.
ون ساري قوم ساري پياري چوئٿرام کي،
اڪٽر جنهن کي ڇڏي بيمار اچ ويندو رهيو.
و دکايل دانهن تي هر وقت تنهنجي ٻوڙي پُڳو
و غريبن جو يگانو يار اچ ويندو رهيو.

مولانا آزاد

آزاد ڀارت جو آواز آزاد،
همدرد هندين جو همراز آزاد.
عاشق رهيو جيڪو آزاديءَ جو،
دشمن غلاميءَ جو شهباز آزاد.
ظالم اڳيان هڏ جهڪيو سر نه هنجو،
مظلوم سان نت هو دمساز آزاد.

ڊاڪٽر چوئٿرام گدواڻي

عرش تان سڏڙو سٽي سردار اڄ ويندو رهيو
همت ملائڪ جا جهلي مهندار اڄ ويندو رهيو
هوُ سپاهي هو سدا همدرد پنهنجي قوم جو
غم ڏيئي تنهنکي دلي غمخوار اڄ ويندو رهيو
ٻين جي دک ۾ ٿي دکي ساعت سُکي ساري نہ جنهن
ڍول سو ڍوئي دکن جا بار اڄ ويندو رهيو
زندگي پنهنجي ڪئي جنهن وقف سيوا واسطي
سو سچو نشڪام خدمتگار اڄ ويندو رهيو
ملڪ آزاديءَ جي صدقي جنهن سوين سختيون سٺيون
سو دلاور ديش جو دلدار اڄ ويندو رهيو
سرُ جُهڪائڻ جو سکيو هرگز نہ ظالم جي اڳيان
سو ستياگرهي سپهہ سالار اڄ ويندو رهيو
ڌار گهر ٺاهيو نہ جنهن ڀارت سڄي کي گهر ڪيو
سو ڇڏي سارو ڪٽنب پروار اڄ ويندو رهيو
جنهن جي همت جي اڳيان خود زور بي زاري پري
سو دلاور بي ڊپو بختيار اڄ ويندو رهيو
ملڪ جي قاتل ورهاڱي هن جو جيءُ جهوري ڇڏيو
آرزو جهرندڙ ڪڍي جهورجهار اڄ ويندو رهيو

ڀارت ۾ آزاديءَ جي هلچل زور شور سان هلي
ي هئي. اهڙي وقت ڌاريءَ سرڪار جي جيلن ۾
ڪي انقلابي قيدي عمر قيد جي سزا ڪاٽي رهيا
ن انگريز سرڪار اُنهن سڀني قيدين کي انڊمان
ڪاري پاڻيءَ ڏانهن رواني ڪرڻ جي ڳڌرائي
ي. سڄي ملڪ ۾ سرڪار جي هن قدم خلاف
راض جو ڏينهن ملهايو ويو. لاڙڪاڻي ۾ ٻه هڪ
ي ميٽنگ ٿي، جتي اُنهن وير پرشن کي شرڌانجلي
ڻ ڪندي هيٺيون گيت ڳايو ويو.

فرقيپرستي ۾ اٽڪيو نہ هرگز،
اتحاد جو ڇيڙيو جنهن ساز آزاد.

دانهن جي هردم ڪري دادگيري،
دائم ٻٽيو هند جو ناز آزاد.

حق گوُ هميشه قام ۽ ڪلام هُن،
پنهنجي پرائي ڪان بي نياز آزاد.

نازڪ سمي ۾ رکي بي ڌپائي،
حق جو ڏڪايل! سليو راز آزاد.

جيل ۾ مجال ڪو قيدي پنهنجي آفيسر سان
ڪيون ملائي ڳالهائي سگهي. اهڙي ٻرميڇوءَ جي جاءِ
انڌاري ڪوٺڙيءَ ۾ ئي هوندي هئي. راڄنيتي قيدين
تي ۱۹۳۰ ۾ جيڪو رعب جيل جي عملدارن ٻڌايو
رکيو هو ۱۹۳۲ ۾ گهٽجي ويو ۽ پوءِ ته جيل وارن جي
ڏنڊي توڙي دڙڪي داٻ جو پاڻي ڪجهه ڇڏيو سين.
وڏي ڳالهه ته هي به سمجهي ويا ته راڄنيتي قيدي
ڪو اخلاقي ڏوهاري ڪين آهن. انهيءَ ڪري سندن
همدردي يا روش ۾ وڏو ڦيرو آيو. جيل عملدارن
کي ڪجهه لڪٽو هوندو هو ته ڪين سليٽ تي لکي
واچمين يا مقدم هٿان ڏياري موڪلبو هو. آءٌ ڪڏهن
جي ڪين ڪجهه لکندو هوس نه گهٽو ڪري شعر ۾ ئي
لکندو هوس. جيار به هو پنهنجو سنڌي ديوان، سو
منهنجي هيءَ شرارت هضم ڪري ويندو هو. نه ته
جيل جو قاعدو، قاعدو ئي هو. هي ٻچار گيت جيل
جي يادگيري تازي ڪن ٿا.

انڊمان - ڪارو پاڻي

دور آهن ديس کان پرديس ۾ لاچار ٻانڌ،
هند ماتا جا سپاٽر ديش جا دلدار ٻانڌ.
ملڪ جي آزادگيءَ صدقي اُهي محبِ وطن،
قبر ۾ جيئري وجي ٿيا مرڪندا مهندار ٻانڌ.
هاءِ حَقطلبيءَ جي قيمت؛ هيڏي هاجي هيئن سزا!
ڪاري پاڻيءَ جي وچي ڪشٽن ۾ ٿيا سردار ٻانڌ.
چار وقتو پيٽ کائِين ٿو هِتي ٽون، پرَ هتي؛
آب داڻي کان نراس آهن وطن جا يار ٻانڌ.
ٿيا ٻري پيارن عزيزن، دوستن کان، دربدر؛
انڊمان جهنم ۾ آهن ملڪ جا مختيار ٻانڌ.
واءِ قسمت اڄ دکايل ديس خود آهي غلام،
ڪيئن رهن نه تہ هند ماتا جي ڳچي جا هار ٻانڌ!

ڀـاڃـي ۽ دال سُـڌري،
جي ڪند ڪُڪِرو نڪري،
ـوريءَ نظر سان ٿيندي راضي سڄي جماعت.
ٿيـنـدي نـظـر عـنـايـت؟

بـس مـهـل سـارو مـانـي،
رنڌڻي جا ڏين هي ٻاني،
ـهڙي اوهان اُنهن کي جيڪر ڪريو هدايت.
ٿـنـيـدي نـظـر عـنـايـت؟

سکر جيل ۾

ڏينهن سڄي چرخي جي وندر ۾،
مـان ڪـانـي چـڙهيو آهيان.
رات جـو پـهـريـون پـهـر سـوا،
ڪجھ لکندو ڪجھ پڙهندو آهيان.
ڏينهن نہ خير لنگهي ٿو وڃي،
پـر رات، ڏکـيري ٿي گذري.
خاص ڪري جنهن ڏينهن کان،
ڪوٺيءَ ۾ ٿي بجلي ڪانہ ٻري.

سکر جيل ۾

ٿيندي نظر عنايت؟
ويـو وڏيـڪ ايـنـدو،
ڦلڪو وڏيرو ٿيندو،
مانيءَ ڪڇيءَ جي تهنِ پوءِ رهندي نہ ڪا شڪايت
ٿيندي نظر عنايت؟
ماني پچي ملي جي،
بيمار پوکو چو ٿيي؟
قيدين کي کين گهرجي بہ خاص ڪا رعايت
ٿيندي نظر عنايت؟

حيدرآباد - نارو جيل

پارُوٽا ٽڪر پريم سان ڪائي پچائبا،
پاڇيءَ سان سڪل ڍوڍا خوشيءَ ساڻ کائبا.
ڪوسيءَ ۽ ٿڌيءَ جو نه ذرو خيال ڪو رکبو،
بورچي بڻي باهه تي ڪاڙا بڻائبا.
سورج جي تکي تاءُ کان پل پيو پگهر وهي،
ليڪن ڪِلي ڪلي هلي هُرلا هلائبا.
ٻوريون جي هڄن پل چڪيون دل سان چلائبيون،
ڏورن جان قليايءَ تي هاي نار ڪاهبا.
قالب سان سِرون ٿاهي، سڪائي، سَٿيون هڻي،
ڪانيءَ ۾ مزي سان وهي، چرخا چلائبا.
ڪوڏر ۽ چنجورن سان ڪٽي ڪانيون شوق سان،
ٽيڪم سان ٽڪر ٽاڪيندي هينئڙا نه هاربا.
بلڪ ۾ رکن چا جي انڌارين ۾ رکن چا،
ليڪن مزي سان ٽيپ جا ڏينهڙا گذاربا.
باهر جي هجي ڪم ته وري ٻيٺو مزو ٿئي
ٻيڙن ۾ اٺن وانگيان سي ڏانوڻ ٻه پائبا.
ٻورهيو جي مليو ڪو ٻه، ڪبو خوب خوشيءَ سان،
ليڪن نه قدم ٻنتي دڪايل هٿائبا.

ڪالهہ بتي ٺاهڻ آيو پر،
گهر جي صورت ساڳي آهہ.
آهہ اڃا اوندهہ ساڳي،
ڪا جڳہ مڳہ جوت نہ جاڳي آهہ.
آس اٿم ديوان! بتي،
ٻجهلي وارا ٺاهي ويندا.
بلب جڏو بيڪار دڪايل،
شام اڇي لاهي ويندا.

حيدرآباد سينٽرل جيل

عملداري قبوليت

خدايا باندرن کي کو صبر ڏي،
سندم تقرير ۾ ڪافي اثر ڏي.
ڪريو ناحق نہ پاڳل! تنگ مونکي،
اوهان سان ڪين ڪرڻي جنگ مونکي.
پڪو انجام اڄ ڪانپوءِ ڪريانٿو،
ستائڻ کان اصل جانو پريانٿو.
اوهان منهنجو غرور آهي مِٽايو،
دڪايل جيل جو پوءِ ڏؤ پلايو!

آزادي - گيت

(آزاديءَ کان پوءِ

١٩٤٩

اسين ديش پنهنجي ۾ آزاد آهيون،
سڀڪو راڄ ٿا پاڻ پنهنجو هلايون. اسين ....
ڪڏهن ڪاڻ ڪپڙي ۽ اَن ۾ نه ڪنهنجي،
شيون گهرج جون پنهنجي گهر ۾ ٿا ناهيون. اسين....
ڪريون پورهيو گڏجي، ڪريون پيدا گڏجي،
اچي وچ ۾ جيڪي، ونڊيون ۽ ورهايون. اسين ....
هميشه هلون شال هڪ ٻئي ۾ حق سان،
لڙائي نه جهڳڙو نه ڪورٽ سڏايون. اسين ....
نه ڪو اوچ يا نيچ آهي اسان ۾،
مڙيئي منش آهيون ٿا پاڻ سڏايون. اسين ....

٢٦ جنوري اسين هر سال ملهائيندا پيا اچون ۽
گذريل ٻٽيهہ سال، انهيءَ ڏينهن، اسان ڪيڏي نہ
پريرنا پئي ڏني آهي. آزاديءَ کان اول، هر سال
آزاديءَ جي پرتگيا اسين دهرائيندا رهياسين ۽ ائين
ڪندي ديشواسين کي ڇا ڇا نہ سهڻو پيو. ليڪن ملڪ
جيڪو آزاديءَ جو اِقرار ١٩٣٠ ۾ ڪيو، اُهو آخر پورو
ڪري ڏيکاريو. اڄ جڏهن ديش آزاد آهي، تڏهن
اِهو آزاديءَ جو ڏينهن، اسين ملڪ کي طاقتور بڻائڻ
لاءِ ملهايون ٿا. انهيءَ ڏينهن پنهنجي اندر ۾ جهاتي
پائي ڏسڻ جو اوسر اسانکي ملي ٿو؛ جيئن اسين ڏسي
سگهون تہ اسانجو پيارو ديش، جنهن ديش جي
آزاديءَ لاءِ هزارن شهيدن پنهنجو رت ست ڏنو،
اُهو ديش پنهنجون مريادائون پالڻ ۾ اڳتي ڪيترو
وڌيو آهي؟ اچو تہ هڪ ڀيرو آزاديءَ جا گيت گڏجي
ڳايون ۽ انهنجو مرم پرچائيون.

پونگن، پاڙن وارن دردر ٻاري جيون - جوت،
سوارت جي اوتر پر ميٽيو آشا جو اُهڃاڻ.
ساڻ ڪٺي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ.

لوپ - لُڪن، لوساني ساڙيا، پاڙئون سڪ ۽ ساءُ،
پاڙي وارن پريت وڃائي، ٿي پيو ملڪ مساڻ.
ساڻ ڪٺي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ.

ديسي ڌاريا ٿي پيا آندو ٻولين ٻائيتال،
ٻاٻاڻن ڏاڏاڻن وارو ڪونہ رهيو نيشاڻ.
ساڻ ڪٺي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ.

ڪوڙن ليکن ٿي لٽ باٿو؛ ناحق حد حساب!
ننڍ وڏائيءَ جاتي جهڳڙي گوڙ وڏو گهمساڻ.
ساڻ ڪٺي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ.

ميڙڻ جي عادت ڪان پاڄي؛ ويو ڏيڻ وارو ڏانءُ،
مال چڏي محبت وارو؛ تا چائي ميڙيون چاڻُ.
ساڻ ڪٺي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ.

قدرت جي هرڪا نعمت هت، پرهڪ ناهي پيار،
لهڻن سان گڏ لهمي ويئي، مفت پيو مانڌاڻ.
ساڻ ڪٺي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ.

ڏنو جو سبق پياري باپوءَ اسانکي،
ڪري ياد هردم هِنئين سان هنڊايون. اسين ....
نڪو غير ملڪي نہ ڌاريو اسان لءِ،
دنيا سان محبت جو ناتو نڀايون. اسين ....
سڄي ڌرتي پنهنجي، آڪاس پنهنجو،
سڄو درد دنيا جو دل ۾ سمايون. اسين ....
اسانجي دنيا ۾ عداوت نہ ڪنهن سان،
وندي پريم سڀ سان سڄڻ سڀ کي پانيون. اسين....
اچوڪو هي شڀ ڏينهن آزاديءَ جو،
’دڪايل‘! اچو خوش ٿي گڏجي ملهايون. اسين ....

آزاديءَ کان پوءِ

(ملڪ جو ورهاڱو ٿيو)

١٩٤٨

ساڻ ڪٿي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ!
وهم، انديشا آيس پويان ڪوڙ، ڇيائي ڀاڻ
ساڻ ڪٿي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ.
سمجهيوسي سک-سورج اڀريو ٿيندي اوندهہ ناس؛
راهوءَ-ڪيتوءَ آيا ڪاهي، پاپي گرهڻ ساڻ.
ساڻ ڪٿي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ.

جنهن ڀارت جي آزادي ۽ اکنڊتا لاءِ هزارين
يشواسين پنهنجو خون پسينو هڪ ڪري، جان جي
زي لڳائي، انهيءَ ديش کي آخر آزادي ته ملي، پر
ندس اکنڊتا رهي نه سگهي. ١٥ آگسٽ ١٩٤٧ تي
ڪ کي چيري ٻه ٽڪرا ڪيو ويو. سنڌ واسين هيءُ
ڪ ڪاني ٻه ٻڙڪ نه ٻاقي. لڪين سنڌي پنهنجو سڀ
ڪجهه ڇڏي، آباڻا اجها ڦٽا ڪري، ڏنڌا ڌاڙيون
ڇڏي، کيتيون ۽ باغيچا ٻن ڏيئي، ننگ ساڻ ڪري
ڪري آيا. اهو وقت ٻه اهڙو هو. آءُ ٻه اُنهن منجهان
ڪ هوس، جن آخري دم تاءِ سنڌ ۾ رهڻ جي هام
هڻين هئي ۽ لڳ ڀڳ ڏيڍ پوڻا ٻه سال رهيو ٻه پيو
وس ليڪن پاڪستان سرڪار نيٺ گرفتار ڪيو ۽

گوڻن ٽوڙي شهرن ۾ آ، بي ويساهي عام،
اهڙو ڪو ماريو هن ڏائڻ پيائيءَ، زهري ٻاڻ.
ساڻ ڪٽي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ.
آباديءَ لءِ ايڪو گهرجي، هڪ دل ۽ هڪ خيال،
ويرو نجوڳہ ڪنان ويندو ڪُلَ ڏاهپ وارو ڏاڻ.
ساڻ ڪٽي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ.
عاقل ناهيان، عالم ناهيان، ناصح ناهيان، آءٌ!
دل پنهنجيءَ ۾ جهاتي پائي پرکيان وينو پاڻ.
ساڻ ڪٽي آئي آزادي منگل ۽ ڪلياڻ.

ورهاڱي ڪانپوءِ

ڪو، ڪو ٿي ويا هِيوُن سنڌي،
ڪـو، ڪـو، ڪـو، ڪـو.
دل جي دانهن ٻڌو ڪن ڪولي،
او دنـيـا جـا لـوڪـو.
ڪو، ڪو، ٿي ويا هيوُن سنڌي ....
ديش ڇڏي پرديسي ٿياسين؛
هوندي گهر، گهر گهاٽ ڪان وياسين!
هڙ ۾ هـو جو، پورو ٿيو سو،
ڪٽ تان لهي اڃي پٽ تي پياسين.

ڇهن مهينن جي سزا جڙي. ڇو؟ ڇي پاڪستان ڪي
داهڻ لاءِ هٿيار ٿو ناهي. ڇاڪاڻ جو اڌ انچ ڦرواري
هڪ مڏي ڇري گهر منجهان ڪين هٿ آئي هئي!
اپيل ۾ سزا گهٽجي ٻه مهينا ٿي يا پنج سؤ روپيه ڏنډ.
ٿيو؟ اختياريءَ وارن صاف چيو، "ڇگو ڇاٽين ته سنڌ
ڇڏي وڃ." نيٺ هندستان اچڻو پيو. رتوديرو ڳانڌي
آشرم ضبط ڪري، اُجاڙيو ويو. اهڙا ڳهٽيئي گهر اُجڙ
ٿيا. هٿ اچڻ ڪانپوءِ اندر جون اُڇلون جي آيون،
اُهي گيتن ۾ پڌريون ٿيون. ڀارت جي شهر شهر
ڳوٺ ڳوٺ ۾ اِهي گيت گونجندا رهيا. ڪجهه هنديءَ
۾ ته ڪجهه سنڌيءَ ۾. هت ته رڳو اهڙا سنڌي گيت
ئي ڏنا ويا آهن. اهي گيت سنڌي جاتيءَ جي قربانيءَ
جا اکين ڏٺا شاهد آهن.

پڪڙيل هياسين چٽني ڪنڊن ۾،
ڏاک هئي ڏاريـن ملڪن ۾.
هَٽ پٽڻ هوندا ها اسانجا؛
واشنگٽن ٽوڙي لنڊن ۾.
چڙهيل ڪارپٽ خوب اسانجي،
هنڌين ماڳٽين هوڪو.
او لوڪو! ڪو، ڪو ٽي ....

هوش ۽ دل اڄ پيي جي هلايون،
پاڻ ڏسي پائن ڪي وسايون.
ڳڏري مصيبت ٽي پوي هلڪي،
هيءَ جي دڪايل ڳالهه هنڊايون.
ڪاهه جو وچايل اڄ ٽئي حاصل،
دکُ نه سٽائي پو ڪو.
او لوڪو! ڪو، ڪو ٽي ....

چشڪي جي چَٽَ ٿي هرڪائي،
پاڳي ڏنو جڻ ڏوڪو.
او لوڪو ڪو، ڪو ٿي ....
هِتڙي هُتڙي دور مِٿَن ڪان،
سِڪَ وندن ساٿي سڄڻن ڪان.
ٿڙڪي تڙڪي گهاريون وينا،
هاء پري پيارن پنهنجن ڪان.
سوُر ستائڻ آيا سنبري،
مَهِلَ ڏِنُنِ جو موقعو.
او لوڪو! ڪو، ڪو ٿي ....
ناڻ ويو پڇي نرواسي،
ويڙهي وَئي چوُطرف اُداسي.
هونءَ تہ اسين مشهور هياسين،
دنيا پر آنم وشواسي.
هاڻي پيي جي پاڻ سنياليون،
ڪوني نرواسي چو ڪو؟
او لوڪو! ڪو، ڪو ٿي ....

اڪستان اِهو سڀ سمجهي پوءِ به نٿو ڪجهه ڄاڻي؛
سمجهه، حسد جي هٺ ۾ ڏيئي؛ سچ ٿو ڪين سڃاڻي!

ڪيس جنم ڏيڻ وارا آهن، ساڳيا يورپ وارا،
جن کي پاڪستان ڪان وڌ هِن پنهنجا مطلب پيارا.

جيسين مطلب هوندن، تيسين جيئڙو ڪيس ڇڏيندا،
ر جي موت مان مطلب سرندن ويرم وجهڻ نه ڏيندا!

بير پراوا، ساهه پرائو، پنهنجو ڇا ٿين باقي؟
آئيءَ ويل ٿي ويندن ڏسجو! يار يقينن ياقي.

عيساين، اِسلامين جو ٿيو ڪهڙي جڳهه ۾ ميلو،
هلندي هلندي ڏسندا موهن پاڻ کي نيٺ اڪيلو.

مذهب جي نعرن تي چڙند وچونه بي مذهب وارو؛
ڇو ته دنيا ۾ هر ڪنهن کي آ پنهنجو عقيد پيارو.

وسري ويو پاڪستانين ڪان شايد تازو واقعيو،
حال فلسطيني عربن جو جنگ ۾ آخر ڇا ٿيو؟

مذهب جي نالي تي ڪڏ ٿيا مصري ۽ ايراني،
هارائي نقصان سٺائون، ڪيڏو مالي جاني.

ٺ پرِ اسرائيلن تن کي ماري نيٺ ڀڄايو؛
سلامي غازين ڪان پنهنجو آخر راڄ ميڙايو!

چيچ تي چنبي ساڻ لڙي!

(۱۹۴۹)

چيچ تي چنبي ساڻ لڙي!
ڪاڏي پاڪستان، ته ڪاڏي هندستان پنجوڻو،
پنگلو ٿو پربت تي چڙهي،
چيچ ٿي چنبي ساڻ لڙي.

پاڪستاني ڏمڪين تي ڪو حيرت جو ٿو ڪائي،
مفت مغزخوريءَ ۾ پنهنجو ايڏو وقت وڃائي.
پُتلين جو هي ناچ سمورو پاٽيخاني پَلٽا،
ٻوليون ٻين جون چاليون ٻين جون، ٻين جا ٻارا ڳلٽا.
ڪيڏ سڄي هيءَ ڪيڏن وينا شطرنج جا ڪيڏاري،
جنجي آڏو مرضي مُهرن جي آهي ويچاري.
هڪ پاسي انگلنڊ آمريڪا، ٻيو ٿو ڏارا ڏاري،
ٻئي پاسي ٿو روس نَپين، رمزن سان مُهرا ماري.
سياسي گهوڙي دوڙ هلي ٿي، ڏسجي ڪير کٽي ٿو،
شرطن جي ميدان-دنيا ۾ ڪنهن کي ڪير کٽي ٿو؟
مغرب جا چالاڪ مداري هي سڀ جاٽي واٽي،
ايشيا جي اڳوانيءَ جو ٿا ڀاڻن وينا ڀاٽي.

ٿر جا پاڻي ڏار ٿيا، پر گهر نہ اُهوئي آهي
جي ۾ نظام ڪڙا ٿيا، ڇا ٿيو؟ مُرُ نہ ڪو دل ڀلائي!
ڪري ويندو وڃ وارن جو آخر هٿ شيطاني،
نيٺ ڇوائيندا سڀ گڏجي ڀاڳڪي هندستاني.
انڌيجيءَ جو سپنو هڪ ڏينهن نيٺ حقيقت ٿيندو،
ڏيل ڪٽنب، ڀارت کي سارو ڏيهہ مبارڪ ڏيندو.
وڃ جا لوڏا ڪائيندا سين هاريندا ڪٽنداسين،
ر هڪ ڏينهن سوڀارا پنهنجي مقصد ۾ ٿينداسين.
يٺ دنيا ۾ جهلندي هندستان جي 'امن پتاڪا'،
جنهن ۾ قومن جي جيون جي آهہ سمايل منشا.
جهت گرو ڀارت جي مهما سارو جڳ ڳائيندو،
شوَ ڪٽنبي ٻڻجي هرڪو هڪ ٻئي کي ڀائيندو.
ير ڪڏون ڏسبا نہ دنيا ۾، ڪو نہ ڏڪا کائيندو،
يتا واري سامہ يوگ جا هرڪو گڻ ڳائيندو.
يٺ نظام نئون نهندو باپوءَ جي اُصولن وارو،
اڻ تي ڀاڙڻ جو بس هوندو هر ڪنهن وٽ هڪ نعرو.
انڌيءَ جو چرخو جيتيندو پاڻ تي جڳ ڀاڙيندو،
هرج جي آهر هرڪو هڪ ٻئي کان وٺندو ۽ ڏيندو.
شل باپوءَ جو قول پڙي.

هنسا ۽ نفرت کي آخر پاڳه ۾ هار ڏي آهي،
ڇوٽ نغاري ٿي سمجهايو جڳ کي گانڌيءَ ڏاهي.
محبت ۽ قربانيءَ سان جنهن پنهنجي ڳالهه مڃائي،
'ڪئٽ انڊيا' جو نعرو ڏيئي هند آزاد ڪرائي.
ڏيڍ صديءَ کان، جن ڀارت تي زوريءَ راڄ ڪمايو؛
ستيہ-اهنسا جي اڳو تن آخر ڪنڌ جهڪايو.
هڪ جهڙن آزاد دنيا جي ديشن مان اڄ آهيون،
ڪنهن ٻي سرڪش ملڪ جي سامهون ٿا اڄ سينو ساهيون.
ڇو نہ اسانکي باپوءَ سيکاري آهي قرباني؛
سچ صدقي جو جام-شهادت پي ويو سچ جو باني.
سچ جي هن اوتار ٻڌايو پاڪستان نہ رهندو،
نفرت تي جو راڄ ڪڙو ٿيو هڪ ڏينهن آخر ڍهندو.
سخت ورودي ٻٽواري جو هو گانڌيجي بابا،
ڪين ٻڌوسين ڪيس نہ سيني ڪيڏا ٿابا کاڌا
ڀارت ديش اکنڊ، ڇپائين قدرت آهہ ٺٽايو،
جنهن کي هماليہ، راس ڪماري، دوارڪا، پوريءَ ملايو.
پٽ جيڪا سرحد جي ناهي، قدرت ڀارت خاطر
قائم رکڻي پوندي رکشا خاطر عزت خاطر

گانڌيجي خود، هڪ ويچار هو. انهيءَ ڪري
سندس ديهانت ڪري، استول گانڌي برابر اسان
ت اڄ موجود ڪين آهي، پر سندس ويچار اڄ به
نيا کي جاڳائي رهيا آهن. ٻوءِ ڪيئن چئبو ته گانڌي
نوقت اسان وٽ ڪونهي؟ مهاتما گانڌي پنهنجي
ياڻن ۽ تپسيا جو ڦل ڀارت کي ڏيئي ويو. اهڙا
مت پرش ونڻ ته ڄاڻن ڪين، رڳو ڏيڻ ئي ڄاڻن.
نهيءَ ڪري هو ڏيئي ويو هندستان کي 'امر-جيون'
يڻ جو ڏس. ٻڌائي ويو راز ۽ نياز جون تعبيرون،
ي به سؤلي نموني. هوُ مهاتما هو ۽ مهاپرش- عمل
و صاحب هو، اِنهيءَ ڪري هر قدم تي ڪاميابي
اصل هيس. سندس جس جيترو ڳائجي اوترو ٿورو.
ي ٿورا گيت سندس ويچار درشن ڪرائي ٿي
ڪهڙو سگهندا! ان هوندي به اچو ته پنهنجي ديش پتا،
ارت کي آزاديءَ جي منزل مقصود تائين پهچائڻ
اري هن ڪرم يوگيءَ جا گڻ ڳايون ۽ ڳائيندا
هون جڳان جڳ.

پاڪستان چڱي ڏينائي وٽ پنهنجي جو خيال ڪري
(نہ تہ) مارائيندس آڙي آڙي ·
چيچ تي چنبي سان لڙي؛
ڪاڏي پاڪستان تہ ڪاڏي هندستان پنجوڙو
پنگلو ٿو پربت تي چڙهي!
چيچ تي چنبي سان لڙي!!

٢٢- سپٽمبر ١٩٤٦

٣

آهه هنسا ۾ جي اڄ ڪنهنجو نہ وشواس رهيو،
پو بہ ڇو هرڪو هٿيارن جو ٻٽيو داس رهيو؟
خالي ڌمڪين ڪان نہ ڪوڏ ڀنهن نڪو ماس رهيو؛
آ پسي خوف جو هر دل ۾ وڏو واس رهيو!
اهنسا ڪنهنجي نماڻي ٿي نهاري ويٺي،
حالَ اِنسان جي ٿي لڙڪ ٿي لاڙي ويٺي.

٤

ياد هن وقت گهڻو توکي ڪري ٿي دنيا،
ڇو نہ ائٽم جي ڌماڪن ڪان ڏري ٿي دنيا،
'ضدي- سياست' ڪري هڪبئي کان پري ٿي دنيا،
پنهنجي بي جاءِ ڪئي جو ڇا پري ٿي دنيا؟
اڄ نہ سنسار کي راڪيٽني تماشو گهرجي؛
باپوُ! پاٻوهہ پريو ڪنهنجو دلاسو گهرجي.

٥

ڌرمُ انسان کي، اِنسان کان اڄ تار ڪري؛
ڪيئَن نہ ٿو فرقيپرستيءَ جا ڇتا وار ڪري!
ذات ۽ رنگ جا بيدا نوان آزار ڪري،
پريم بنڌن ڇني ڇڪ سان ٿو ڪندوُن تار ڪري.
روح جي ايڪتا جو راز سلڻ آءَ وري،
بند جا دل جي دکايل! سا اڇي کول دري.

گانڌي - ٻاپو!

ذات اِنسان چيو- ”آيو ٻيو آيو وڃيان،
ڏور ڏيهن کي ڳنڍي جو ڪندو مشڪل آسان،
ڪا غلط فهمي نہ رهندي، نہ دلين جو هيجان،
هاڻي دنيا ۾ لڙائيءَ جو نہ رهندو اِمڪان.
آس آدم جي، ڪو دم آهہ جيارڻ وارا!
گيان امرت جي ڇڪي جڳ کي پيارڻ وارا!

٢

جوش ۾ بيءَ اچي هوش ڇڏڻ وارو آهہ،
پنهنجي هٿ سان تباهيءَ کي سڏڻ وارو آهہ،
ڏير ناٿن جي تي گهر پنهنجو اَڏڻ وارو آهہ؛
مٽي اولاد کي گوندر ۾ گڏڻ وارو آهہ!
داستان ماءُ جي ڳوڙهن جا، ائين ئي ٿا چون،
ڀيڻ ڀاين جي وِرهہ جا ٿا ٻڌون جنهن کي ٻڌن

تنهنجو عجب اِشارو،
ويجهو ڪندو ڪنارو.
ڪهارڻ ڏکيرو گهر ۾، سوراج جي سفر ۾،
ڀهچان جٽين پهر ۾، آزادگي مندر ۾.
ٿيندي اُميد پوري،
ثابت ڪڌهن سموري.
ڪرشن سمان گانڌي، رهبر مهان گانڌي،
ڀارت جو شان گانڌي، ماتا جو مان گانڌي.
ڀابيل جي راهه گانڌي،
پوري پناهه گانڌي.
ڀارت سندو مدبر، گانڌي! سچو تون ليڊر،
گمراهه لاءِ رهبر، آهنجيءَ ۾ آس آڌار.
نـرنـدا وري دڪايل!
گلشن جا گل ڪومايل!

واهه واهه باپو!

تو جا بتائي راهه گانڌي واهه واهه،
گانڌي واهه واهه منهنجا باپوُ واهه واهه.
تو جا بتائي راهه ....

ڀارتي ٻيڙيءَ جو ملاح گانڌي!

آدر اٿاهه تو لءِ، هر دل ۾ چاهه تو لءِ،
سارو سپاهه تو لءِ، عزت ۽ جاهه تو لءِ،
ڀارت جا او دلارا!
اعليٰ اُصول وارا!

قوميت جو ڀاوُ توکان، ايندو شعاع توکان،
سهڻو سناءُ توکان، ملڪي بناءُ توکان.
شيرين ٻول تنهنجو،
ڪرڙو آ قول تنهنجو.

بي تاج شاهه آهين، دل جو درياهه آهين
اونهون اٿاهه آهين، ڪامل ملاح آهين.
عالي دماغ آهين،
روشن چراغ آهين.

جنهن تي دباءُ جاري، مشڪل سا، راهه ساري،
زنجير آهه زاري، گردن تي بار باري.
اهڙي سمي اوهانجي،
گهرجي مدد اي مانجهي.

وندهه جتي سمائي، آهي نه روشنائي؛
ليڪن سنڌءِ سچائي، ڏيندي ڪري صفائي.

گانڌي جنم ڏن

آزاديءَ اوتارو اڄ جنميو گانڌي پيارو،
جنميو گانڌي پيارو اڄ آزاديءَ اوتارو.
ڏانهن ٻڌي ڏک ٽارڻ آيو،
ديش جا ڪشٽ نوارڻ آيو.
ڀارت جو رکوارو، اڄ جنميو ....
ائين منجهان ايندي آزادي،
ڇپائين هرڪو پهري کادي.
کاديءَ ۾ نيتارو، اڄ جنميو ....
ننگو اگهاڙو ديس ڏنائين،
پورو پهرڻ ويس ڇڏيائين.
ٻٽبو لنگوٽيءَ وارو، اڄ جنميو ....
درد ڏکين جو دل ۾ ڌاري،
ويٺو پنهنجو پاڻ وساري.
حق جو ماري نعرو، اڄ جنميو ....
راز اهنسا سندو سليائين،
خون خرابيءَ لاءِ جهليائين.
راهه ڏسيائين نيارو، اڄ جنميو ....
ايڪيءَ ۽ اِتحاد جو حامي،
ڏي جو ڏکايل پيار مدامي.
اڇوتن آڌارو، اڄ جنميو ....

ڪٽڪ اِشاري ٽي ٽا ڪاهن،
سورهيہ سڏ تي سِينا ساهن.
مؤت ڪان بي پرواهہ ـ واهہ.
تو جا بتائي راهہ ....

تير ترارين ڪين ڪٽن جي،
پاڇي ڪنهن کي ڏک نہ هٽن جي.
صابر ٿيو ڇا سپاهہ ـ واهہ.
تو جا بتائي راهہ ....

ستياگرهہ سندو راز؛
ڏيئي ڪيءَ چڙيا باز!
آنديءَ ڇا اُتساهہ ـ واهہ.
تو جا بتائي راهہ ....

ديس 'دکايل' شاد ڪندو،
اُجڙيو گهر آباد ڪندو.
تنهنجو هي ويساهہ ـ واهہ.
تو جا بتائي راهہ ....

مهاتما گانڌي

رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس وقت

مرده دل لاءِ ٿيو اڪسير ڪرامت گانڌي،
بي وسيلن ۽ يتيمن جي حمايت گانڌي.
درد وشواس، ارادي ٿي هماچل جان رهي،
تو سلي ساري زماني کي صداقت گانڌي.
'فرينڊس آف انڊيا' وارن جوٿي رهبو دوست، مگر،
چرچل پارن جي مٿان آهه ٿيو آفت گانڌي.
جنها، شوڪت، جي شروع آهه پروپئگنڊا؛
تا چون، تو رکي متبهد تفاوت گانڌي!
ناهه لءِ تيار هڻڻ جو تا عذر ڪوڙو ڏين،
تا چون، جاڙي نٿو ميل ملاوت گانڌي.
هت ڪنگڻ کي دڪايل! نه کپي آئينو،
ڪنهن به ٽيڪا جي رکي تو نه ضرورت گانڌي.

باپوءُ!

لڳي نه ڪوسو واءُ،
توکي! لڳي نه ڪوسو واءُ.
تون بانڪو بي پرواهه -
گونگي ۽ ڏبري ڀارت جو گانڌي تو منجهه ساهه،
توکي! لڳي نه ڪوسو واءُ.

سابرمت جو سنت

(رائونڊ ٽيبل ڪانفرنس وقت لکيل)

دل ۾ آزادي شمع کي ڪير ٿو روشن ڪري،
خاڪ صحرا کي مٿائي ڪير ٿو گلشن ڪري.
ڪنهنجي مهما جو نغارو ٿو ولايت ۾ وڄي،
ڪير پنهنجي ديس لءِ پرديس ۾ ساڌن ڪري؟
پَرَ ڀلي خاطر خوشيءَ سان، شوق سان، وشواس سان؛
رات ڏينهن آرام پنهنجو ٿو نذر جيون ڪري.
ڪنهنجي ڪرم سان هند جي قسمت ڀلا چمڪي اُٿي،
ڪنهنجي نالي جو سڄي دنيا ٿي اڄ سمرن ڪري.
ڪنهنجي نيڻن ۾ نہ آهي، ملڪ پياري لاءِ ننڊ،
ڪير اٺ پهرن مان سٺ ٿو ديس کي ارپن ڪري.
ڪير ٿي سگهندو ڀلا ٻيو، سنت سابرمت سوا؟
جنهنجو اڄ اڪثر زمانو پرت مان پوڄن ڪري.
مون ۾ معدو شاعريءَ جو ناهه ڪو ذرڙو؛ مگر،
سچ تہ بيوس ئي 'دکايل' کي ٿو ماهر فن ڪري.

ديش سُتل جي هستي جاڳي،
بار ٻڌي ۽ مستي جاڳي،
مستي خوب الستي جاڳي،
(جاڳيو) آزاديءَ جو چاهه -
ٽوڪي! لڳي نه ڪوسو واءُ.
ديش دکايل جو دلبر تون،
جڳ جو لاثاني مدبر تون،
راهه وڃايل جو رهبر تون،
ٻـي واهـن جـي واهـه -
ٽوڪي! لڳي نه ڪوسو واءُ.

سياڻو رهبر

اُٿيو جڏهن هند جي سمنڊ اندر طوفان،
جُوهين ڇولين کان متو گوڙ گهٽو گهمسان.
ڏسي لُڙ لهرين سندو ٿيو هرڪو پريشان،
ميربحر مـانـدا ٿيا هاري دِل حيران.
واءُ نياڳيءَ کان رهيو قابوءَ ۾ نه سکان،
سڙهه ساهي ساڻو ٿيو هر اڳرو اڳوان.

ننگ نهنگ نماڻا جوڳي،
سالڪ سنت سچا سهيوڳي،
نرڀئه نانت نسنگ نروڳي،
تنهنجي شڪت اٿاهه ـ
توکي! لڳي نه ڪوسو واءُ.

داڻهن ٻڌي دک ٽارڻ آئين،
ڪتل جڳت کي تارڻ آئين،
ديش جا ڪشٽ نوارڻ آئين،
ٿي هرجا وهه واهه ـ
توکي! لڳي نه ڪوسو واءُ.

تون قربانيءَ جو پوڄاري،
تنهنجي راهه دنيا کان نياري.
زور پڇري ٿو آڏو زاري!
تون شاهن جو شاهه ـ
توکي! لڳي نه ڪوسو واءُ.

ستيه اهنسا جو وَر ڏيئي،
دور ڪيا ٿو وهم سپيئي،
جانِ وطن بي جانِ ۾ پيئي،
همت ٿي همراهه ـ
توکي! لڳي نه ڪوسو واءُ.

ڪنهن پر رهندو ڪين پوءِ ٻانهپ جو امڪان،
ڏاري همت ظلم سان جوٽيو جنگ جوان!
ستيہ اهنسا جو مگر رکجو پورر ڌيان،
ڪين ڪپي هن يڌ ۾ ڪو خوني جولان.
سر ڏيئي سرها ٻٽي مرد ڪٽو ميدان،
راضي ٿي پوءِ ملڪ تي ڀارت جو پيگوان.
سک سمپت جو دان ڏيندو دکايل ديس کي.

جڳ جو ٻاپو ويندو رهيو

(٣٠ جنوري ١٩٤٨)

دين، دنيا لاءِ وکڙ ڪان ڪيو اِنڪار تو،
پنهنجي حق معبوب سان پاڙيو سچو اِقرار تو.
بادشاهيءَ ڪان مٿي توکي فقيري ٿئي وٽي؛
جو غريبن کي ڏٺو بي حال ۽ بيزار تو.
ظلم زوري، ڇل ڇدر سنسار ۾ وڌندو ڏسي،
اهنسا ۽ ستيہ جو ڌارڻ ڪيو اوتار تو.
ڪرم جي مارگ تي هلندي پيي اڪرمي ٿي رهئين؛
پنهنجي جيون ۾ سليو گيتا جو سارو سار تو.

مايوسيءَ ڪان ملڪ ۾ برپا ٿيو هيجان،
وڏي واھر لاءِ تڏهن آيو هڪ اِنسان.
چيائين، ”منهنجي حڪمتي جي ڏيندا پورو ڌيان،
ٿيندس بيشڪ ديش جي ٻيڙي جو ڪپتان.
بي صبري گهرجي نه ڪا ٿيو دانهه ڌيرجوان،
ٽرندو ٻيڙو ملڪ جو، جي اٿو ڪو ايمان.
مڃيو مڙيني هي جڏهن دڪايل فرمان،
سو رهيو تڏهن سڄان ٿيو گانڌي رهبر ديش جو.

گانڌي جي

گانڌي رهبر ديس جو گياني سو گڻوان،
نعرو حق جو جنهن هٽي ڪيو هي اعلان.
گولا گولن جا ٻڌي ڪوهيو ڇو ٿا شان،
ڀاڙي هرڪو پاڻ ٿي بچائي سومان.
ٿيندو قربانيءَ بنان مشڪل ڪيئن آسان؟
آزاديءَ جي راهه ۾ ڇا نه ڪبو قربان.
سڀ ڪجهه ڏيندءِ پيٽ ۾ مال ڪٽنب ءِ جان،
قائم رکندا جي ائين قوم سندو نيشان.

بند ڀڃڻ جي لاءِ ٻڌارين، سورهيه سهڪاري،
جيءَ گانڌي! گڻڪاري!
يوگ ٻل سان تو جاڳايو غافل نر ناري،
گانڌي! غافل نر ناري،
آهه الوڪڪ شڪتي تنهنجي نرمل نامياري،
جيءَ گانڌي گڻڪاري!
قربانيءَ جي ڪاليءَ جو تون پوتر پوڄاري،
گانڌي! پوتر پوڄاري.
سوپ ستنترتا تان سورهيه، سروَ آنس واري،
جيءَ گانڌي گڻڪاري.
مات هند جا پوُت سپاتر، مورت اوتاري،
گانڌي مورت اوتاري.
آزاديءَ جي اِشٽ ديو جا ڪامل اڌڪاري،
جيءَ گانڌي گڻڪاري.

وطن سان وداعي

منهنجا ننڍڙا سرڳ! توکي رام رام،
ٿو وڃان، تو وٽ ڇڏي، تنهنجو تمام.
ڇا ڪڻان، ڇا جي ڪري ۽ ڇو ڪڻان؟
ٽلم جڏهن نـاهي اڃا منزل مقام.

ڪنهن بني اِنسان جي لءِ ڪينَن ڏئي دل ۾ رکين؟
تنهنڪي ڏنو هر ذات ۾ پنهنجو جڏهن هڪ يار تو.
مختلف فرقن جا ٻُڌي قول هڪ ئي تار ۾،
ڀيٽ ماتا کي ڏيڻ چاهيو تنهن سندر هار تو.
بي گناهيءَ کان رهين پيريءَ ۾ ٻڻ معصوم تون؛
جو نه ساڪي تي سدا سچ جو ڪيو اظهار تو.
درد ٻئي جو دل ۾ سانڍڻ، آهه ڇا اهڙو گناهه؟
جو سَٺو همدرد سينڍي تي قضا جو وار تو!
توکي وهنجاريون اسين تا تنهنجي ئي رَتَ ۾، مگر،
پنهنجي ڳوڙهن ۾ تنهن وهنجارڻ گهريو سنسار تو.
جو مليو عيسيٰ کي دنيا کان، مليو توکي به سو،
چو نه ڏيکاريو دکايل! سڀ سان ساڳيو پيار تو.

گانڌي آرتي

جيءِ گانڌي گڻڪاري، جيءِ ديشڪ هتڪاري،
جيءِ ڀارت جا پوشڻ پيارا، ڪرم ڪلا ڌاري،
جيءِ گانڌي گڻڪاري!
سرڳ ڌام کان مالڪ ڀومي توکي وڌ پياري،
گانڌي! توکي وڌ پياري.

گانڌيجيءَ چيو هو تہ جڏهن هندستان آزاد ٿيندو تڏهن اُهو پنهنجي راڄ جو ڪاروبار سروودي رٿا موجب هلائيندو؛ جنهن رٿا موجب گهٽن جي صدقي ٿورن کي قربان ڪيو ڪين ويندو. هونءَ بہ قربانيءَ جا ٻڪرا ڪمزور ئي بڻايا ويندا آهن. انهيءَ ڪري ئي باپوءَ چيو تہ ”هندستان پنهنجو ملڪي جوڙجڪ اهڙو ٺاهيندو جنهن موجب هرڳوٺ آزاد هوندو ۽ انهيءَ گرام سوراج ۾ طاقت کي هڪ هنڌ ڪٺو ٿيڻ ڪين ڏبو. جنهن ڪري طاقت جون ٻُڪيون پارٽيون يا ماڻهو گهٽ ئي پيدا ٿيندا. انهيءَ طرح سڀ جي ڀلائيءَ لاءِ گانڌيجيءَ اسانکي ”سروودي“ يعني سڀ جي ڀلائيءَ جو منتر ڏنو.

جي اَڱڻ تنهنجي ۾ گهاريا ڏينهن مون ،
هنئڙي ۾ هُرندا سي رهندا صبح-شام .
تنهنجو اُپ، سج، چنڊ ۽ تارا ڪتيون ،
پُر ڏنا مون نوُر نياري سان مدام .
سي بهاريون، بِن خزان باغن سنديون ؛
جن وڌا تنئي بِن ڪمند پيرن ۾ دام .
ياد پوندا ڪيئن نه هن مئنوش ڪي ،
چاڪندڙ ميء سان سي تنهنجا مست جام .
دور ٿيندو ٿو وڃان توکان، مگر،
خيال زيارت لءِ پيو آٽيندو مدام .
ياد تنهنجي قلب کي ڏيندي قرار ،
ننڊ نيڻن جي جڏهن ٿيندي حرام .
پيو نه قاصد آهه اوڏو ڪين اچ ،
ٿو مُنجان توکي صبا جي هَٿ سلام .
درد ۾ پئي پٺي دلاسو پائيندي ،
دل دکايل، تنهنجو جهونگاري ڪلام .

سر وودیہ هلچل

جند مان ٿي جنڊ آجي عشق جاندهہ سان لڳو،
ج نہ پائڻ ٿو پڄي ڪنهن پيڻ ڪان سئيءَ ۾ سڳو؛
ۇت ٿيو ميرو ڏوئڻ خود جان پنهنجيءَ جو وڳو،
ام ٻارڻ بار ٿي ڳهرِ، حرص هوتل ڏي پڳو.
اڻ ٿي ٻاڙي هلڻ اڄ ٿيو لڇڻ ڪنگال جو،
قشو ماضيءَ جو مٽائي ٻنڄ مالڪ حال جو.

٢

اهہ پل ٻڪ ۾ سڄڻي چرخو نہ ٻر چورڻ پڄي،
نج هليو ويندو، جي ڳهر ۾ وال ڪو ڪپڙو اُڄي،
ڄڙڪٽي جي ڳالهہ اهڙي؛ منهن ٿو مائيءَ جو سڄي،
ي رنل ٻرچائي، ٻرجي ٻرِ ڪو پيڪيءَ جو هڄي!

ونوباجي اڄ انهيءَ منتر جو جاپ جپيندو، هلي
رهيو آهي پيدل ۽ ٻارنهن سال ٿيا جو هُن اِها اکنڊ پ
ياترا شروع ڪئي آهي. اڃا تہ پيئي ٿي هاڻي ۽ هلندي
رهندي تيسين، جيسين ڀارت اِنهيءَ سڀ جي ڀلائي
جي راهہ تي اچي. پوءِ تہ ملڪ ۾ نہ ڪو رهندو بکيو
يا بيمار، نہ اُگهاڙو نہ بي اَجهي ۽ نڪي رهندو ڪ
اڻ پڙهيل يا بي هنر ڊور. ونوبا، ڀو-دان ۽ گرام-دان
جي هلچل شروع ڪري هندستان کي سرگہ جي
ڪامڌينو توڙي ڪلپ برڪش جو درشن ڪرايو آهي
هاڻي ڏسون تہ اسانجو هي بڌيمان ديس ڇا ٿو ڪري؟
ڪامڌينو ۽ ڪلپ برڪش، سڀ ڦل ڏيڻ وارا ديوَ آهن
رگو ديوَن کي راضي ڪرڻ جو ڍانءُ ۽ ويساهہ کپي
هي گيت، گانڌي ۽ ونوبا جي انهيءَ سڀ جي ڀلائي
واري منتر ياد ڪرڻ ۾ مددگار ٿيندا، جي اسين اُهي
وري وري دهرائيندا رهنداسين.

مرد کو روئيءَ مهانگو؛ تون ڳٽي ڳالهيون نہ ڳر،
ٻر رڳو کوڙر لپا هڻ ڏس پوءِ سستائي سُکر!
ھرج کان ٽيندءِ ورءِ وڏِ سرس ڪاڏو سال جو،
نقشو ماضيءَ جو مٽائي بڻج مالڪ حال جو.

٦

سانءَ جو آزاد آهين پر غلامن جو غلام،
چو نہ پنهنجي گهرج جو موٽاج تون آهين مدام.
يت ۾ انگ لءِ پرين ٿو، ڪيئن نہ هِن هُنَ جو سلام؛
کو رهيو ناهي دڪايل! پاڻ ٿي پاڙڻ جو نام!
خاڪ پوءِ ايندو مزو آسودگي اقبال جو.
نقشو ماضيءَ جو مٽائي بڻج مالڪ حال جو.

سچي زندگي

زندگيءَ ۾ زندگيءَ کي موت سان ٽڪرائبو،
سمنڊ لوٽائيو ولوڙي منڙو امرت پائبو.
آس جي آئيني کي جي لَٿَ نراسا جي لَٿيو،
قوم جي تقدير کي تدبير سان چمڪائبو.
فرض جي پنهنجو نہ کنهن پاليو، وسيلو کو نہ ٿيو،
پاڻ کي پاڻهي وري هن ديس ۾ ورسائبو.

آهه نه ته سرچڻ ڏکيو؛ اهڙيءَ سياڳيءَ زال جو،
نقشو ماضيءَ جو مٽائي بڻج مالڪ حال جو.

ٽيل گهاٽي جو مهانگو ڪين گهر ۾ ڪائبو؛
پر مشيني پيڙ جو سادو سڙيل ورتائبو!
ڇو نه سستو آهه آنو سير ٽي، آٽائبو؛
عقل گيچڻ ۾ وهائي پوءِ به هِتِ هُتِ ڳائبو!
سچ ته شهرين ٽي وڏو ڇيڏڪ مشيني مال جو،
نقشو ماضيءَ جو مٽائي بڻج مالڪ حال جو.

۴

اڄ پڙهيل بيڪار آهي؛ اڻ پڙهيل جي پيٽ ۾!
هُرَ هلائڻ ڇو نه گهنتائي ٿو سمجهي ڪيٽ ۾؛
گهر ۾ پيل گهپي هجي، ديوان جي بک پيٽ ۾؛
پر نه پيي مرندو اجائي ڏيک جي اِلسيٽ ۾
سُرُ وڏو سِرَ ۾ اٿس ڪنهن اهڙو ليءَ بي ٽال جو
نقشو ماضيءَ جو مٽائي بڻج مالڪ حال جو

۵

هٿ هلي جي، گهر هلي، پوءِ ڇو ڏکيو ٿيندو گذر؟
ڏُور ٿيندو پاڻهي جو ڏيهه ۾ آيو ڏڪر

جيڪڏهن هن راهه ۾ روڙ ۽ ٿي ڪو اٽڪي پيو،
اهڙي سائينءَ جي سنوارئي ڪي سڌي سمجهائبو.
موت جو خود خوف، خائف ٿي پڇي پاسو ڪري،
رمز اهڙيءَ ساڻ موذيءَ مار ڪي هيسائبو.
موت هونءَ پڻ خيال آهي، خيال آهي زندگي،
خيال کي بس خيال سمجهي، خيال کي بد لائبو.
ختم ٿين جيئڻ هي دڪايل! موت جا اسباب ڪُل،
تنهن ڪري اڄ پاڻ ۾ جيون نئون جاڳائبو.

ڳوٺ - سورج

پکيئڙا صبح جا مٺا گيت ڳائن،
ڪڏيون پرهه باکون سڌي ٿا سڏائن. پکيئڙا....
وري نُور اوڀر جي ڇهري تي آيو،
ڪڙو گيتُ جوئر جو چمڪي سوايو.
پڪل سنگ ٿا سونَ ڏِنگيون وراهن. پکيئڙا....
ڪڏي مال ياڳين ڪيو جهنگ واهي،
ڪٿي نڪتا ڏاند ويڻ ڳاهه ڳاهي،
پريون ڪِرِبَ ڪاني جون آٽي پچائن. پکيئڙا....

پنهنجي پيرن تي بهي، هلندا سين اوچي ڳاٽ سان،
هي ڏسي هر هندواسي ٿي شڪي شرمائبو.
جي اجا رهندي ڪا پنهنجي ملڪ ۾ آن جي آڻاٽ،
پيٽ ڌرتيءَ جا پٽي پاڻي اَکُٽ پهچائبو.
ٻُڪ نہ پارت جي قنبيلي جو ڪوجيئن پاتي مري،
جو ڪٽو داڻو اٿئون وندي وراهي ڪائبو.
جي لٿي هوندي لڪن ڪي ليڙ اڄ ناهي نصيب،
پاڻ ٿي مالڪ مِلِين جا ڀربو ڀرائبو.
ڪين ڏيندا سين رهڻ ڪا ديس ۾ ڪاري بزار،
رشوتي سرڪاري عملي کي سنئين دڳہ لائبو.
پنهنجي هر هڪ گهرج جي پاڻهي ڪندا سين پورتي،
ڪارخانو اهڙو گهر گهر کولبو ڪولائبو.
ٿو پگهر جي پورهئي مان ڏس! ڦل مٺو آخر ملي،
مرتبو محنت جو جاڻي تنهن تي هڏ هيرائبو.
ڪارگر ڪوڏاريو ٿي خود ڪرڻمي ڪيميا گر بڻي،
ملڪ جي مٽيءَ پٽر سون سان تورائبو.
سون چانديءَ جو سِڪو جيئن محنتي جو ٿئي مطيع،
قاعديسازن کان اهڙو قاعدو جوڙائبو.

دکايل! هتي رام جو راج آهي،
سچو ڳوٺ وارن کي سوراج آهي.
نہ موتاج ٿي ڪنهن جو نوڪر چوائن. پکيئڙا....

ڀُو-دان هلچل

ڏي ڌرتيءَ جو دان بابا!
ڏي سَمپتِ جو دان.
ڪندءِ ڀلو ڀڳوان بابا!
ڏي ڌرتيءَ جو دان.
ڌرتي آهي تو نہ اُپائي،
سمپت تو نہ اڪيلي ناهي.
سڀ جي مدد سمان بابا!
ڏي ڌرتيءَ جو دان.
مالڪ نؤڪر ڀانءِ نہ ڪوئي،
اونچو نيچو آهہ نہ ڪوئي.
ساڳيو هڪ اِنسان بابا!
ڏي ڌرتيءَ جو دان.
مالڪ هرڻاڪشپ چوايو،
نرسنگهہ تنهن کي مارڻ آيو.

ڪمي ڪاسبي ٿيا روانا ڪمن ڏي،
پلا لوڪ سي، جي ٿا پاڙن هڏن تي.
رهي سست ڇو پاڻ پنهنجو لڄائن! پڪيئڙا....

ڏ ڪڻ ڪم ڏي نڪتو ۽ لوهار ڪم ڏي،
هتي هرڪو هوندو ٻڇو بار ڪم ڏي،
بنا ڪم هتي ڀور ماڻي نه ڪائن. پڪيئڙا....

هجي رازو سِرٻند ڪنير يا ڪوري،
هتي موچي تيلي ڪندو ڪانه چوري.
سڄي ڳوٺ کي ڇونه هڪ گهر ٿا پائن. پڪيئڙا....

مغز ۽ هٿن جو هتي فرق ناهي،
وڏائي ننڍائي ميڻ مرڪ ناهي.
هتي علم پورهئي ۾ انتر نه پائن. پڪيئڙا....

هتي ماستر پڻ ڪندو هٿ سان محنت،
نه ڪا وڏ کي هوندي پورهئي کان نفرت،
ڪري خوب محنت ٿا ڪائن پچائن. پڪيئڙا....

لڳي ڏي نه پئسي ڏي هٿ ڪا لڙائي،
هتي پريم ڪڻ جي وڏي آ وڏائي،
نه ڏين پاڻ لوبي نه ٻين کي لُٽائن. پڪيئڙا....

سنت ونوبا راهہ بتائي،
سمجھہ دکايل، مصلحت سائي،
جاڳي پريم مهان بابا!
ڏي ڌرتيءَ جو دان.

سروودیہ ۽ شانتي

او شانتيءَ جا ديوتا.
تهذيب جا راکا سچا!
تنهنجي ضرورت جا بجا،
سنسار کي آهي سدا.
تنهن جو بقا ۾ آستانُ،
تون امرتي پيالي سمانُ.
جهندي اچي جو تون ڏٺي،
توکان ملي راحت گهڻي.
تون پيار جي آهين مٺي،
هر بات آ توسان بٺي.
بگڙيل بڻائي تو ڇڏيا،
اجڙيل وسائي تو ڇڏيا.

ڇڏ ڪُوڙو ايمان بابا!
ڏي ڌرتيءَ جو دان.
محنت وارو جي بک مرندو،
چون پيلا پوءِ پنيت پرندو؟
ٿيندو خاڪ جهان بابا!
ڏي ڌرتيءَ جو دان.
دل سان آهہ ديا جو ناتو؛
جنهن هي ڄاتو تنهن ڪُل پاتو،
ڏيڻ ۾ آنند ڄاڻ بابا!
ڏي ڌرتيءَ جو دان.
چوريءَ ڪائي چڙر چوائي؛
ڳڏجي ڪائي سو سُک پائي،
مڃ گيتا جو گيان بابا!
ڏي ڌرتيءَ جو دان.
چوريءَ زوريءَ ۾ بربادي،
ويدن جو فرمان انادي،
هنسا ۾ نقصان بابا!
ڏي ڌرتيءَ جو دان.

ڪپڙو لٽو در در نهي،
سختي نه ڪو آن جي سهي،
ڪو ڪين ڪاڏيارو رهي،
ڏيهي هنر هلندا ڏسان.
جي گهرج واريون ڳالهه شيون،
سي اٽ ڳٽيون ۽ اٽ ميون،
گهر گهر هجن سڀ وٽ پيون،
ڪن جا نه منهن لهندا ڏسان.
واندو نه ڪٿ ڇنندو ڏسان،
پئسو نه ڪو پنندو ڏسان،
ڪو شيء نه ڪا ڳنندو ڏسان،
پنهنجي پلي پلندا ڏسان.
ناحق نه ڪو گهندو ڏسان،
بيگر نه ڪو وهندو ڏسان،
سختيون نه ڪو سهندو ڏسان،
ڪل حق پليء پوندا ڏسان.
همت ڪي نه ريچالا هجن،
بي بخت بدچالا هجن،
نشئي نه متوالا هجن،
ملڪي مڙيئي وڌندا ڏسان.

صوفي سڳورن تو وتان،
ڪُلَ صلح جو پاتو نشانُ.
روحانيت جي راز سان،
تن ڪي ڪيو تو جاودانُ.
دنيا سندي اڄ آس تون،
پوري اچي ڪر پياس تون.
او شانتيءَ جا ديوتا!
تهذيب جا راڪا سچا!

سڀ جي ڀلائيءَ جي آس!

وطني سدا وسندا ڏسان،
ڦُلندا ڏسان ڦلندا ڏسان.
مچندا ڏسان سي معنتي،
پورهيت ڪمي ۽ ڪاسبي،
هت عام ڀي ۽ خاص ڀي،
هڪ چال سان چلندا ڏسان.

جڳ ساري کي پاڙو سمجهي،
ڪنهن کي ڪين رنجائيندس مان.
راند ڪندس، ڳائندس خوش ٿيندس،
ننڍي وڏي سان پيار وندينديس.
امان، امان! مان گانڌي ٿيندس!

پاڻ کان ڪنهن کي گهٽ نہ سمجهندس،
هڪ جهڙو سڀني سان هلندس.
ٻانيڻ ڀنگي مڙيئي ڀائر،
اوچ ۽ نيچ جو ڀيد نہ رکندس.
ڳڻ ڳراهڪ ٿي، جيون سارو،
آدر وندندس آدر ڏيندس.
امان، امان! مان گانڌي ٿيندس!

قول تي هردم رهندس پورو،
ٿيندس ڪنهن سان آءٌ نہ ڪوڙو،
جيڪي چوندس اول ڪندس سو،
ڪم نہ ڇڏيندس مور اڌورو.
ڪشٽ جي ايندا سهندس، ليڪن،
فرض کان هرگز منهن نہ مٽيندس.
امان، امان! مان گانڌي ٿيندس!

سڀ ڪي هجن سايُون ٻنيُون،
ڪُلَ ڪي ملن وينگس وَنيُون،
پنهنجا پڌر پنهنجون چنيُون،
ٻي گهر نہ ڪي جلندا ڏسان.
جنهن وٽ هجي جيڪي هڪيو،
وانجي نہ ڪنهن ڪنهن کان رکيو،
ڪجھ هِن چکيو ڪجھ هُنَ چکيو،
ڪنهن کي نہ ڪجھ اَلندو ڏسان.
اهڙو دکايل ڪر اُدم،
هاري هِنئون توڙِن نہ دم،
وطني، وساري ڪُلَ وهم،
هردم اڳي وڌندا ڏسان.

ٻالڪ جي آس

امان! امان! مان گانڌي ٿيندس،
سر ڏيندس پر سچ نہ ڇڏيندس.
امان، امان! مان گانڌي ٿيندس!
دل ڪنهنجي نہ دکائيندس مان،
پيار سڀ کي پائيندس مان.

پيار جو مارگ، مارگ سُکَ جو،
نفرت راھہ ڏسي ٿي ڏکَ جو،
امن امان دنيا کي ڏيندس،
بکَ نہ بٺي کو جنگي بکَ جو.
خون پياڪ پشوُ پَلَ کي مان،
اِنسانيت ۾ بدلائيندس.
امان، امان! مان گانڌي ٿيندس!

وڏو بٺي نہ وڏائي سکندس،
گونگي خدمت سان دل رکندس.
من ۾ کو ايمان نہ آڻي،
هِنَ هُنَ سان نِهنو ٿي هلندس.
کاڻِ کڏي کنهنجي نہ دکايل!
پنهنجن پيرن ڏي پاڙيندس.
امان، امان! مان گانڌي ٿيندس!

ماندو ڪو انصاف نہ جنهن کي،
نياءُ وٺي ڏيندس مان تنهن کي.
يورپ يا ايشيا جو هجي پل،
گهٽ وڌ جاٽان آءُ نہ ڪنهن کي.
روس، اميريڪا يا ڀارت،
سڀ کي حق جي راهہ ڏيندس.
امان، امان! مان گانڌي ٿيندس!
هرڪو پنهنجو پورهيو کائي،
ڪو هڪ ٻئي جو ڪين ڦٻائي،
جو ڪيرڙيندو سو کائيندو،
ڏاڍو هيڻي کي نہ ستائي.
هر پورهيت جو ساٿي ٻڻجي،
تنهن تي پنهنجو ساهہ ڇڏيندس،
امان، امان! مان گانڌي ٿيندس!
ملڪي يا سياسي آزادي،
ذهني يا مالي آزادي،
هرڪو پنهنجي خيال جو مالڪ،
کونہ کسي ڪنهن جي آزادي.
زور زبردستي نہ هلي ڪر،
جڳہ کي اهڙو راز سليندس.
امان، امان! مان گانڌي ٿيندس!

اُٿ، اُٿ! وقت سڀاڳو آيو،
آزاديءَ جو آهي سعايو.
رهندي وَٿ نہ غلامي.
دنيا جي صاحب جا حامي.

هنرمند کي شاباس!

رات جي فڪرات ڇاڄي حوصلو ڏينهن جو رکي،
ڪانہ ڪا جوتي جڳت ۾ جڳمڳائيندا هلو.
مل ھلان مردن جي خصلت، ماڳ مُڙدن جو مُقام،
ٿيءَ وھڻ جي ويل ناهي، وک وڌائيندا هلو.
هٿ بنا سُڌُ ڪير ڏيندر؛ ڀروسو هٿَ جو ڪريو،
هٿ ڏئي هر وقت پنهنجو هٿ گسائيندا هلو.
موت موٽاجي سدائي ڪارو ڪاٽيارو ٿئي؛
باڻ ڀاڙي پاڻ تي، ٻيا ڀي هلائيندا هلو.
هنرمند ۽ محنتي هردم ڪٿي شاباس ٿو،
جوڻ مٿيءَ کي اوهين ڪنچن بڻائيندا هلو.

صلح جا حامي!

دنيا جي صلح جا حامي!
موقعو در بينو كڙكائي،
چڏ هيءَ اونگهه مدامي.
روئي ٿي دنيا جي حسرت،
هند ڏسي آرامي؛
دنيا جي صلح جا حامي!
پاڙي وارو چين اُٿيو آهه،
مصر و فلسطين اُٿيو آهه.
عرب اُٿيو اسلامي.
دنيا جي صلح جا حامي!
يوناني ايراني جاڳيا،
بلقاني لبناني جاڳيا.
جاڳيا رومي شامي،
دنيا جي صلح جا حامي!
اوسيڙي ۾ پيارا ساٿي،
تنهنجي لءِ سيڙيا بيٺا ٿي.
مفت نه ڪر بدنامي.
دنيا جي صلح جا حامي!

سنگیت ورکا

اسانجا ٻه اکر

'سنگيت ورکا، ڪوي دکايل' جي گيت-مالها
و نئون ڪتاب آهي، جيڪو پاڪن جي هٿن ۾ ڏيئي
هيا آهيون. سنگيت-کهائين لوڙي قومي-گيتن کان پوءِ
يءَ گيت. گونجار اسانجي اڳيان اهو ڳوناٽو ماحول آڻي
ي، سامهون ڪري، جو ٻارڙ کي سچ ٻچ ڪيئن جهڙي وچ ۾
يا پائيون.

هن ڪتاب ۾ ڪويءَ جا چونڊ گيت ڏنا ويا آهن.
نا آهي نه هي ڳوناٽا گيت، جيڪي ديهاتي معصوم
يار جا شاهد آهن، جهونگارينڊڙن جي اندر ۾ پيار جو
اهو جهرٽو وهائيندا، جو اڄوڪي لونڊس ماريل دنيا جي
دلين لي نار وجهندو. وڌيڪ نه گيت پاڻهي ڳالهائيندا.

پور (ڪڇ) — ڪرشنا

٢ اپريل ١٩٦٣

فهرست

یلنامون

صفح	ست	غلط	برابر
۴۹	۱۰	مهږ خدا	بهږ خدا!
۷۵	۹	قُرُ پلوَ	قُرُ قرُ پلوَ
۱۰۰	۱۲	کړ کین	کړ عین

پين ڪڙي!

ن ڪڙي پيهي ٽي ڍوليا! پل پل ڪريان پڪار،
ڪانوَ ٽڙي ٽو طرف مُجان ٿي مَنَ کو پهچي پار.
ونبا نڪتا، اوبر نڪتا، نڪتو پٽي چڙ ساهہ،
اوَن مان پيلا ٿيا ٽيلا لاب پيا ٿيو گاهہ.
ڏهن بہ ٽون موٽئين نہ مسافر! ڪهڙي ڏيانءِ ميار،
ن ڪڙي پيهي ٽي ڍوليا! ....

ڪو رچيم ويهہ ويهہ پيرا جڙ ٿئي هٿ مان ٽڙڪيو،
رهيو پيارو بار لڳو پٽي ٽوريءَ هڏ هڏ ٽڙڪيو.
ن ميرو ٿيو ڏوڙ وسائي چيڙهہ وڃايم وار،
ن ڪڙي پيهي ٽي ڍوليا! ....

Printed by Mellaram M. Vaswani, at the
Sunder Printing Press, Ajmer.
&
Published by Krishna Bhambhani Secretary Lok Sahitya
Prakashan Gandhidham, Adipur (Kutch)

چلکي پوي ٿو پاڻي

اکڙين ۾ چُلکي چُلکي،
ڏُلکي پوي ٿو پاڻي.
چپ چاپ لُڙڪ لاڙي،
بس راتڙي وهاڻي. اکڙين ۾....
محبت مِٺي مون پاڻ ئي،
ڪؤڙي کساري ٿي پئي؛
هن حال ۾ نه روئان،
ٻيو چا ڪريان نماڻي. اکڙين ۾....
ويهان ويهڻ ٿو ڪائي،
بيهان نه پير پَڄَرِن؛
هن آنڌ مانڌ مٺيءَ جي،
سَڪ جي ڪٺي پڄاڻي. اکڙين ۾....

ڊيرا ميرا لڳن مسافر! تو نہ ڪيو جي ڊير
اوطاقن ۾ اوندهہ پانيان پيو نہ جي ٿنهنجو پير
ڪين وٽن ٿا من منهنجي ڪي تو بِن اَن انبا
ڀبن ڪڙي پيهي ٿي ڍوليا! ....

منهنُ اُڪريءَ ۾ پائي ويٺي ڦهري ٿي ڪڙڪايان
آهٽ پائي، چرڪ پري اَڪ وَر وَر در ۾ پايان
مايوسيءَ کان اَن ڪٽن کي ڏيان ٿي ڪيڏي ما
ڀبن ڪڙي پيهي ٿي ڍوليا! ....

آس وڃائڻ واري ناهيان، چو تہ ڪُهيلي آهيان
تڏهن تہ دم دم دڳہ واجهائي پٽي ٿي دل ڀرپايان
نيٺ تہ هڪ ڏينهن ايندين ڍڪايل! پاڙيندين اِقرا
ڀبن ڪڙي پيهي تي ڍوليا! ....

آليون اکڙيون

آليون ئي آليون؛
اکڙيون، آليون ئي آليون.
روئن رَتَ پيالَيون،
اکڙيون آليون ئي آليون.

ديد آڙائي وس کان ويئون،
جهانورجي بانورجي پيئون؛
بي سُڌ بي خيالَيون.
اکڙيون آليون ئي آليون.

سپنن جو سنسار سجائي،
وينيون سکڙي آس لڳائي،
موڙهيون متراليون.
اکڙيون آليون ئي آليون.

سڏڪا پـري سڏيانئي،
سَڏَ جو نہ سُڏُ ٻڌانئي،
سڪ پڇي سهي الاجي،
ٿي پريت وئي پراڻي. اکڙين ۾....

جيسين مان جيئري آهيان،
تيسين نہ آس لاهيان.
گهر ۾ گهڙي اچي من،
ساجن ڪڏهن سياڻي. اکڙين ۾....

آهيان اصل ڏکايل،
سڪ ڪين ڪي سياڻا؛
جمندي جتي هيس، پر،
سورن ڪيس سياڻي. اکڙين ۾....

گل ڪڙيا

ڪڙيا نيلا پيلا گل، سرنهن مٿر چرڻ ٻکر؛
ڏيئي ڏاڙهيءَ ٻل، ڪڙيا نيلا پيلا گل!
رونق ربيءَ ڪئي چڱي، چمڪن ٿا چوگان،
ساوڪ هريا ڀريا ڪيا، مشڪن ٿا ميدان.
مهر جهلي آس پڄي، ڏيا جام فصل.
ڪڙيا نيلا پيلا گل!

ماءِن پاءِ پئي پاءِ، چاڙهيو هندي‌ءَ ساڳ،
ڊوڊن ٿي ٽبيءَ پڪي؛ ڪائي پائين پاڳ.
مکڻ لسيون وندي جهجهيون، وجهن ونهيون هل.
ڪڙيا نيلا پيلا گل!

وندر واري ڪن موچاري، پيڙو ڪين سماءِ؛
ميلا متا چڱا چوڪا، ٽيڙو خوب لقاءِ!
سنجي ڳاڏيون ڪڙهين ڪنيون، وجهي ڏاندن جُهل.
ڪڙيا نيلا پيلا گل!

پورهيت سکيو سهنجو ٻٽيو، محنت سندو زور،
ويهي کيڻ پيڻ ٻرو، ڪاهل ڳڻن چور؛
تنهنجو منهنجو رهيو ڪاٿي؟ وڃين ويئي ڀل.
ڪڙيا نيلا پيلا گل!

بس کن کيٹن ٹيسين اوشاقي،
ٹيا نہ سجڻ جيسين اوطاقي؛
ڳائن ڳُڻ ڳاليون.
اکڙيون آليون ئي آليون.

عشق تماشو ناھہ دکايل!
سھندا سَٽَ ھنڙي کي گھايل؛
چُست ٻجَھن چاليون.
اکڙيون آليون ئي آليون.

ٻهکن ٹا ٻج

ٻج ٻارين ۾ ٻهکن ٹا .
جام چُڙيا پاڙي آيا ،
هاري ناري ٿهکن ٹا .
ٻج ٻارين ۾ ٻهکن ٹا .

واٿر فيدر خوب وهيا ،
کنڌيءَ سنڌا کين رهيا ،
رؤنِ کري گهارا کن ٹا .
ٻج ٻارين ۾ ٻهکن ٹا .

ريج ڏيڻ کرمي آيا ،
هرن ڏيڻ جا کن سعايا .
ڏاند پيتارا سهکن ٹا .
ٻج ٻارين ۾ ٻهکن ٹا .

آءُ پرديسي

آءُ پرديسي سڄڻ!
گُلَ ٿا روئن، تنهنجي ياد جا.
اڄ پنبيل اکڙيون سَلنِ،
افسانا دل ناشاد جا. آءُ پرديسي!

پيار جي ماضيءَ جون تصويرون،
نه گونگيون ٿي پون؛
رنگ جن جا پيا سهي،
سپنا ڏسي بي داد جا. آءُ پرديسي!

زندگيءَ جي هن جلائيندڙ،
بپهريءَ ۾ متان.
پَنَ سُکي ڇڻندا وڃن،
هن آس جي شمشاد جا. آءُ پرديسي!

بي ڪسي، محرومي ساڙيندي،
دکايل ٿي سڏيان.
من پون تنهنجي ڪنَنِ،
پڙلاءُ هن فرياد جا. آءُ پرديسي....

تيلن جهليا آن

تيلن جهليا آن، او يار!
تيلن جهليا آن.
موٽئين نہ اچا من،
او يار! تيلن جهليا آن.
لابن سندي ويل، پرين!
جاڳيو جڳہ سويل.
ماٺيا منهن ماٺ، پرين!
وينيس جهليون واٽ.
موٽئين نہ اچا من! تيلن ....

زيان ڪرڻ ڪاٿي ڏيندا ؛
هر ڪنهن جا وارا ٿيندا .
ٻاٽيءَ ڍڪ لءِ ڦٿڪن ٿا .
ٻج ٻارين ۾ ٻهڪن ٿا .

رونبن جي وانگار پئي ،
نندي ٽڙيءَ وڏ ٽڙيءَ ڪاهہ ڪئي ،
ڏوڪي موٺڪي سڌ ڪن ٿا .
ٻج ٻارين ۾ ٻهڪن ٿا .

واءُ گُهلي ٿئي ٿي سَرِ سرِ ،
چا نہ خوشي ٿئي گهر گهر .
سبز ڇهڪ سَنگ ڇهڪن ٿا ،
ٻج ٻارين ۾ ٻهڪن ٿا .

جاڳ دڪايل ! لاب پيا ،
ملڪ جا ڪشت ڪليش ويا ،
چانور چوڏر چمڪن ٿا .
ٻج ٻارين ۾ ٻهڪن ٿا .

انبن جهليا ٻور

انبن جهليا ٻُور،
ڦٽا گل انگوُر.
ڙي يار! انبن جهليا ٻُور!
پريو وهي واهه، وهي پريو پريو واهه.
سڄڻ! سڪي ساهه، وهي پريو پريو واهه.
پون سوين ٻُور.
ڙي يار! انبن جهليا ٻُور.

ٽائي طلب ٽاٽ، پرين!
گهاري وڃ ڪا رات،
چوڪو اٿم چاءُ، پرين!
چارو مٺيون آءُ.
موٽئين نه اڄا من! ٽيان ....

هيڪر پري پير، پرين!
ساجهر اڄ سوير،
گوندر مٿن غم، پرين!
ميٺيون وڃ وهم.
موٽئين نه اڄا من! ٽيلن ....

نيٽن اجهل نيرُ، پرين!
هاري ٽيس آڏيرُ.
جيئان رکي آس، پرين!
پورا بارنهن ماس.
موٽئين نه اڄا من! ٽيان ....

سورن ڪيڙس سُٺي

شل سوُر نہ ڏيندم پُني،
درد ڇڏي ويا جي در مٺيءَ جو،
چوندس، قسمت رُني.
شل سوُر نہ ڏيندم پني.

غم جا بادل ويا جي وِٺڙي،
جڻ تہ ڏھاڳڻ مُٺي،
سچ تہ سھاڳڻ ٽيڙس جنھن ڏينھن،
بوند برھ جي اُٺي. شل سوُر ....

ڪير سياڻي ھان نہ تہ سرتيون!
سوُرن ڪيڙس سُٺي.
دائم شال ھجان مان دکايل!
کوھيارل جي کُٺي. شل سوُر ....

مٺي مٺي هير، گهلي مٺي مٺي هير،
سڄڻ! دل سڌير، گهلي مٺي مٺي هير.
اُٿيا ستل سُر.
ڙي يار! انبن جهليا بُور.

وڇوڙي جي ويل، ڏکي وڇوڙي جي ويل.
سڄڻ! اڄ سويل، ڏکي وڇوڙي جي ويل.
نچويان ٿي نُور.
ڙي يار! انبن جهليا بُور.
اُڏايان ٿي ڪانگ، ويني اُڏايان ٿي ڪانگ،
سڄڻ! اڄ ڪنهن سانگ، ويني اُڏايان ٿي ڪانگ.
وڃي دل وهلُور.
ڙي يار! انبن جهليا بُور.

دکايل کي ديد کيو دکايل کي ديد،
سڄڻ! بيءِ خريد، کيو دکايل کي ديد.
مُنو هڪ ئي گهوُر.
ڙي يار! انبن جهليا بُور.

پکيئڙي جو ديس؟

پکيئڙا!

کهڙو تنهنجو ديس؟
بند اکين مان پيهي آئين،
پهري سهڻو ويس.
پکيئڙا! کهڙو تنهنجو ديس؟

دل جو غنچو ڦولي ڦولي،
جيون جهولو جهولي جهولي.
من جا ساز وڄن نت نيارا،
سُر نکرن آئي پيارا پيارا.

پيار خوشي جون بوندون برسن،
گيت بهار جا ڳائي جوين.
گوري قدرت ناچ رنگ سان،
نئڙي کري آديس.
پکيئڙا! کهڙو تنهنجو ديس.

بند اکين مان پيهي آئين.
پهري سهڻو ويس.
پکيئڙا! ... .

عجيب دستور!

وڃي صورت آيم سُور جي،
سُورجي صورت، درد جي مورت.
وڃي صورت آيم سُور جي.
ساڃهه هوندي ڪين سڃاڻم،
جوڙي نرمل نُور جي.
ڳالهه ڳُٽيتي ٻڌنديون جيڏيون!
منهنجي هوت حضور جي.
وڃي صورت آيم سُور جي.
هجر جي ڪهڙي زخم ڏڪويس،
دانهن ڪيم ناسُور جي،
مرهم بدلي خوب ڪيائين،
ٻُر ٻُر ڪندڙ ٻــُور جي.
وڃي صورت آيم سُور جي.
سوز انهيءَ ڪان باقي وينس،
ٻــاق اِنهيءَ ٻابُور جي،
سچ ڪه دکايل! سڌ نه هئي،
مونکي دلبر جي دستور جي.
وڃي صورت آيم سُور جي.

آئي مند ملهار

آئي مند ملهار، پکيئڙا! آئي مند ملهار.
کول کول کَنڀ کول،
گگن ۾ جهولي مست بهار. پکيئڙا! آئي ....

ميگهن سان ڇانيو نيلو آڪاس،
ڦول ڪَلين ۾ جاڳيو پريم اُلاس.
رنگ اُمنگ ڀريو هر دل ۾،
ٿيو سونو سنسار. پکيئڙا! آئي ....

مَن مندر ۾ مڌر وَڄا باجا؛
مد ڇاڪيو جاڳيو جوڀن راجا!
پراڻن جي سازن لڳي آشا،
ڇيڙي جيون تار. پکيئڙا! آئي ....

ڀيري جو ماڻ!

پکيئڙا!

ڇڏ ڀيري جو ماڻ، پکيئڙا!
ڇڏ ڀيري جو ماڻ.
تون جيون جو روپ پکيئڙا،
تنهنجو ديس انوپ پکيئڙا!

هي ڀيرو مايا جو پاڇو،
مايا ڇرن ڇيلي؛
(نج) پنهنجو پاڻ سڃاڻ. پکيئڙا! ....

مورک ڀيري جو سک ڪوڙو،
موهه ۽ ممتا جو دک ڪوڙو.
ڀولو ڀرم دکايل ڇاجو؟
آشا رنگ رنگيلي.
هي جڳ سپنو جاڻ. پکيئڙا! ....

بي سمجھيءَ ۾ ڪوهي هستي،
وينا مـُول وڃائي مستي.
جيڪي پڙهن، اُهو ٿا ٻولن،
مرضيءَ ساڻ زبان نه کولن.
ڪوڙي ڏيک ٿي ڏيئي وينا،
ڪهڙو مٺڙو ٽول!
آءُ پکي ڪجهه ٻول.

آءُ پکي! هيڪر ٻيري جو،
ڪول ڏکايل، در ٻيري جو.
دور اُڏي آڪاس مٿاهون،
ڪائن مر آزاد هوائون.
سک ڏک جو جيئڻ فرق سڃاڻن،
ماڻي رنگ رٽول.
آءُ پکي ڪجهه ٻول.

ڪجھ ٻول پکيئڙا

آءُ پکي ڪجھ ٻول.
ٻراڏين ٻيڙي وارن جي،
سک جو پردو کول.
آءُ پکي ڪجھ ٻول.

آزاديءَ جي ديس جا واسي،
سوني ٻيڙي ۾ ٻيا ڦاسي.
ملڪ اصل ويو وسري جن کان،
ننگ نسل ويو وسري جن کان.
هيڪر ياد ڏيار انهن کي،
آزادي انمول!
آءُ پکي ڪجھ ٻول.

پکيئڙا!

ون جي اُڏاري ڏي جيون جي اُڏاري،
پکي! جيون جي اُڏاري.
تاري تاري آشا واري،
جهولي پياري پياري.
سي بوند بهاري - جيون جي اُڏاري ....
سونهري رنگين ٻرن تي،
چت چِٽ ميناڪاري،
سوپيا جو درسن سپنن ۾،
رونق رنگ خماري.
سي بوند بهاري - جيون جي اُڏاري ....
ن جي جهُولي ۾ جهولي سندرتا جي راڻي؛
ت ڇڏي ويئي ساجن لءِ نيڻ-ڪمل جو پاڻي،
ويوگڻ ياد پُراڻي!
تي تارن جي ٽم ٽم سان ٽيو رنگ نرالو،
ي ٽڙڪن ڪان ٽيو جهڳ ۾ جهڳ مڳ جوت اُجالو.
سندر گهڙي سهاڻي.
پريت وانڪا جي گلشن جي،
ڦولي ڪياري ڪياري.
ت جي ٻاهاري - جيون جي اُڏاري ....

پکيئڙا لنئُ لات

پکيئڙا !

مٺي مٺي لنئُ لات.
منهنجي پرديسي ساجن جي،
آهُ ! سلي وچ بات.
پکيئڙا ! مٺي مٺي لنئُ لات.
ڪڏهن مُنيءَ کي ياد ڪندو هو،
ڀُاڳي سهڻو ساجن ؟
جنهن جي قدمن ۾ مون ارپيو،
پنهنجو سارو تن من.
پاڻ پَلي هو وينو ڇو هُت؛
ڏيئي مونکي تات.
پکيئڙا ! مٺي مٺي لنئُ لات.
تُرت اُڏام پکي پرڏيهي،
زور پرن تي ڏيئي.
پهچائج پيغام 'دکايل'،
پيرين هن کي پيئي.
عرض ڪجانس اچي من هيڪر،
هتڙي ڪا هڪ رات.
پکيئڙا ! مٺي مٺي لنئُ لات.

منزل دور

ٻڌان ٿي، اڃا تہ منزل دور،
هاءِ اڃا تہ منزل دور.

۱. هڪ اڻ تارو ٻي تر هاڪي،
هترا هٽي ويٺي ڏڪيان ڏڪيان،
ونجهه وسياو ناهي مُٺيءَ جو،
پکھ بنا ڪيئن چڪيان چڪيان؛
جڏو جيءُ ٿو وڃي وهاور،
ٻڌان ٿي، اڃا تہ منزل دور.

ٻيڙي تار!

پانڌي !

منهنجي ٻيڙي تار!
ٻيڙي آهي سٽڙ ڪنار.
پانڌي! منهنجي ٻيڙي تار.
ٻيڙيءَ جا سڀ سنڌ پراڻا،
ويتر وير ڪيا لڳ ساڻا،
ويجهو ساحل وار.
پانڌي! منهنجي ٻيڙي تار.
ونجهه هلائي آءُ نه ڄاڻان،
واءُ سڻائو ڪين سڃاڻان،
ڪنهن ٿوري ڪر پار.
پانڌي! منهنجي ٻيڙي تار.
عرض دکايل! ڄاڻ آگهاڻا،
آيا اِجهي منهنجا مير مهاڻا،
حاصل همت نه هار.
پانڌي! منهنجي ٻيڙي تار.

نہ ڪنڌي ڪنارو

نہ مانجهي نہ منزل نہ ڪنڌي ڪنارو،
نڪا ونجهہ-واهہ نہ سڙهہ جو سهارو.

نہ هاليسو هٿ ڪو، وسيلو نہ ويٽو،
ڦٽو ٻاڳہ ٻانيان ٿي اوندهہ انڌارو.

گهٽي رات ڪاري ٻيو طوفان ٻاري،
وڃان ڏس مان ڪهڙيءَ، نہ ڏسجي ٿو تارو.

ٻڌي رعد رڙڪا، ڪري هيانءُ دڪدڪ،
اچانڪ ٻيو سر تي مصيبت جو مارو.

ڏڪيءَ ويل تنهنجي حوالي ڪريان ٿي،
ڍاڍي ڍول! مڪڙي، ٻنل سات سارو.

ٻنا تنهنجي ٻيو آءُ ڪنهن کي پڪاريان،
دکايل کي تنهنجو فقط آهہ پنارو.

ڏوهڙو
سهڻا ڪنگ درياهہ جا اُچڙو سندن ويس،
پيئن ڪڙي نهاريان، دلبر سندو ديس.
۲. نيڻ نهارن هنجون هارن،
ساري ساجن سڪان سڪان.
واءُ ڪٽي جي نئين تو پر ڏي،
ڏي تو ڪنارو پڪان پڪان.
ڪيو وير چڙي مجبور،
بڏان ٿي، اڃا تہ منزل دور.

ڏوهڙو
ڪارو اُپ ڪڪرن ڪيو لٿو وايون ڪندو واءُ،
هيٺ مٿي پاڻي وسي، اُٿيو داهون ڪري درياءُ.
۳. تو بن مُئيءَ جو ڪير دڪايل!
ڪنهن دي پناري لڳان لڳان،
ڪيئي جنم منهنجا لُڙهندي گذريا،
آس رکي ٿي تڳان لڳان.
ڪڏي پار رسي من پوُر،
بڏان ٿي، اڃا تہ منزل دور.

تنهنجي حوالي

لنگر ڪٽي مون ٻيڙو تنهنجي ڪيو حوالي،
توکان سواءِ ڏولڻ! ٻيو ڪير جو سنڀالي.

ڪوڙي ڪِلو ڪناري، ڪيسين ويٺي هجان مان؟
هاڪاري هوڙيون نڪتا ساٿي جڏهن سمالي.

بي پايان جهاڳڻو آهه درياهه سِير وارو؛
هينئڙو ڇڏيو ڇو هاري؛ هن منهنجي من اُبالي.

آخر ته آهه رستو تنهنجي پڪي دڪايل!
پهچايا پار ڪيئي هڪ هوت تنهنجي نالي.

ويچارِ وِرهڻ

لنگر هڻي لنٿا سپ بيڙا بڏي ڪناري،
وَر پر ورِيو نہ جنهنجو، ورهڻ اُپي نهاري.

اکڙين ۾ نير آهي، منهن ۾ زبان ڪانهي؛
گونگيون ڪري صدائون بي حال دل پڪاري.

ڪينجهر ڪمائي موتيا، وڻجارا ڪُل وطن ٿي،
ڪيَ ۾ نہ ڪانڌ جنهنجي سا ڪيئن سُکي گذاري.

ڪرڻا هي چندَ جا اڄ ناريل جي وڻن ٿي،
مايوس ٿي ڪرن ٿا، همدرد لڙڪ هاري.

فرقت جي آگ آهي، جنهن جيءَ چڙيو جلائي،
ساجن بنا سڙيءَ جو هينئڙو ٻيو ڪير ٺاري؟

ڪا آس آهہ جنهن ٿي هوءَ ٿي ٽڳي دکايل،
هن ڪان اگي چڙي ها، نہ تہ هوند پاڻ ماري.

ٻيڙي پراڻي

کير لڳائي پار سائين!
ٻيڙي پراڻي،
کير لڳائي پار.

سڙهه ٽٽو ياڳهه ڦٽو ٻيو نه ڪو چارو آهي،
خطرو ٻيڙيءَ کي وڏو دور ڪنارو آهي.
ٽارڻ وارا ٽار، ٻيڙي پراڻي،
کير لڳائي پار.

سخت برسات ۾ اڌ رات جو آنڌيءَ کان بچي،
آهه هستيءَ جو ڏيئو ٻيئو اُجهاڻ تي اچي.
صاحب! ٻرد سنڀار، ٻيڙي پراڻي،
کير لڳائي پار.

آه آفت ۾ سُڻي ڪرت دکايل جي پڪار،
ناخدا بڻجي اچي آ، تون ٻيڙيءَ کي ڪنار.
ٽار مصيبت ٽار، ٻيڙي پراڻي،
کير لڳائي پار.

جيون نئيا

جيون نئيا پئي ساگر مان،
جڳمت سهارا تار اچي.
ٻيڙي آشا جي لهرين مان،
لعل! ڪر تون پار اچي- جيون نئيا ....

ٻوڙندي ٻيڙي پَکَهه پراڻا،
مان اڻ ڄاڻو ترڻ نه ڄاڻا.
ڪر واهر لڳي ڄاڻ وساڻا.
ويجهو ساحل وار اچي - جيون نئيا ....

سڙهه ۾ باقي ساهه نه ڪوئي،
ٽوڏي واجهايان ٿي روئي.
اچ ٻيڙيتا! اچ او مالڪ،
آئي زحمت ٽار اچي- جيون نئيا ....

آس ٿي تنهنجي لنگر ڇوڙي،
نڪتيس جڳ سان ناتا توڙي.
آءُ دکايل جا او وسيلا!
پنهنجو ٻرد سنڀار اچي- جيون نئيا ....

لٽو سج، سنجها ٿي، مٿان رات آئي،
ونـــي ور سُتي سيڪا اوڍي رضائي.
روئي رات پر مان ڪٽيندي رهان ٿي؛
رکي ڳل تريءَ تي ....
دلو چياهه تي آهه پر بـــار من تي.
ڀوي ٿو جڏهن طعنو جيڏين جو ڪن تي،
تڏهن سوُر پيي، سڏڪا ڏيندي رهان ٿي.
رکي ڳل تريءَ تي ....

وڃي ڏينهن چاهه سان نه ڪو وارُ واندو،
هلان ٿي، مگر من ڪٽي ساڻ ماندو.
ٽڪي راهه، تارا ٽڪيندي رهان ٿي.
رکي ڳل تريءَ تي ....
جيئان ٿي دکايل! نه هڪڙي سهاري،
ڪڏهن من اچي پنهنجو انجام پاڙي.
انهيءَ آس تي دل جهليندي رهان ٿي.
رکي ڳل تريءَ تي ....

ڀراڏو ۽ سڏ

رکي ڳل ٽريءَ تي ڳڻيندي رهان ٿي،
ٿڌا ساهه دم دم ڀريندي رهان ٿي.

پيئا آ، پيئا جون ٽڪيريون ٽنوارون،
ٻرن ٿيون جي مورن جون ڪن ٿي پڪارون.
ٻڙاڏي ۾ تن جي سڏيندي رهان ٿي.
رکي ڳل ٽريءَ تي ....

پيار نه ٿئي بدنام

موکي پنهنجو ڏپ نه پڇيءَ ڪونهي،
جي خيال اٿم تنهن رڳو هڪڙو،
متان پيار نه ٿئي بدنام.
موکي پنهنجو ڏپ ....

آيو قاصد پرين خط پهتو،
وجهه ڪين مليو چارو نه چليو،
ٿيڙيم نيٽڻ ننڊ حرام.
موکي پنهنجو ڏپ ....

پرين! ڏينهن ڏهاڙي ڪيئن اچان،
هن حاسد اک کان ڪيئن بچان.
جي گهر ٿي ڇڏيان ته ٿو حرف اچي؛
ناحق ٿي ٻلن جي ٻيگهي مچي،
موکي آهي ياد انجام. موکي پنهنجو ڏپ ....

وجهه رات ڏنو تارن نه سٺو،
متان چند چغل دڳ بند ڪيو.
ڪا راهه دکايل! ڪانه رهي،
تو ڏائين اچان مان ڪيئن کهي.
بند واهون ٿيم تمام. موکي پنهنجو ڏپ ....

ٻهتم نياپا ڏير

ٻهتم نياپا ڏير!
آءُ اچان ڪيئن؟ ٽيون بند راهون؛
ٻيا سوڙها گهٽ گهير! ٻهتم نياپا ڏير.

هوليءَ اَڌ گوليءَ جون رائيون تڙقائن ٽيون جيءُ
هڪ ڏکٽيءَ جو ماڻ مسافر! ٻيو ڏاتن جو سيءُ
ماٽيلَ چارَنِ جي چِڪَ ۾ ٽي،
پوندم پڌرا پير! ٻهتم نياپا ڏير.

هڪ گهر جي لوڙهي جو گهيرو؛ هيانءَ ۾ ٻيو ٻيو گهيرو
ماندو مَن ٽيو مُٺيءَ جو ڏادو، ڏنگڻ آيم ڏيرو
لوُنءِ لوُنءَ چغلي مارڻ ويٺي؛
اکڙين پاڙيم وير- ٻهتم نياپا ڏير.

ايڏا غم ڪاڏا ٿم جو اڄ ملڻ مهانگا ٽي ٻيو
سوُرن ڏاران جيمُنديس ڪيئن جي درد چڏي پاسو ويو
دک آهن هون وٽ ڏون آهين،
ڏ ڏ ڏ دکايل ڪيرِ؟ ٻهتم نياپا ڏير.

درد سان رهاڻ

ڪير؟
باهر ڪير آهي، کول در.
درد آهين؟
اچ اندر اچ ڪر خبر!
ِهن اوپلي وقت؛
ڪيئن نڪري پئين؟
ڪنهن جي دل جوئيءَ لاءِ
شايد پئي وئين!
ـو ڏنو مايوس هوندو ڪو غريب،
نهنجي همدرديءَ جو طالب بدنصيب.

دل کان دل ڏي

مونکي وٺي هل دل کان دل ڏي،
مستن جي محفل ڏي.
مونکي وٺي هل ......

زهر دماغ، دماغ کي ماري،
امرت دل ٽي، دل کي جياري.
پاڪ نه رمزون ڇل ول.
مونکي وٺي هل ....

ڇترائي مستيءَ کي ماري،
عشق مٿي آڪاس اُڏاري.
پار رسائي توڪل.
مونکي وٺي هل ......

ڇڏ انڪل جو انگ وشاري،
بازي هڏ ويساهه نه هاري.
ٻر نه دڪايل وجهه ٻل.
مونکي وٺي هل .....

نهنجو هينڙو؛
توکي پاسي ۾ ڏسي!
رد جيسين آهہ دل سان،
ساز باز!
راز؟
يسين ڪيئن رهي سگهندو،
بوء راز؟
يڏ ڪٽي بهر خدا!
منهنجي پڇر.
ڏس! متان ڪنهنجي وجي،
يئجي نظر
سونهن ويندي پيار جي،
جي ٿيو پڌر.
نهنجو پي رهندو نہ پوء
ڙ جو اثر!
نهنجي خاموشيء ڪان ڏاڍو ٿو ڊڄان،
ڏو اچي طوفان ٻوسٽ جي پٺيان.
توکي موٽڻ ۾ الائي ڪھڙو عار؟
رهہ پاي؛
بوء يا نہ گوشي ۾ گذار.

چو؟
ڪلين ٿو؛
ڳالھ ڇا ھي؟
چؤ ڪٿي.
او گونگا مهمان!
ڪٿي تو چُپ گهٽي.
ھي شرارت جا اِشارا صاف ڪر؛
ڇا چيءِ؟
مون لاءِ آئين!
معاف ڪر.
مهربانؔ! تنهنجو مبارڪ ٿيو اچڻ،
ڪشٽ پر، منهنجي ڪري تون ڪين ڪڻ!
تون اچي، مون ڪان پڇين!
صبر و قرار؟
خوامخواه وهندس وچائي غمگسار!
تنهنجي همدردي ۽ غمخواري چڱي،
پر نہ هيڏي لوڪ جي خواري چڱي.
تون ئي ڏس!
هر هر پوي ٿو،
ڪيئن ڦِسي!

ٿي اچي، چم چم ڪندي،
باد صبا.
در کُليو هيڪر،
تہ ايندا ڪوڙ ٻيا.
بند ڪر در، تون هي ٻيٺو
چا ڪرين ؟
خوامخواهہ ٿو خلق ۾،
رسوا ڪرين!
ايترو سمجهين نٿو؛
مهر خدا!
هي جي هت ايندا،
دکايل! چا ڪندا ؟
جي بهار آئي خوشيءَ جي چا ٿيو؛
هو نہ جي آيو تہ سڀ ڪجهہ کهہ پيو.

مات ڪر!
ٻاهر مڙيوئي آهه ڪو.
جو وِٽين ڪان ٿو،
لڪي پائي لِيٽُو.
هوءَ ڏسين ٿو؟
آهه ڪائي روشني،
او! چغل چنڊ جي آ شايد چاندني!
ڇا ڪندس مان،
آس جو، هي ٽورو.
جنهنجو ڪائي ٿو اکين کي سوجهرو.
ڏس! مٿان ٽوٽي پوي هن جي نگاهه،
ٽون نه وٺ ڪنهن دل جي گوشي ۾ پناهه.
هان! ڪرين ڇا ٿو؛
ٽون در ڇو ٿو پٽين؟
هٽ وٺي هن کي،
ٽون گهر ۾ ٿو سڏين!
هوءَ اڪيلي ناهه؛
پر هُنَ جي پٺيان.
پيا به ڪي آهن؛
جي ايندا ٿو ڏسان!

عــلاج تنهنجو،
ڪري قضا سان،
ڇَنو هجي ڪو!
هتي نہ اهڙو ڏنو نہ مون ڪو،
جو ڪجهہ اثر ٿيو!
او وقت ڪوُڙا! ڏنو ڏنو مون ....

ڪُرنِ ڦٿن جا،
هي گهاؤ اونها؛
نہ چين ڏين ٿا.
گهٽو جلن ٿا، ٺرن نہ هرگز،
سڙن پچن ٿا!
او وقت ڪوُڙا! ڏنو ڏنو مون ....

جراح! دل جو،
ڪرين تہ ڪرڪو،
عــلاج پــورو.
ڪــهــي اجــايــو، فــقــط دڪايل!
نہ ڪو دلاسو!
او وقت ڪوُڙا! ڏنو ڏنو مون ....

او ڪوڙا جراح !
ڏنو ڏنو مون ،
جراح توکي، او وقت ڪوڙا !
جواب ڏي تون ،
اُميد ٿي چو ٿئين وسوڙا ؟
او وقت ڪوڙا ! ڏنو ڏنو مون ....
هي زخم دل جا ،
ايام ٿي ويا ؛
ڪٿي ڇٿِن ٿا !
جيئن پون ٿــا گهٽا ڏهاڙا ،
ٿيئن سمن ٿا !
او وقت ڪوڙا! ڏنو ڏنو مون ....

پريت ۽ لاڄ

پريت ڪان لاڄ سنڀال.
لاڄ سنڀال! وَڏِ پريت ڪان، لاڄ سنڀال!

آرزوءَ کي ڏي لغام،
صبر دل جو ٿام ٿام،
روڪ مـن جي چـال.
وَڏِ، پـريـت ڪـان لاڄ سنڀـال!

پريت جي مڪڙي ٽڙي جي گل ٿئي،
موهه ٻڌجي سک جي بدلي دک ڏئي،
پُرجهه ڳـوُڙهـي ڳـال.
وَڏ، پـريـت ڪـان لاڄ سنڀـال!

مرم جي پردي ۾ آهي حسن جي،
دل اُمنگن ۾ نہ ڪوهي پاڻ کي،
پـيـار پـوءِ بـي مثال.
وَڏ، پـريـت ڪـان لاڄ سنڀـال.

ڪريان ته ڇا ڪريان!

ڪاهي تي رکي سا متي تي ڪٽان ٿي،
ٻيري آهه ڳوري جهليندي هلان ٿي.

ٻون ياد جيئن جيئن پريشانيون گهر جون،
اچن ٿيون مڙي منهن تي بوندون پگهر جون؛
گهڙي ڪا جي سرتين سان ٻاهر رهان ٿي!

وڃي هر ڪا سرتي وٺي راهه پنهنجي،
لڳي جنهن کي جهڙي سُکي، سؤلي، سهنجهي؛
اَڪيلي ڏکي وات پر مان وڃان ٿي.

چڙهي دم اچي ٿو ته اُبري ٿي چاڙهي،
نظر ڪا ڪجي ٿي ته ماري لڄا ٿي،
وکون ترت تڪڙيون ڀريندي پڄان ٿي.

لڪايان ڀلا ڪيئن نيياڳي جواني،
اُٿي جيڪا ڪَر موڙي جاڳي جواني.
سهاري ڇڏڻ، سا نه منهنجي وسان ٿي!

ڏکي آهيان دلگير، بيوس، 'دکايل'،
ڪڙهان ٿي ڪڇان ٿي مگر ڪين گهايل.
سهارو وڃائي حياتي ڪٽيان ٿي.

م او سيڙي ڪي پنهنجي دم سان آس جياري،
وندن جي ورهه-ويدنا کن ۾ ڇڏي نواري.
مستي جيون ۾ جاڳي هردا رهيا نه نيارا،
ريمين جي پريم ٻنڌن جا ساکي ٻڌيا ستارا.
سجني! ساکي ٻڌيا ستارا.

ـن ورهه ڪٿيو ورلاپ- پريم نه ....

ن جي طوفان ڇڏيو هر انگ تڙقائي،
ن جي درپڻ ۾ دل جو ڀيد نه سگهيا ڇپائي.
پرقاتا جيون ۾ نرمل نيهن نظارا،
يين جي پلڪن ۾ سمايا سپنا پيارا پيارا.
سجني! سپنا پيارا پيارا.

رڳه رڳه مان آلاپ- پريم نه ....

ت راڻي آشا، جي اَذڪار سان لڳن لڳائي،
پري، مَد پري ديواني جيون زهر ٻڻائي.
منهنجي جي بات ٻتائي ويا پرپاٽي تارا،
ي تمڪي اُهي دڪايل! ڏيندا ويا هي اِشارا.
سجني! ڏيندا ويا هي اِشارا.

هر وار پريم جو جاپ- پريم نه ....

پريم نہ آهي پاپ

پريم نہ آهي پاپ سجني!
پريم نہ آهي پاپ.
جو ڪجھ هو، من جي بي تابي،
جيون جو سنتاپ- پريم نہ

اند ڪار جي گھور گھٽا، آڪاس تي ڇائي ڇائي،
تير اُمنگن جا ڇوڙيندي رات جي رمڻي آئي.
ڏينهن خوشيءَ ۾ پاڻ وساريو، ڇلڪي امرت ڌارا،
پريم جي اوجل جهرڻي، ٻيئي ٻوڙي ڇڏيا ڪنارا.
سجني! ٻوڙي ڇڏيا ڪنارا.
ٿيڙو دور ڏئيءَ جو تاپ- پريم نہ

پيار ۽ قيدي؟

بيار نہ منهنجو قيدي، منهنجو قيدي ناهي پيار،
آزاديءَ سان خوب اُڏامي بندش پائين بار.

منهنجو قيدي ناهي پيار -
آهہ پکيئڙو هي آکاسي،
چُڙک ۾ کين سگهي جو ڦاسي،
عنقا وانگر سڄر هوا ۾.
پوَن کري آهار. منهنجو ....
سر گهورڻ جو مرم پڇاڙي،
برين جي ريت نيائي جاڙي،
پڃري جو پر آهہ نہ عادي.
نت پرواز پسار - منهنجو ....
کونہ سگهي هن کي ڦاسائي،
پنهنجيءَ مرضيءَ پاڻ اڙائي،
لوڀ جي چوڳي مور نہ موهيو،
انکڻ کان انکار - منهنجو ....
محبت جون نت بوليون بولي،
چرک يا ٻرم نہ آندس ٻولي.
قرب جو قيدي آهہ دکايل!
پر نہ مڃي اقرار - منهنجو ....

پيار جي منزل

اوچي منزل پيار جي،
جيت جي ناهه خوشي کا جائي،
ڀڄڻي موُر نه هار جي،
اوچي منزل پيار جي.

ترڪڻ وارو ڏاڪو،
چڙهندو ڪو سورهيه چاڙهاڪو؛
چاهه اڳيان هرگز نه ڏکيري،
چاڙهي هن مونار جي - اوچي منزل ....

هي آڪاسي باغ عجائب،
ميريءَ اک کان غائب غائب،
قرب وندي کا دل ماڻيندي،
موُج مٺي هبڪار جي - اوچي منزل ....

پيار جو پختو پولر ناتو،
ڪنِ وِرهين ويراڳين جاتو،
توکي مونکي سُڌ نه دکايل!
از غيبي اِسرار جي - اوچي منزل ....

روُپ بسنت

روُپ بسنت نيڻن ۾ راجا!
ڦاڳ ڦُٽو، منهن مکڙين کوليا،
ٻول رسيلا بلبل ٻوليا.
شاخ شاخ تي رنگ گلابي،
سونهن ٻکي ٻن ٻن ۾.
راجا! روُپ بسنت ......
ماڪ ڳلن تان موتي گهوريا،
ڇپا نرگس جا نيڻ ڪڪوريا.
آءُ پسان ٿي پنهنجو ساجن.
روز نوَن سپنن ۾.
راجا! روُپ بسنت ......

پريم جو جوڳ

جوڳي! پريم جو جوڳ ڪماءِ،
در در پريم جو آلک جڳاءِ.
پريت نگر جو پار سياڻي،
اڳتي وک نہ وڌاءِ.
مايوسيءَ جي عالم ۾ تون،
آس جي جوت جڳاءِ. جوڳي پريم ....

رُوپ-چتر ڇاتيءَ تي ڇاپي،
ڌياني ڌيان ڄماءِ.
آنسن جي گنگا جمنا ۾،
من جي مئل مٽاءِ. جوڳي پريم ....

پريم پروانو

پريم جي ديپڪ جو پروانو آيو،
آيو آيو ساجن!
سِرَ جو ساڻ ڪٽي نذرانو آيو. آيو ....

ميءِ محبت جو مست شرابي،
برهہ جي آيو وٺڻ بي تابي.
آيو، آيو ساجن! دل جو لٽڻ خزانو. آيو ....

دل هڪڙي پر سُور هزارين،
جونہ گهڙي ڪن مون سان گهارين.
آس رکي هت آيو آهيان.
ڪين ڪمانءِ ٻهانو. آيو ...

پريم سمرٽي

پريم سمرٽي سور پريمي!
چت ۾ چنتن تن من ارپڻ.
چاهه رکي پيو چور- پريمي! پريم سمرٽي سور.

رعد رڳن جي تار وڄائي،
پريم سرس مستي جاڳائي.
مست مگن رهه سک درسن ۾،
اور السني اور پريمي! پريم سمرٽي سور.

پريم پنٿ جي ريت نرالي،
پريم رکي ڪنهن سرت سنڀالي.
پريم جي چالي آهه نرالي.
چست ٿري، نت ٿور- پريمي! پريم سمرٽي سور.

پريم جي دنيا

پريم جي آهه نرالي دنيا،
پريم جو پنٿ نرالو آهه.
پريم کان کا خالي دل ناهي،
پريم جو گهر گهر چالو آهه.

پريم جو ناکر، پريم پوڄاري،
پريم جو شنک شوالو آهه.
پريم جي اوجل آد سدائين،
پريم جو انت اُجالو آهه.

پريم جو گيت

ڪوئي پريم جو گيت ٻڌائي اچي،
ڪوئي من جي پياس مٽائي اچي.
ڪوئي پريم جو پيد بتائي اچي،
جنهن ڪان ترقي هي تن ۽ من ٿئي مگن.

پرديسي پريت مان چيا جاڻي،
الفت جو مزو ڪو ٿو ماڻي؛
مان ڪنهن سان لڳايان دل جي لڳن؟
جنهن ڪان ترقي هي تن ۽ من ٿئي مگن.

ڪهڙو پريم بنا جيوت جو مزو،
هن مي ۽ جو نرالو آهه نشو،
رستو آ ڏنگو سؤدو آ ڏکيو،
هڪ راهه ڪنن ٻي دل جي جلن.

دل پريت جي ريت ڏي مائل آ،
من پريت جي گيت جو قائل آ،
آءُ ڪنهن سان لڳايان دل جي لڳن.
جنهن ڪان ترقي هي تن ۽ من ٿئي مگن.
ڪوئي پريم جو گيت ٻڌائي اچي.
ڪوئي من جي پياس مٽائي اچي....

پريم جو شان

نرالو پريم نگر جو شان،
نرالو پريت نگر جو شان.

پريم جي مالها پريم جي کنٺي،
پريم جي پوڄا پريم جي ڀڳتي،
پريم عبادت پريم جي تصبي،
پريم جو جپ تپ ڌيان.
نرالو پريم نگر جو شان.

پريم جي گنگا پريم جي جمنا،
پريم جي مسجد، مندر، گرجا،
پريم جي آهه انوکي رچنا،
پريم هري سڀان.
نرالو پريم نگر جو شان.

پريت جي جوت جڳائي جنهن ڪئي،
پنهنجي روشن دل پريمي،
اهڙي نرمل نيهيءَ جي ٿي،
دل درسن قابل پريمي.

پريم جي پوڄا آهه جڳت ۾،
پريم جي مهما نياري آ،
پريم سدا پنج پاپ کان نيارو،
پريم جي مَتِ نرمل پريمي!

پريم ڪرم ۽ پريم ڌرم، هنَ،
پريم جي ليلا پياري آ،
پريم ۾ دک سک ناهه دکايل!
پريم جي گتِ پرپل پريمي.

پريم جي آهه نرالي دنيا،
پريم جو پنٿ نرالو آهه.

پريم نگر

آءُ پريم نگر ۾،
آءُ دل جي مندر ۾.
تارن جي ٽمڪ ۾،
بجليءَ جي چمڪ ۾،
بادل جـي سفيدي.
هيري جي جهلڪ ۾،
گُلن جي مهڪ ۾،
ڇـا حسن فريبي؟
پرانن کـان پيارا،
جيون جـا سهارا،

پيئا وٽ هلڻو آهي

تن پريم جي خاڪ رماءِ،
پيِئا وٽ جوڳڻ بڻجي هلڻو آهه.

هل پريم جي بيک پنڻ لءِ،
خالي جهول کڻي هل جهلڻو آهه.

هل لڙڪ کڻي، هل ساجن جي،
قدمن ۾ پاڻ اُڇلڻو آهه.

هي داغ کڻي دل جا، پريتم کي،
حال دکايل سلڻو آهه.

پريت جي ريت

جوڻي پريت جي ريت مسافر!
جوڻي پريت جي ريت.

ڪايا جي سوني ٻيڙي ۾ بند پکي پرڏيهي.
ڳ پيرم ۾ جيون کوهي ڀاڄي بٽيو سنيهي؛
نا جي سندر سپنن ۾ گذري ساري رات،
د لالسا ۾ ٿي مکتي رهي روڳ جي تات.

طوفان موهه جو ڀاري طوفان؛
من وياڪل ٿيو حيران!
سک اُداس ٿيو، چين ناس ٿيو.

ڙي ڀاڄڻ پريت مسافر! جوڻي پريت جي ريت!

اوجــل ۽ اُجــارا،
او نيـڻ سـتـارا!
آءُ پريم نـگر ۾،
آءُ دل جي مندر ۾.

٢

درياهہ جي رواني،
صــورت ۽ جواني،
هـــي حسن بهانو.
رک ياد اي جاني!
هـــي بات حقاني،
يڪسان نـہ زمانو.
فرقت جـو جلايل،
دروازي تي آيل،
عرصي کان ستايل،
بـي حــال ڏکـايل.
آءُ پريم نـگر ۾،
آءُ دل جي مندر ۾.

پريت جا پيچ

پريت جي ريت نيايان.
مان پايان توسان،
پيچ هي پريتم پايان.
نيايان توسان پريت جي ريت نيايان ....
تن جي سيجا، جگر وهاڻو،
من مندر ۾ سندء ڏکاڻو،
پريت جي جوت جڳايان.
مان پايان توسان پيچ هي ....
ديس پيئا جي ويندس کاهي،
سر جا کل لاڳاپا لاهي،
بيا چو پند پچايان.
مان پايان توسان پيچ هي ....
پريت نگر جي ريت نياري،
جا نہ دکايل رُت متواري.
گهاري آنند پايان.
مان پايان توسان، پيچ هي ....

ڦاڳهه ڦٽو ڪرَ مکڙين موڙيا پيئي ٽري جواني
گيت پريت جا ڳائي ڳائي بلبل ٿي ديواني
سک بسنت ۾ اچي دکايل! لڳو خزان جو روڳ
آس نراس بڻي ويوڳڻ جي، سپنو ٿيو سنجوڳ

ويران باغ چوڌاري ويران،
ٿيو ظلمت جو سامان.
من نراس ٿيو، جيءُ اُداس ٿيو.

هي جڳ دک جو گيت مسافر! جوڻي پريت جي ريت
مکڙين ٽي گونجار ڪري ٿو گل کي گلي لڳائي
رس جو لوڀي ڪارو ڀئنرو گيت پريت جا ڳائي
مست سُڳنڌ ڪيو ڀئنري کي ٿيو مدهوش مدام
روُپ ڪمل جي گل کوبي ۾ آيس جيون-شام

زندان حسن جو زاري زندان؛
ٽن ٽڙڦي ٿيو بي جان.
گل ۾ واس ٿيو- بند سواس ٿيو.

ڪهڙي نيهن جي نيت- مسافر! جوڻي پريت جي ريت

انحد گيت

مان ڳايان انحد گيت،
پرچايان من جو ميت ـ مان ڳايان ....

جي چنچل تارن تي هو ايندو نچندو ايندو،
نجي وِرهي گيتن تي هو جرِ ترِ ڳچ ڳاڙيندو.
نينڻ ڪٽي ايندو بادل جا؛
آڪاسي دل ساڻ.
ايندو منهنجي گهر ۾ ساجن،
رهندو دک نه اٽيت ـ مان ڳايان ....

ني؛ شام جو ساڻ ڪري هو ايندو ڇيج تارن جي،
نين وچ ۾ سرهي ٿيندي يس رکندو لڄ وارن جي.
حاسد گونگا ٿيندا، ڪُڪ پڻ
ٿيندو طعنه باز.
چونه دڪايل تنهن پرِ رهندو،
آس جو ڪوٽ اجيت ـ مان ڳايان ....

جڳہ جي پريت

جوڻي جڳہ جي پريت، مسافر!
جوڻي جڳہ جي پريت.
ڪوئي نہ ڪنهن جو ميت، مسافر!
ڪوئي نہ ڪنهن جو ميت.

مطلب جي سڀ دنياداري،
مطلب جو هرڪو سنساري؛
ڏک ۾ ڪوئي ساٿ نہ ڏيندو،
سک ۾ ٿين سڀ ساٿي - بابا!
چل ڪپٽ جي ريت.
مسافر! جوڻي جڳہ جي پريت.

دنيا آهہ مسافرخانو،
اڄ پنهنجو ڪلہ سڀان بيگانو،
موهہ جي آخر رنج ڏکايل!
موهہ ڪري ٿو انڌو - بابا!
چنچل من کي جيت.
مسافر! جوڻي جڳہ جي پريت.

وهلور واجهه

وهلور واجهه پايان،
خط اچ به کين آيو!
سرتيون سڄڻ جو آهي،
کهڙو الاجي رايو.
وهلور واجهه پايان ....

قاصد ڪجي نٿو ڪڄ؛
توڙي ڪريان ٿي پيچ پيچ!
بادل اکين جا برسن،
ڦڙ پاڻ پسايو.
وهلور واجهه پايان ....

پرديسي ڍوليا

تنهنجي اٿم رڳو ياد،
آءُ آءُ، او پرديسي ڍوليا!
تنهنجي اٿم رڳو ياد.

زخم سِمن ٿا، نيڻ نِمن ٿا،
روئي ٿي دل ناشاد.
آءُ آءُ، او پرديسي ڍوليا!
تنهنجي اٿم رڳو ياد.

روز ٿي ساريان، راهه نهاريان،
ايڏو نه ڪر بيداد.
آءُ آءُ، او پرديسي ڍوليا!
تنهنجي اٿم رڳو ياد.

درد جي ماري دل ويچاري،
روز ڪري فرياد.
آءُ آءُ، او پرديسي ڍوليا!
تنهنجي اٿم رڳو ياد.

ڇڏ بي دردي، هيءَ لاغرضي،
ڪر ڪو 'دڪايل' داد.
آءُ آءُ، او پرديسي ڍوليا!
تنهنجي اٿم رڳو ياد.

جنمن جو وڇوڙو

جنمن جو هي وڇوڙو،
جنمن جي هيءَ جدائي.
پيڙا مٿان مون پيڙا،
ڪيڏي نہ ڏس اُٿائي - جنمن جو ....
تو ساز دل جو ڇيڙيو،
ٿيو درد جنهن کان پيدا.
نيڻن ڏٺي نہ پلجي،
جا ننڊ تو ڦٽائي - جنمن جو ....
گجهڙو هي راز دل جو،
توکي جو مون سڻايو.
تون ڪاش! معنيٰ سمجهين،
بس آس ٿم اِهائي - جنمن جو ....
سک پائي آءٌ هيڪر،
دک پلجان ڇو نہ جيڪر.
گولها ۾ هاءِ تنهنجي،
ڪيڏي نہ عمر آئي - جنمن جو ....
سنسار ڪلپنا جو،
پيارو ڪري ڏکايل!
تنهنجي ملڻ جي خاطر،
مون ڪُل دنيا ڀُلائي - جنمن جو ....

هڪ ڏينهن سال سوَ ٿيا،
هڪ سال جا سوين ڏينهن.
ساجن سندي وڇوڙي،
ويتر جيئڻ وڌايو.
وهلور واجهه پايان ....

سُڏڪي سڏيانءِ جيڪر،
پر ٿو لحاظ ماري.
محبت متان مسافر!
بدنام ٿئي اجايو.
وهلور واجهه پايان ....

جنهن آس لئي تنهان ٿئي،
سا آس ڪيئن ڇڏيان مان.
آخر اچي دکايل!
لايو ڪندو سجايو.
وهلور واجهه پايان ....

دڪڙو من جو چونـ سليمان،
ساجن سان، ڪر موڙيا ويچار.
جوانيءَ جي مؤجن ڪان پهرين،
جيون بار بڻي بيڪار!

تير لڳو ڪو تيز الا!
جو نڪري ويو سيني جي پار.
سَرَ چيرڻ ڪان هاء چئي آگہ،
دل جي ويٽا جي هيءَ تار.

شوخ دنيا جي آگ جلائي،
پيڙيل ٽَنُ منهنجو هروار.
دل چاهي ٿي لڙڪ وسائي،
ڪارو ٽپت اندر جي نار!

آنسوُ ڪيئن روڪيان

روڪيان ڪيئن آنسن جي ڌار؛
نيڻ ڇلن پاڻيءَ سان ٿار.
روڪيان ڪيئن آنسن جي ڌار.
ٿـي سوني پـريـات رواني،
ساڙيـنـدڙ اُس ٿـي نـروار.
هاءِ! صبح جي لاليءَ ڪان اڳ؛
چانيون سانجهيءَ جو انڌڪار!
من جـي مـڪڙي ڪين ٽـڙي،
ٿيو جڻ نہ بهانو موُج بهار.
هيانءَ ڦٽي ٿو روئي منهنجو،
بالڪپڻ اڄ زارون زار.

پشپ آرتي

پشپ- آرتي شيام! اُتاريان،
تن من واريان واريان.
پشپ آرتي شيام اُتاريان.

پريم جي جوت جڳايان جڳ مڳ،
چندن ڌوپ جلايان.

چت آسڻ تي، چرن ڪمل ۾،
نت پرڀو! ڌيان جمايان.

شيوا ساڌن شرڌا ڀڳتي،
ڀاؤ سان بيت لڳايان.

تن من ارپي ٺاڪر دئاري،
پريم رتن ڌن پايان.

گيت ڪميا جا ڳائي پل پل،
هڪ توسان لنو لايان.

من جي تار ستار وڄائي،
لک لک شبد گڻ ڳايان.

شيام شرن ۾ شال دڪاپل!
پنهنجو پاڻ پساريان.

پشپ آرتي شيام! اُتاريان،
تن من واريان واريان.

او بادِ صبا!

أگهہ لڙڪ نہ منهنجا بادِ صبا!
ڪر آلو نہ چولي جو دامن.
چؤماسي جو هي آهي نہ، مگر،
هر روز وسڻ وارو سانوڻ.
أگهہ لڙڪ نہ منهنجا بادِ صبا!

ٿو ڏينهن ڏسي نڪي رات ڏسي،
نڪي پيچ پئي پرڀات ڏسي،
پل پل ٿو وسي جل ٿل ٿو وسي.
وسي منهنجو ڪري ٿو هلڪو من!
أگهہ لڙڪ نہ منهنجا بادِ صبا!
ڪر آلو نہ چولي جو دامن.

دل نہ رکن تَنا صاف،
پيائيءَ جي ٻوليءَ ٻَڌا،
مُور نہ ڪن انصاف!
مطلب جو ڪن پيار.
لالچ لوڪ اَندا ڪيا؛
دين ڌرم کان ڌار.
پرمارٿ کان دُور،
ڪُوڙا ڪرڻ ڪرتگهن،
سوارٿ ۾ سي چُور.
ديس ڌرم ۽ ڪال،
ويچاريندا ڪين ڪي،
کهڙو تن جو حال.
سچ ڪري اڳواڻ،
شال دکايل، بي ثمر،
ٻُرجهي پنهنجو پاڻ.

پرهه جون باکُون

سک سان گذري رات،
صبح نيُون باکُون کيديون.
پِرهَہ ڦٽي پرڀات.
سورج اُڀريو جاڻ،
جڳ پڻ سارو جاڳندو،
پورهئي ڳارئي ڪاڻ.
هلندو ڪاروبار،
ڪرت ڪنداڪي ڪوُڙ جي،
ڪي صاحب سچيار.
غرض جي وَس اِنسان،
سڀ ڪجهہ ٿا پلجي وڃن.
ٻڻجن ٿا حيوان.

درد سهڻ جو ڪونه رهيو دم،
هڏ ڪائي بس رت پي ويو غم.
گونگو رودن گونگا سُڏڪا،
عمر گذاريم دردن ۾.
جاڳن ٿا اُڌما من ۾.

آءُ دکايل جا او ساٿي!
پل پل ڪن ڪن ٿي واجهايان،
ويوڳڻ آهه اُميد نه لاٿي.
جنم جنم ۾ توکي پايان،
مون ڪان ٻيا سپ وسري ويا ٿي.

اڄ ڍولڻ اڄ او پرڏيهي!
آءُ پکي اڄ مٽيءَ جي ٻيهي.
اڄ نه ڏسي وچ هيڪر، رهندي
ڪيسين ڪاڻ نصيبن ۾؛
جاڳن ٿا اُڌما من ۾.

من جا اُڌما

جاڳن ٿا اُڌما من ۾،
ايڏو اوسيڙو؟ مان مُنيس؛
تاب رهيو ناهي تن ۾،
جاڳن ٿا اُڌما من ۾.

هجر جون هيڏيون لنبيون راتيون،
سيج اڪيلي جڻ ٿي کائي؛
چُڀڪن ٿيون پاسن ۾ ڪانيون.
سر سِر نيڻن جي ٽڙڦائي،
اڄ نہ اکيون سي آهن ڇانيون.

وڇوڙي جا ڳوڙها

ستارن کي شاهد بڻائي رئا ٿئو،
وڇوڙي جي ڳوڙهن سان منهن مان ڌئا ٿئو.

بڻيو عشق مجبور، بي تاب ٿي دل،
اچا وصل جي دُور ڏسجي ٿي منزل.

فراقن ڦٽي دل ٿيون غمگين آنهون،
ڏنا ساهه سُڏڪا ڪيون درد دانهون.

ٻوي بار ٿي عشق جي هيءَ اسيري،
نه بخشي جي تسلي مٺي يادگيري.

ڦٽا ٻُور انبن جا باغن ۾ هرسوُ،
ڪري هاءِ وياڪل ٿي ڪوئل جي ڪوُ ڪوُ.

دلين کي ڪرڻ مست آئي بهاري؛
ڦٽي ننڊ جذبن جي، ٿي بيقراري.

ڳان جي سُگند چارسوُ واءُ واسي،
مگر دُور ٿي ڪين من جي اُداسي.

پري ڪالپنا ڳان وسي دل جي مئنا،
جتي ڪين ٻهچن ٿا مايوس سپنا.

ڪيئن عيد ملهايان؟

بن چنڊ ڏني ڪيئن عيد ملهايان،
مون لئ ساڳيا روزا ٿيهہ سنوان.
بن چنڊ ....

تنهنجي راهہ تڪي آڪاس منجهان،
ٽم ٽم ٿيو اکين جو آب روان.
بن چنڊ ....

تنهنجي وصل جون راتيون ياد ڪري،
منهنجا جاڳن ٿا نت سور نوان.
بن چنڊ ....

ءِ ر تنهنجو ڇڏي پلا ماهہ جبين
بڻي ڪنهن جي دڪايل! پيش پوان.
بن چنڊ ....

اُيي اُپ نهاريان

گوندر گهاريان کيئَن،
الا! گوندر گهاريان کيئَن.

اُيي اُپ نهاريان جانب ويو جيئَن،
سانوڻ بادل جيئَن وَسن اکڙيون وَسن تيئَن.
الا! گوندر گهاريان کيئَن.

روئي راتيون کاٽيان ڏکيا لنگهن ڏينهن،
آجي هيس آءُ تان نجهري نِيو نيهن.
الا! گوندر گهاريان کيئَن.

کين د کايل پاڙيو جو ڏنو قول پرينءَ،
بانهيءَ بڌو پاڻ کي سهڻي سانول سينءَ.
الا! گوندر گهاريان کيئَن.

ڏوهڙو

سُولي سيج، ڏکن جي ڏولي،
پاڳہ جدائي پانءِ.

روئي ريجهي پاڻ سان صورت نين سماءِ.
خيال سان خيال خوديءَ جو کائي،
خيال ۾ خيال وڃاءِ.

تهان پوءِ ئي پاءِ، رانول پنهنجي روح ۾.

جوڳڻ جو گيت

جوڳڻ ڳاتو گيت اجيت،
موتيو نہ ليڪن من جو ميت.
پريت جو گيت نرالو گيت.

ديس ڇڏيو ويو ڳڻ جو پرديس،
ڦري آئي ڳگھئون ويس.
پريت جو ديس نرالو ديس.

ياد ڪري ساجن جو سنگ،
لڙڪيو جوڳڻ جو انگ.
پريت جو رنگ نرالو رنگ.

ويو ڳهہ ويڻي وساري ٻاڻ،
روءِ نہ اُداسڻ! آيو ڄاڻ.
پريت جو ٻاڻ نرالو ٻاڻ.

من جي تپت

کو نہ ٻجهائي تپت منهنجي من جي،
سڌ ٻڌ رهي نہ تن جي.
کو نہ ٻجهائي ....

پريتم تنهنجي پريت جي،
مون لاتي تن سان تات.
ڏکندي ڏينهن لنگهي ويو،
منهنجي رئندي گذري رات.
فقيري فڪرات، حاصل ٿيا ٿم هوت کان.
کو نہ ٻجهائي .. ..

دير نہ وجھہ درسن ۾

ساجن! دير نہ وجھہ درسن ۾،
دير نہ وجھہ آلا! دير نہ وجھہ - پرين! دير....

رات گذاريم ويھي ويھي،
پر نہ پرين آئين پرڏيھي.
آءُ رسڻ جي ريت وساري،
پرچي پيھُہ پکن ۾ - ساجن! ....

سھڻي صورت جوڀن واري؛
بات رسيلي پياري پياري.
ساري جڳہ جي سونھن سمائي،
ديدن جي درپن ۾ - ساجن! ....

محب! دکايل، تو ريءَ ماندو،
رودن کان پل ناهي واندو.
دل ۾ دلبر دُود دکائي،
آگ لڳائيءِ تن ۾ - ساجن ....

تارن ڀري رات

تارن ڀري رات،
فرقت ۽ فڪرات.
اُڻ تڻ ۾ اوقات،
باروچل جي تات.
تارن ڀري رات ...

روئــي ٿڪا نيڻ،
ماڳ نہ موٽيا سيڻ.
وينجهي سهان ويڻ،
ڏاڍي تنهجي ذات.
تارن ڀري رات ...

سسئيءَ سڻا سـُور،
ڏونگر ڏوري ڏور.
پنهل سندا پـُور،
وائي ڏکائيل وات.
تارن ڀري رات ...

آءٌ نـــہ ڄاڻا پريم کي،
کي آھن گـھاتـــا گھير،
ھٿ نہ حيلن سان ھلن،
منھنجا ڀِڻون ٿيـڙا پير.
ڏاڍا ٻڏجي ڏير، پنھل ونئي ويا پاڻ سان.
کو نہ ٻجھائي ....

آءٌ نـــہ ڄاڻو پريت جو،
ھـيءُ ھيڪاندو پـنـڌ.
ســوُرن ســـازي رکـيـو،
اڄ ڏکـــايـل سَنڌ سَنڌ.
سوڍل جو سنبنڌ، ٿيو موچارو مِٽن کان.
کو نہ ٻجھائي ....

آس جا تارا

رات انڌاري ٽمڪن ٽم ٽم،
تـارا ٽنهنجي آس ۾؛
پريم جو ديپڪ باريم پريتم!
چنڊ بڻجي آڪاس ۾.
آءُ سهاڳڻ توسان ساجن!
پريم پوڄارڻ ارپيو تن من.
پريم مندر ۾ آئـي داسي،
شيام سندر من موهن پيارا،
ڪيول ٽنهنجي پياس ۾ - رات ....

پريم جي مرلي شيام وڄائي،
جوش ۾ جمنا چاندي آئي.
پريم نگر جا واسي آيـا،
گوپين گيت سريلا ڳـايـا.
پريم جي راس ولاس ۾ - رات ....

ڏوهڙو
سين تون آئين نه، ٽم ٽم ٽيسين تارن ۾ رهي،
نهنجي آئي، سي صبح پاڪن ۾ ٿي ويا لا پتا.
پريم جو ديپڪ باريم پريتم.
چنڊ بڻجي آڪاس ۾ - رات ....

اچ پريتم!

گنگا جي اچ پار پريتم.
گنگا جي اچ پار!
پريم گنگا جون اوجل لهرون،
پريت ڀَڳَتَ سان ٽڪري ڪن ٽيون.
پريتم! پريم پچار.
گنگا جي اچ پار.
پريم گنگا جي نرمل جل سان،
شرڌا روپي تلسي ڏل سان.
پريم پوڄاري تيار.
پريتم! گنگا جي اچ پار.
پريم جي آنند مي ۾ ڀڳتي ۾،
پريم جي موج پري مستي ۾.
آءِ چڙي گهر بار.
پريتم! گنگا جي اچ پار.
پريم جي انهيءَ ديس جا واسي،
پريم ڀکيا لءِ آئي داسي.
ترڪ ڪري سنسار.
پريتم! گنگا جي اچ پار.

ڪر نه پري پريتم!

پريتم ڪر نه پري، نه پري، نه پري،
رات وهامي، رات وهامي.
پريتم ڪر نه پري ......
تو بن ساجن، چين نه پل ڇن،
ساعت ڪين سري، نه سري، نه سري،
پريتم ڪر نه پري ......
دل جو درپن ٽوڙ نه ساجن،
پيار ڪري منهن موڙ نه ساجن.
پال پلاءِ، واڳ وراءِ،
توريءَ جند جري، جري، جري.
پريتم! ڪر نه پري ......
آءُ اُڏامي، آءُ اُڏامي. پريتم ...
وره وڇوڙي دل تڙڦائي،
آگ دکايل! ڪنهن نه اُجهائي.
پريت نڀاءِ، سانگ رساءِ،
من جي تپت ٺري، ٺري ٺري،
پريتم! ڪر نه پري ......
ٿيءُ انجامي، ٿيءُ انجامي،
ساعت ڪين سري. پريتم ..

جادوگر ايندو!

جادوگر ايندو ٻڌائي، جادوگر ايندو،
جادوگر جا منڊ نرالا، منتر ساڻ منڊيندو.

ٻڌائي جادوگر ايندو.
نيڻ ڏسي ٿيا نيلا پيلا،
هاري وينا هيانءُ هنيلا.
ڌڙڪ ڌڙڪ ٿي پيدا دل ۾،
اڙيس اچي ته وڏيءَ مشڪل ۾.
زلف ڪنديءَ ۾ دل ڦاسائي،
تڙڦڻ لاءِ ڇڏيندو- ٻڌائي جادوگر....

جادو سليمانيءَ ۾ چاهي؛
هُو ته اڪابر منتري آهي!
جنهن ٿي هيڪر ڦيٽو پڙهندو،
رنگ نرالو تنهن ٿي چڙهندو.
ڀورئين سڪ جا سبق پڙهائي،
پوءِ وڇوڙو ڏيندو.
ٻڌائي، جادوگر ايندو.

جڳہ مڳہ جوتي

ـڳہ مڳہ جوتي ٻـاري، پريم ڏئاري،
ـوڳـڻ آئـي ساجن! پاڻ وساري.

پـريـم، پـريـم، پـريـم.
پريم جي ليلا ڪير لکي؟

ـريم ٻڪارڻ آئي پريتم! پانھ پساري،
ـت ۾ آس رکي درسن جي نات! نهاري.

تو هر شيءِ ۾ پريم ٻکي.

ـريم جو نرمل نانو جوڙڻ آئي داسي،
ـيتم تنهنجي پريت پسڻ لءِ پرلئون پياسي.

جڳہ مڳہ جوتي ٻاري ....

ساجن نت سنڀاريان

آءُ تہ ٿوڪي ساريان،
ٿي ساجن نت سنڀاريان.
آءُ تہ ٿوڪي ساريان ....

نيڻن ۾ تنهنجو نشان،
تير جگر مان پار جان؛
وِنين ۾ وهاريان،
ٿي نيڻ ڪٽي نهاريان.
ساجن ٿوڪي ساريان.

ٿو ساڻ منهنجو ميل دل،
آ پريم سندو هي کيل دل!
ٿوکي ڪيئن وساريان،
مان پريت دکايل! پاريان،
ٿي ساجن! نت سنڀاريان.

شاستريه گيت:

نياز مندي

مون عمر گذاري نياز ڪري،
نت يار نئون ٿو ناز ڪري

مون سانڍيو دل جي تاڪين ۾،
خود پاڻ پڌر ٿو راز ڪري!

جا گذري دکايل! ياد نه ڪر،
ٿل يار نظرانداز ڪري.
ڪر رقص رڳن جي تارن تي،
اُلفت جو مٺو آواز ڪري.

بي چين من

منڙو ڏاڍو ٿيو بي چين ·
ترڦي ترڦي ڏينهن گذاريم،
رئندي ڪاٽيم ريـن ·
منڙو ڏاڍو ٿيو بي چين ·

تنهنجي ياد ستائي ٿي، اچ!
بيوس دل ترڦائي ٿي، اچ!
آگ لڳي ڀڙڪائي ٿي، اچ!
نير وهائن نين - منڙو ڏاڍو ....

ڏينهن وهامي ڪوئل ڪوڪيو،
ورهه وياڪل بلبل ڪوڪيو.
آءُ نه ڄاڻان ڇو دل ڪوڪيو؟
سُل، احسانُ ڪر ڪين - منڙو ڏاڍو ....

ٻرهه ڦٽي دورياهه ڪناري،
آيو هڪ رمتو ڇڙ ٻاري.
باهه دکايل ويو ڪا ڀاري.
صبح هٽي در سڏن - منڙو ڏاڍو ....

ڏوهڙو

نينڻ ڇاٽن هينئڙو ڇڇي ڪٿ ڪَٿ تڙقي جيءُ؛
بيءُ رنو بوڇڻ ڀِنو ماءُ اُساري ڏيءُ.
ڪٽي ويندا بابل! ڪٽي ويندا، ڏولي چاڻ ڪهار،
بابل! ڏولي ڪٽي ويندا.

ڏوهڙو

نينڻ نہ آلا ڪر امان، بابل، لڙڪ نہ لاڙ،
اڄ پرديسڻ جنهن ڪيو، ڪندو دڪايل ماڙ.
ڪٽي ويندا بابل! ڪٽي ويندا، ڏولي چاڻ ڪهار،
بابل! ڏولي ڪٽي ويندا.

منهنجا بابل!

ڪٽي ويندا بابل! ڪٽي ويندا، ڏولي جاڻ ڪهار
بابل! ڏولي ڪٽي ويندا ...
ڏوهڙو
ٻيوس ڌيئڙي بابلا ڏيندي ڪنهن کي ڏوهه،
قسمت پرديسڻ ڪئي لوهه لڪئي جو ٻوهه.
ڪٽي ويندا بابل! ڪٽي ويندا، ڏولي جاڻ ڪهار،
بابل! ڏولي ڪٽي ويندا.
ڏوهڙو
هنجون هاري ڪيئن پيان روئي پڳم چولي،
گهير گهتيون سوڙها ٿيا، گذري ڏکي ڏولي!
ڪٽي ويندا بابل! ڪٽي ويندا، ڏولي جاڻ ڪهار،
بابل! ڏولي ڪٽي ويندا.

ڪلپنا عرش جي چوٽين تي،
اُڏامنديون رهي،
هاڻ سانگي سان مان،
ڌرتيءَ تي اچڻ چاهيان ٿي.

سوز اونهي ڪان جا ڏکندي،
ٿي ايمان ڪان رهي.
ٽنهن تتل دل تي هيئڙر،
نار وجهڻ چاهيان ٿي.

وصل جي رات ڪا هڪ ئي سهين؛
گهاري ته ڏسان.
دل جو آرمان دڪايل!
مان ڪيڻ چاهيان ٿي.

حال ونڊڻ چاهيان ٿي

خال ڪيئن دل جو پريان،
حال ونڊڻ چاهيان ٿي.
ميت من جو ڪو ملي،
پيار ڪرڻ چاهيان ٿي.

پياس جنمن جي ڪٽي،
آس ٿي آيس نڪندي،
عمر جا خواب حقيقت ۾،
پسڻ چاهيان ٿي.

ليڪن تنهنجي دل جي ڌڙڪڻ،
ڦڙڪ ڇپڻ جي آس وندي ڪِن.
ڏرجي ڏونگرسان ٽڪري چڻ،
ٿي ويئي هڪ پل ۾ چِڻ پِڻ!
لوڪ لڄا، لَٽ ڦِٽ جي آڏو؛
داءُ ڪٿي پيي تو هارايو— مان آيس پر

ڦُول-نگر مان نڪري آيس؛
ٿيندي ڏار نه ڪنهن هڏ توڪيو!
پيونديءَ لاءِ پهتس تـو وٽ،
پر تو مالهيءَ جو همٿ روڪيو!
ڇيٽ ۾ سرءُ اچانڪ آئي؛
گلشن جو راڪو گهبرايو— مان آيس پر

دور گهٽو نوڪان تارن جي،
محفل ۾ اڄ ويٺو آهيان.
پيار جي نوڪيءَ منزل جا ٿو،
هڪجيڏن کي حال سٽايان.
آهُ دکايل دک جو عادي؛
عبث سکن جو پايان سعيو— مان آيس پر

دل جا سڏڪا

مان آيس پر ٽو موٽايو؛
دل سُڏڪي دم چين نہ آيو!

چاهہ جو روپ وٺي آيس مان،
آشائن جا گُلَ ٽيڙيندو.
مون سمجهيو خرش ٿيندين ۽ ڪلندين ۽،
ٽوڪي ڏاڍو آٿت ايندو.
ٽنهنجي بي رونق گلشن ۾،
ايندي ئي مون رنگ ڇمايو- مان آيس پر

ڏکڙو پيار

وڇـوڙي ۾ تڙڦي ڏکي پيار ساجن!
حياتي بڻي جڻ پڻي بــار ساجن!

وسن وَس ڪري ٿا سياري جا مينهڙا،
ٿڌيون روز راتيون ٿڌا گهڻ نہ ڏينهڙا.
گذارڻ اڪيلو ٿيو دشــوار ساجن!

اکيون در ۾ آهن، اگر هاج هت ۾،
نشاني نہ پنهنجي ڇڏي وئين ڪا ڪچ ۾،
بکي دل ۽ ڇاتي ڇجي ٿار ساجن!

ڪندي ڪيسين رهنديس اجا آبر باري،
اکي لڙڪ لاڙيندي مون عمر گهاري،
رهن نيڻ جل سان سدا تار ساجن!

نہ ڪو لڙڪ اک جو لڪائي سگهان ٿي،
نڪي حال ڪنهن کي بڌائي سگهان ٿي؛
ڪيو لڄ دکايل ڪــي لاچار ساجن!

ساجن جي سار

اَنئي بهر اندر ۾ آهي ساجن! تنهنجي سار،
گهر ڏَرَ ۾ دل ڪانه لڳي ٿي، تانگهي طلب تنوار.

ڏينهن نهاري رات نهاريان؛
ڪن ڪن اوسيڙي ۾ گهاريان.
وري وري ويٺي ويچاريان!
پاڙيءَ چونه قرار؟

مون منجهه شايد ڏوهه ڏٺئه ڪو،
ويٺئين معب! ڪري جو موشو؟
خط پَٽَ ڪان ٻيو جڻ تو وانجو
کهڙيءَ وِڌَ ويچار؟

جيڪا گڏجي سا ورجائي؛
ڪير ٻلا تن کي سمجهائي؟
جڳه ڇُپ ٿيندو تنهنجي آئي،
موتي موک ميار!

آءٌ دکايل ٻيو ڇا چونديس،
محبت لائي منهن نه مٽينديس.
جنهن در آيس سو نه ڇڏينديس،
ڪولِ ڪرين يا ڏار!

جوڳي بڻجي جوڳ، ڪمايم،
ڏُوٽي ٻاري خاڪ رمايم،
راتيون جاڳي پاڻ پچايم.
تنهنجي لءِ سرڪار- ساجن! ملنديَن ....

ڪي ٿا توکي ڳولهن بن ۾،
ڪي ڳاڙهن ڪارن ڪپڙن ۾،
ڪي ٻاهر ڪي اندر من ۾.
ڳولهن هر پرڪار- ساجن! ملنديَن ....

تون چؤ توکي ڪنهن پِر پايان،
ورتَ رکي ايڪهٽا ڳايان؟
ميرو پهري وار وڌايان؛
ريتَ نہ سَل ڪا يار! ساجن! ملنديَن ...

آءُ دکايل تي هٿ ڌر تون،
دور نہ مون کان رهہ پل پر تون.
جهڙو تهڙو پنهنجو ڪر تون.
عيبن ڏي نہ نهار- ساجن! ملنديَن ...

ساجن! ڪيئن ملند ين

ساجن! ملنديون کهڙي پار،
ڍولڻ! ملنديون کهڙي پار؟
جيءَ اندر آهي جنگ جاري،
قلب کي ڪا ڪِن ناهه قراري.
هِن هُن کان پانيان بيزاري،
ڪانه وٽي ڪا ڪار- ساجن! ملند ين ..

نا ستري گيت:

وڇوڙي جي رات

هجر پري رات گذري نٿي،
وصل جي پرڀات نکري نٿي.

حسن جي تصوير ڇاپي ڇڏيم،
ختم نہ ٿي تات وسري نٿي.

ڏوهڙو

چٽنگ لڳائي وئين چنتا جي،
ڏيئي نينهن نشو.
پريت جي ريت نياڻي ساجن!
آهي پنڌ ڏکيو.

هجر پري رات گذري نٿي،
وصل جي پرڀات نکري نٿي.

سينو چاڪ ڪر

آڳ جذبن جي جلائي،
دل جو ڪينو خاڪ ڪر.
درد ۾ ٻئي ڪي ڏسين جي،
پنهنجو سينو چاڪ ڪر.

جي حسد آهي ڪو تنهنجي دل ۾،
تنهن ڪي ڪر فنا،
پيار رک سڀني سان، جي
چاهين دڪايل! تو بقا.

پريم ۾ سوارٿ نه آهي،
پريم قربانيءَ جو راڳ.
پريم ۾ گهرجي نه گهرجي،
تو رڳو ڪامل تياڳ.

آتما ڳائڻ ڇڏيو
گونگا ٿي جنسي پيا پراڻ؛
ڪونه اندرين لءِ سهارو،
ديهه ۾ باقي رهيو.

تن راند يکن ريءَ دل ماندي،
خبَ انــدر آهـِي هيڪاندي،
مالڪ هڪ ڇاٽي - امڙ! ڏي رانديڪا ....

مان نہ جيڪي عام هٽن تان،
گهرڙيل هـجن جي خاص هٽن سان.
آڻج ڀِهچاڻي- امڙ! ڏي رانديڪا ....

سـج چنڊ جهـڙا سڌرا سهڻا،
جڳ کي موهن جي من مهڻا،
طلب سندن تاڻي- امڙ! ڏي رانديڪا ....

ڏک سک ۾ جي گڏجي گهارن،
ڌيرج ڌارن هيانءُ نہ هارن،
مهل ڏکيءَ تاڻي - امڙ! ڏي رانديڪا ....

جيجل ننڍڙو آهيان جيسين،
رانديکن سان کيڏي تيسين،
مؤج وٺان ماڻي- امڙ! ڏي رانديڪا ....

پوءِ ڪا دکايل! بات نہ رهندي،
رانديکن جي تات نہ رهندي.
سورهيہ ساماڻي- امڙ! ڏي رانديڪا ....

او امڙ!

او آيل! رانديڪا آٽي،
امڙ! ڏي رانديڪا آٽي.

من ريجهي جن رانديڪن سان،
شام صبح پيو کيڏان تن سان،
دير م وجهه هاڻي - امڙ! ڏي رانديڪا ....

ويڌي ڪيڏن وري!

ويڌي دل ڪيڏن وري،
حيلا ڀل تہ هزار ڪجن،
ٿڌي نہ سڄڻ کان پري،
ويڌي دل ڪيڏن وري.

جن سان ملڻ جي آس نہ ڪائي،
ياد سڄڻ سي پوَن سدائي،
ساعت مور نہ سري،
ويڌي دل ڪيڏن وري.

جيڏن جيڏن نياز ڏسي ٿو نازڪ،
تيڏن تيڏن نازجي ماري ناوڪ،
هنر هزارين ڪري،
ويڌي دل ڪيڏن وري.

عشق اچانڪ آهہ آڙايو،
قرب ڏکايل خوب ڪُڙايو،
تهمت ڪنهن تي ڌري،
ويڌي دل ڪيڏن وري.

مسافر هلي آءُ

مسافر! ويڙهو ڪين وسار.
ڪڏهن پُلي پيڙو ٿي مئيءَ سان،
ڪا ته گهڙي اچ گهار— مسافر! ويڙهو ...

سَنگَ پڪل مڪئيءَ جا داڻا، آڀِنِ جي آچا
دل جا داڻا جهيٽيءَ ڪرِ ٿي، ڪيم سِجهائي ٿيا
ڍولڻ! اچ مهنڙو ڏيکار.
تنهنجي آهيان تنهنجي رهنديس،
بَنِ وجهه بين جي پچار— مسافر! ويڙهو ....

سوُر سوادي، ٿيا رنج راحت، تون جي آهين سار
گهر جا ڏوُئا ڏک، سک سمجهان، پيار ته کهڙو پار
ڍولڻ! گهوريو گذارڻ ڏار،
ويڻ وڻن ٿا تو هوندي، پر،
توريءَ ڪن بيزار— مسافر! ويڙهو ....

ٽانگهي ٽانگهي ٿي دل ماندي، پورا پيا نه دليل
ڪوڙ منڊون آيون ء ويئون، آئين پر نه اصيل
ڍولڻ! ڪيءِ ڪڏهن ويچار؟
هڪ جيڏيون چيا چونديون ڏکايل!
چوندو چيا سنسار— مسافر! ويڙهو ...

صحبت ساڻ ڪري دلجوئي،
دور ڪري دلگيري ڪوئي،
ٻيو نہ ٻہ، جهٽ پل پيار ڪري،
ڪير ٻہ هاڪو بار ڪري.

ڏاڍن ساڻ عداوت ڪهڙي،
سورن ساڻ شڪايت ڪهڙي؟
ونيو چيا ٻہ تڪرار ڪري،
ڪير تہ هاڪو بار ڪري.

مون وٽ قياس ڪٿي نہ اچي ڪو،
جوني پياس ڪٿي نہ اچي ڪو!
طلسم جو اِقرار ڪري،
ڪير ٻہ هاڪو بار ڪري.

آءُ دکايل مِٺ جي ٿوري،
جند آڙائي ورتم جهوري،
قرب ڪو پنهنجا يار ڪري،
ڪير ٻہ هاڪو بار ڪري.

کو تہ هلکو بار کري

کير تہ هلکو بار کري،
سخت زماني آهہ ستايو؛
دل تي پياري وار کري.
کير تہ هلکو بار کري.

سر سر مور نہ ٺٺي ٿي پوري،
نيڻ پيا ٻڏجي ناسوري؛
لڙک ڳلي جو هار کري،
کير تہ هلکو بار کري!

گل ٽاريءَ تنهنجي ياد جا

چتّ چور

ٻاروهي ٻارن سان کيڏان،
ٻارن جو چتّ چور.
پنک پساري وڻ وڻ وڙيان،
منهنجو نالو مور- ٻارن جو ....

بادل منهنجا ساٿي، همدم،
ٿيون گهنگهور گهٽائُون.
پاڇولن سان لڪ چپ لايان،
ڇا مَن-ڀاءِ چِٽائُون.
بُوندن جي نُورن جو چمڪو،
ڏي مستيءَ جو دور.
منهنجو نالو مور- ٻارن جو ....

پريم-مگن ٿي پاڻ وساري،
ناچ نچان هر وير.
نيرا کين مان وَهندو آ، جي،
ڏسندو آهيان پير.
کير ڏکايل ڏاران سمجهي،
منهنجو ڏک هي گهور.
منهنجو نالو مور- ٻارن جو ....

اسانجا ٻه اکر

ڪوي دڪايل جو هي چوٿون ڪتاب آهي، جيڪو
يمن ٻانڪن جي هٿن ۾ ڏيئي رهيا آهيون. ڪويءَ جا
ربان ٽي ڪتاب، 'جهونڪار' 'قومي الڪار' لوڙي
نگيت ورڪا' گهڻن ئي هٿن ۾ پهچي چڪا هوندا. اَج هي
ن غزلن جو گلدستو "گل ئا روئن لنهنجي ياد جا" جدا
ت ڪري رهيا آهيون. ڪويءَ جون رچنائون هن
ڪتاب ۾ جيڪي ڏنيون آئيون، اهي گهڻيون لڳيون
۱۹۶۲ع تاءِ ئي لکيون ويئون آهن. ٻوءِ جي تخليق ڪا
ري ئي آهي- اميد ته لوڪ-ساهتيه پرڪاش جي
يءَ نئين پيت جهجهن هٿن تاءِ پهچندي ۽ قبول پوندي.

۱- مئي ۱۹۶۳ع
آديپور (ڪڇ)

'ڪرشنا'

فهرست

دل جي ڳالهه!

سڀئي عمر چوندو ۽ ڳائيندو رهيو آهيان. جڏ
جڏهن دل لُڇندي ۽ ڇُلندي آهي، تڏهن ڪ
نه ڪجهه ٻاهر ايندو ئي آهي. ١٩٢٤ع کان وٺي لـ
”غزل“ اَڄ تائين سانڍيندو آيس. انهن منجهان گهڻن گرامون
رڪارڊن ۾ آيا ۽ ڳايا سنڌ جي پرسڌ ڪلاڪارن.
ڪنهن به ڪتاب ۾ هن طرح گڏي ڇپايو ڪين.

اَڄ اُهي سڀ، هن هڪ ئي ڪتاب ۾ ڏيئي،
ڪي جڙ ڇِڪي ٻاهر وٺي آيو آهيان، نجاڻا ڪهڙو
ٿيندو!

دڪايل

مون کان ڇو ٿا پڇو؟

ٿا پڇو مون کان ته هُن تي ٿيس فدا ڇاجي ڪري،
سوار ٿي هيءَ عشق جي سِر تي بلا ڇاجي ڪري؟

ڪنهن مُکو نياپو هو بلبل کي، نه گلشن ۾ اچي،
دربدر ٿي خوامخواه هوءَ ٻو ڀلا ڇاجي ڪري؟

حسن مقناطيس جي ڪو ڪل پتنگن کان پڇي،
جي شمع جي لاٽ تي جيئري جليا ڇاجي ڪري؟

ڀلناهو

صفحو	سٽ	غلط	برابر
٢١	١	دل وني	دل وٽي
٣٦	٢	نار تلوار	ناز تلوار
٥٣	٣	اور	اوز

Printed by Shri Mellaram M. Vaswani, at the Sunder Printing Press, Ajmer.
&
Published by Krishna Bhambhani Secretary Lok Sahitya Prakashan Gandhidham, Adipur (Kutch)

اکڙين کي خطاب

آهه اکڙين کي ملبو اڄ بي ترس خوني خطاب،
نازداريءَ جي نظر سان ڪن ٿيون عاشق کي ڪباب.

تيز ڪاوارون، ڪفنگ ۽ نيهن جا نيزا نوان،
برهه جي برڇين اڳيان ڪي جوان ئي ڏيندا جواب.

بي قراري آهه زاري جوش جاري روز شب،
هرطرف ڪان عاشقن جي لاءِ اُتيل آهي عذاب.

ملڪ محبوبي پسڻ لاءِ ٿي ڪپي جرات جڏا،
اُلٽ پلٽان ٿي لکن ۾ جاءِ اُت ناهي جناب.

وقت ونڃي ٿو وڃائين هن دنيا جنجال ۾،
ڪنهن سمي وبهي نه ڪرڪو وقت قيمت جو حساب!

اُٿ سويرو سوچ ڪر، غافل دڪايل ڇو رهئين؟
باغبان بڻجي ڪرين خود باغ کي ڇو تو خراب!

گهر ڇڏي سانجهيءَ صبح ٿين ٿا وڃي اوندا سنوان
ٿا گهمن مسجد مندر بانيڻ مُلا ڇاجي ڪري؟

چاهَه ڪنهنجيءَ ۾ پيا شب روز فاقــہ ٿا ڪڍن
ورت روزي جا ٿا ڏين تنَ کي ٿسا ڇاجي ڪري؟

هي حسد ناهي ته ڇا، نه ته سوال کهڙا ٿا ڪريو
ويو ملي اڄ آهه ڪافر کي خدا ڇاجي ڪري؟

مون ته پنهنجي يار جي صورت ڏسي سجدو ڪيو
اَڻ ڏٺي جي عشق ۾ هوُ ٿيا انڌا ڇاجي ڪري

راز هن ديوانگيءَ جو ڀرئبن پيل ٿن ڪان پڇو
پو ڇٽو ٿو ڪٿي دکايل! هيءَ خطا ڇاجي ڪري

ڪٿان آڻيان سا دل!

ڪٿان آڻيان سا تو لاءِ محب! نئين دل نقد ڏهاڻي؛
ني ۾ مون وٽ آهي، پر پرزا پرزا ٿيل پراڻي.

شي-دل ٿي شام صبح جي ٿيندي رهندي هيئن سنگباري؛
جندي پُرندي، ڇُورڻ ٿيندي؛
ثابت ڪيئن رهندي سا راڻي!

لي پالي دل ويچاري پاڻ ڏيئي جنهن پاڻ وساريو؛
ڪ ني ديد ڪئي ديواني
ري ملھ تنهن جي دست وڪاڻي.

ڪي گهرجي روز نئين دل روز نئون رنگين فسانو،
اٿون آڻيان آءٌ اُهو رنگين مزاج، سدا جي جواڻي!

ن وٽ آهہ دڪايل دل جا، ڏيڻ جاڻي پر وڻڻ نہ جاڻي،
ءِ ڏٺي ڪر سا تون پنهنجي، پڳل پريل جا آهہ نماڻي.

هستيءَ جي باغ جا رنگ

باغ هستيءَ جا پيا رنگ نرالا بڻجي،
عشق سهڻي ۾ ويس ڇا منجهان مان ڇا بڻجي!

جان بخشي ٿو نمين، پيار جو گفتو هڪڙو،
آيو موت لاءِ الاه جاٽي مسيحا بڻجي.

قيس يارن کي ڇيو سؤ دفعا مان سجد و ڪريان،
جي اچي منهنجي اکيان خود خدا ليليٰ بڻجي.

عيش جي شام هجي وصل سندي رات هجي،
حسن دلبر اچي شب روز تماشا بڻجي.

دل عيوض ڏوکي دکايل! ٿيو پلا ڇا حاصل؟
موڪي، دلبر کان مليا درد دلاسا بڻجي.

تو وٽ جا سدا حضرت!
هن حسن سندي دولت.
خالي نہ دلاسو ڏي،
ڏيکار ذرا قربت.
ڏي وٽ جو ڪريون سودو هنجي خيال جي سرڪار!
آهي ڪو خريدار؟

هن دل جي تمنا تون،
مشتاق جي منشا تون،
هن وصل جي دنيا جو،
دلدار! شهنشا تون.
دل وٽ تون دکايل جي خدا لڳ نہ ڪر انڪار.
هڪ دل جو خريدار ڪيي دل جو خريدار؛
آهي ڪو خريدار؟

آھي ڪو خريدار!

ھڪ دل جو خريدار کپي دل جو خريدار
آھي ڪو خريدار؟
قيمت ۾ اٿم طلبيو رکيو؛ وصل جو اقرار
آھي ڪو خريدار؟

او نازو آدا وارا!
او ترڇي نگاھ وارا،
سستو ھي اٿئي سودو،
او زلف بلا وارا!
ھي دل جو خزانو ٿو وڃي مفت ۾ لاچار
آھي ڪو خريدار!

ياد نہ ڪر!

ياد نہ ڪر بـي تاب دل،
روز جا غم نـوان نـوان.
يار جـــي بـند زلـف جا،
پيچ ۽ خـم نوان نـوان.

تنهنجي نگـاھِ نـاز جو،
گهايل نہ مان هڪڙو، مگر
پيدا ڪرين ٿو روز روز،
گهـايل صنم نـوان نـوان.

پين سان تہ روز وصل جا،
سهڻا ڪلي وعـــدا ڪرين؛
مونکي رڳو ٿو ڏين عجيب،
رنج و الم نـــوان نـوان.

هاءِ! دکــايل هو اڳـي،
هن سوزشِ غم کان بي خبر،
عشق ۾ تنهنجي ٿيا نصيب،
ڪيڏا ستم نـــوان نـوان.

ديدار صدقي دل

لٽائي دل مون در تنهنجي فقط ديدار جي صدق
ڏنم خود جان نذرانو ڪري هڪ پيار جي صدق

نگاهن ۾، ڏنيءَ جو واعدو سهڻا وفا وا
اچڻ توکي مناسب هو، انهيءَ اِقرار جي صدق

رقيبن سان رهائين ۾ گذاريءَ روز شب، ليڪ
گهڙي هڪڙي نہ فرصت آهہ هن بيمار جي صدق

پڙهي جنهنم مون تنهنجي حسن جي تعريف اي جانا
ڏيارين وصل من پنهنجو انهيءَ اخبار جي صدق

تمنا دل دکايل جي اچي کر اي صنم پور
انهيءَ شيرين زبان جادوءَ ڀري گفتار جي صدق

هاءِ دل!

تو كٿي هاءِ دل زخمي نگاهہ سان،
تو كٿي هاءِ دل، بس وئي هاءِ دل!
تو كٿي هاءِ دل زخمي نگاهہ سان.

نيچي نظرن سان جڏهن يار! نهارڻ وينٺين،
وار آئينـي ۾ دلدار سنوارڻ وينٺين،
مرم جي مرڪ سان مشتاق کي مارڻ وينٺين،
دل دکايل جي دلاسن سان ڏنارڻ وينٺين،
تو كٿي هاءِ دل زخمي نگاهہ سان.

عشق جي چوٽ کو اُستاد ارسطوءَ کان پڇي،
قيس ليليٰ ۾ لذو ڇا هو، کو مجنوءَ کان پڇي،
ٿي چري چاهہ چنيسر ۾ کو کونڌروءَ کان پڇي،
مون ڏنو ڇاهو پنهنجي يار ۾ کو مون کان پڇي،
تو كٿي هاءِ دل زخمي نگاهہ سان.

مائل ستمگر ٿي ويو

دل وٺڻ جي واسطي مائل ستمگر ٿي ويو،
رات محفل ۾ هي سارو راز ظاهر ٿي ويو!

محب ماري ٿي رکيو تنهنجي رسامي جي ادا،
مرغ دل مان ذيري ذيري پار خنجر ٿي ويو.

ڪيئن ڀلا ديدار تنهنجو دلربا ٿيندو نصيب،
آئينو ڪمبخت ڀي حيرت کان پٿر ٿي ويو.

ناز واري چال آهي چال-ولي معشوق جي،
پيچ جنهن جنهن زلف ۾ ڀيو سو نه گهونگهر ٿي ويو.

اي دڪايل حسن وارن جي عداوت کان امان،
منهنجي دل مان ناز جو بس پار نشتر ٿي ويو.

بي وفائي ڪين ڪر

دل وني قابو ڪري پوءِ بي وفائي ڪين ڪر،
پيار ڏيئي پهريون هينئر جور و جفائي ڪين ڪر.

ڏينهن ٽنهنجي ياد ۾ ۽ رات اوسيڙي لنگهي،
آتشِ فرقت ۾ ايذي دل جلائي ڪين ڪر.

پل وڃي پرپٺ رقيبن سان رهاڻيون ڪر، مگر،
روبرو منهنجي ته ٻئي سان اکه اڙائي ڪين ڪر.

دل ڏئي پوئين شڪايت جو چيائين، ڇا ضرور؟
اي دکايل! يا ته اهڙي دل لڳائي ڪين ڪر.

ھجر جي ھر ڪا گھڙي آھ مصيبت جي گھڙي،
سوز فرقت ۾ سڄھي ويو آ سندم ساھ سڙي،
انتظاريءَ ڪان اکين ۾ تا اچن لڙڪ لڙي،
پرت پاڙي مون پرين تنھنجي مگر ڪين پڙي،
تو ڪٺي ھاءِ دل زخمي نگاھ سان.

دل وٺي ڀھرين پوءِ دلدار دغاباز نہ ٿيءُ،
پنھنجي ھمدم ڪي ڇڏي غير سان ھمراز نہ ٿيءُ،
ناز بردار دڪايل سان تون ناساز نہ ٿيءُ،
نياز وارن سان ستمگر! ايڏو بي نياز نہ ٿيءُ،
تو ڪٺي ھاءِ دل زخمي نگاھ سان.

سڪڻا دلاسا

مونکي دلدار دلاسن تي وهارين ڇو ٿو،
لکي لکي غير جي گهر رات گذارين ڇو ٿو؟

تون رقيبن سان نڀائڻ کي وفا ٿو سمجهين،
مات منهنجيءَ کي مِنا منهنجي رضا ٿو سمجهين؛
شوق ديدار کي دلدار خطا ٿو سمجهين،
دل جلائڻ تون رڳو ناز و آدا ٿو سمجهين!
ڏيئي هرروز بهانا، مونکي ٽارين ڇو ٿو،
لکي لکي غير جي گهر رات گذارين ڇو ٿو؟

عشق تنهنجي ۾ بُرا حال ٿيا منهنجا دلبر!
تو بنا آب اکين مان ٿو وهايان هر هر،
مونکي ڏينهن رات پرين آهه رڳو تنهنجي پچر،
تون مگر پلجي ٻه منهنجي ٿو لهين ڪين خبر!
واعدا ڀريان سڄڻ يار وسارين ڇو ٿو؛
لکي لکي غير جي گهر رات گذارين ڇو ٿو؟

دل روءِ پيل

دلبر جي بي‌رخيءَ تي دل بيقرار روءِ، پيل روءِ پيل ر
حسرت جا لڙڪ هاري ليل و نهار روءِ، پيل روءِ پيل ر

فرقت جي زندگيءَ کان بي جان، جان ٿڪي،
ڪر چاڪ چاڪ دامن، سينو فگار روءِ، پيل روءِ پيل ر

هن بيڪسيءَ ۾ اي دل ٿيءُ ڪين نا اُميد،
مرندي گهڙيءَ ملي‌مَن ديدار يار روءِ- پيل روءِ پيل ر

هي درد دل دکايل جنهن کان نصيب ٿيو،
تنهن سيم‌تن سڄڻ تان گهوري هزار روءِ، پيل روءِ پيل ر

ڪُوڙو اقرار

ڪري اقرار الفت جو اي سهڻا! عام محفل ۾،
لائي ڇو نٿو پاڙين پرين انجام محفل ۾!

ني مون دل ڪڍي توکي رکو هڪڙي اشاري تي،
گر مونکي ڪرين ٿو روز شب ناڪام محفل ۾.

نگاهون شوخ ڀورن ٿيون جڏهن جامون آدائن جو؛
ڏهن ٿو بي خوديءَ ۾ ٿي وڃان بدنام محفل ۾.

ندم گوڙهن جي وهندڙ نهر ۾ خود وهنجي ٿو ڪوثر،
ڇي ٿو بي ڪسيءَ منهنجيءَ تي اَڄ ماتام محفل ۾.

لي وئي دل رقيبن جي دکايل آتش غم کان،
ڏهن ساقي! ڏنو پيلجي تو مونکي جام محفل ۾.

منهنجي لءِ آهه ذکي تنهنجي جدائي سهڻا،
هڪڙو پيرو ته اچي ڪر ڪا ڀلائي سهڻا،
آهين مونکي تون فقط ياد سدائي سهڻا،
مون نڀايو تو مگر ڪانه نڀائي سهڻا!
ڏس دکايل ڏي رڳو، بين ڏي نهارين ڇو ٿو،
لڪي لڪي غير جي گهر رات گذارين ڇو ٿو؟

تنهنجي ڪري

حال مون اهڙا بڻايا بي وفا تنهنجي ڪري،
سنهم هرڪا مصيبت مهاڪا تنهنجي ڪري.

ل پاڻي پنهنجن ڪان مون توکي فقط پنهنجو ڪيو،
چيم خوش رنگ دنيا کي وداع تنهنجي ڪري.

ڪن چيو آهي چريو ۽ ڪن جنوني ٿئي سڏيو،
سب سڻا ٿئي ويڙ مون، جي جي وريا تنهنجي ڪري.

ذوهم ڌاران جي ڏنا تو دلربا مسڪين کي،
ڙور سي سانديم سڄڻ! سؤ سؤ دفعا تنهنجي ڪري.

راهم اُلفت ۾ دڪايل جي چنيا ڪنڊا رقيب،
سي چيايم جان پنهنجيءَ ۾ مٺا! تنهنجي ڪري.

اِنڪار جو آزار

اِقرار ڪري يار ڇو اِنڪار ڪرين ٿو،
پيدا هي نئين سر نئون آزار ڪرين ٿو!

فرقت ۾ سندءِ محب ٿو شب روز گذاريان،
منهنجو نه ڪڏهن پاڻجي تون ويچار ڪرين ٿو

رغبت ٿو رکين بين سان؛ مگر مون سان بهانا
افسوس رقيبن کي رڳو پيار ڪرين ٿو

بين سان ته دڪايل ٿو ڪرين روز رهاڻيون
مون سان نه محبت جو ڪو اظهار ڪرين ٿو

دل جلائي ڇا ڪندين؟

جان اي جانا جدائيءَ ۾ جلائي ڇا ڪندين؟
منتظر دل کي اچا ايذو رلائي ڇا ڪندين!

روح ڪان خالي نه آهي انتظاريءَ جي گهڙي،
بيقراريءَ جا ڏئي صدما ستائي ڇا ڪندين.

تنهنجي اک جو هڪ اشارو ئي پيام موت آهه،
ناز جي تلوار تيزيءَ سان نچائي ڇا ڪندين.

زندگيءَ ۾ ڪين سنيهان وصل جي ڪا رات مان،
درد فرقت ۾ سڪايل کي سڪائي ڇا ڪندين؟

دل دکايل ۾ رکيو ارمان رهجي ٿو وڃي،
بعد مرڻ لاش تي ايندين الائي ڇا ڪندين.

نقاب هٽايو

دلبر هٽايو نقاب، نقاب، نقاب اي جانا!
عاشق سان ڪهڙو حجاب، حجاب،حجاب اي جانا!

دل ٿي تو ريءَ تڙڦي دلبر!
ڪرڪو اقرار اي سهڻا! ڏي ڪو ديدار اي سهڻا
بي-جا هي ناز جناب،
وصل ڏي يار شتاب، شتاب، شتاب اي جانا!

تون ميءِ حسن جو هڪ جام ڀري ڏي ساقي؛
ڏي دکايل کي، مگر ڀرِ ته ڪري ڏي ساقي!

محب مارِ جي ڪرڪا مون سان،
تير نظر جو گهايل - دلبر هي آهه دکايل،
هردم هي ڪين شباب.
ٻهه ڪيو بي‌تاب، بي‌تاب، بي‌تاب اي جانا!
دلبر! هٽايو نقاب...

زوريءَ تو ڪسي دل ڪٽي دلدار ڏني مون،
ليڪن نہ خوشيءَ سان هئي منظور ڏني مون.
حيلو نہ هليو هاءِ ڪو، لاچار ڏني مون،
انڪار ڪريان ڪهڙو مان، سرڪار ڏني مون،
دل ڏيڻ لجي ايئن ڏوهہ آ سؤ وار سزا ڏي،
تون ڪجهہ نہ پلا ڏينم سڄڻ ڪجهہ نہ پلا ڏي.

آخر مون چيس روئي سڄڻ ڪي تہ پلا ڏي،
خيرات پوئي گنج مان ڪجهہ نام خدا ڏي،
ڪافي ٿيو سمو سوُر ڪي دلدار دوا ڏي.
هن برهہ جي بيمار کي هڪوار شفا ڏي،
دلدار ونئي دل نہ دڪايل کي دغا ڏي،
تون ڪجهہ نہ پلا ڏينم سڄڻ ڪجهہ نہ پلا ڏي.

ڪجهه تہ پلا ڏينم

توُن ڪجهہ تہ پلا ڏينم سڄڻ! ڪجهہ تہ پلا ڏي،
توُن ڪجهہ تہ پلا ڏينم سڄڻ ڪجهہ تہ پلا ڏي.

ڪنهن ڏينهن ٿيو گذر اوچتي دلدار جي در ڪان،
دل کي موُن لڪايو ڪڏهن دلبر جي نظر ڪان،
واقف نہ اگي هوس انهيءَ زور و زبر ڪان،
دل ترڦي اُٿي عشق جي آنهن جي اثر ڪان.
هڪ آهہ ڪري موُن چيو "الله پناهہ ڏي!"
توُن ڪجهہ تہ پلا ڏينم سڄڻ ڪجهہ تہ پلا ڏي.

اُف دانهن جي آواز تي در بند ڪيائين،
هڪ چرڪ پري بي خطا پردي کي ڇڪيائين،
منٿن سان پاڻ ڪين ڪڏهن ڪين ڪنيائين،
وَج! شوخ نگاهن سان ڇري نيٺ ڇيائين،
دل ڏينمي هٿن ساڻ نہ ڏي ڏوهہ قضا ڏي
توُن ڪجهہ تہ پلا ڏينم سڄڻ ڪجهہ تہ پلا ڏي

وصل جو ارمان

رُ:-

چو اجايو ٿو جراحن جي هٿان ڏيارين عذاب؛
مرض ۾ ايندو دوا سان ڪين هَڏ ڦيرو جناب!
تنهنجي ئي هٿ ۾ رکيو آ هِنَ دکايل جو علاج،
يا مسيحا ٿيءُ دلبر! يا ته ڏي هڪڙو جواب.

نه سر ۾ هوش آ منهنجي نه تن ۾ جان باقي آهه،
مگر هان، دل ۾ تنهنجي وصل جو ارمان باقي آهه.

سندءِ ترڇي نظر سهٽا رسايا زخم سيني ۾،
مام ميلاپ جو مون لءِ رهيل درمان باقي آهه.

جدائي جي گهڙي هرڪا اِي سهٽا ٿي ورهيه گذري،
ملڻ جي ڪر، اِهو تنهنجو رهيل احسان باقي آهه.

دنيا جي بي بقائي ٿي ڪرڻ باور اجايو ٿي،
دکايل حسن جو چنڊڪو گهڙي مهمان باقي آهه.

بي خطا نہ مار

شعر:-

خيال يار ۾ سمجهو ٺٺَي مون مجاز نہ آهہ
مگر مجاز سوا موج برقِ ناز نہ آهہ
زبانِ حسن جو قاصد ڪان هي ٻئم مصرع
نيازِ تنهنجي جو خواهان بي نياز نہ آهہ!

بي خطا سهڻا نہ ڪنهن کي مار تون
اچ، اچي ڏس! منهنجي حالت زار تون

بستري تان موت جي ٻي جي اُٿان
لحد تي هارين جي آنسو چار تون

بي وفا توکي سڏن جي عام تا
باوفا تنکي بڻي ڏيکار تون

دل دکايل جا ڏنهان دکندا ڏسي
هاءِ ٻيهر ڪين توکي ٻار تون

اکڙين جو تاب

...ـعر :-

دانهن منهنجيءَ ڏي نہ ٿو ڪو ڌيان ڏين؛
پر ٿئون هر روز ٿـو خفتان ڏيـن!

تنهنجي اکين جو تاب سهاري نٿو سگهان،
دلدار دوبدو ٿي نهاري نٿو سگهان.

مان بي ڪنار بحر وهايان ٿو هجر ۾،
ليڪن هنجون بہ تو اڳيان هاري نٿو سگهان.

ٿي ٿا وڃن سمي مان زماني جا غم غلط،
ليڪن شب فراق وساري نٿو سگهان.

ماهر هو دل وڃڻ ۾ دکايل اڳي، مگر؛
اڄ ڪنهن حسين کي مان ڌتاري نٿوسگهان.

ڏسان تہ سهين!

شعر:-

اجا ڪيسين اُجاڙي دل، غريبن کي ستائيندين،
وڇوڙي ۾ تون عاشق کي ڀلا ڪيسين رلائيندين،
چيائين ڇا اجا بڪوات هيءَ مونکي ٻڌائيندين،
دکايل! لاڙڪاڻي کان ڪڏهن تون موڪلائيندين؟

دلبر ڏسان تہ ڪيسين جور و جفا ڪرين ٿو،
جا دل ڏني مون توکي تنهن دل سان ڇا ڪرين ٿو؟

مونکي رکيو رکين ٿو ناڪام آسرن ۾،
ٻين سان تہ روز سهڻا! وعدي وفا ڪرين ٿو.

منهنجي وفا جي عيوض تو ڇا ڏنو اي ظالم!
محفل ۾ غير جي خود منهنجي گلا ڪرين ٿو.

دل جو ونڻ دکايل! آهي ڏکيو چيائين،
هو ٻي گلا ڪري ٿو، تون ٻي خفا ڪرين ٿو.

منهنجي هر عرض تي هروار تو ڪن نار ڪئي،
توئي دل سخت ڪلاميءَ سان ٽڪر چار ڪئي،
تو حياتي منهنجي خوش باش مان بيزار ڪئي،
تو ڪڏهن مونتي نظر رحم نہ سرڪار ڪئي،
ڏارين نفرت جي تو مونکان؛ توکي نفرت جو قسم،
منهنجي خوابيده محبت کي جڳائين ڇو ٿو.

مون چيو آهيان مٿا توتي مثل پروانو،
تنهنجي محبت سندو مشتاق مثل مستانو،
تو غصي سان ٿئي چيو آهين تہ ڪو ديوانو،
ڇا دکايل! تو آ گهر سمجهو يا پاگل خانو،
منهنجي رودن جي ڪڏهن تو نٿي پرواه ڪئي،
اڄ منهنجي ياد ۾ تون آنسو وهائين ڇو ٿو؟

وساريل افسانو

مون وساريو وري افسانو ٻڌائين ڇو ٿو،
نار تاوار کي تيزيءَ سان نچائين ڇو ٿو.

مون چيو- سهڻا سڄڻ! شور شمع ۾ ڇا جو،
رهيو خاموش مدت کان سو وڄي ٿو باجو،
رهڻ توکان ٿئي گهريو ڪين ڪڏهن مون آجو،
اڄ ڪپي ڪين مگر تنهنجي ڏکن جو ڏاجو،
منهنجي ڪوشش ٿي رهي توکي فراموش ڪريان،
پاڻ هر وار اچي ياد ڏيارين ڇو ٿو؟

•

مون چيو- منهنجي ڪڏهن وصل جو وارو ايندو،
تو چيو تنهنجو گذر رنج و الم ۾ ٿيندو،
جاڻ اهڙي نہ رهي درد ۾ دلبر نيندو،
سوز سوُرن جو نہ جانم تہ ستمگر ڏيندو،
ساز دل آهہ تنهنجو تارِ محبت آ خموش،
جا اُجهامي سا وري آگ لڳائين ڇو ٿو؟

مايوس دل

مدت کان بعد آيو جلائڻ جي واسطي،
مايوس دل ۾ آگ لڳائڻ جي واسطي.

پيدا ڪري رقيب سان سهڻو شناس خاص،
آيو هو پاڻ مونکي ٻڌائڻ جي واسطي!

ٻانهون وجهي ڳلي ۾ ٻئي جي؛ غضب ڏسو!
آيو ٿئي ڪيس مون سان ملائڻ جي واسطي.

هن بي وفا جي ذات کان مولئا امان ڏي،
آيو هو مفت دل کي دکائڻ جي واسطي.

آخر چڙي هو شوخ دکايل چٽي ويو،
لائق تون آهين نوڪرون ڪائڻ جي واسطي.

هوُ رئندو رهيو!

شعر:-

حال مون هيٺان بڻايا بي وفا تنهنجي ڪري،
ٿو سهان هرڪا مصيبت مهلڪا تنهنجي ڪري،
ڪن چيو آهي چريو ۽ ڪن ٿڻي سودائي سڏيو،
سڀ سهان ٿو ويڻ مان جي جي وريا تنهنجي ڪري.

منهنجي دردن جا ٻڌي هو داستانُ، رئندو رهيو،
پنهنجي ظالمن جا سڻي ظالم بيانُ، رئندو رهيو.

عشق مجنونءَ جا قصا اڪثر پراڻا ٿي ويا،
مون ۾ سؤدا جا ڏسي سهڻو نشان، رئندو رهيو.

ٿي پشيمان يار وارن جو وڌو رُخ تي نقاب،
منهن لڪائيندو حجابانُ، مهربانُ رئندو رهيو.

حسن خوبانُ، ماھ تابانُ کي ڏسي قربائتو،
دور ٿي ويا دل دکايل جا گمانُ، رئندو رهيو.

ياد پيا ڀريان زمانا

تنهنجي الفت جا ڀرين ڀريان زمانا ياد پيا،
ياد پيا بلبل جا سي خوشدل ترانا ياد پيا.

اڄ رڳو هڪ جام عيوض ٿو اکيون ڳاڙهيون ڪرين،
پر پياري جي اڳي پيمانہ جانا ياد پيا.

تو رقيب روُسيہ کي عذر ٿي جيڪي ڏنا،
اڄ اُهي ساڳيا وري مون لءِ بهانا ياد پيا!

بيوفا جي عشق ۾ بي خود دکايل کي ڏسي،
ڪوهڪن فرهاد پارا ٿئي ديوانا ياد پيا.

بي لحاظ سڄڻ

مون رکيو سهڻي جو هربات ۾ هربار لحاظ
پر نہ سنيپران جو ڪڏهن منهنجو رکيو يار لحاظ

ڏينهن ڏکندي ٿو لنگهي، رات گذاريان رئندي
عمر ساريءَ ۾ سِکيو ڪين ستمگار لحاظ!

جلد بازي نہ ڪجي دل جي ڏيڻ ۾ ايذي
دل وٺي جي نہ رکي ٿو ڪوئي دلدار لحاظ

فتنہ سازيءَ کان رهيٺو نہ ڪڏهن باز رقيب
ناهہ گلَ ۾ جي مروّت، ڇو رکي خار لحاظ

سخت دل آهہ دکايل سان ستمگر، ليڪن
غير جو ٿو رکي هو بيوفا سؤ بار لحاظ

او ساقي!

ساقي پيري ڏي شراب بهار آئي!
ٿيو شروع دؤر نئون عشق جي افساني جو،
کوليو دروازو جڏهن ساقي تو مئخاني جو،
چؤطرف رنگ جميو چلڪندي پئماني جو،
جنهن کان سالم نه رهيو هوش ڪنهن مستاني جو،
ساقي پيري ڏي شراب بهار آئي.

پين هزارن کي چڏي تنهنجو ٿيڻ آيس مان،
دل ڪڍي سيني منجهان توکي ڏيڻ آيس مان،
تنهنجي در تي مري هڪوار جيئڻ آيس مان،
مي؛ محبت رڳو عيوض ۾ پيئڻ آيس مان،
ساقي پيري ڏي شراب بهار آئي.

روبرو منهنجي رقيبن کي وهاري وينئين،
دل حريفن جي هوشياريءَ تي تون هاري وينئين،
جام تي جام پرين بين کي پياري وينئين،
رڳو دلدار دکايل کي وساري وينئين!
ساقي پيري ڏي شراب بهار آئي.

دور ڪر حجاب جو پردو

دور ٿئي جي حجاب جو پردو،
منهن مٿان تان نقاب جو پردو.

رخ تان دلبر پري جي زلف ڪري،
چاڪ ٿئي آفتاب جو پردو.

پوچ بوتل جو کول اي ساقي!
جڏ هٽائي شراب جو پردو.

دل دکايل ٿي ڪيسين رهندو اچا،
مهہ لقا هي عتاب جو پردو؟

ساقي ڀري ڏي جام

جام ڀري، جام ڀري، ڏي جام ڀري،
ڀرِ ته ڪري، ڀرِ ته ڪري ڏي ڀرِ ته ڪري.

آهه شيشي ۾ نهان راز حقيقت ساقي،
تنهنجا شيدائي ٿا ڪن تنهنجي زيارت ساقي،
تنهنجي مشهور زماني ۾ سخاوت ساقي،
تون رهين ۽ تنهنجو ميخانو سلامت ساقي!
ڏي جام ڀري ....

مست رندن کي ڪري ساڻ ڪا محفل ڪر تون،
هوش وارن کي به مدهوش ۽ غافل ڪر تون
جام زاهد کي ڏئي جام جو قائل ڪر تون،
تو رهي دور جو توکان تنهنکي شامل ڪر تون،
ڏي جام ڀري ....

شاد اي ساقي! هميشه تنهنجو ميخانو هجي،
جام کي جام ۽ پيماني تي پيمانو هجي،
مست مئنوش رهي پنهنجو يا بيگانو هجي،
پاڻ پلٽان تني دل جيسين ديوانو هجي،
ڏي جام ڀري ....

دلبر جي بي رخي

شعر:-

ڪلهو ڪي خاص محفل ۾ اڳي ڪان دور ٿي وياسين،
رڳو تنهنجي رکي رخ ڪان سڄڻ رنجور ٿي وياسين.
تڏهن دلبر چيو- پل چڙ دکايل! پنهنجي قسمت کي؛
اسان ٻين جي نگاهن ۾ هينئر منظور ٿي وياسين.

محفل ۾ مون نہ سمجهو منٺار جو اِشارو،
مونکي هو ياد پهريون دلدار جو اشارو.

قسمت ۾ غير جي هو حاصل وصال، شايد!
نادار کان مٿي ٿيو زردار جو اِشارو.

آزي گهٽي ڪئي مون پيرا گهٽا پريا مون،
افسوس، پر نہ آيو اقرار جو اِشارو.

دلبر جي بي رخيءَ کان گهائل ٿي دل دکايل،
نشتر کان تيز نڪتو اِنڪار جو اِشارو.

بي نياز يار

وٺي دل نہ بـاز آيو ھو بـي نياز،
ڏسو منهنجي سهٽي سڄڻ جو مجاز.

رقيبن سان ڳالهيون ڪري قرب جون،
رکيئو ھوُ مون کان مگر دل جو راز.

ٻُڌن جو لڳو عشق اھـڙو اچي،
رھيو ياد جنهن کـان نہ روزو نماز.

وجهي گهنڊ مُنهن ۾ ڇيو بي وفا،
نندي کان ٿي شايد ھئين عشق باز.

ملڻ جو ھوُ آخر دلاسو ڏئي،
دکايل، هليو ويو سندم دلنواز.

خود نما دلبر

خوبرو! غيرن اڳيان هيءَ خود نمائي ڪين ڪ
هي حريف آهن انهن سان ڪا اڙائي ڪين ڪ

عاشقن ۾ اڄ اڳيون ڪونهي سچائيءَ جو روا
نانگ آهن تون اُنهن سان آشنائي ڪين ڪ

تنهنجي واسينگن کان وِڌ وھ آهنن جي وات
تون اُنهن سان پيار جي پُلجي ڀَلائي ڪين ڪ

حسن جيسين آھ، تيسين ناز برداري ڪند
سونهن وئي سڀ ڪجھ، ويو اهڙي ڪچائي ڪين ڪ

ڪونھ آ ناصح دکايل، پر حسينن جو غلا
هج ڀلي جڳ سان ڏنگو مون سان ڏنگائي ڪين ڪ

طبيب ڪونهي

بيمار هجر جو ڪو يارو طبيب ڪونهي،
مون جهڙو بيو دنيا ۾ ڪو ڪمنصيب ڪونهي.

سيني ۾ تڙق آهي ڪنهن غم نشان دل جي،
هن وقت دل وٺي جو اهڙو حبيب ڪونهي.

آتش ڪان ٿي جلي دل چپ ڏار خشڪ ٿي ويا،
هيڪر ڏي پياس لاهڻ اهڙو رقيب ڪونهي.

هن بيڪسيءَ ۾ همدم همراز ڪير ٿيندو،
اڄ درد و غم سوا ڪو منهنجي قريب ڪونهي.

تنهنجي هٿن ۾ آهي منهنجي شفا دڪايل!
مون جهڙو بيو دنيا ۾ بيڪس غريب ڪونهي.

بي قراريءَ جو علاج؟

ڪو اچي مونکي ڏسي هن بيقراريءَ جو علاج
رات واريءَ انتظاريءَ آهه زاريءَ جو علاج

ٿيو بُتِ ڪافر جي آهيان عشق ۾ بدنام خوب
آهه ڪو حاذق ٻڌائي اهڙي خواريءَ جو علاج

جن ڇڏائڻ جي هئين تنگي هام، ٿيا خود مبتلا
واهه جو آيا ڪرڻ هن برهه باريءَ جو علاج

عشق بازيءَ ڪان دڪايل باز ايندس ڪين، ٻ
بيءَ طرح ٻل ڪو ڏسي هن انتظاريءَ جو علا

غمزده دل

غم زده دل تي ستم ايذو تون ايجاد نہ ڪر،
مونکي برباد ڪري غير کي آباد نہ ڪر.

آهَ تي آهَ ۽ فريـاد تي فرياد ڪيم،
خون ناحق منهنجي اُميد جو جلاد نہ ڪر.

آه ڇا ڪي ٿا چون، ڇا ڪي چون ٿا نالان؟
روبرو منهنجي ڇيائين- تہ ڪو فرياد نہ ڪر.

چشم گريانَ جي هتي آهہ، هُتي سنگ جگر،
درد جي دانهن زيادهہ دلِ ناشاد نہ ڪر.

داستان غم جو ٻڌائين ٿو دکايل ڪنهنڪي،
اهڙي بيدرد ٻنيان زندگي برباد نہ ڪر.

مون کان نہ پڇو!

شعر:-

رات ڏينهن تنهنجو رقيبن جي بغل ۾ گذري،
منهنجي هرڪا گهڙي هت ياد ۾ تنهنجي نبري.
پهريون اقرار پرين تنهنجو پلا ڪيئن وسري،
ٿي سري تنهنجي سجڻ! منهنجي مگر ڪين سري.

پڇو نہ مون کان زماني ۾ هاءِ ڇا آهيان،
اوهانجي عشق ۾ ظالم مان مبتلا آهيان.

ڏٺو نہ راهہ محبت ۾ آسرو ڪنهن دل؛
دعا بغير اثر، درد لادوا آهيان.

دنيا ۾ ناهہ عزيزن مان ڪو رهيو باقي،
رفيقو خود مان هينئر جان مان خفا آهيان.

دلاسو ترت دڪايل کي ڏي اچي دلبر،
سوا تو رنج و الم ۾ اي بي وفا آهيان.

زور آهي اڄ خريدارن جي پيرَ،
ٿي هزارن ۾ طلبگارن جي پيرَ،
اور ٿيندو ڇو نہ اڄ دلبر جو ناز،
ٿي وڏي درٿي جڏهن يارن جي پيرَ،
دل هزارين ٿا ڪيڍي ڏين ري گهڙئي.
درد جي ڪهڙي خبر بي درد کي.

بي وفا هر وقت ٿو طعنہ ڪري،
ڇا ڪريان منهنجي نٿي ساعت سري،
غير سان سهڻو رهي ٿو ساز باز،
پر رهي ٿو هو رڳو مون کان پري!
دل وني ڏاڍو بٽي ويهي رهي.
درد جي ڪهڙي خبر بي درد کي.

عشق سهڻن جا بڏي هي داستان،
ٿا حقيقت ني رسن دل جا گمان،
هيءَ ستم سازيءَ ڪان ايندا ڪين باز،
بس دکايل! بند ڪر قام و زبان،
بي وفا جي ياد ۾ دل ٿي ڏکي،
درد جي ڪهڙي خبر بي درد کي.

کهڙي خبر بي درد کي

درد جي کهڙي خبر بي درد کي،
درد جي ....

مونکي هو رئندو ڏسي کلندو رهيو،
بي تڪلف غير سان ملندو رهيو،
منهنجي تڙپڻ ڏي نهارڻ کان سواءِ،
تهڪ ڏيئي بي خبر ٽلندو رهيو،
ڪيئن پٿر دل ۾ پيلا ڪندو ڇيي،
درد جي کهڙي خبر بي درد کي.

سڀ نياين سان نٿو مون وٽ اچي،
بي رخيءَ کان دل ٿي جڻ ڪامي پچي،
اڄ ڏسي سهٽي کي مون سان بي نياز،
ٿي رقيبن جي اچي بيگهي مچي،
دربدر مونکي ڏسي ٿو تهڪ ڏي.
درد جي کهڙي خبر بي درد کي.

هر زلف ٻٽيو ڪاڪل

خالي نہ ڪڏهن ويندو هي وار حسينن جو،
هر زلف ٻٽيو ڪاڪل خمدار حسينن جو.

مونکي نہ رڳو زخميو هن ترڇي نظر وارن،
اڄ آهہ زماني سان تڪرار حسينن جو.

هن حسن پرستيءَ ڪان هرڪو ٿو ڪري توبهہ،
مون سان تہ رڳو ناهي آزار حسينن جو.

وعدي ۾ وڄهن ٿا ڪا ويرم نہ ڪڏهن، ليڪن؛
هڪ رات پڙيو ڪينهي اقرار حسينن جو.

ڏي دل نہ دکايل تون، رهہ باز، خدا جاڻي،
ڪنهن سان نہ رهيو نيبهہ هي پيار حسينن جو.

عجب دستور

اڄ رکيو واهہ جو دستور ستمگر سهڻن
دل وٺي پوءِ بہ خدا جي نٿا نالي تي پڇن!

رات ساري هو سندن زلف سِيَہَ جو سودا!
منهن منوَّر کي ڏکيندي ٿيو سحر جو درشن

آهہ سهڻن جي چپن کي نہ مسيءَ جو کو ضرور
تو جهڪو جهيڻو لڳي جن جي اڳيان لعلِ يمن

چنڊ منهنجي کي ڏسي چنڊ کي ويو داغ لڳي!
شرمندو ٿيو ڏسي ڳل يار جي لالسي گلشن

انتخاب آهہ عجب تنهنجو دکايل لاشک
جنهن ڏي هيڪر تو ڏٺو تنهنکي هزارين ٿا ڏسن

دلدار جو رخ

عر:-

کر پري پرد و پرين! نور نظر، منهن تان نقاب،
برهه وارن سان مناسب ناهه دلبر هي حجاب،
جي غصو مسڪين تي آهي سچڻ ڪر درگذر،
ماهتابي منهن مٿل مان مرڪ سان گهرجي جواب.

ڏٺو اڄ اوُر مون دلدار جو رخ،
الائي ڇو مٽيو منٺار جو رخ!

ڪئي قسمت سان جي مون ڪا تقاضا؛
ته بس آئي قضا تڪرار جو رخ.

اسان سان ٿي شروع ساڳي عداوت،
ڦري ٿيو غير ڏي غمخوار جو رخ.

سٺو ڪيئن ٿئي ڀلا مون کان دکايل!
رقيبن جي چپن تي يار جو رخ.

ڇا لکان ؟

شعر :-

منهنجي لاءِ هڪڙي گهڙيءَ جي ناهه ڪا فرصت جناب
پر رقيبن سان ملڻ لاءِ وقت آهي بي حساب
دل دکايل جي دکائڻ ٿو سمجهي ثواب
سؤ سنيهن جو ڏنو آخر نه جنهن هڪڙو جواب

اي پکي! تنهنجي پرن، ٿي جي اجازت ڏين لک
پنهنجي سوزِ دل جو هي ڪهنو ۽ دردي داستا

نوڪ غم سان چيرجي ٿيو دل جو دامن چاڪ چاڪ
چاڪ ٿيو سينو، گريبان چاڪ ٿي چشما چنا
خون منهنجي حسرتن جو غير جي خاطر نه ڪ
ٿون ئي چؤ هن دل پڳل جي دانهن ٻڌي ڪنهن ڪي ڏيا

ويو وڌي هن بيڪسيءَ کان دل دکايل جو بخ
بي خطا جنهن کان پرين ٿو اوچتو روٺي وڃا

خدمت م منظور ڪر

مونکي پنهنجي خدمت ۾ منظور ڪر،
دفع درد دل جو هي غم دور ڪر.

سوا تنهنجي منهنجو ڏکيو ٿيو گذر،
نڪا تات تن جي نه مَن جي خبر،
وساري ڇڏيو پاڻ مون سر بسر،
رکو تون ئي تون بس اچين ٿو نظر،
ڏئي جام محبت جو مخمور ڪر.
مونکي پنهنجي........

غرور آهه تنهنجو اجايو جناب،
هميشه رهڻ وارو ناهي شباب،
نه رهندو جمال ۽ نه صورت جو تاب،
ستائڻ بيڪس کي ڏاڍو خراب.
شرف وصل جو ڏيئي مشڪور ڪر.
مونکي پنهنجي.........

مونکي ياد نہ آھہ

مون ڪيو ڪنھن سان ڪو اقرار،
مونکي ياد نہ آھہ.
درد فرقت جو ڪو بيمار،
مونکي ياد نہ آھہ.

پيار جي رات گذاري مون،
ڪڏھن ڪنھن سان، غلط،
مون ڪيو ڪنھنکي ڪڏھن پيار،
مونکي ياد نہ آھہ.

درد ۾ منھنجي ڪڏھن،
ٿيو ڪو دکايل، افسوس،
اھڙو ھمدرد ۽ غمخوار،
مونکي ياد نہ آھہ.

ڪيئن ايندو دلدار

منهن ڏسڻ کان آهه جو بيزار اڄ،
ڪيئن اسان وٽ ايندو سو دلدار اڄ.

تير فرقت سان ڪري گهايل صنم،
دل دکايل ڪي ڪيو بيمار اڄ.

درد دل کان جي ڪريانٿو آهه ڪا،
ٿو مزي سان تهڪ ڏي منٺار اڄ!

زخم دل کولي ڇيم ثاني مسيح!
مهربانيءَ جي اٿم درڪار اڄ.

اي دکايل! دلربا آخر ڇيو،
وڃ ماڻ کان آهيان مان لاچار اڄ.

نرالي ڏسي تنهنجي ناز و ادا،
ڪٿي پيٽ مون نوڪي ڏُلي دلربا!
ڏني موٽ ۾ تو چڱي مرحبا،
هينئر مون ۾ شايد ڏٺيءَ ڪا خطا؟
شروع يا نہ اهڙو نہ دستور ڪر.
مونکي پنهنجي.....

مُنجهائي ڇڏي آهہ دل غم گهٽي،
ڏکيو بار هي ڪير دلبر ڪٽي،
جيئڻ تو وڇوڙي جو نوڪي وٽي،
مگر مان گذاريان ٿو پل پل ٻٽي.
دکايل کي ناحق نہ رنجور ڪر.
مونکي پنهنجي.....

پڳل دل

ڏي دلاسو دل ڀڳل کي دلربا ديدار سان،
يا نہ موڙکي وچ کُھي انڪار جي تلوار سان.

آ تمّنا آستاني پاڪ تي ٻهچان، مگر،
لاڏلا! همدرد ڪونهي بي پَر و لاچار سان.

ڇا اِها الفت اوهان وٽ، ڇا اِهو انصاف آهہ؟
قياس ڪر، پردو نهي ٿو، برهہ جي بيمار سان!

شاهہ خوبانْ وٽ دکايل! بي اثر فرياد ٿيو،
ٿڪي ڇپائين ڪيٽن ڪندس گفتار ڪنهن نادار سان.

وڃي پاڻ ڄاڻو

اسان ٻانهن ڪئيسين وڃي پاڻ ڄاڻو،
ڇڏي شهر وڃبو ٽيڻ ڏيو سياڻو.

اهي ٽاب سُهڻا! سَهڻِ ڪان مٿي ٿيا،
جتي ناهہ الفت سو ٻَن ٻيو ٺِڪاڻو.

مجال آ ڪڍان جي ڪُٽي ٻاڦ ٻاهر،
ڪريو بخش ء ننگ پنهنجو سياڻو.

دکايل سان ايڏي نہ ڪاوڙ جڳائي،
اڳيئي دکن جو ڪيو آهہ ساڻو.

ڀرين ۾ نظر ۾ وئي

دل وئي، دل وئي، دل وئي، دل وئي.

ڏسڻ سان ئي ڀرين نظر ۾ وئي،
فقط پيار واري اکر ۾ وئي،
ڏسي وئسي خوف و خطر ۾ وئي.
وئي دل وئي دل وئي دل..........

جڏهن توني هيءَ منهنجي دل آئي يار!
سڏيو تني تڏهن عام، سودائي يار!
ڪئين تنهنجي خاطر مون رُسوائي يار!
وئي دل وئي دل وئي دل..............

صبح شام سهڻا رهين ٿو خفا،
سهڻ ڪان مٿي هيءَ ستمگر جفا،
ڪئي ڪين مون سان تو وعدي وفا.
وئي دل وئي دل وئي دل..............

نظر جو هٽي تير گهائل ڪيو،
ڪيو زخم سيني ۾ قاتل ڪيو،
نه اُف تنڪ دکايل! مگر دل ڪيو.
وئي دل وئي دل وئي دل..............

عجيب مجاز

خبر ناهي ته اڄ ڪلهه ٿيو مجاز يار ۾ چا
الاجي هن ڏنو هر هر انهيءَ انڪار ۾ چا

ڪڏهن پاڇي ڪيم جي وصل جو ڪو عرض سهٽي
ته مشڪي پڇي پڇيائين؛ پر پلؤ دستار ۾ چا

طلب جي مون ڪئي ڪا پيار جي هُنَ ڪان، ته بگڙي
"خدا جاڻي ڏنو منهنجي تو هن رخسار ۾ چ

نه زر آهي نه گهر آهي، نڪو ساٿي سڄڻ آ
لٿايم دل سان گڏ دولت هيئڙ نادار ۾ چا

جدائيءَ ۾ دکايل زخم دل ناسور ٿي
ڪرم جي ڪر نظر جانب رکيو ڪرار ۾ چ

يار ڦري اغيار بڻيو

وٺي دل جو سندم دلدار بڻيو،
اُهو يـــار ڦـري آزار بـڻـيـو.

ڀوريون پيار ڏئي دل قيد ڪري،
ڪيو پوءِ سڄڻ ڇني پاڻ پري،
ڏسي هيڏيون ڏنگايون ٿو ڏيل ڏري،
گل ڪالهه جو هو، اڄ خار بـڻيو.

جيڪي وعدا ڪيءَ سي نه پاڙ اچي،
ڪر محب مُنيءَ سان ڪا ماڙ اچي،
ڏس ڏکن ڪئي ڪيڏي جاڙ اچي،
جنهن ڪان آهه جيئڻ لاچار بڻيو.

وڃي دانهن ڏکايل ڪنهن کي ڏيان،
ڪو نه منصف ٿئي، آءٌ ڪنهن جو ٿيان،
پيالا فرقت ۾ اڃا ڪيڏو جيان؟
خود يار نه جي غمخوار بـڻيو.

او دلربا!

دلربا، دلربا، دلربا، دلربا!

جڏهن کان تو مونکي وساري ڇڏيو،
هٿي پاڻ پنهنجو مون ڳاري ڇڏيو،
مگر تو نہ جيئري ئي ماري ڇڏيو.
دلربا، دلربا..................

سڄڻ منهنجو ناهي ذرا ڀي قصور،
سڙيءَ کي اَجايو ڏنو تو هي سُور،
مگر ڏوهہ قسمت جو آهي ضرور.
دلربا، دلربا..................

نہ ڏس عيب منهنجا خطا بخش ڪر،
ڪيو جيڪي ساجن مون، ڪر درگذر،
مري مفت ويندس نہ ايندين اگر!
دلربا، دلربا..................

ڪڏهن توکي مونتي ڪو آيو رحم؟
ڪسي دل جي راحت ڏنيءَ ڪيڏو غم؛
سوا تنهنجي ڪهڙو دکايل هي دم.
دلربا، دلربا..................

آگ اُجهائي وڃجانءِ

ر :-

مون خطا ڪهڙي ڪئي مونکي وساريو ڇو ٿي،
غم جدائيءَ جو ڏئي ايڏو رئاريو ڇو ٿي.
ويجهو ڪنهن ٻئي کي پرين پنهنجي وهاريو ڇو ٿي،
مونکي ڌاريو ڪري دلدار ڌڪاريو ڇو ٿي.

آگ سيني ۾ لڳي يار اُجهائي وڃجانءِ،
وصل جي آب سان هيڪر سا وسائي وڃجانءِ.

گرچ آ توکي رقيبن سندو آغوش پسند،
وچ پلي مونکي مگر ڪين ٻڌائي وڃجانءِ.

غير ڏي ويندي مٿان، توکي سڃاڻي نه وٺان،
تنهن ڪان پردي ۾ پرين پاڻ لڪائي وڃجانءِ.

دل جي بدلي ۾ دکايل کي کپي دل سهڻا!
يا نه واپس منهنجي دل مونکي ورائي وڃجانءِ.

نظر جو تير!

ڏ ڳانو

" هي تيـر نظر آهہ ڪافـي منم؛
ٻيو ناز و اَدا جـو وار نہ ڪر.
" ڪجهہ سهڻ جو گو توکي آهہ نہ دم،
دل ڏيڻي خطا هـروار نہ ڪر.
" تنهنجي ترڇي نِگهَہ ڪيا ڪيڏا زخم،
وجهي زلف ۾ خم لاچار نہ ڪر.
" ڪيڏي دانهن ڪيءَ افسوس اٿم،
بـدنام سرِ بـازار نـہ ڪر.
" منهنجي حال پريشان تي ڪرڪو رحم،
هٺي طعنہ پرين تڪرار نہ ڪر.
" اهو آهہ فقط تنهنجي دل جو وهم،
بکوات ڪري بيـزار نہ ڪر.
" مون ۾ تاب نہ آهہ تنهنجي سر جو قسم،
ايڏو ظـلم روا سرڪار نہ ڪر.
" ڪونين چاڪي الائي ٿو ظلم و ستم،
ڏيڻي دانهون دکايل! خوار نہ ڪر.

ا جا واعدا ڀهريان پرين پنهنجا وسارين ٿو،
ٽا ڀرت وارا پيچ پل پل ياد ڏيارين ٿو.
يبن کي ٻٽائي رازدانُ ويجهو وهارين ٿو؛
ر دلبر دڪايل کي، ڪري ڌاريو ڌڪارين ٿو.
ي داد نہ ڪر، بغداد نہ ڪر،
باد نہ ڪر، بيزار نہ ڪر. اقرار ڪري......

اِنڪار نہ ڪر!

اِقرار ڪري اِنڪار نہ ڪر،
پرين پيدا ٿيون آزار نہ ڪر.

اِتي تون خوش رقيبن سان هئي تنهنجو ذڪر آه
فقيرن کي سدائي بيوفا تنهنجو فڪر آه
ڏسڻ ۾ تون نرم، تنهنجو مگر سينو پٿر آه
جدائيءَ ۾ تون خوش سهڻا! هتي مون لاءِ حشر آه
تنهنجي ماه لقا، ڀرئين مهر و وفا،
ڪاٿي سخن سخا؟ ڪن ٿار نہ ڪر. اِقرار ڪري...

هزارن مان مٿا توکي مڙين ڪان سرس پانيانڻ
ڏئي پيغام تنهنجي لاءِ گهڻا ڪانگا اُڏايانڻ
سڄڻ آءٌ تنهنجي ويڙهي ۾ وڏائي واجهہ پايانڻ
نپايو ڪين تو، پر مان اجا توسان نپايانڻ
اڄ قياس ڪري، ٻئي ٻير پري،
توريءَ ڪين سري، ڏکي ذار نہ ڪر. اقرار ڪري...

اڇانڪ جو نظر اڙي!

توسان جو اڇانڪ مون نظر يار آڙائي،
دل پنهنجي هٿن سان مون پرين پاڻ ڦرائي،
تصوير سندءِ منهنجي نگاهن ۾ سمائي،
هڪ ڇاپ سڄڻ تنهنجي مون سيني تي ڇپائي،
تنهن تي ٿو چوي-تنهنڪري محبت نہ ڪندس مان،
دستور کان زيادہ ڪا عنايت نہ ڪندس مان.

مون ڇا نہ لٽايو تو سڄڻ يار جي صدقي،
شيرين زبان، جادوءَ ڀري گفتار جي صدقي،
مرڪي ٿو ڀڇي ناز سان ”پيار جي صدقي؟
زردار ڇڏي مان اڄان، نادار جي صدقي!
توسان تہ اها خاص رعايت نہ ڪندس مان،
دستور کان زيادہ ڪا عنايت نہ ڪندس مان.

روز روز جي جدائي توبھ

ٿي عبث جاني لڳي تنھنجي جدائي روز ر
پيار عيوض آھ نفرت جي ادائي روز ر

ھونءَ تہ پين سان وصل جون سھڻا ڪلي ڳالھيون ڪر
پر فقط مون سان ڪرين ٿو بي وفائي روز ر

پنھنجي ڪمزوريءَ تي روئي ٿو اکيون آليون ڪري
جي پوي ٿي ياد تنھنجي دلربائي روز ر

خشڪ ٿي ويو تنھنجي رنجش کان دکايل دل جو خو
آگ ڪا اھڙي ستمگر تو لڳائي روز ر

ڪا واعدي وفا ڪر

ڪا واعدي وفا ڪر پرين ڪا واعدي وفا ڪر!
ڪا واعدي وفا ڪر الآ ڪا واعدي وفا ڪر.

سهڻا جي هجين ها ذرا هن سور کان واقف،
هن سوزِ جگر، عشق جي ناسور کان واقف.
ڪنهن حوُر جي بي تاب ڪندڙ گهوُر کان واقف،
دل ڏيڻ ۽ وٺڻ جي سچي دستور کان واقف.
اهڙي نہ ڪرين هان ڪا خطا، قرب ادا ڪر،
ڪا واعدي وفا ڪر پرين ڪا واعدي وفا ڪر.

روئي مون چيو من اچين ڪنهن ڪم جي بهاني،
همدرد جي خاطر پرين، بي دم جي بهاني.
مجروح جي صدقي ڪڏي مرهم جي بهاني،
ماري رکيو ليڪن مُنکي ظالم جي بهاني.
”چا چاڙان علاجن مان طبابت نہ ڪندس مان،
دستورڪان زيادہ ڪا عنايت نہ ڪندس مان.

آخر مون چيو يا تہ پرين وعدي وفا ڪر،
يا روبرو هيڪر اچي هيءَ ڳالهہ صفا ڪر،
جانب نہ غريبن تي روا جور جفا ڪر،
تڏهن ٿو چوي ”وڃ هليو مونکي نہ خفا ڪر!
ڪو بحث دڪايل اِن بابت نہ ڪندس مان،
دستورڪان زيادہ ڪا عنايت نہ ڪندس مان.

بي خطا نه مار

بي خطا سهڻا نه ڪنهن کي مار تون،
اڄ اچي ڏس منهنجي حالت زار تون.

بستري تان مؤت جي ٻيي جي اُٿان؛
لحد تي هارين جي آنسو چار تون!

بي وفا تـوکي سڏن جـــي عام ٿا،
با وفا تـن کي بـڻي ڏيڪـار تون.

دل دکايل جا دونهان دکندا به ڏس،
خود ٻري ويندي نه توکي ٻار تون!

هڪڙو نه ونئي دل تو سجڻ يار وسارين،
اقرار ڪري ڀيرين پرين! پوءِ نٿو پارين،
مونکي تو دلاسن تي سچو ڏينهن وهارين؛
هو ڏانهن تي رقيبن سان بغل گير گذارين!
نازل نه سجڻ سر تي ائين قهر و بلا ڪر،
ڪا واعدي وفا ڪر پرين ڪا واعدي وفا ڪر.

ڏاڍي تي ڏکي گذري سجڻ! رات ڏکن جي،
سورن جي صبح لءِ پڇي پرڀات ڏکن جي.
اهڙي ڪا دکايل کي ڏنيءِ ڏات ڏکن جي،
هر طرف نظر ٿي اچي هر بات ڏکن جي.
ايذي نه ستمگر! تون روا جورو جفا ڪر،
ڪا واعدي وفا ڪر پرين ڪا واعدي وفا ڪر.

قول پاڙجانءِ

ل جي جيئري نہ پاڙيءَ سي مُئي تون پاڙجانءِ،
هنجي مرقد تي اچي ڪي چار گوڙها ڳاڙجانءِ.

ڪ تي آيس لڱهي مان نيهن لائڻ واسطي،
ت وارا پيچ پختا تو سان پائڻ واسطي،
ں جي پونجي ٽنهنجي قدمن ۾ لٽائڻ واسطي،
ڪ دعو بيڪار قسمت آزمائڻ واسطي.
ن چيو سڀ ڪجهہ وڃي سهڻا نہ دل آزارجانءِ،
ل جي جيئري نہ پاڙيءَ سي مُئي تون پاڙجانءِ.

غم سان تار دل

بيڪسيءَ ۾ آهه غم سان تار دل،
آهه مشڪل ۾ نہ ڪا غمخوار دل.

بار آهي هجر واري زندگي،
بس جيئڻ کان آهه اڄ بيزار دل.

زخم دل آخر ٿيري ناسور ٿيا،
ڪابہ مرهم آ هيڻئر بي ڪار دل.

درد فرقت ۾ فقط دمساز آهہ،
بيو دڪايل ناهہ ڪوئي يار دل.

تنهنجي در تي صدا

تنهنجي در تي صدا،
سُڻ نام خدا،
ڪر قرب آدا،
تنهنجي در تي صدا.
فرقت ۾ تنهنجي جانا،
حال برا ٿيا،
خيال خطا ٿيا،
وصل عطا ڪر، وصل عطا!
تنهنجي در تي صدا.
دل ٿي وڌا تو دلبر!
دام زلف جا،
ناز و آدا جا،
دست حنا جا دست حنا.
تنهنجي در تي صدا.
درد دکايل دل ۾،
دوُد دکايا،
مَچ مچايا.
ماهه لقا اچ، ماهه لقا،
تنهنجي در تي صدا.

دل وٺي سهڻا نڀائڻ جو ڪيءِ جو واعد
ڪين تو پاڙيو ڪڏهن پلجي سو پنهنجو واعد
مون ڪان اڄ وسري نٿو دلبر سو تنهنجو واعد
جيسين جيئرو آهيان، تيسين ياد رهندو واعد
آسرا سڪڻا ڏئي ناحق نہ ڪنهن کي مارجا
قول جي جيئري نہ پاڙيءِ سي مئي تون پاڙجا

مون چيو ڪنهن ڪان سِکئين هي بي وفائيءِ جو سب
دل جلائڻ جو سبق جورو جفائيءِ جو سب
دل ڏنارڻ ۽ سڄڻ ايذي صفائيءِ جو سب
روز پيدا ڪرڻ ڪنهن سان آشنائيءِ جو سب
دل دکايل آ اڳي پيهر نہ ساڙي پارجا
قول جي جيئري نہ پاڙيءِ سي مئي تون پاڙجا

چار نگاهون

...سان ٿيون جڏهن منهنجون هي چار نگاهون،
...ني جي سڄڻ ويئون لنگهي پار نگاهون،
...بت جي نشي ۾ ٿنهنجون سرشار نگاهون،
...ن سي پلا ڪيئن مون کان منثار نگاهون،
...ي تو نئين سر وري؛ هيڪر جا وساڻي،
...ڪنهن کي ٻڌايان پنهنجي دردن جي ڪهاڻي.

...بيڙي جون راتيون نہ ڪٽيون ڏينهن نہ ڪاٽا،
...! توکي نهاريندي ٿڪا نيڻ نماڻا،
...عرض ڪيم ڪين مگر منهنجا اڳهاڻا،
...ڪون تو روا ڄاتو ڏمر آءٌ نہ ڄاڻان،
...ء ٿيندي الائي ڪڏي سورن جي پڄاڻي،
...ڪنهن کي ٻڌايان پنهنجي دردن جي ڪهاڻي.

يار ڪجي نہ پڪو

ڳولهي پڪو يار ڪجي،
ڪجي منجهان ڪين ٿيندو،
ڳولهي پڪو يار ڪجي.

هجر جي رات سڄي تارا ڳڻيندي گذري،
دل جي سڌڪن سان سڄڻ توکي سڏيندي گذري،
انتظاريءَ ۾ سنديءَ راهہ تڪيندي گذري،
جا گهڙي گذري پرين آنهون پرينديءَ گذري.
ايڏو ڪين خوار ڪجي - ڪجي منجهان ......

مون تنهي سمجهيو رڳو مونکي تو مثل پيار ڪرين،
تون سدا نيهن نڀائڻ جو تو اقرار ڪرين،
اڄ الائي ڇو اڄڻ کان تو وري عار ڪرين،
واعدا روز ڪري روز تو انڪار ڪرين،
سخن سچار ڪجي - ڪجي منجهان ......

عشق تنهنجي ۾ دکايل کي ٿي رسوائي نصيب،
منهن چڙهي تو اڄي طعنہ هڻي منهن ڪارو رقيب،
جو پري ڪالهہ هو، اڄ آهہ سو اغيار قريب؛
بي وفا نڪتو جو هو با وفا ڪالهہ تائين عجيب!
ڪهڙو اعتبار ڪجي - ڪجي منجهان ....

ويھ ڳوڏو ڳڏي

ڏکڻ جو ڏسڻ ڏي مسافر ڇڏي.
اچي ڪا ڳهڙي ويھ ڳـوڏو ڳڏي.

اِها ديـد دل جا سـاي پيد ٿي،
اشارن ڳنگن سان سڏيو ٿي سڏي.

چوان هوند، ڏس! پر تو ماري حجاب،
رهي وچ ڪا ڪِنَ ئي جڏيءَ جي تڏي.

پرين! پيار سارو ٿي پوندو پڌر،
سڏي توکي وينيس جي واکي وڏي.

وڃين تو ياي وچ، مگر ڪجھ ڏئي،
نہ بيو ڪجھ جي ڏين ياد هڪڙي تہ ڏي.

ماڻ جي اُميدن تـي دل جو محل،
دکايل! مان وهنديس عمر پر اَڏي.

هر وقت ۽ هرجا ٿو ڪرين منهنجي شڪايت
ليڪن ٿو رقيبن جي ڪرين خوب حمايت
ٻين سان ٿي سڄڻ تنهنجي روا روز رعايت
ليڪن ٿي رڳو بند اسان لاءِ عنايت
بي تابيون منهنجي دل جون رڳو تون ئي ٿو ڄاڻين
ٻُڌي ڪنهن ڪي ٻڌايان پنهنجي دردن جي ڪهاڻي

دل ٿوڪي ڏنم منهنجي محبت جو قصور آ
محبت جو نہ ليڪن سو طبيعت جو قصور آ
افسوس رڳو منهنجي سخاوت جو قصور آ
ٻُڌي ڪنهنکي چوان چو، منهنجي قسمت جو قصور آ
دل ڏيڻ نہ دکايل منهنجي عادت آ پراڻي
ٻُڌي ڪنهن ڪي ٻڌايان پنهنجي دردن جي ڪهاڻي

ٻيو ڇا کپي؟

ن وارن جي گهڙي صحبت ملي، ٻيو ڇا کپي،
گهڙين جي دم سوا محبت ملي، ٻيو ڇا کپي؟

جي نيڻن جي خماري تي چڏي چاڙهي نشو،
سان گڏ گهارڻ سندي ساعت ملي، ٻيو ڇا کپي.

جي چورڻ سان ڇُري، دل جي دنيا تئي تي ڇَري،
سدا سهڻن کان جي اُلفت ملي، ٻيو ڇا کپي.

رهڻ وارا نہ آهن ۽ رَسائيءَ کان پري،
کي تن کان پاءَ پَلُ راحت ملي، ٻيو ڇا کپي.

بي کا چو رکان هونءَ پي مٿن ماٿهن منجهان؟
د کي ديدار جي دولت ملي، ٻيو ڇا کپي.

ج ڏيڻ آهي سدا جن جي دکايل! ريت ۾؛
ملوڪن کان جي کا مروت ملي، ٻيو ڇا کپي؟

چا چوان؟

ڪجهه هجي دل ۾ سڄڻ توکي چوان؛
دل جي مالڪ کان لڪائي ڇو رکان؟

خواهشون دل جون جڏهن ڏيئي ڇڏيم،
چاهه ٻي باقي ڀلا ڪا ڇو ڪريان!

تون اچين ٻي يا نه اچ منهنجي پکي،
ڏوهه مان جيڪر ڪڏهن توکي نه ڏيان.

مان نه هڪ تنهنجي رڳو ٿاريءَ پرين!
سرس مون کان پر سوين تنهنجي ٻنيان.

مهربانيءَ جي رهي مونتي نظر،
بس دکايل ٻيو نٿي ٿوڪان گهران.

ٽڏو پيار ٽي ويو!

ڏسڻ سان ئي هن جو ٽڏو پيار ٽي ويو،
لائي سبب ڪنهن هي اسرار ٽي ويو.

هي آسري ۾ زمانا گذاريم،
فقط رات خاطر ورهيه پٽئي نهاريم،
ماڻيو ئي نه پورو جدا يار ٽي ويو!
ڏسڻ سان ئي ....

مان سمجهان نٿي مون کان ڪهڙي خطا ٿي،
مصيبت جي ڇو سوار سر تي بلا ٿي؟
نه ويٺو نه بيٺو هو بيزار ٿي ويو!
ڏسڻ سان ئي ....

بي وفا جي لءِ مرانٺي

بي وفا جي لءِ مرانٺي ڇا ڪريان،
مفت ڳٽنين ۾ ڳرانٺي ڇا ڪريان؟

آس جو ترهو ڏئي هٿ سير جي،
ڪن ٻڌانٺي ڪن ترانٺي ڇا ڪريان.

ٻيڪڙا هُنَ جا نه آهن ٻيڙ ۾،
پاٽي آهيءَ اڙانٺي ڇا ڪريان.

ڏوهه ٻئي ڪنهنکي اجايو ڇو ڏيان؟
آگ فرقت ۾ سڙانٺي ڇا ڪريان.

بي مدي ۽ بي هدي جو غم ڪٽي،
ڏور پند جاٽي ڏرانٺي ڇا ڪريان.

دل دکايل جو نه ٻيو ساٿي ڏسي،
درد ڏي وَر وَر ورانٺي ڇا ڪريان؟

اکيون تہ نہ ڦبر

ماں ڏسان ۽ تون ڇڏين ڦبري اکيون،
نانگَ زهريءَ جڻ نَسونُ ڪائي کَکيون!

ڇا ڪريان مجبور آهيان پيار ۾؛
مروٽون تنهنجون نہ مون ڀرين لَکيون!

دل سندم ٽڪجي نٿي صدما سهي،
هُنَ سدا چوٽن تي پٽي چوٽون چَکيون.

ٿي چيو هر ڪنهن؛ ملڻ تنهنجو محال،
پر الائي مون اُميدون ڇو رکيون؟

تون دڪايل جو رڳو هڪڙو سجڻ،
تنهنجي لاءِ سنسار ۾ پر سؤ سَکيون!

وڃڻ کان اڳي ڪجهه ٻڌائي وڃي ها،
اڄايو ڏکيءَ جي نه هينءَ دل پڇي ها،
نئين سر شروع هاءِ آزار ٿي ويو!
ڏسڻ سان ئي ....

هينئر ڇا ڪريان ڪو سجهي ٿو نه چارو،
اڄايو ڪري ويو هليو مونکي ڪارو،
ٻنا ڏوهه مٺيءَ کي ڏکي، ڏار ٿي ويو!
ڏسڻ سان ئي ....

نه نياپو ئي پهچندو نه مٺيءَ جي رسائي،
ڇڏيندي هينئر ماري جنسي جدائي،
هيو آسرو سو به دوچار ٿي ويو!
ڏسڻ سان ئي ....

دکايل انهيءَ کان مري مان وڃان ها،
عمر جو نه هيڏو وڇوڙو سهان ها،
اچانڪ ئي اقرار انڪار ٿي ويو!
ڏسڻ سان ئي ....

بار ڍوئيندو وڃانتو

ڪِڻ ڳِڻيندو بار ڍوئيندو وڃانتو،
دوُر پنهنجي محب کان ٿيندو وڃانتو.

وقت جي مجبوري آهي ڇا ڪريان مان،
ڏوهه پنهنجو پاڻ کي ڏيندو وڃانتو.

دل نٿي چاهيو ته ايڏو تڙت نڪران،
پاڻ کي لاچار ڳڻائيندو وڃانتو.

پيار ڪِن ڪن ۽ مايا جي اڻ ميا ٺٽي،
ساهه سان سي پيار سانديندو وڃانتو.

ناهه دوُري جي حضوري خيال آهي،
ڏي اُنهيءَ تي مَنُ مڃائيندو وڃانتو.

هڪ جنم جو ناهه هي ناتو، خبر ٿم؛
رشتو جنما جنم جوڙيندو وڃانتو.

هي ملڻ وڇڙڻ ته هڪڙي راند آهي،
زندگي خود کيل پائيندو وڃانتو.

هونءَ پوي جيڪر اٿانگو ٿي دکايل!
پر سفر سولو بڻائيندو وڃانتو.

تون ئي ٻڌاءِ!

مونکي ٻڌي کنهن ڏانهن ڏسڻ ۾ عار ڇو ٿو ٿئي، ٻڌ
ٿوکي هِنَ هنَ سان سڄڻ! هينءَ پيار ڇو ٿو ٿئي، ٻڌ

کين سنيهران مون کڏهن پاڇي کيو ڪوئي قص
پوءِ بہ مون سان تنهنجو پيو تڪرار ڇو ٿو ٿئي، ٻڌ

واعدا پين سان ڪري پاڙين، مگر مون سان پر
هر هميشه تنهنجو هيءُ انڪار ڇو ٿو ٿئي، ٻڌ

آب پين لءِ، تاب مون لءِ، هو نڊن ۽ مان جلا
دم بدم مون تي رکيو هي وار ڇہ ٿو ٿئي، ٻڌ

ٿا جلن ارمان دل جا، خاڪ ٿين ٿيون حسرتو
منهنجو هينءَ برباد هيءُ سنسار ڇو ٿو ٿئي، ٻ

هونءَ تہ سهندو هوس، ليڪن اچ دڪايل! ڇو
جيءُ منهنجو ايڏو هينءَ بيزار ڇو ٿو ٿئي، ٻڌا

دم دم هجي غم

غم الم دم دم هجي؛
ارمــان هيڪاندا هجن.
روچ ۾ راتيون لنگهن؛
ڏڪ ڪان نہ ڏينهن واندا هجن!

دُور پـل جاني هجي،
بي حد پريشاني هجي،
پِٽ سنوان هرگز نہ ٿين؛
دل من بڻي ماندا هجن.

ٽـڙ ٿندو هردم رهان؛
منهن سان نہ پرکجهہ مان ڪهان!
سُور اينءَ سمجهان ٽہ جڻ،
سوغات ڪنهن آندا هجن!

دل دکايل مَـرُ جلي،
آتش فِشان ڏونگر ٽاي،
مَن، مگر سوريءَ نگوريءَ،
جا نہ سيئاندا هجن.

واهہ واهہ سچڻ

سونهن آهي واهہ جو،
سينگار آهي واهہ جو.

ديد لء دلدار جو،
ديدار آهي واهہ جو.

حسن آهي واهہ جو،
هبڪار آهي واهہ جو.

ڪابلي ڪنڌار جو،
گلنار آهي واهہ جو.

واهہ جو آهي مٺو،
مٺار آهي واهہ جو.

سونهن آهي واهہ جو،
سينگار آهي واهہ جو.

گل ٽا رئن تنهنجي ياد جا

ٿ پرڏيهي پرين ! گُلَ ٽا روئن تنهنجي ياد جا،
، ڏُس ! پوندا پڄي لاشڪ دل ناشاد جا.
ٿ پرڏيهي پرين ! گل ٽا روئن تنهنجي ياد جا.

دلاسن تي ڪندو ڪو نيٺ ڪيسين اعتبار،
نيڻن ۾ نہ آهي قلب منهنجي کي قرار،
آنهن کان چڙهيو اکڙين تي آنسن جو غبار،
ڏسانئي پاڻ سان رسندو جوانيءَ جو بهار،
رهي ڪنهن سان سايان توکان سواءِ بي داد جا،
ٿ پرڏيهي پرين ! گل ٽا روئن تنهنجي ياد جا.

وري بہ شڪر آهي

زمانو ويو، جڏهن ليڪو نہ هو،
ڏوهـن ثوابـن جـو.
مگر اڄ، وقت آيـو آ،
رکو سوالـن جـوابن جو!
ڪـڇيءَ مان ٿا ڪندا نڪرن،
اُني مان وار نڪرن ٿا.
پري سِر تـي رکيـا آهن،
پرينءَ اڄ بـار فڪرن جا.
اٿر ڪجهہ آهہ قسمت جو،
اٿر ڪجهہ آهہ پيريءَ جو،
سمو قدرت ڏڏهن ڏيکاريو آ،
اهـڙيءَ زهيـريءَ جو،
وري پڻ شڪر آهي جو،
اجا در بند ٿيو ناهي.
دکايل تي صفا هُن جو،
خفا خاوند ٿيو ناهي.

لاهوتي لهر

ڏَڌَاڃا ڪا دوُرڪان ڪنهن طرف تي اُڏندي ڏس
واٽ پَنڌ ڪنهن جي مُنهان ڪو قافلو ايندو ٻڌ
ڪيئن نه تنپ ڏيئي وڃي تنهن دم ٿي ڪوني تي پڄ
پر نراسائيءَ کان هاري هيانءُ ٿي ڦُٿڪي پو
چو نه تو وٽ ٿا پهچن پرلاءَ هن فرياد
موٽ پرڏيهي پرين! گل ٿا روُئن تنهنجي ياد

مَنُ ڦري ويو آهه تنهنجو، يا رهيو ساڳيو نه چ
يا دکايل ڪان ڪڏهن اهڙو ڪو ٿي ويو آ گن
توسُئي چؤ ڪيسين ڪندي رهنديس حياتيءَ سان نب
يا تڏهن ايندين، جڏهن پويون سندم هوندو پسا
ڪين موٽي ساهه وجهندم آسرا افراد
موٽ پرڏيهي پرين! گل ٿا روُئن تنهنجي ياد

فهرست

گرو نانڪ ديو (ڪروٽا)

رام ڀڳتي (ستيہ)

ڪرشن ڀڳتي (پريم)

نفيءَ ۽ اثباتي غوغاءُ

ڪو بہ ڌرم يا مذهب، ڪنهن هڪ فرقي يا گروهہ
ي نٿو سگهي؛ نڪي ستيہ يا حقيقت، ڪنهن مخصوص
ص جوئي ورثو آهي. انهيءَ ڪري ڌرم يا مذهب
نالي تي، جيڪي جهڳڙا فساد ٿين ٿا، يا لڙايون لڳن
ن، اهي ڌرم چاهي مذهب جي نالي تي داغ آهن ۽ ائين
ن ۽ وڏاءُ نہ ٿيندو تہ اهڙيون ڳالهيون، حقيقت شناسيءَ
ڏهہ ڪوهہ ڏُور ٿي ٿيون وڃن.

يارت ۾ ڪيئي ڌرمي فرقا پيدا ٿيا ۽ هر ڪنهن
ڪي، ڪنهن نہ ڪنهن اوتاري پرش جي نالي پنيان
مجو پدمت شروع ڪيو. حقيقت ۾ انهيءَ ستيہ يا سچائيءَ
حصا ڪري ٿي نٿا سگهن؛ تہ پوءِ جدا جدا اوتارن يا
ن جي ويچار جا مڃيندڙ پاڻ کي هڪ ٻئي کان الڳ
ٿا سمجهن؟ جڏهن مول ويچار ۾ متڀيد آهي ئي ڪين،
پوءِ هي ڀن ڀن وقت يا استانن تي چيل يا ڳايل
چار اصل 'حقيقت' کي وراهي، ٽڪر ٽڪر ٽوڙوني
ري سگهندا.

'لاهوتي لعل' انهيءَ 'حقيقت' جي ساک ڀريندي
ايشوري شڪتيءَ جو درشن وِساهہ بنا ٿي نہ سگهندو،
تہ وِساهہ ئي هر ڪنهن ڌرم جو روح آهي.
ڌرم ڪانڌي هجو يا ويدانتي؛ شريعت جا پابند هجو يا
قت کي مڃيندڙ. مطلب تہ ڪير بہ هجو؛ ليڪن وِساهہ

پرارٿنا گيت

مهرباني فرمائي درست ڪري پڙهو

صفحو	سٽ	غلط	برابر
٢٣	٣	هِت هُت	ڏاڍي هِت هُ
٣٧	٣	رکو نانءُ	رکو نانءُ
٥٦	٨	مشت ٿي حيران	مشت ٿي ٿيءُ
٥٩	٣	ٻڌ گهاري	ٻڌ ۾ گهاري

... نه وٺندو، ليڪن سندس ڪوچ وئونت ئي وڃڻ واري
... ي. سماجواد به ليڪن لکڻ وارو ڪونهي، جيسين
... يءَ جو بنياد اڏيالو يا هڪ آلما لئي بدل نه هوندو.
... يءَ ڪري ئي گيتا، 'واد' کي ڇڏي **'يوگ'** لئي زور
... و آهي. 'ساميواد' جيسين 'سامه يوگ' نه بڻبو، ليڪن
... ه جو درشن پورو ٿي ڪين سگهندو. تڪي نئيءَ ۾
... ائيءَ جو غوغاءُ ئي بدڻ ۾ ايندو. اچو ته اسين به
... ان ٽرمن ۾ هڪ ئي 'حقيقت' جو ديدار ڪري،
... يءَ ساڳيءَ مؤل 'سچائيءَ' جي ساک پرپندا رهون،
... ڪا اسان کان دور آهي ئي ڪين. اَلبت انهيءَ لاءِ
... ت سنڀال جي ساڃائي ڪهي.

'دڪايل'

ٻنا اوهين ڪجهه ڪين آهيو. ڇو ته آئم وشواس
ڪوبه ڪم اوهين پورو ڪري ڪين سگهندا. انهيءَ ڪ
ستيه يا 'حقيقت' ئي تنهنجي منهنجي ويساهه جو ض
آهي. تڏهن ته انهيءَ 'سچائيءَ' جي سرائيءَ ۾ سن
جو چرخو هلي پيو ۽ انهيءَ ستيه جو درشن جدا
ڪوجنائن ذريعي انسانڪي ملي رهيو آهي.

آخر اهو درشن ئي ته سيني کي کپي ۽ انهيءَ در
لاءِ هرڪو سرگردان آهي. پوءِ اهو ڀڳت هجي يا گياني
توڙي ڪٽي هجي سنياسي. شريعتي هجي يا طريقت
حامي، يا معرفت جي مڪان جو ڳولهائو ڪو عابد هج
پر هرڪنهن کي انهيءَ درشن جي ئي پياس آهي.

ويدانتي ۽ صوفي چون ٿا ته اهو درشن، تنهنجي
ڇاپيا آهي ۽ توکان ڏار آهي ڪٿي؟ انهيءَ ڪر
پاڻ ۾ پيهي، مُول 'سچائيءَ' جو ديدار ڪري 'حقيق
کي بي نقاب ڪر. جڏهن اها 'حقيقت' بي نقاب ٿيند
تڏهن اهي فرقائي ۽ طبقاتي ڌرم توڙي مذهب، ڪ
وڳوڙ ۽ وڇوڙو پيدا ڪري ڪين سگهندا.

سنت ونوبا چوي ٿو ته "هاڻي ڌرم جي جاءِ
روحانيت اچڻ کپي." يعني ڌرم جو مُول آڌار روحاني
يا اڌيالمڪتائي ٿيڻ گهرجي. هونءَ به هي زمانو فن
ٻنا کي ڳولهڻ جو آهي ۽ وگيان، انهيءَ ڏس ۾ وڏ
مدد ڪري رهيو آهي. ليڪن وگيان کان ڪم ول
وگياني يا سائنسدان، جيسين روحانيت يا اڌيائم

لاھوتي لَھَر

الائي، سچ پچ آھي ڇا؟
لُڙُ آھي يا لقا.
ڪي ٿا چون تہ آھہ فنا،
پر ڪي ٿا چون بقا!
الائي، سچ پچ آھي ڇا؟

اندر کوج

ر کوج کري لهُ لعان، اندر کوج کري.
ر جي ڏيکن ۾ چاهي؟ وارُ نہ لاءِ سري.
اندر کوج کري ....
پن رنگن جو لوپي من ناحق پاڻ رلائي،
ڙيءَ رُج جي پياس کٽي ٿو درد رجيءَ پٽڪائي!
هونديءَ اُلجهن ۾ آيو ماريس ذوق ذري.
اندر کوج کري ....
سڀ ڪُوڙو ناٽ آڊمبر، ڪُوڙو ڪل ايمان،
وڙو راجا، پرجا ڪُوڙي، ڪُوڙ سَتا جو ماڻ،
ڪو سچ رڳو پرماتم، ساکي ساک پري.
اندر کوج کري ....
، پراڻ، قران پڙهين پر من ۾ پيد اگيان،
رت لڪيا مَکا پيٺين؛ ناهہ ديا جو پانُ
جي درپن ۾ ڪر درسن، ساڌڪ! ڌيان ڌري،
اندر کوج کري ....
گر لعل لَکايو پَل ۾ انڌمَ جوت جڳائي،
ي تاپ رهيو نہ دکايل! تارُ هنئين جو پائي،
صل هوت ڏنم هڪ هرجا پانيانَ کين پري.
اندر کوج کري ....

ڪي ٿا چون ته آھ نفيءَ ۾،
اِثباتي غوغا.
ڪين ۾ ڪيچ ڏسي ڪي ڏين ٿا،
حيرت جا ھوڪا؛
الائي، سچ پچ آھي ڇا؟

سالڪ ڪي سڪ وارا آھن،
ساڪي ھن ڳجهه جا،
جن جوڳين پرجهايا پيھي،
ڀيد ڀريا نقطا!
الائي، سچ پچ آھي ڇا؟

انھيءَ واريءَ پاس بتايو،
يار وسي ھرجا.
ديد جي ڀيچ ڪان دور ڏکايل!
دلبر جا ديرا.
الائي، سچ پچ آھي ڇا؟

ساڳيو رُوپ

دل جي درپن ۾ لاهوتي!
تنهنجو منهنجو ساڳيو روپ،
ڪعبي بت خاني ۾ سوئي،
نرگڻ سرگڻ هڪ سروپ.
گيان گگن ۾ ديپ جلائي،
اوديا انڌ اگيان مٽائي،
سوکيم من جو ڀيد لڳائي،
ٻُرجهه آگم سو روپ انوُپ.
دل جي درپن ۾ لاهوتي! ....
پاڻ ۾ ڀيهي جنهن جَن پاتو،
جاڻ ۾ جاڻ وڃائي جاتو.
مام انهيءَ جو مرم سڃاتو،
انيؤ وارن ڪان نه الوُپ.
دل جي درپن ۾ لاهوتي! ....
ستگر مهر ڪري سمجهايو،
ڀيد اِنهيءَ جو ڇيد بتايو.
حق الهام دکايل! آيو،
تون ئي پرنءِ مٿي هِن ڀُوپ.
دل جي درپن ۾ لاهوتي! ....

لعل کي جهل

لعل کي جهل نہ ڏسين سڀ ليلا،
ليلا ٿـي سـڀ لعل جي.
هات ۾ هاتِ کري ڏس حيرت،
پنهنجي قرب ڪمال جي- ليلا ٿي.

پاڻ وڃائي پاڻ جي جاڻين،
حد بي حد جو ڀيد سڃاڻين،
ٻيائيءِ ٻـوڙي حق پڇاڻين،
ڪاڻ ٻوءِ کهڙي ڪال جي- ليلا ٿي.

دُور نہ هوُ ڪنهن دِسِ ٿي آهي،
دم دم وينو پـاڻ لڪائي،
جو ٻرڪي سو سنمک پائي،
حاجت سرت سنڀال جي- ليلا ٿي.

موڳائي ڪم مور نـہ ڏيندي،
چترائي ڪجهہ ڪين ونيندي،
در دوساڻي دکايل نيندي،
ويسهہ وات وصال جي- ليلا ٿي...

عاشق ايندا اوچي ڳاٽ

لڪ چپ جا ڪُل سانگ چڏي هٿ،
عاشق ايندا اوُچي ڳاٽ.
عاشق ايندا اوُچي ڳاٽ،
سالڪ ايندا اوُچي ڳاٽ.
لڪ چپ جا ڪل سانگ چڏي ...

بدناميءَ پر سي ڪيئن ڊجندا؟
ماري جَنِ ڪي چاهَ چماٽ.
لڪ چپ جا ڪل سانگ چڏي ...

گل قل پائن راهہ ڪندائين؛
عشق وناين جيڪا واٽ!
لڪ چپ جا ڪل سانگ چڏي ...

دوُد دڪايل، پڙڪا ڏيئي،
برهہ جي باهہ ڪيا پڙڪاٽ.
لڪ چپ جا ڪل سانگ چڏي ...

گونگيون ٻوليون!

گونگن جون ٻُڌ ٻوليون يار!
گونگن جون ٻڌ ٻوليون.
ڪولي منهن چوندا نه، ڪندا
پر پيدا اندر چوليون يار! گونگن جون

لوڪن ڪان سي لڪندا وتندا،
سانڍي سڪ سي سڪندا وتندا.
چاهه پرينءَ ۾ چڪندا وتندا،
چاڪ ڪري ڪُل چوليون يار! گونگن جون

نانگن جون ڪهڙيون پوشاڪون؛
جوڳين جون ڪهڙيون خوراڪون؟
سڄ پٺيءَ تن جون اوطاقون!
سُورن جون سنگ ٽوليون يار! گونگن جون

اهڙن ساڻ ڳنڍي جن ياري،
حاصل رمز ڪئي تن ساري.
جاڻُ دڪايل! مَتِ موچاري،
ويساهين ڳلِ جهوليون يار! گونگن جون

شل نہ آنڪي

دل جهوري نيڻن جي جهنڪي،
شل نينهن نہ ڪنهن سان آنڪي.

عشق اڪابــر عـقـل وڃايــو،
بــرهــہ هٽي بـدنـــام بڻايو.
سُرت ڪسي هڪ سنڪي- شل نينهن ....

بـرهہ نسوري ترڪڻ بازي،
پاڻ جهلي ڪـر جيتي غـازي.
هاري، جيڪو هنڪي- شل نيهن ....

عشق شمع تي ڦيريون پائڻ،
آهہ دکـايـل پـــاڻ پچائڻ.
سر پيو سوريءَ لنڪي- شل نينهن ....

حق، حسن ۽ خير

حق، حسن ۽ خير جو هڻ نعرو،
پيائيءَ جو وجهي بڻ پاڄارو.

حق رحمت جي جهڙ ڦڙ لائي،
محبت جا نغما ڳارائي،
ٿو موج منيري ماڻائي،
سُک ساز سدا سو حق وارو.
حق حسن ۽ خير جو هڻ نعرو.

پَٽِ حسن پڇاڻڻ واري اک،
هن رمز کي ڄاڻڻ واري اک،
صاحب کي سڃاڻڻ واري اک،
پَس پوءِ اندر جو سک سارو.
حق حسن ۽ خير جو هڻ نعرو.

وٺ وات دکاڻل! خير سندي،
وائي نہ جتي کا وير سندي،
جهونگار جتي سک سير سندي،
ساڻي مام وڏو مرشد موچارو.
حق حسن ۽ خير جو هڻ نعرو.

اڻ ٽارونءَ جي بات نہ ھت؛
ڪو ٽاروئڙو تَرُ ٽانگھي؛
سبرِ ٽڪي سرٽيون ھن ڏنگ جي،
اڙٻنگ ڪو اورانگھي.

رُود ڪري ٿو رڙڪا باري
چاڙھي چڙھہ چؤڌاري،
مؤجون ھن مھران جون ٻيئر!
ڪَپر ڪين ٽيون ٻاري.

تارِ ڪنين ڪر جُنگ وَھي ٿو،
ترندو تؤڪل وارو.
تِنبي واري ڪان نہ دڪايل!
ھرگز دُور ڪنارو،
ھن ٻر رسندو سو ھڪ واري.
اڇو نہ سرٽيون ......

ڳجهارت

اچو ته سرٽيون سليون ڳجهارت،
هيءَ ڳجهه واري،
سليون ڳجهارت هيءَ اِسراري.
اچو ته سرٽيون ......

اوڀارو لهوارو هڪڙيءَ مهل
چڪي ٽو پاٽي،
هڪ پاسي ٽو راجا ڪِهلي
ٻئي پاسي ٽي راٽي.

نيا مونکي ڇا پيي سمجهي،
مونکي ذهن جي ڪهڙي پروا.
نيا ڌار ڪري پل مونکي،
اُن جي هرگز ناهي چنتا.
يال اچي ٿو ور ور هڪڙو،
پاڻ کي شل پاڻجي نه وڃان مان،
ڻ سان قول ڪيا تم جيڪي،
پاڻجي سي هرگز نه ڀڃان مان.
ي ڪنهنجي هيءَ ناهي مايا،
ٻئي ڪنهنجي هيءَ ناهي ڇايا.
وپ ۽ نانءُ ٻيئي مان آهيان،
مان ئي وينو سانگ رچايان.
يل ڪريانٿو دم دم وينو،
راند رمانٿو هردم وينو.
ان پتلي مان ئي بازيگر،
راند پڻ مان، مان ئي اندرگر!
جي هيءَ پڻ ڪجهه پرڪاڻي؛
انڪ نه ٻئي جي ڪين ڀلائي؛
ٿي پيي آنجاڻ ٿياٿو،
ڏس! ڪيئن پاڻجي پاڻ وڃاٿو،

ڇا گهرجي مونکي؟

آخر مونکي گهرجي ڇا؟

لڳن ٿا وڃن وسامي ڇا لءِ، ايذي بي آرامي ڇا ل

ڪين ٿو سمجهان، ڪين ٿو ڄاڻان؟

سڀ ٿو سمجهان، سڀ ٿو ڄاڻان! آخر مونکي

ٻوءِ ٻيو ڇو آڻ ڄاڻ ۽ مورک

ٻڌجي وينو ٻور پڇايان؛

مان جيڪي آهيان سو آهيان،

مفت لغڙ پيو چاڙهيان لاهيان

مان جيڪي آهيان سو آهيان- آخر مونکي

سڻ ماں وس ڪوهي وينس،
اُڏندي ۽ ڪس، ڪَسُ ڪوهي وينس!

ت هنت پيو ٿو پنڪان،
رات ۽ ڏينهن پيو مان سڏڪان.

هنجو پاڻ وسيلو ٿيان جي،
پنهنجي دک جو حيلو ٿيان جي!

بڪر پوء هيڏو نہ رئان ها،
لڙڪن سان منهن ڪين ڌئان ها.

ڻي ٻي جي ٻولو نڪري،
هن هُن جو هي رولو نڪري.

ڻ پڇاڻ جو پنڌ نہ ٻاجان،
آدي جاتل سَنڌُ نہ ٻاجان.

۽ جيڪر ڪو دک نہ ستائي،
آنند ساڻ چڙيان دل ڊائي.

ار جو پار سڄاڻي پُرجهان؛
اڻ هوندي ۽ مايا ۾ نہ اُلجهان!

ڪو نہ سبب اُنجو ٻي هوندو؟
ڪارڻ ڪنهن ٻولي هي هوندو
هائو، هي ٻولو سمجهائنئو،
وچ وارو رولو سمجهائنئو
مان جو سک دک ڌاران آهيان،
سو ڇو ٿو سک دک ۾ ڦاسان
پاڻ ڳُنڍي ۽ پاڻ مڇي ٿيس،
پنهنجو پاڻ کي ٿو ڦٿڪايان
واهہ جو منهنجا رنگ نرالا،
ڇا تہ عجب ٿيا منهنجا چالا
وحدت مان ڪثرت ۾ آيس،
مُسرت مان حَسرت ۾ آيس
حسرت هيءَ مسرت بڻجي ها؛
جي وحدت، وحدت پسجي ها
مان ڪثرت جي ڦير ۾ پئجي،
اڻ هوندي جي گهير ۾ پئجي
پاڻ کي پاڻ ڪٽي ڦاسايم،
اڻ هوندي ٻولي ۾ ٻلاي
اهڙي ڪنهن ٻولي ۾ ڀُلي ٻيس؛
راهہ ڇڏي ٻي راهہ رُلي ٻيس

ڪيئن چوان دُور؟

ڪيئن چوان ٿون دُور سڄڻ!
ڪيئن چوان ٿون دُور.
انتي ٻهر پايان هرد وحاضرمنجهه حضور
سڄڻ! ڪيئن چوان ٿون دُور.
ڪاڪ جي جادوءَ ڪين ڀُلايس،
نت ناڳر جي مان نہ لُڀايس.
مَنڊ جي طلسم ۾ منجهہ نہ آيس،
ٿون جو وسين نت نوُر سڄڻ! ڪيئن چوان ...

تارَ تہ تاڻ

تاڻِ نہ تار تنبوُر جي،
سُڌ نہ ھجيئي جي سوُر جي.
تاڻ نہ تار تنبور جي.

سؤلو ھي نہ سروُد وڄاڻ،
ھٿ لائي آ جند آزاڻ.
حاجت ھِت نہ حضوُر جي،
تاڻ نہ تار تنبوُر جي.

جاڻُ محبت سستي ناھي،
ماھہ مھانگي مستي آھي.
پَچَرَ نہ ڪر ھِن پوُر جي،
تاڻ نہ تار تنبوُر جي.

تيھن ڪرين تہ نِڪرتي ناڻگو،
لاھہ دڪايل سِر جو سانگو.
نؤبت ھت ناسوُر جي،
تاڻ نہ تار تنبوُر جي.

مهر جا هنڙا

ڪاڪ واريون ڇا ڪنديون ؟
جي خاڪ وارن جو ڏٺي ،
مهر پنهنجيءَ جا ڏئي هنڙا ،
مٿي ونندم ڪٺي .

مڻ منداِيون چونھ مون منجھ ،
پر هو بخشيندڙ گھڻو .
نرم نِت سو نامُوَر ،
لوڙي سندم دل پاهڻي .

مورڪن جي سورڪيءَ جا ،
داءُ مون ڪيڏا هنيان .
هر گھڙيءَ هر حال ۾ ،
هُن جي مدد پهتم گھڻي .

در دڪايل ڪيئن چڙيان ،
اهڙي مٺي محبوب جو .
لطف جنهن جي ساڻ اڄ ،
آهي سندم قسمت بڻي .

علم عقل کو مون نه پرايو؛
حرفت هنر نه مور هلايو.
پائڻ خاطر پاڻ پلايو.
ديواني دستور سڄڻ! ڪيئن چوان

جاتم هرڪا ديهه دئارو،
جت ڪت ساڳيو هڪ پسارو.
حاصل واصل ٿيو ڪُلُ سارو،
ٿي جو بي آڪ پوُر سڄڻ! ڪيئن چوان

انيئه آڪ ڪُلي جا خامي،
ڪانه دکايل بيائي پاسي،
اندر باهر هيِر هُلاسي.
موُج ڪيو مخمور سڄڻ! ڪيئن چوان

جاڻ دنيا جي ڪُوڙي ياري،
ياريءَ مان ٿي پوندءِ خواري،
لهندين ڪنهن مان ڪين سچاري؛
ٻَهِ مان واڍِ وٺيندو ڪير.
وٺيندو ڪير؟ شوق خوشيءَ ۾ ....

جوڀنو جوڀن جوڀني جواني،
دنيا فاني ڇڏ ناداني،
ايندءُ آخر موُت نشاني،
واريءَ ڪوٽ اَڏيندو ڪير.
اَڏيندو ڪير؟ شوق خوشيءَ ۾ ....

صورت سهڻي ڪين سدائي،
حسن ۾ ناهي وات وفائي،
آهه دڪايل! جورو جفائي،
پاڻيءَ پُرڻ پريندو ڪير.
پريندو ڪير؟ شوق خوشيءَ ۾ ....

اؤکيءَ ۾ ڪم ايندو ڪير؟

شوق خوشيءَ ۾ شامل هرڪو،
اؤکيءَ ۾ ڪم ايندو ڪير،
ايندو ڪير؟ شوق خوشيءَ ۾ ....

زر سان يارن جي آ ياري،
بن زر سڏجي شاهہ بکاري.
زر جي هر ڪنهن کي درڪاري،
سات سُڃي کي ڏيندو ڪير.
ڏيندو ڪير؟ شوق خوشيءَ ۾ ....

ذکر الاهي

آلاهو آلاهو آلاهو آلاهو،

١

تون رازق رحيم آنهن رحمان تون،
منهنجي عاقبت جو نگهبان تون،
کندين ساري مشکل کي آسان تون.
آلاهو ....

٢

سندءِ نور جلوي نما جابجا،
چون ٿا تہ آهين تون مشکل کشا،
بُلند آهہ چؤطرف اهڙي صدا.
آلاهو ....

حق موجود

حق موجود سدا موجُود،
تنهنجو بئي کنهن سان ڇا سُود؟
حق موجود سدا موجود.

ظاهر باطن نوُر الاهي،
عابد تون، تون ئي معبوُد.
حق موجود سدا موجود.

بئي هنذ ٻاهر ڇو ٿو ڳولين؟
وارث تنهنجي آهه وجوُد.
حق موجود سدا موجود.

دنياداري حق جو پاڇو،
پٺتڪڙ جنهن پويان بي سوُد!
حق موجود سدا موجود.

عشق الله جو دل ۾ دائم،
ڏُکندو شال دکايل! دوُد.
حق موجود سدا موجود.

عشق الاهي

سمجهڻ سولي مام، ناهي سرتيون
عشق الله جي - سمجهڻ سولي ......

عشق الله سان جيءَ کي جوڙي،
بي سڀ بيائي چڏ تون ٻوڙي،
تون، تون جو ٻي جام - سرتيون ......

عشق جي جاءِ خوديءَ کان خالي،
عشق دنيا جو واحد والي،
عشق ئي آهي اِمام - سرتيون ......

عشق دکايل جيڪي ڪن ٿا،
دنيوي سک جو صدقو ڏين ٿا.
نيڻين ننڊ حرام - سرتيون ......

وهڙو

عشق الاهيءَ سان اديون چولا رڱيا جن،
پائي ڪفني پريم جي حق سچاتو تن،
سي ڪيڏن دو روڄن، جن جو عشق الله سان.
سمجهڻ سؤلي مام ناهي سرتيون!
عشق الله جي - سمجهڻ ....

٣

سنيالڙ سان جنهن جي ٿئي جنت نصيب،
اچي ڪين منڪر، نَڪير اَنقريب؛
ڪري جنهن ڪان پنهنجو، خدا جوحبيب.
اَللهو ....

٤

اٽل قاعدو جنهن شهنشاھہ جو،
عجب آھہ دستور داناھہ جو،
اسم پاڪ آهي ٽنهن اللہ جو.
اَللهو ....

٥

ڪري ڪير قادر جو ظاهر بيانُ،
سندس روشنيءَ کان ٿيو روشن جهان.
نہ هستيءَ ۾ جنهنجي ڪو ذرڙو گمان.
اَللهو ....

٦

ملي جنهن جي قدرت جو مشڪل سبب،
دڪايل! سندس ڪارسازي عجب،
زبان تي رهي ذڪر هي روز شب.
اَللهو ....

ڪل ذات سبحان جي

ڪلُ ذات آهي سبحاني.
هي فرقن جو فرق عبث،
اِهو مرڪ ناهي اِنساني!
ڪل ذات ....

هي جڳ سارو نور اُپايو
هر صورت ۾ پاڻ سمايو،
نرمل نور ظهور ۾ آيو،
ٿي هر شيءِ نوراني - ڪل ذات ....

نرالا رنگ

تنهنجا عشق نرالا رنگ - وي ميان! رنگ
وجهين روزنوان ٿو ونگ - وي ميان! ونگ

ليليٰ بڻجي مجنون موهيءَ؛
سَتُر ستيءَ سهٽيءَ جو کوهيءَ!
چوريءَ اهڙا چنگ - وي ميان! چنگ

سسئيءَ حال وڃايا روئي،
هوت ڪيو بدنام هو، ٿو ئي.
جها ڳيائون جهر جهنگ - وي ميان! جهنگ

رمز رکي راڻي کي رُسايءَ؛
مومل کي جيئري هو جلايءَ!
خوب ٿو ڄاڻين ڍنگ - وي ميان! ڍنگ

جنهن هيڪر هيءَ پيتي سُرڪي،
سر سي دکايل! ڏيندا مُرڪي،
ڏاڍا هڻين ٿو ڏنگ - وي ميان! ڏنگ!

وهڙو

ڪنير ويهي چڪ تي ٿاهيو هڪڙو ٿاڻُ،
هڙ ساڳي ليڪن ڏنس هر ڪنهن پنهنجو ناڻُ،
ٺيڻن ٽون ۽ آءُ، رڳو نانءُ ڪٽي نيارو ڪيو.

٢

هٺي دلي ۽ مٽ تي ساڳي ڪم آئي،
انڌ سچائپ لءِ پيو نہ تہ ذات ڪہ ساڳيائي.
بيڪي ۾ جوڙو اکيون پر نظر تہ هڪڙيائي،
هڪڙيءَ جا ڪاري ڏني، ما بي نہ ڏسي سائي.
ڪوڙو جو هڪ ڪَن سٽيو سو ٻئي نہ سٽيو جائي،
اري جيپ کي ڇو لڳي؟ جي آهي مٺائي.
ين ناسن هوندي رهي خوشبوءِ آهڙيائي،
جدا سنگهڻ سان پوي فرق نہ ڪو پائي.

خاڪي پتلو خاڪ اُٺائي،
هندو، مومن، سِکُ عيسائي،
هڪ ڪاريگر يار بڻائي.
جوڙ سڄي جسماني - ڪل ذات ....

هي قدرت جا کيل تماشا،
وحدت جا ڪثرت ۾ پاڇا،
حيرت جي حد ڪانهه رهي ڪا،
رمز پسي روحاني - ڪل ذات ....

گانذيءَ مرشد حق پُرجهايو،
ايڪ انيڪ جو ڀيد ٻڌايو،
راز هي مرم جو سمجهه ۾ آيو،
(ٿي) حاصل بات حقاني - ڪل ذات ....

جڏهن دڪا يل پائي جهاتي،
سهڻي يار جي ذات سڃاتي.
جاتو تڏهن هي کيل صفاتي.
هڪانهه رهي حيراني - ڪل ذات ....

خيال رک !

من جي ڪتاب تي لک مس سان،
متان قام سايت ڊهي نه وڃي.
قلم سايت ڊهي نه وڃي؛
هي خيال رَباني لهي نه وڃي!
من جي ڪتاب تي لک مس سان ....

جيل آتيئي جاء عبادت،
وقت وصال وهي نه وڃي.
متان قام سايت ڊهي نه وڃي.
من جي ڪتاب ...

سختي من جي ڪسرت خامي،
ديف! جي سُور سهي نه وڃي.
متان قام سايت ڊهي نه وڃي.
من جي ڪتاب ...

صبر دکايل! تيء جي ساڻي،
منهنجي ميار؛ نهي نه وڃي.
متان قلم سايت ڊهي نه وڃي.
من جي ڪتاب ...

نالو پرکڻ لءِ پيو رکو ڪابي ۽ ڏائي
پر حقيقت ۾ جي ڏسون ته شيءِ آهه اُهائي
خالق هڪڙو خالق جو جنهن خلقي خدائي
تنهنجي منهنجي پاڻ ۾ آ عبث جدائي
گهوريو جهڳڙو گهر جو بَن پئي لڙائي
حق جو نعرو جي سڻون ته ڪانهي ڪا پيائي
هندو، مومن، سک هجي نوڙي هجي عيسائي
سڀ ۾ سمائي هڪ ذات دکايل! رب جي

٣

منهنجو منهن هيڏي ڪري تنهنجو منهن هوڏي
مونکي پڙڪائي وري آيو ٿئي توڏي
وجهي ليمو کير ۾، ٿو سبب وڻو ڏي
ڏارئي جي ڏوڏي الا! ڦِٽائي ڦاڪون ڪيو

٤

ٿياڪڙ جو گهر ۾ پيو جنهن پل گڙُرو پير
ڪلفت ڪيني منهن ڪڍيو وڏي ويڙو وير
ڏاريائپ ڪاهي پئي آيو ڦند ۽ ڦير
هر ڪنهن پتڪي جو رکيو پنهنجو پنهنجو پير
رت وڇوڙيو ملڪ ٿيو نون کير ۽ مان کير
پنهنجو جاٽي غير! اسان پرکي اڄ اوڏو ڪيو

جي مکت چاهين ته ......

مت جي چاهين ته ڇڏ وڪ سَمر وشيءَ ۽ واسنا،
ت، ڌيرج ۽ کميا جي ساڌ پورن سادنا.
برندڙ آگ جيئن سنسار، پاسو ترت، ڪر،
سيتل ديس ۾، ٿيندين اجر ٿيندين امر!

ي آهين نه جل آهين، نه ٿون آهين اگن،
ڪي آڪاش آهين ۽ نڪي آهين پوَن.
پنجن پوُتن جو داتا، سرودا ساکي مگر،
رک نج روُپ جي، ٿيندين اجر ٿيندين امر.

جدا، چيتن جدا، وٽ صبر جي سرمايگي،
سکي نت ماڻ ٿون سنسار جي آزادگي.
ر ۽ ورن جو پلجي نه ٿون ايمان ڪر،
بنڌن ديهه جا، ٿيندين اجر، ٿيندين امر.

اڌرم ڌرم ڪان، ٿو ۾ نه دک سک ڪامنا،
جا آهن ڌرم سڀ، ڪرتا پنا پوڳتا پنا؛
جو ساکي ٿون آهين، درشيه ڪان پر دوُر تر،
سچاٽين پاڻ کي ٿيندين اجر، ٿيندين امر.

اجائي لاف نہ هڻ!

هڻ نہ اَجائي لاف لباڙي!
سورن جو پنڌ آهہ پري.
هڻ نہ اجائي لاف ...

ڏورڏسي ڏونگر ڏُکڙن جو،
هت ٿو تنهنجو ڏيل ڏري.
هڻ نہ اجائي لاف ...

آگ اُلن واري سا ڪاٽي؟
تو ٿي تنهنجو هيانءُ ڳري!
هڻ نہ اجائي لاف ...

روُدَ ڪشالن ڪُنَ ڪشٽن ۾،
ڪو دل وارو پير ڌري.
هڻ نہ اجائي لاف ...

عشق بنا پيو ڪير دکايل!
ايڏا بَرسِر سوُر ڪري.
هڻ نہ اجائي لاف ....

حيرت !

ٻاريءَ جو رات ساري ،
ساڳيو ڏٺو صبح جو.
سورج ڪَني ڪڍي مَس ؛
هٿ سان چڏيءَ وسائي !

ٽنهنجو ڪتاب ٽيسين ،
رهبر رهيو دڪايل !
جيسين ٽيءَ ڪيان حاصل ،
پستڪ چڏيءَ جلائي !

ٻاڳل سڏي ٽو هرڪو ،
حيران آهي دنيا ،
حاصل ڪري ورهين ۾ ،
پل ۾ چڏيءَ وڃائي !

اهم جي اپمان آندو تو کي کيول ناس
پر نہ جاتيءَ پاڻ کي، ڦاٿو رهئين پوَ ڦاس
ٽون نہ تن لوکن جو کرتا، پاؤ شرڌا سان وڄ
پريم جو امرت چکي ٿيندين اجر، ٿيندين ام

آءٌ شڌ ۽ آءٌ بڌ، اي ۽ گيان جي جوتي جڳ
ناس کر اگيان انڌارو ۽ ڀيائيءَ کي پلا
نانگ نوڙيءَ منجهہ جيئن پاسي ٿو تيئن برهماڊ پ
ٻوڌ ۽ سک پاڻ تون، ٿيندين اجر، ٿيندين ام

ٿو رکي جو مکت جو اپمان، سو نر مکت آه
بند جو اپمان جنهن کي، موڙهہ بندن بکت آه
تج غلامي پاپ، سک آزاديءَ وارو ا
پوَ بندن مان مکت ٿي، ٿيندين اجر، ٿيندين ا

آتما ساکي، اچل ۽ آهہ پورن سروگ
دور جنهن کان سروڌا هي آهہ پوُ منڊل پنو
اي دکايل! پنهنجي نج سؤ روپ جو هک ڌيان ڌ
اهڙي رک شڌ ڀاونا، ٿيندين اجر، ٿيندين ا

طلبيندو رهه

ڳاندو رهه خوش ٿيندو رهه،
مشڪل کي منهن ڏيندو رهه.

مرد! مصيبت سان منهن ڏيئي،
آفت آڏو ايندو رهه.

ساهه ۾ سڪ ۽ سوز سمائي،
ساهڙ کي ته سڏيندو رهه.

ٻوڙي ڌار ڪري هو ٽوڪي،
هن سان پاڻ گڏيندو رهه.

هجران ورچي دل نه ڏکايل!
وصل سدا طلبيندو رهه.

ڀڄن

سڀ يار جي حوالي

جيڪي هجئي ڪري ڇڏ هڪ يار جي حوالي
تنهنجون مڙيئي خوشيون غم پل سو سڄڻ سنڀالي

جنهن لاءِ خاص پنهنجو ڏاريو نہ ڪو دنيا
سڀني کي هڪ سريکو جو پيار ساڻ پالي

ڌرتي نہ بار لڳندءِ نڪي آسمان ڳؤر
هن جو ٻڌي هميشه جڳہ ۾ ڏسين جي جالي

تنهنجي ڪسيءَ پکيءَ جو هرڪو حساب جنهن وٽ
بيزار ٿيءُ نہ تنهن کان توڙي ڪٽي ڏکالي

وهم و گمان دل جا جنهن دم ويا دکايل
ڏيٺو ڪبو نہ هرگز ڪنهن ڪشٽ يا ڪشالي

او سؤداگر!

اُٺ سؤداگر! سودو سار،
بند مٽان ٿي وڃٽي بزار- اُٺ سؤداگر! ....

تنهنجي ساٿين سؤدو ساريو،
تو غفلت ۾ وقت گذاريو،
سڀ سنواريو پر تو هاريو،
مهل جو ماهه ويچار- اُٺ سوداگر! ....

ڪال دڪايل! ڪين سياڻي،
جيڪي اڄ ٿئي ڪر نہ سياڻي،
گذريءَ کي ڪر ياد نہ هاڻي،
بگڙي بات سنوار- اُٺ سوداگر! ....

وچن پالنا

گرڀ ماتا ۾ ٻڌو تو پاڻ جنھن اِقرار ۾،
سو وساريو ڪيئن اي غافل! تو اچي سنسار ۾.
زر جواھر جو قدر بيشڪ ڪئيندو جوھري،
ڪوھريءَ وٽ ڪين ايندو لعل ڪنھن ويچار ۾!
ڏس صرافيءَ جي نظر سان پَرکَ ڪر سچ ڪُوڙ جي،
ڪين دائم ڪُوڙ ڪو ڏيندو نفعو واپار ۾.
ڪر سچائيءَ جي خريدي ڪُوڙ کي ڍڪ ڏوڙ سان،
چاڻ ڪُوڙي جي حياتي دوزخي، ڦٽڪار ۾.
بت پرستي بانورا! نينديءَ نہ دلبر جي قريب،
سمجھ سياڻا ڪر سھي، آھي رکيو ڇا ڇار ۾؟
ڪين قابو مندرن ۽ مسجدن ۾ دلربا؛
ٿو پسان جلوو سندس ھر جنس ۽ جنسار ۾!
ڏس ڪنول جو گل رھي جل ۾، رھي جل کان جدا؛
بس اِھوئي راز مخفي آ انھيءَ اِسرار ۾!
بات سؤلي ناھ سٽري، سادنا سادڙ ڪھي،
گيان جي پرڪاش سان نِج نِرت نرآڪار ۾.
ايڪتائيءَ جو اکر دائم دکايل! ياد رک!
شوق سان ڪر يار جو ديدار در ديوار ۾.

ڇا ڪريان؟

هن چنچل من کي ڇا ڪريان،
ڇا ڪريان مان ڇا ڪريان - هن چنچل ....

بـانـدر وانگر آک مَتڪائي،
هِتِ هُتِ ٽپو ٽو جهاٽيون پائي.
هن جاهل من کي ڇا ڪريان - هن چنچل ....

ذيان سماڌ جو مور نـہ آدي،
ڪن ڪن ۾ گهرجيس اُپادي؟
هن دربل من کي ڇا ڪريان - هن چنچل ....

آتم سک جو پيد جي جاٽي،
مؤج دکايل! جيڪر ماٽي.
هن بيقل من کي ڇا ڪريان - هن چنچل ....

او وڻجارا!

اُٺ وڻجارا وڪر وهاءِ.
ڪالهه وڃايءِ اڄ نہ ڪماءِ - اُٺ وڻجارا ....

هڪڙو آهي سفر اڻانگو،
بيو گهر سؤدو بيءِ مهانگو!
جاڳہ سمي جو ڪر ڪو سانگو،
غفلت ۾ نہ گنواءِ - اُٺ وڻجارا ....

وقت وڃائين تو عيشن ۾،
رات سمهڻ ۾ ڏينهن رونشن ۾؛
ڪڏهن دڪايل! سوچ تہ من ۾،
ويهي ڪجهہ ويچاءِ - اُٺ وڻجارا ....

گيتا جو وچن

ٿ پرجڻ جو نہ آهي هن هچاري ڪام جو،
گيتا ۾ چيل اهڙو وچن گهنشيام جو.

پ جي واسينگ واسيو آهہ پولي پيار ڪي،
اڇي جوڳي پڙهي منتر مذر هري نام جو.

ر جي اڄ ڪلپ وڻ ڪي ڪو لکو ڪيڙو اڇي،
ڇي ويڙهي ٻُڌي، پيو ٽاپ سهٽو عام جو.

ہ جي ڦاسيءَ گهُٽي هٿہ هٿہ جهلي سوگهو ڪيو،
ڻن ڪنيان پوءِ آءٌ هي زنجير ڏهري دام جو.

بٽيو آهين دکايل! نفس جو ايڏو غلام!
ويو پاڇي آهہ ٽوڪان نانءُ پياري رام جو.

جيئڻ جو سچو مزو

سُکن ۾ وچائي ڏکن ۾ ٿي پايان،
جيئڻ جو مزو ٿي دکن ۾ پيي پايان.

هوائون لڳن ٿيون جي مؤجون اُٿن ٿيون،
ڏنگي دل جي لهرين ٽي نت ٿي نچايان.

ڪنارو پيو ايندو ڪڏهن هي ڪڏهن هُو،
سُکن کي چئو روئان دکن کي چئو ڳايان.

ٻيئي منهنجا ساٿي، ٻنهي جي مان آهيان،
چئو هن سان لڳايان، چئو هن سان نڀايان.

نه ٽرندي ٿيو حاصل نه ٻڏندي وڃايم،
ٽٻيءَ سان ملي ٿو ٽٻيون ٿي لڳايان.

دکايل! هي درياهه دل جو پيو وهندو،
لُڙهي لهر ۾ چئو مان سڀ ڪجهه وڃايان.

سڏيندو ئي رهه!

سڏن تي ڪري سڏ، سڏيندي رهان شل،
سدا پاڻ توسان ڳڏيندي رهان شل.

بڪارڻ مان آهيان تون ڏاتار منهنجو،
ڏنو تو جو توکي ئي ڏيندي رهان شل.

ڏسان سنگ جنهن ۾ نه سو رنگ تنهنجو،
اهو سنگ سڱڻو ڇڏيندي رهان شل.

دکايل ڏسان مان جتي تنهنجي صورت،
اتي نيڻ-مندر اڏيندي رهان شل.

ڪوئي نہ ڪنھن جو سنگي

ڪوئي نہ ڪنھن جو سنگي ري بابا!
ڪوئي نہ ڪنھن جو سنگي.

ڪُوڙي مايا ڪُوڙي ڪايا،
لاڀ پدارٿ وڻ جي ڇايا،
چئن ڏينھن جو چٽڪو دنيا،
دنيا آھہ درنگي ري بابا.
ڪوئي نہ ڪنھن جو سنگي.

مورک جيئڙا ماڻ چڏي ڏي،
مان، تؤن جي چڪتاڻ ڇڏي ڏي.
ويچھو پسنديں پوء دکايل!
دور نہ راھہ رنگي.
ڪوئي نہ ڪنھن جو سنگي.

سنڌا نہ وڃہ !

ڌا وڃي ٿو سمجهين هي منهنجو ملڪ آهي،
ي تنهنجو ملڪ ناهي، هي ڪنهن جو ملڪ ناهي.

و ڀيلاو آهين، جيڪس ٿو پنهنجو پائين،
نهنجو هي ٽيڏو ناهي، لڪ جي ڪٽي ڪو چاهي.

ي محل هـــي منارا، تابوت تاج وارا،
جي ڪٽي اڏيندين، وڃهندءِ گهڙيءَ ۾ ڏاهي.

يءِ جات پات قوميت هيءَ تنهنجي منهنجي ملڪيت،
ي ڪجهه ڇڏي دڪايل! منزل ڏي هل تون ڪاهي.

اڪيلو سفر

ٿوڪي سفر تي وڃڻو آهي سڀڪنهن اڪيلو،
پائن پنن جي سنگت ڏينهن ٻن جو چاڻ ميلو.

پئسي جي پريت ڇاجي ڌرتيءَ جو موهه ڇاجو؛
ماسو مٿي نه ڪٽنديون ٿامي جو ڪو اڌيلو.

هي محل يا اَٽاريون هي روپ ۽ جواني،
ڪنهن ساڻ ٿيا نه نيبهه ناحق نه ڪر جهميلو.

ٻورهيت نه پائي ڪاڏو؛ هُٿ پاپ ساڻ واڏو!
هڪڙا هزار ميڙن، ٻين وٽ وَرُ نه ويلو.

جيڪي به ٿون ڪمائين، ڏاتر جو چاڻين ڪائين،
جس پائين، جڳ ٿٿيئي هي ٿوڙي هوُ سهيلو.

اهنڪار کي وساري دل ۾ ٿون ذار سائين،
چوندي نه پوءِ ڏڪايل! ٿوڪي دنيا گهيلو.

مايا جو سنگ ڇڏ!

ڃيو سوچيو اوهين ڇڏيو سياڻا دن - مايا جو سنگ .
. مايا جو سنگ ڇڏيو اوهين من - مايا جر سنگ .
سوچيو سوچيو ....

اٿس واسينگن وانگيان آهي قاتل مار،
كين سنڀالي سگهي اُهو جَنُ ،
ماري جنهن کي ڏنگ .
سوچيو سوچيو ....

ڪرم ڪان دور ڪري ٿي ڏنگي ڏسائي راهہ ،
هري ڀڳتن جو سنگ ڇڏائي ،
وجهي پڇن ۾ پنگ .
سوچيو سوچيو ....

ڇاڻيءَ مايا جي هرڪا ٻڙي دکايل! بات ،
چنتا لائي چاهہ وڌائي ،
وجهي وشءِ جو وَنگ .
سوچيو سوچيو ....

ڪر بي نقطي غين

نالو وٺ هروار هريءَ جو نالو وٺ هرو
راس ڪنديءَ ڪرتار سدا ڪم راس ڪنديءَ ڪرتا
هريءَ جو نالو وٺ هروار ....

جهنگ ڪڍي ڪر صاف ٻنيءَ جيئن لاهه نه پڪڙي پا
لوڀ اٺيئي جڙ پاپن جي رک تون تنهن جي تا
ڪيڙ ڪري، ٻج - چِٽ ڪر، تنهن پوءِ، ڪڻ تون فصل تيار
هريءَ جو نالو وٺ هروار ....

مايا جي چڪر ۾ ڦاسي مفت ٿي حيران
ڏن ۾ ڪستوري نه سڃاڻي، ٿئين ٿو سرگردان
سون اٺيئي اندر تنهنجي، ٻاهر ٿي ٻک چا
هريءَ جو نالو وٺ هروار ....

سانت سچي ممتا ۾ ڪانهي، هي ويدن جو واڪ
انترمک ٿي چپ ساڌي ڪر بند دريءَ جو تاڪ
تول منو سنتوشي ملنديءَ، وير نه پونديءَ وا
هريءَ جو نالو وٺ هروار ....

پاڇي مان ورندو نه دڪايل! ڪر هٿ اصلي عين
عينُ بينُ جي عينُ ٿئين تون! ڪر بي نُقطي غين
موهه جو ڪُوڙو ڪرم ڇڏي، ڪڻ پريم جو سچ ٻروا
هريءَ جو نالو وٺ هروار ...

دل جو مندر

دل جي مندر جو در کولي،
ڏِس کير اندر ٿو ٻولي.
ڀيري جي پئد گهاري،
ٿون وينٺين پاڻ وساري،
کهڙي ڀرم وڏيءَ من ڀولي- ڏس کير ...

خود ذات ڀُلائي ذاتي،
وجهي وينٺين فرق صفاتي؛
ٻيو کير ٻجهاندر ٻولي- ڏس کير ...

سڄي دنيا گورک ڏنڌو،
ڏس! تيءَ نہ 'دکايل' انڌو،
اِهو راز وجهندءِ رولي- ڏس کير ...

کولي ڏس در

دل جي مندر جو در کول،
من جي مندر جو در کول.
ڪهڙي ڪارڻ جڳه ۾ آئين،
مورک! ڇوٿو من پرمائين،
مفت مهانگي مهل وڃائين،
جيون جو ڏن ڳول- دل جي ...

ڄاڻي تو نہ دکايل ڄاڻي،
ڪين سمجهڻ جي راهہ سڃاڻي،
حرص جي هٿ ڏنءِ حياتي،
هي نہ ٻيائي ٻول- دل جي ...

مسافر حيران نہ ٿيءُ

مسافر ٿيءُ نہ تون حيران،
رات انڌيري راهہ ڏکيري،
سنڪٽ ۾ آهہ پران،
همت وسيلو ڪر تون مسافر!
رک منزل جو ڌيان - مسافر ٿيءُ ...

دنياداري ڊونگ سراسر،
ڏک سک جاڻ سمان،
دوکو آسا، آسا دوکو،
مهر ڪري ڀڳوان - مسافر ٿيءُ ...

آنند ڌام نہ دور دکايل!
ناحق ڇو گهبرائين تو،
پريم سنيهو پريت نگر مان ايندو،
ڇو من پرمائين تو؟
مسافر! ٿيءُ نہ تون حيران.

سوچ سمجھ نادان!

ڏوهڙو

نغاري ڪوچ جو آواز ڪن آيو.
سفر جو ڪافلي وارا ڪريو سعيو.
ٿلھ- سوچ سمجھ نادان مسافر!
جڳہ ۾ ڪيسين رهڻو آهہ؟ سوچ ...

ڪوچ جو ڪر سامان ڪنو، اڳيان
ڪشت سفر جو سهڻو آهہ- سوچ ...

رنگ عجب قدرت جا، جيڪي
ڪالھ ڏٺيو اڄ ڍهڻو آهہ! سوچ ..

من مايا جي ريت نرالي،
ڪي نہ دکايل کهڻو آهہ- سوچ ...

مسافر خانو

سنسار مسافر خانو،
بندا! ڏينهن ٻن جو گذرانو — سنسار ...

انت سمي ڪم ڪوبہ نہ ايندءِ،
ڪڙم قبيلو ساٿ نہ ڏيندءِ.
جڏي آندو قضا پروانو — سنسار ...

کهڙي ڪل ڇا ٿيندو هاڻي،
سمهہ نہ غافل چادر تاڻي،
ڇا لاءِ ٿئين ديوانو — سنسار ...

جنهن دنيا کي پنهنجو ڀائين،
مورڳهہ دکايل! وڃڻو آهين.
سا دنيا اٿيئي ڀانو — سنسار ...

مسافر جاڳ ذرا

تنهنجي جيون جا ڏينهن چار!
مسافر جاڳ ذرا.

ڪُهنبو چنڊڪو جوڀن جواني،
دنيا فاني ڇڏ ناداني.
غافل غرق ڪندءِ غلطاني.
نِت نه باغ بهار- مسافر! جاڳ ....

ڌن دولت جي هوڙ اجائي،
ساڻ نه هلندءِ ماڻ وڏائي.
آخر پوندءِ ثاب ڪمائي،
مورک! من کي مار- مسافر جاڳ ....

يڪسان آهه نه رنگ زمانو،
دنيا آهه مسافر خانو،
ٿيندو هرڪو نيٺ روانو،
ساٿ دڪايل! سار- مسافر جاڳ ....

ڪجھ ڏيو!

ڪجھ ڏيو، ڪجھ ڏيو،
ڏيندڙ جو پاو ٿيندو.
ڪجھ ڏيو، ڪجھ ڏيو ....

او شاهي محلن وارا،
ڌن دولت جا متوارا.
ٿا واجھ وجھن ويچارا،
همدرد ۽ همدم ٿيو.
ڪجھ ڏيو، ڪجھ ڏيو ....

قارون، سڪندر، دارا،
جن ماڻيا تخت هزارا.
سي گنج نہ گنجن وارا،
ويو خالي هٿين هرڪو.
ڪجھ ڏيو، ڪجھ ڏيو ....

هڪ ڏينهن دڪايل! هلبو،
هي راز سمورو سلبو،
ڪل دنيا آهي دلبو،
ٿيو سياڻا ڪجھ سوچيو!
ڪجھ ڏيو، ڪجھ ڏيو ....

هوند منجهان ڪر

ڪجهه هوند مان بندا ڪر.
ڪنهن خالي هٿ کي پر- ڪجهه هوند ...

تون جن لاءِ ٿو مايا ميڙين،
سنگ نه هلندءِ سيئي.
مئي پڇاڻا ساڙي ايندءِ،
ڏک پڇاڙيءَ ڏيئي- ڪجهه هوند ...

جيوت جي هن سخت سفر ۾،
جاءِ بديءَ کي ناهي.
وٺ نيڪيءَ جي راهه مسافر!
دور نه منزل آهي- ڪجهه هوند ...

سنسار اُٿيئي کيت بندا!
اَڪ پوکي ڪينءَ انب ڪائيندين؟
ڪاڄڪ ناهي؛ ڪر جڳ آ،
جو پوکيندين سو پائيندين- ڪجهه هوند ...

هي جو سونو محل بڻايءِ،
ڪين سڀاڻي رهندو،
جو اڄ پاندو بڻيو دکايل!
هڪ ڏينهن آخر ڍهندو- ڪجهه هوند ...

اڻ ڳڻيا عيب منهنجا

... مون منجهه اڻ ڳڻيا، کهڙا ڳڻي کهڙا ڳڻيا،
... جي اعمالن ڪري اڄ حال بد منهنجا ٿيا.

... حق واري ڇڏي گمراهه ٿي در در رُليس،
... جا سڏ منهنجن ڪنن کي پر نه هرگز ٽڻي وڻيا.

... بازيگر ڇڏي، بازيءَ پٺيان حيران ٿيس،
... کيچ ڪوڏيون ڪنيم، سچ جا ڇڏي موتي مٽيا.

... انيون جنهن ڪڏهن تنهنجون سچائيون ڪين ڪي،
... دکايل ٿي سدا احسان تنهنجا اڻ ڳڻيا.

گمان نہ ڪر!

جـونـو گـمـان نـہ ڪـر.
جوڀن جي کهنبي چنڪي ٿي،
هٿ ايـمـان نـہ ڪـر.
منڙا! جونو ....

چـار ڏهـاڙا حسن جواني،
آخر ٿيندي هڪ ڏينهن فاني،
ڪُوڙن ڏيکن ڀويان مورک!
مـن مستـان نـہ ڪـر.
منڙا! جونو ....

ڀرمارٿ جو جيون گهاري،
ڇڏ سوارٿ جي ريت وساري،
خود غرضي، خواهش جي گولي،
دل حـيـران نـہ ڪـر.
منڙا! جونو ....

مانش چولو بندا پائي،
غلطانيءَ ۾ ڇڏ نہ گنوائي،
اماهہ دڪايل! هي جيون - ڌن،
هٿ سان زيان نہ ڪر.
منڙا! جونو ....

رام جپيو

ـري رام جپيو سک ۽ دک ۾،
ايا جو مور نہ ماڻ ڪريو. سري رام ...

ڪئي راج تيا مهراج تيا،
هيو ڪير پلا ڪجھ ڏيان ڏريو. سري رام ...

ڪنهن کي شاھ، ٿو شاھوڪار ڪري،
ڪنهن کي مفلس ۽ نادار ڪري.
ڪئي خالي رڙي، ڪئي روئي پريو! سري رام ...

ڙي رچنا رام رچائي آھہ
ڪاٿي غم آ ڪٿي سرهائي آھہ.
دا دل سان دکايل! سو سمريو. سري رام ...

رام پيگني

(ستيه)

رام رنگ سان من رنگ جوڳي !
چاهي ويس رڱائڻ ۾ . رام رنگ سان ....

ڳل مالهائون جوڳ جتائون ،
چاهي تلڪ لڳائڻ ۾ ،
تيرٿ پيٺي عمر گنوايءِ
انگ ڀڀوت رمائڻ ۾ . رام رنگ سان ....

جڳت بنا تنين نالي جوڳي ،
من ۾ ڀوڳي ، تن ۾ روڳي ،
ڪين پڇهءِ پرَ ڪو پرشارٿ ،
من جي مئل مٽائڻ ۾ . رام رنگ سان ....

مانش ديهه اَمولڪ پائي ،
ڳپڻ ۾ ڇو وڃءِ گنوائي ،
رام اَمر رس ڇڏي دڪايل ،
عمر ويهءِ وڪ ڪائڻ ۾ . رام رنگ سان ....

هئي رام سان سنگ سيتا ستي،
سپاٽر سمترا جو لڇمڻ جتي.
ڇڏي راڄ ڌاني ٿيا راهي جنين،
سندن پويان ماڻهو پيا ڪاهي ٿئين.
رُسيو رنج ايڏو هُيو عام ڪي،
هليا سڏ ڪندا، سَڏَ ڪندا رام ڪي.
مگر رام سيني ڪي واپس ڪيو،
ايوڌيا وڃڻ لاءِ تن ڪي چيو.
دکي من سان پرجا وداعي ڪئي،
هئي رام جن سان جدائي ڪئي.
اڪيلا ٿيئي پوءِ اڳتي وڌيا،
ايوڌيا جي پرجا سندا دادلا.
نديءَ جي ڪناري تي ٻهتا جڏهن،
وڌي آيو ڪيوٽ مهاڻو تڏهن.
چيائين اسانجا ڀلا ڀاڳ ٿيا،
ڪري رام-درسن نري نيڻ پيا.
ڄجي منهنجي لائق ڪا سيوا ڪريان،
اُتي ڊوڙندي آئي شبري پريان.
نماڻي هئي نيچ سا ڀيلڻي،
چکي بير جوٺا جا آئي کڻي.

رام بنواس

ايوڌيا جي پرجا رُني زار زار،
جڏهن رام بنواس لءِ ٿيو تيار.
متو خوب ماتام محلات ۾،
هئي ڪوشليا راڻي فڪرات ۾.
رُنو موهه ماتا جو سڏڪا ڏئي،
جدائي نماڻيءَ کي سَهڻي پئي.
هليو وس نہ ڪنهنجو جتن ٿيو جڏو،
وڏو اهڙو ڀاويءَ اچي ڪو ڦڏو.
مريادا جو پالن ڪري پيارو رام،
هليو بَنِ ڇڏي راڄ جو سک تمام.

گگن ۾ خوشيون ديوتائن ڪيون،
وڏيون پرٿويءَ تي پچارون پيون.
عجب جي نہ ڪيوٽ سنديءَ حد رهي؛
شالا مان ٿري ڪيئن ٻٽي اِستري!
اُڏاٽو جي پٿر نہ وٽ ڪاٺ چا؟
پوَن ڏو ئٽا هٿ نہ ٻيڙيءَ منجها.
اِهوئي نہ آهي ٻچن جو جھاو،
ڪرڻ تنهن کان انڪار آهي ڀلو.
رزق جي اُڏامي وڃي هيئن هليو،
گذر جو پيو ڪهڙو پوءِ ٿيندو بلو؟
ائين من ئي من آزمائي دليل،
لڳو خوب سوچڻ مهاٽو سبيل،
انهيءَ دم ڪري دل ۾ هو فيصلو،
وڌي آيو ڀڳوان جي ويجهڙو،
چيائين، ڏجاٽو انهيءَ پير کان،
پرينءَ پر لنگهي شل هلو خير سان!
لڳو پير پٿر کي، اُڏري ويو!
اِهو حال جي منهنجي ٻيڙيءَ جو ٿيو،
تہ منهنجا ٻچا بک ۾ ويندا مري،
لڳي ڳالهہ ٿي ناٿ! ڏاڍي ڳري.

گھڙي پريم سان رام ڪائڻ لڳو،
ڪري ساک تن جي، وڏائڻ لڳو.
ڪٺي جي نہ ھي تعفو ناياب ھو،
مگر پاڻ پڳتيءَ جو اسباب ھو.
وڏن کي وڏائي ڏئي عام ٿو،
ننڍن کي وڏو پر ڪري رام ٿو.
ھتي جا دنيا لءِ پتت نيچ جات،
ڪري تنھن کي پاون، ڏني نات ذات.
ھريجن وٽيا، اوچ ٿي سي ڳٽيا،
بٺيا رام جا ھي گلي جا مٽيا.
اُتي رات رھڻي پئي رام کي،
ھيو ڏسڻو اچرج ڪو جو عام کي!
رشيءَ جي سرابيل ھئي نار جا،
ڪڏھن ڪان ٻٽي چپ پي پوگيئين سزا.
چرن رام جو جيئن ئي تنھن کي لڳو،
اُنھيءَ دم ڪٽيو پاپ اھليا سندو.
ايامن ڪان جنھن ٿئي ڪيو انتظار،
ھتان رام جي اچ ٿيو تنھن جو اُڌار.
ٻڌي ھٿ، اُڏامي وئي سرڳ ڏي،
رھيل ھو ٻني ھن جو گوتم جتي.

ائين چوندي هن جا ڇاڀي نين پيا،
ڏسي پريم، ڪل لوڪ گد گد ٿيا.
جيو رام، جو لوڪ-سيوا ڪري،
اسان ڪان اُهو ڪين آهي پري.
ٻڌي شب وَچن سڀ رهني ۽ مني،
مچائڻ لڳا خوب جيءِ جيءِ ڌني.
ٻڌي باب هي رام بنواس جو،
دکايل جو من جنسي جهوُمڻ لڳو.

انهيءَ لءِ اوهانجا چرن ڌوئان،
اجازت جي ڏيو، آزمائي ڏسان.
اُنهيءَ کان پوءِ ٻيڙيءَ تي پل سوار ٿيو،
مڙي ساڻ ٽنيئي جٺا پار ٿيو.
ٻُڌي هي وچن ڀڳت ڪيوٽ سندو،
وڌي آيو ڀڳوان ٻڻ مشڪندو.
چيائين، ڪري وٺ ڀلي خاطري،
رهي پائي! جيئن تنهنجي ٻيڙي بچي.
ٻڌي ناٿ جا اهڙا مٺڙا وچن،
ڪٺي گنگاجل آيو ڌوئڻ چرن.
ڌوئي پير، هاڪاري ٻيڙي هليو،
ڀلو ڀاڳ ٻيڙيتي ڪيوٽ جو ٿيو.
ڏسي هي نظارو ٿي گنگا نهال،
چيائين، ”ڀڳت صدقي مون سان ٿيو ڀال!“
اچي جئين ئي ٻيڙي ڪناري لڳي،
ٽئين رام ڌي خلق ڊوڙي ڀڳي.
هليو رام، ڪيوٽ جا ٿورا مڃي،
هليو ٻئي پنا يوگ سپ سان وڃي.
ڇهي پير ڪيوٽ چيو، منهنجا ناٿ!
ڇڏايو نہ مونکان اوهان پنهنجو ساٿ.

كاڻ خبر ڪنهن آندي آهي،
پار سمنڊ جي باندي آهي.
پياسي دل هيڪاندي آهي،
منهن ڪيئن ڪولي نار نماڻي.

ڏينهن سنياري رات سنياري،
ساعت ساعت ويئي ساري،
آس ٽي پيئي جيءَ جياري؛
نيندو آخر ننگ سچاڻي.

محل بغيچا هن ڪي ڪائن،
ٿڌڙيون هيرون چڪ ٿيون پائن،
بوندون برسن آگ لڳائن،
راحت ڪاڻ دکايل ماڻي.

ويڳاڻي سيتا

رام بنا سيتا ويڳاڻي،
هر هر ويٺي هاري پاڻي.
پوُر ٿا پوَنس نيڻ ٿا ٺمنس،
جنهن کان دل ٿي ڀيَڙس ڇاڻي.

ناريلن جا وڻ هي اوچا،
لنڪا جا پاسن ٿا راکا؛
ايندو رام نہ لهندس اولا،
ويٺي راهہ نهاري راڻي.

وماڻ هيٺ لٿو تہ پرجا جي خوشيءَ جي حد نہ
. ماڻهو سڀ پڇ خوشيءَ ۾ اچي نچڻ ۽
بڻي کي پاڪر پائڻ لڳا. مندرن ۽ شوالن ۾
ن جي مٺي ڏنيءَ، جڻ تہ هن آنند لٺڻ
يوتائن کي سڏ ڏني ڪيا. گهنڊن ۽ گهڙيالن
آوازن جنسي آسمان ٽٽي ڏاريو.

چئو طرف آنند جون لهريون اُٿيون،
دل جون ڪومايل ٿڙي پيئيون ڪليون.
بعد مدت آيو اچ ايوڌيا پتي،
ڌرم پتني رام جي سيتا ستي.
رام لڇمڻ سان، جڏهن رٿ تان لٿو،
ڀرت شرڌا سان اچي ٽيڪيو مٿو.
پير پڪڙي رام جا رئندو رهيو،
نير ڌارا سان چرن ڌئندو رهيو.
پريم ۾ وياڪل ڏسي خود ڀرت کي،
رام روئي ڀاڪر کي لاتو ڳاي.
ويل ويئي اڄ کي وڇوڙي جي ٽري،
اچ ايوڌيا ۾ وري آيو هري.

ڀرت ميلاپ

رام جي بنواس کان پوءِ ڀرت جو،
ٿيو وڇوڙي جو گذر ڏاڍو ڏکيو.
رام بن جنهن راڄ-سُکُ ماڻيو نه ڪو،
ڀرت ۾ هو رام جي پورو پڪو.
ڏينهن گوند رجا ڳڻيندي ويا لنگهي،
اڄ مهاندو ٿو سندس سرهو لڳي.
اڄ ايوڌيا ۾ ٿو ٻڌجي خاص شور،
ٿو اچي پرجاپتي، دسرٿ ڪشور.
اڄ اچڻ جو رام جو انجام آهه،
ياد نر ناريءَ کي سيتا-رام آهه.
اوچتو ايندو نظر آيو وماڻ،
هرش ۾ هرڪو ٻُلائي وينو پاڻ.
ٿي خوشيءَ جي جوش ۾ پرجا چري،
اڄ ايوڌيا ۾ وري آيو هري.

سال چوڏهن ختم ٿيا بنواس جا،
چؤ طرف ڏيئا ٿا چمڪن آس جا.
موٽيو اڄ آ ڪوشاليا ماتا جو نوُر،
ڪرشن پک ۾ ٿيو ڏياريءَ جو ظهور.
ٿيو دکايل جشن هرجا عام جام،
ياد هر ڪنهن کي رگهو اڄ رام نام.
جنهنجي نالي ٿي ويا پٿر ترِي،
اڄ ايوڌيا ۾ وري آيو هري.

جڏهن روئي ماٺ ڪيائون، تڏهن شري
رامچندر ڀرت کان پڇيو "پرجا جو ڪهڙو حال آهي
کو شڪايت ته ڪونه ٿو ڪري؟ نياءُ نه پورو
ٿو هلي، ڀل ته وڏائي کان ويئي آهي؟ عملدار
پنهنجي زيردستن کي تنگ نه ڪين ٿا ڪن. ڪا
چوري چڪاري ته ڪانه ٿي ٿئي؟" ڀرت جواب
ڏنو- "راجن! پرجا هرطرح سکي هوندي به
پنهنجي پياري رام جي وڇوڙي ۾ ڏاڍو ڏکي
گذاريو آهي. اڄ پرجاپتيءَ جي آئي سندن خوشيءَ
جو انت لهڻ نهايت ڪٺن آهي."

شهر ۾ اچي ڀرت حڪم ڪيو ته "چوڏهن
ورهيه بنواس ڪاٽڻ رامچندر جي موٽي اچڻ تي
سڀني شهر ۾ عام جشن ڪيا وڃن. دوڪان
سينگاري، ڏيئا ٻاري، ڏياري ملهايو!"

اڄ ايوڌيا جو نظارو اوُر آهه،
رام جي جيءَ جو چوڌر شور آهه.
راڄ محلن ۾ ٿيون واڌايون وڄن،
شهر ۾ هرجا مشعالون ٿيون ٻرن.

هي ٻہ موهن، هوُ ٻہ موهن

مات يشودا جو پيارو موهن،
نند پتا جو دلارو موهن،
ڪٿي ڪٿي متوارو موهن،
مرليءَ وارو ڪارو موهن.
او موهن جي پياري جمنا،
نيليءَ ساڙهيءَ واري جمنا!

ڪرشن ڀڳتي

(پريم)

شيام روپ ۾ پريم سمايو،
پريم روپ ۾ شيام.
من مندر جي پريم پوَن ۾،
براجي ٿو گهنشيام.
شيام سندر جي چرن ڪمل ۾،
پيٿيم چارئي ڌام - شيام روپ ....

بندرابن جي ڪنج گلين ۾،
ڪين مليو منهنجو شيام.
شيام رنگ جمنا ۾ ڳولهيم،
نند جو دل آرام - شيام روپ ....

ڪرشن نام جي مالها سوري،
پاتو من وسرام،
مڪتي داتا آهه دکايل!
ڪرشن جو پيارو نام - شيام روپ ....

موهن جو نالو ٻڌي، مانيٽي جمنا جي لهرين ۾ جوش پيدا ٿيو. سندس ٻنهي ڪنارن تي بيٺل اُڀا اُڀا وڻ، جي موهن جي جدائيءَ ۾ لڙي پيا هئا، هڪوار، مرلي منوهر جو نالو ٻڌي، ڇرڪ ڀري ڪڙا ٿي بيٺا. بندرابن جا پکي پنڇي ڪرشن چندر جو نالو ٻڌي، جمنا جي نيل ورڻ متان اُڏامي اُڏامي ٻولڻ لڳا. برج جا وڇڙا ۽ ڳانيون، برج ٻهاريءَ جو نالو ٻڌي چرڻ ڇڏي، هيڏانهن هوڏانهن ڊوڙڻ لڳيون. اهڙي آنند جي سمي، ڀڳت جي سڏ جي جواب ۾ جمنا منجهان هيٺيون آواز آيو.

جنهن مرليءَ جي موج مچائي،
بندرابن ۾ راس رچائي.
هاڻي تنهن گجرات وسائي،
سابرمت سان لڳن لڳائي.
جمنا کي تنهن موهن پياري،
آهي دکايل ڇڏيو وساري.

٢

گوالن جون جنهن ناهي ٽوليون،
منيون منيون ٽنگي ٻوليون ٻوليون.
ڪٿي ڪٿي سو ماڏو ڳوليون؟
جنهن ڏو منجهه ٽنگي ڪيون آلوليون.
جمنا جمنا موڪني ڏَسُ ڏي،
جيڏانهن ويو موهن سو ڱس ڏي.

٣

ڳان ڦلن جون پياريون پياريون،
جنهن ڏو منجهه ٽنگي ٻيڙيون ڪاريون.
ڪٿي ڪٿي جنهن ڱايون چاريون؟
گوالن سان ماري ڪلڪاريون.
جمنا مٺيا گوپين ڏل سان،
ڪيڏيو ٽنگي جو ڪنهنجي جل سان.

٤

مور مڪٽ پيتامبر ڌاري،
ٺور، گرڌر، شيام مراري.
ڪٿي ڪٿي پڳتن هتڪاري،
جنهن متڙا ۾ ڪُبڙي ڌاري.
جنهن پاپي مامي ڪي ماريو،
ڀارت جو جنهن بار اُلاريو.

راڌي شيام ٻول

راڌي شيام، راڌي شيام،
راڌي شيام ٻول.
ڳول من هردي اندر شيام ڳول.
راڌي شيام، راڌي شيام ....

ڀڳت بڪاري پريم جا، پريم سندن ڀڳوان،
پريم جڳائي پريم سان، پائن پد نربان.
ڳول من هردي اندر شيام ڳول.
راڌي شيام، راڌي شيام ....

سنگ هريءَ جو ساج پراڻي!
ڇڏ مايا جو سنگ،
پيا سڀ ڪوڙا رنگ دکايل!
سچو شيام جو رنگ.
ڳول من هردي اندر شيام ڳول.
راڌي شيام، راڌي شيام ....

مرليءَ وارو

ڪرشن ڪنئيو ڪارو مرليءَ وارو.
گوڪل ۾ ٿو ڳايون چاري،
لال، يشودا وارو- مرليءَ وارو.
برهم بانسري ناٿ وڄائي،
بندرابن ۾ راس رچائي،
برج ڪيو متوارو- مرليءَ وارو.
مور مڪٽ پيتامبر ڌاري،
نٽور گرڌر شيام مراري،
نندڙو نند دلارو- مرليءَ وارو.
گيتا جو جنهن گيان ٻڌايو،
ارجن جو اگيان مٽايو،
ڀڳتي ڀاءُ ڀنڊارو- مرليءَ وارو.
پاپي ڪنس کي ناس ڪيائين،
ڪبڙيءَ جو انجُ مانُ رکيائين،
ڀڳتن جو رکوارو- مرليءَ وارو.
جڏهن دکايل پاپ وڌي ٿو،
سنتن جو سنتاپ وڌي ٿو،
ٻاڻ اچي ٿو ٻيارو- مرليءَ وارو.

ڏسڻ سنگهارن ڀڳتن تارن،
ڳائين جو گوپال.
منھنجو آهي نرالو نٽور،
ڏينهن جو ٿي ڏيال. گوپيون ....

بندرابن جي ڪنج گلين ۾،
ڍونڍيم پنھنجو ڍول.
ڪانَ بنا سُکُ ڪونهي سرتيون،
آهي سڀو هي جهول. گوپيون ....

ورهي وياڪل مات جسودا،
ڏين ڏسي نندلعل؛
ٻاڻ ڏڪايل! پرپ پڌاريو،
ٻرج ڇڏي برج بال. گوپيون ....

سانورو سڄان

گوپيون! منهنجو سانورو سڄان،
راسيون ڪاٿي ٿو رچي؛
اچا گهر ڇو نه ٿو اچي؟
گوپيون! ....

شام پئي سڀ گهر ڏانهن موٽيا،
گايون چاري گوال.
دير لائي چاڪون لائي،
منهنجي پياري لعل! گوپيون ....

گووند گرڌر!

اي شيام سندر گووند گرڌر،
اي مرلي ڌر ماڌو مَنهَر.
تنهنجي مرلي عجب اِسرار موهن،
اي شيام سندر ......

ڪهڙو نہ آهہ پيارو آواز بنسريءَ جو،
هردل کي ٿو لُڀائي هي ساز بنسريءَ جو.
تون نہ تار اڇي، ڪرتار اڇي،
هروار اڇي، لَهُہ سار اڇي.
ڪر ڀؤ ساگر مان پار موهن!
اي شيام سندر ......

توريءَ لڳي ٿو گرڌر! اوندهہ سڄو زمانو،
جوٺو جهان جاٽان ڪوڙو هي ڪارخانو.
تنهنجي ڀڳتي ڪريان، تنهنجو جاپ جپيان،
تنهنجي شرڻ اچان، تو سان ئي رهان.
تون دکايل جو آذار موهن!
اي شيام سندر ......

آءُ تون مهراج!

منهنجي گهر آءُ تون مهراج ·
آءُ تون مهراج! منهنجي گهر ....

ٺاڪر! مڇ مزماني رک لاج ،
منهنجي گهر آءُ تون مهراج ·
تنهنجي خاطر پلنگ وڇايان ،
تنهنتي سرهي سيج ٻڌايان ·
چاهه منجهارون چنوَر جهلايان ،
آءُ تون مهراج! منهنجي گهر ....

ڪيسر پيڙا پڪوان مٺائي ،
دال ۽ ڀات مون شيام ٺٽائي ·
پان جو بيڙو ڪاءُ ڪنهائي ،
آءُ تون مهراج! منهنجي گهر ....

مور مڪٽ پيتامبر ڌاري ،
نٽوَر گرڌر شيام مراري ·
ميران دکايل موهن ٽاري ،
آءُ تون مهراج! منهنجي گهر ....

اياڻي پريت

مرليءَ وارو وسي منهنجي من ۾،
بنسيءَ وارو وسي منهنجي من ۾.

پريت موهن جي ڪيس اياڻي،
ڀري ڪفني ٿيس جوڳياڻي.
گوڪل ڳولهيم مٿرا ڳولهيم؛
ڳولهيم بندرابن ۾.
مرليءَ وارو وسي منهنجي من ۾.

سڪندي ساري رات گذاريم،
ويٺي ڪنهنجي واٽ نهاريم.
آءُ نه ڄاڻان ڇاڪوُن دکايل!
دير وڌيءَ درسن ۾.
مرليءَ وارو وسي منهنجي من ۾.

لِيلا تان ٻلهار

شيام تنهنجي لِيلا تان ٻلهار،
وڃان لک وار، گيان پندار— شيام ....

مرلي جڏهن ڇيڙين ٿي موهن ڪنهن اچي ٿي،
بيسرت بانوري ٿي هرڪا پيئي اچي ٿي،
تنهنجي مرليءَ ۾ اِسرار،
ڇڏي گهر ٻار، ٿيا گپي پروار— شيام ....

گوپين سان راس ليلا گرد ر جڏهن رچائي،
ٿي شاد دل 'دڪايل' چؤطرف موج ڇائي،
اي ڪرتا، مئہ ڪرتار،
درد دک ٽار، پريم اوتار— شيام ....

شاستريه گيت:

پريت جو پيغام

ڏئي ڪوئي ڪرشن ڪنئي کي،
منهنجي پريت سندو پيغام.
سکيون شيام ...

راس رچائي، بين وڄائي، مست بڻائي، شيام،
مست بڻائي شيام، پريو! مست بڻائي شيام.

جمنا ڪناري، ڳانيون چاري، پاپي تاري شيام،
پاپي تاري شيام پريو! پاپي تاري شيام.

ڀڳت ڀلايل، ديس دکايل، ڪو در آيل شيام،
ڪو در آيل شيام پريو! ڪو در آيل شيام.

منڙي تانَ

وڄايو مرليءَ ڌر پڳوان،
مرليءَ واري پياري پياري،
منڙي منڙي تانَ.
وڄايو مرلي ڌر پڳوان!

پارت ماتا آھ دکياري،
گرڙ چڙھي اچ گِروَر ڌاري!
ڪرشن ڪنئيا ڪان،
وڄايو مرلي ڌر پڳوان!

ديس دکايل ڌرم وساريو،
تنھنجو بتايل ڪرم وساريو.
گيتا وارو گيان،
وڄايو مرلي ڌر پڳوان!

شاستريه گيت:

برج بهاري

مٿرا ويو پيئنر برج بهاري،
ڪنس مُڪو اڪرُور سنڀاهي،
پاپيءَ جي مت ماري.
مٿرا ويو پيئنر ....

موهن پيارو مٿرا پڌاريو،
بٽي ڪنس جو ڪال.
پاپي مئو ٿيو آنند گهر گهر،
ٿيا هر ڀڳت نهال.
مٿرا ويو پيئنر ....

شاستريه گيت :

پڌاريو شيام

منهنجي گهر پڌاريو شيام!
نظر فضل واري، ڪري بَنس-ڌاري.
منهنجي گهر ....

پريم ڀـريـ واري گهڙي،
آئي آئي پياري گهڙي.

رڪمڻي پتي راج،
ڪارج سنواريو شيام.
منهنجي گهر پڌاريو شيام ....

پريم وَس پريو

پـريـم وَس آيـو.
پريوُ، پريم وَس آيو ....

ڀيلڻيءَ جا ٻير، سداما جا چانور،
رچ رچ ڀوڳ لڳايو.
پريو، پريم ......

دريوڌن جا ميوا تياڳي،
ساڳ ودر گهر کايو.
پريو، پريم ......

پريت جي ريت نباهي جنهن جنهن،
تنهن جو کشٽ مٽايو.
پريو پريم ......

درسن پياسي ڏين ڏکايل،
داس جي پياس ٻجهايو.
پريو! پريم .....

شاستريہ گيت:

ڪنج بهارِي

بانسري وڄائي پياري؛
ڪشٽ ڪٽي ڪنج بهاري.
گوال ٻال، گوپين سنگ کيلي،
بانسري وڄائي پياري ....

جمنا ڪناري شور،
آئي نند ڪشور.
مک سان مرلي ميلي،
بانسري وڄائي پياري ....

من ۾ بنواري

ڀٽڪين ڇو تون مورک بندا! من ۾ بنواري،
ڪين ملي مٿرا ۾ موهن برج ۾ ڪين بهاري.

ڪي ٿا ڳولهن مڪي مديني ڪي گوڪل ڪي ڪاشي،
پريم روپ ۾ پاڻ سمايو آهه الک ابناشي،
پريم جو آهه نرالو جادو پريم جي وس گرڌاري.
ڀٽڪين ڇو تون ......

پريم رکي جن پاڻ سڃاتو پاتو پريتم گهر ۾،
پريم ديوتا رهي دڪايل! تون دل جي مندر ۾،
پريم جو آهه انوکو اثر، پريم جي مهما پياري.
ڀٽڪين ڇو تون ....

او ڪرشنا!

ڪرشنا، ڪرشنا، ڪرشنا، ڪرشنا،
ڪرشنا! ......

ڇڏي گوڪل ٿو مٿرا کي پنهنجو ڪير،
ڏاڍو نند يشودا کي آهنجو ڪيو،
رڳو پاڻ وڃي سکيو سهنجو ڪيو،
ٻلا ساٿ سکين جو ٿو ڪنهنجو ڪيو؟
ڪرشنا، ڪرشنا ......

نٿي جمنا ۾ ناٿ ڪا دُوج مچي،
نڪي برج ۾ راس جو رنگ رچي،
نڪي ڍيل ڪِلي نڪو مور نچي،
نٿي مرلي وَڄي نٿي راڌا نچي!
ڪرشنا، ڪرشنا ......

روئي مات يشودا پڪاري، ٿون آءُ،
راڻهون روز ٿي راڌا نهاري، ٿون آءُ،
تنهنجي ڏاران پيو ڪير سنڀاري، ٿون آءُ،
ڳايون ڪير ’دڪايل‘ چاري؟ ٿون آءُ!
ڪرشنا! ڪرشنا .....

آءُ تون!

شيام مراري آءُ تون،
برج بهاري آءُ تون،
گِروَر ڌاري آءُ تون،
شيام مراري آءُ تون.

تنهنجي هميشه تات آهه،
مٺڙي واڻي وات آهه،
رات ڏينهان فڪرات آهه،
موهن پياري آءُ تون. شيام ....

ڪرشن ٻول

ڪرشن ٻول، ڪرشن ٻول، ڪرشن ٻول، ڪرشن ٻول
ڪرشن ٻول، ڪرشن ٻول ....

جي چاهين دنيا کان ڪنارو ڪريان،
ڪري پاپ، دامن نہ ڪارو ڪريان،
ٻئي وهنوار جو ڪل وسارو ڪريان.
ڪرشن ٻول، ڪرشن ٻول ....

سڌارڻ جي پنهنجي گهرين آخرت،
۽ چاهين جي رهجي اچي ڪارپٽ،
چڙهي بدتريءَ کان ٿئي بهتر رهت.
ڪرشن ٻول، ڪرشن ٻول ....

ڏکيو ٿو ملي هيءُ حياتيءَ جو ٿول،
هي مانش جنم ۽ هي چولو اَمول،
ڇڏي چاهہ سنسار جو ٿي اَڏول.
ڪرشن ٻول، ڪرشن ٻول ....

دکايل! هي جيوت جو جاڳي خواب،
نہ ڪر زندگي پنهنجي ناحق خراب،
ڪو ڪر وقت قيمت جو ويهي حساب.
ڪرشن ٻول، ڪرشن ٻول ....

ڪنهن ويندو ڏٺو؟

ويندو ڏٺو گهنشيام پيئر!
ويندو ڏٺو گهنشيام؟

گوڪل گولهيم، متُرا گولهيم،
گولهيم برج تمام پيئر! ويندو ....

ڪان بنا بندرابن کهڙو؛
کهڙو گوڪل گام پيئر! ويندو ....

پنهنجو پيارو شيام ڏکايل!
ساريان صبح و شام پيئر! ويندو ....

گوپيون تنهن ٿيون آس ٿي،
هڪ درشن جي پياس ٿي،
تنهنجي ڏنل وشواس ٿي،
پڻج سنواري آءُ تون. شيام ....

قول ڪيل تون ياد ڪر،
برج اچي آباد ڪر،
دين دکين کي شاد ڪر،
ڪرڪا ستاري آءُ تون. شيام ....

گوڪل کهڙو ڪانءُ بنا،
مرلي ڌر ٻهڳوان بنا.
دين دکايل دان بنا،
مان بلهاري آءُ تون. شيام ....

شيام پيارا!

ڪڏي ملنديـن شيام پيارا!
منهنجا ڪرشن ڪنئيا ڪارا.

تنهنجي سدائي تات آ پريتم،
رات ڏينهان فڪرات آ پريتم.
ڀڳتي ڀاوَ ڀنڊارا. ڪڏي ملندين ....

پاپي ڪنس کي مارڻ وارا،
گج جو ڦند ڇڏائڻ وارا،
مرلي ڌر متوارا. ڪڏي ملندين ....

ماڳهه ودر جو ڪاڌ سڪ سان،
راضي ٿئين هڪ پريت جي ڇڪ سان.
شيام دکايل وارا. ڪڏي ملندين ....

ڪڏهن ملندين شيام!

ڪڏي ملندين شيام مراري،
منهنجا گووردن گرڌاري.

سک تنهنجيءَ ۾ راڌا روئي روئي رات گذاري
پريت جو هڪ هڪ ڀير ڀري ٿي وياڪل ٿئي ويچاري
ڪڏي ملندين ....

اڄ نہ اُٿن جمنا ۾ لهريون، لامن لوڏ وساري
گوڪل وارا ٿا رت روئن، گاين ڪي نہ قراري
ڪڏي ملندين ....

مکڻ وچن موٽائي گوپيون، ڪين ڏسي گرڌاري
تو ريءَ ڪير دلاسا ڏيندو تن کي اڄ دلداري
ڪڏي ملندين ....

گرو نانڪ ديو

(ڪروڙا)

اوتَ اَڇو تون واهه وسياوِ،
نانڪ شاهه اوتاري- آءٌ ٻلهاري.

جنهن جنهن سِڪ سان سمريو ستگر،
تنهن جي ڪيءِ ستاري- آءٌ ٻلهاري.

پنڇين ڪوڏين تي ٻيڙو تاريءِ،
ڪرم ڪلا ڌا ڌاري- آءٌ ٻلهاري.

دين دکين جي سار لڌي تو،
نانڪ نرَانهڪاري. آءٌ ٻلهاري.

نام بنا تنهنجي ٻيا ستگر!
ڪوُڙا سُڪ سنساري- آءٌ ٻلهاري.

آس رکي جو آيو دکايل،
تنهنکي ڏين تون ٻنداري- آءٌ ٻلهاري.

ڏوهڙو

بوليو پکيئڙا!

رڙي پُسايم پونڙي لڙڪن سان لوئي،
هنجون هاري کڻن پُڇان، رَچ پريم روئي.

بوليو بوليو ٿئي پکي پکيئڙا کٿي شيام سان سنگ،
چت چورائي چيٽک لائي،
ڇڏيو نهوڙي ناٿ.
آگ لڳائي جان جلائي نانءُ نهوڙي ننگ.
بوليو بوليو ....

اهڙو برهه بڇو تو برها!
ڏيا ڳجهه ڪيم ڏن ڏات.
مرلي مست بڻائي اهڙو چاڙهيو پريت جو رنگ.
بوليو بوليو ....

ويس اميري ڇڏي، فقيري،
پهريم گيڙو ويس!
ڪرشن پريم جي ڪفني پائي ڏوريان ٿي جهرجهنگ.
بوليو بوليو ....

هيڻن جو همراهه گرو

ستگر نانڪ شاهه تون،
هيڻن جو همراهه تون،
بيواهن جي واهه تون،
منهنجي پشت پناهه تون. ستگر! ....

جيوت کهڙي گيان بنا،
مسڪيني گذران بنا،
منزل تنهنجي ڏيان بنا،
ڏيندين سچي ساڃاهه تون. ستگر! ......

شاهه نانڪ!

سدا شاهه نانڪ! سدا شاهه نانڪ!
شهنشاهه نانڪ! شهنشاهه نانڪ!

نگاهن ۾ منهنجي وسين ٿو وسيلا،
بنا تنهنجي منهنجا هلن ڪين حيلا،
هاڻي آءُ هيڻن جا همراهه نانڪ!
سدا شاهه نانڪ! شهنشاهه نانڪ!

ٿون بخشين ٿو داتار! تنهن ڪي وڏائي،
جنهن دل ۾ آ تنهنجي عقيدت سمائي،
غريبي صفت تنهنجي سالاهه نانڪ!
سدا شاهه نانڪ! شهنشاهه نانڪ!

دکايل اچي جيڪو در تي سوالي،
وڃي ڪين موٽي ڪڏهن مور خالي،
سدا تنهنجي روشن آ درگاهه نانڪ!
سدا شاهه نانڪ! شهنشاهه نانڪ.

بابو نانڪ ڄايو

بابو نانڪ ڄايو خوشي منايو،
اڄ تہ اسانجا ڀاڳ ڀلا ٿيا.
بابو نانڪ ڄايو ....

ڪالوءَ جي گهر جنم لڌائين،
گهر گهر آنند ڇايو، خوشي منايو.
اڄ تہ اسانجا ....

پُرکُ ابناسي پاڻ پڌاريو،
آنند منگل ڳايو، خوشي منايو.
اڄ تہ اسانجا ....

پيرُ ڏسي پڳتن ڪي داتا،
ڪشٽ نوارڻ آيو، خوشي منايو.
اڄ تہ اسانجا ....

داس دڪايل سوالي در جو،
تنهن کي نام جپايو، خوشي منايو.
اڄ تہ اسانجا ....

درجو وڏو داتار جو،
نانءُ مِنو ڪرتار جو،
سنگ بُرو سنسار جو،
ڏَسِ ڪا رباني راهه تون. ستگر! ......

ساڌن کهڙو شڪت بنا،
شڪتي کهڙي ڀڳت بنا،
ڀڳتي کهڙي مڪت بنا،
ڏي چرنن جو چاهه تون. ستگر! ......

ڪلجگ جا اوتار آءِ،
اؤکي ۾ آڌار آءِ،
آهه مدد درڪار آءِ،
درسن ڏي داناهه تون. ستگر! ......

داس دکايل پيش پيو،
ستگر پنهنجي مهر ڪيو،
پيو ڪي هٿ وس ڪين رهيو،
ساجن منهنجو ساهه تون. ستگر! ......

ستگر کي ريجهايان

ستگر کي ريجهايان درسن پايان،
جنم جنم جا پاپ مٽايان - ستگر کي ....

ست سنگ روپي گيان گنگا ۾،
گونگو غوطو لڳايان، پاپ مٽايان - ستگر کي ....

جن ٿي ستگر پاڻ ديالوُ،
تن جو داس سڏايان، درسن پايان - ستگر کي ....

سنتن جي سيوا مَت پائيَ!
پيوسڪ مور نه پايان، درسن پايان - ستگر کي ....

دوُر دنيا جي دوُرن کان ٿيان،
چرڻ ڪمل چت لايان، درسن پايان - ستگر کي ....

ستگر ڪرپا ساڻ دڪايل!
من جي پياس بُجهايان، درسن پايان - ستگر کي ....

نانڪ شاهه

سٹي ورلاپ ڌرتيءَ جا اُتارڻ بار آئين تو
حسد جي باهه ۾ سڙندو ڏسي سنسار آئين تو
نانڪ شاهه، نانڪ شاهه، نانڪ شا

پنجن ڪوڏين تي ٻيڙو تاريءَ،
ڪوڏي راڪس جو ڪشٽ نواريءَ،
سڪَ سنگت جو ڪاج سنواريءَ،
ويساهين ڪان مور نه واريءَ،
ڏينن جــو ڏک تــاريــو،
پنهنجو برد سنڀاريو. نانڪ شاهه!

بنا تنهنجي گرو ٻيو ڪو وسيلو ڪين پانيان
جڏي جيوت کي ناهڻ جو ڪو حيلو ڪين پانيان

در تنهنجي تي آيس داتا!
ٻيا سڀ جڳ جا ٽوڙي ناتا،
تون گرديو تون گيان گياتا،
پيچ 'دکايل' توسان پاتا،
تنهنجو درسن پايان،
من جي پياس مٽايان. نانڪ شاهه!

ڀلا ڀاڳ پايان

آيا سنگر، آيا سنگر، ڀاڳ ڀلا پايان،
درشن پايان، پاپ مٽايان،
چرنين چت لايان - آيا سنگر ....

پريم ڏسي پريپ پاڻ پڌاريا،
داسن جا اڇي درد نواريا،
مهر ڪيائون، مُهٽ ڏنائون،
کهڙا ڳڻ ڳايان - آيا سنگر ....

جن جن سمريا سنگر پُورا،
تن جي من جا ويڙا وسُورا،
راهه ڏسيائون، ڪشٽ ڪٽيائون،
سمري سُک پايان - آيا سنگر ...

داس دکايل در جو منگتو،
شاهن شهه جي شرڻ اچي پيو،
پال پلايون، پاڻ ڪيائون،
لائق مان ناهيان - آيا سنگر ...

اُڪير

اچي سنگر تون مل مون سان،
روئي رانهون نهاريان ٿي.
تنهنجي سڪ ۾ پري سڏڪا،
هنجون ڏينهن رات هاريان ٿي.
بنا تنهنجي پلا ڪهڙو مزو هن زندگانيءَ جو
ڏکن وارا ڪٽي ڏينهڙا،
گهڙي گهڙي روز گهاريان ٿي - اچي سنگر ...

جڏهن مايا جي وس ٿي مَن وساري ٿو ڇڏي توکي
تڏهن تنهنجو مٺو نالو،
وٺي ممتا کي ماريان ٿي - اچي سنگر ...

کٽي دل ٿي اڌ مبرمان، دنياداري سراسر مان
جڏا ٿين ٿا جتن، ٻر جي،
ڪو پل توکي وساريان ٿي - اچي سنگر ...

تمنا تنهنجي درسن جي سڄڻ! مون ساهه سان سانڍي
دکايل! دل ڪٺي توکي،
صبح سانجهيءَ سنڀاريان ٿي - اچي سنگر ...

مرادن جو گنج

ڪاڻ سري، ستگر! تنهنجي نانءُ ٻنا.
منهنجي ڪاڻ سري ستگر! تنهنجي ....

جنهن جنهن سڪ سان ستگرو! توکي سنڀاريو،
تنهن سيوڪ جو تو اچي تتل مَن ٺاريو،
ڪارج سنواريو، ڏيئي هٿ همٿ جا.
ڪاڻ سري ستگر! تنهنجي ....

جو، جو تنهنجي در تي آيو سوالي،
موٽيو مُوران ڪينڪي صاحب! سو خالي.
داتا ديالي آهي تنهنجي آڻ مَٽي.
ڪاڻ سري ستگر! تنهنجي ....

ٻاجهه ڀريا! جيڪو اچي توکي ٻاڏائي،
ڏين، 'دکايل' دردوند، ٻيوس سڏائي.
سيوڪ سو پائي مڙيوئي مرادون من جون.
ڪاڻ سري ستگر! تنهنجي ....

آپار مهما

مهما آهہ آپار، پيئنر! ست سنگ جي
ست سنگ جي گُرَ رنگ جي.
مهما آهہ آپار- پيئنر! ....

اکر اکر ۾ الک لَکائي،
واهگرو نام جو جاپ جپائي.
آهہ رسيلي تار- پيئنر! ....

ست سنگ مايا موهہ مَٽيٿو،
جمڻ مرڻ جا بَندَ ڪَٽيٿو.
اوٿ وٿو هروار- پيئنر! ....

ست سنگ دل ۾ ڪرٽا اُپائي،
تون ۽ مان جو ڀيد ڀُلائي.
ڏي ايڪو اونڪار- پيئنر! ....

ست سنگ جو رنگ آهہ نرالو،
اوندهہ ٽاري ڏي ٿو اُجالو.
سُرت دڪايل ڏار- پيئنر! ....

واهگرو نام جهاز

ستنام، ستنام، ستنام جي،
واهگرو، واهگرو، واهگرو جي.

تون جپ پاڻ پيارا ۽ ٻين کي جپاءِ،
نتوپرت شرڌا سان گر گيت ڳاءِ،
رکي پريم ستنام سان لنوَ لڳاءِ،
اچي انت ويلي جو ٿيندءِ سهاءِ.
ستنام، ستنام ....

سندس نام سمرن جو پل پل ڪري،
تتل هردو تنهن جو ٿو سيتل ڪري،
ڪڍي ملَ، ٻڌي کي ٿو اوجل ڪري،
ڏئي آتما گيان پربل ڪري.
ستنام، ستنام ....

ڀڳت پاونا سان پڪاري اچي،
ڪري دور دک، درد ٽاري اچي.
ڪڍي لهر لوڏن مان تاري اچي،
دکا ئيل لڳائي ڪناري اچي.
ستنام، ستنام ....

ست نام جپيون

ست نام، ست نام، ست نام جي،
واهگرو، واهگرو، واهگرو جي.

اُسر جو اُٿي اهڙو آلاپ ڪر،
ورهه ۾ پڳل دل کي ورلاپ ڪر.
ٽرن تار ستنام جو جاپ ڪر،
سڀ دور ٿن جو هي سنتاپ ڪر.

ست نام ....

وڃي اوٽ جن آهه ستنام جي،
رهي ڪين تن کي طلب طعام جي،
گهٽيري نڪا گهرج آرام جي،
ضرورت نه چاڙن سرڳه ڌام جي.

ست نام ....

سدا ساڌ سنتن جي ٽولين منجهان،
ڏکايل سندن صاف ٻولين منجهان،
اچي مات گنگا جي ڇولين منجهان،
پکين جي مٺيءَ لات لولين منجهان.

ست نام ....

گرو گوبند سنگهه

پر-اُپڪاري آيو گوبند پر-اُپڪاري آيو،
پُرک اوتاري آيو گوبند پر-اُپڪاري آيو.
ڪلنگيءِ وارو باجن وارو،
تيغ ڪروءِ جو لعل پيارو،
پٽنا نگر ۾ جايو. گوبند پر-اُپڪاري آيو.
پوهه سُتنءِ تي پرب پڌاريو،
اوندهه ويئي ٿيو اُجيارو،
قدرت چند چمڪايو. گوبند پر-اُپڪاري آيو.
ڀاڳن واري گجري ماتا،
گود ۾ جنهنجي کيڏيو داتا،
لايو ٿيس سجايو. گوبند پر-اُپڪاري آيو.
هوس نندي ئي نينهن ڌرم سان،
چاهه چگيرو هوس ڪرم سان،
ڪڏهن نه هن ڪيپايو. گوبند پر-اُپڪاري آيو.

گرو گوبند سنگهہ جا صاحبزادا

هنجن سان هاڻي ٽَر لون شهيدن جي چکيا ڪر.
اي چرخ ستمگر!
جن جان ٻليدان ڪئي ڌرم جي خاطر،
اي چرخ ستمگر!
ٻيءَ ماءُ جو جن پورو اجا پيار نہ ماڻيو،
سنسار نہ ماڻيو؛
هو جن جي چپن تان نہ سُکو ڪير سراسر.
اي چرخ ستمگر!
ٻنهي تان مٿي ڌرم جو جن پار سڃاتو،
۽ پيار تئي جاتو.
قربان ڪيو ديش تان جن آئينده آخر،
اي چرخ ستمگر!
جنهن وقت چُٽيا پِٽ ۽ گرو شَنگھ جا فرزند،
فرزند ارجمند.
ماتم ٿيو ٻيا هرسوُ نظارو هو پرائر،
اي چرخ ستمگر!

پرارٿنا گيت

جڳ جا مالڪ

جڳ جا مالڪ وِس جا پالڪ تنهنجو هڪ آڌار،
تنهنجو هڪ آڌار سدائي تون قائم ڪرتار.
جڳ جا مالڪ! ....

ڌرتي تنهنجي ذات اِلاهي سورج ۽ آڪاس،
پاڻي، سان تو پياس مٽائين پوَن وجهي تو ساس،
پنج مهاڀوتن سان تنهنجو چالو ڪاروبار.
جڳ جا مالڪ! ....

کشميري پنڊتن پاڙايو،
پنهنجي ـ ڪن جو حال سڻايو،
تن جو سڏ ورنايو. گوبند پر۔ اُپڪاري آيو.

تيغ پتا کي عرض ڪيائين،
تن جي واهر لاءِ چيائين،
ڌرم جي لاج بچايو. گوبند پر۔ اُپڪاري آيو.

ديش ڌرم لءِ ڇا نہ سٺائين؟
صاحبزادا چار ڏنائين،
منڙو بيءَ کُهايو. گوبند پر۔ اُپڪاري آيو.

ظالم سان هردم لڙندو آيو،
ڪنهن جي اڳيان هن سِر نہ جهُڪايو،
ديس جو جهنڊو جهلايو. گوبند پر۔ اُپڪاري آيو.

جهرڪيءَ کي جڏي باز بڻايان،
گوبند سنگهہ تڏي نانءُ چوايان!
اهڙو وچن نڀايو. گوبند پر۔ اُپڪاري آيو.

اچ دسميس جو جنم ملهايون،
گيت ”ڪائيل“ تنهن جا ڳايون.
جنهن نرَ نام جپايو. گوبند پر۔ اُپڪاري آيو

گڻ ڳايون

سائين! چرن سرن تنهنجي آهيون،
تنهنجا گڻ انيڪ نت ڳايون،
سائين! چرن شرن تنهنجي آهيون.

چنڊ جي چاندني سج جي روشني،
تارن جي ٽم ٽم تون.
تون بادل، بادل جي ڪِنوڻ تون،
بوندن جي رم جهم تون.
تون رنگي، هي سڀ رنگ تنهنجا،
تنهنجون وڏيرن وڏايون.
سائين! چرن سرن تنهنجي آهيون.

تون اَپار قدرت جو ڪرتا،
سڪ داتا دک هرتا.
تون خالق خلقت جو والي،
ساري جڳ جو پرتا.
جڳ جڳ تنهنجي جئہ جئہ ڳائي،
جوت اکنڊ جاڳايون.
سائين! چرن سرن تنهنجي آهيون.

نندِ وڏائي تو نہ ٻڏائي تو وٽ پيد نہ ڪ
جيڪي تو خلقيو سڀني لۓ هڪ جهڙو خلق
وَڏ اولادي آهين تنهنجو ساڳيو سڀ تي
جڳہ جا مالڪ! ....

ٻل ٻڌي تو بخشيو سڀ کي پورهئي لاۓ سر
محنت ساڻ ڪمائي کائي هرڪو ڪنڌون ڪ
گڏ جي مسجي پائن پهرن ڏين هڪ ٻئي کي پيد
جڳہ جا مالڪ! ......

سمجهہ سچي ڏي، راهہ سئين ڏي، هي جڳہ جا پڳوا
تنهنجو نوڪان ڪجهہ نہ لڪايون، ڪونہ ڪريون ايما
تنهنجو روپ ڏسون ڪَڻ ڪَڻَ ۾ هڪ آتم اِسر
جڳہ جا مالڪ! ......

تنهنجو سڀني سان هڪ جهڙو آهہ عدل انصاف
چوري زوري جي ڪوهاند وڪين ڪندين تون معاف
پيار سان گڏ گڏ تنهنجي دکايل! آهہ سزا نرو
جڳہ جا مالڪ! ......

ديش جي ڀڳتي ديش جي شيوا،
سرڳ جي باغ جا مٺڙا ميوا،
ڏيئي ڀال ڀلائين - او سائين ...

پاڪ خيال ۽ دل پوتر ڏي،
همدردي تنهن سان شامل ڏي،
سيرت سرس سدائين - او سائين ...

اوچ ۽ نيچ جو ڀيد ڀُلايون،
پاڻ کان ڪنهن کي گهٽ نه ڀايون،
پريم جي جوت جڳائين - او سائين ...

بالڪ آهيون ننڍڙا ننڍڙا،
ٻير اسانجا ڪچڙا ڪچڙا،
ٿاڻ سڻين دڳ لائين - او سائين.

او سائين!

سائين! مهر وسائين .

او سائين، سائين مهر وسائين .

ساريءَ وِس کي پالڻ وارا،
ڌهر ميا جا ڪر وسڪارا،
رم جهم رنگ رچائين - او سائين ...

چرن سرن ڏنهنجي سنگت ساري،
ڦُولي ڦلي شل هيءَ ڦُلواڙي،
گل ڦل باغ بڻائين - او سائين ...

اسين ٻالڪيون

اسين ٻالڪيون ڌنهنجي دَر تي سوالي،
مهر ڪر اسانتي سڄي جڳ جا والي!

اسين باغ دنيا سنديون ننڍ مکڙيون،
تون راکو اسانجو شهنشاهه مالي.

وديا ڏن وٺي، ڏيون سدا فيض ٻين کي،
سڄڻتا سان سڀ جي ڪريون پرت پالي.

سدا سيل ست جو ڪريون موتي پيارو،
سندءِ نام سيوا سان پايون نهالي.

سُگهڙ ٿي سنياليون ٻڌي وشو ڪُڙمي،
مدد ڪر اسانکي ڌنهنجو شان عالي.

ٻجون ڪين ڪنهن کان رکون بي ٻِپي دل،
ڏري روُپ ڪاليءَ جو ٻڻجون اکالي.

راھ ڏي سنئين!

راھ ڏي سنئين، منھنجا مالڪ!
آءُ اُئين ڪريان، جيئن تون چئين.
راھ ڏي سنئين. منھنجا مالڪ!

ڪام، ڪروڌ، لوڀ، موھ، آھنڪار،
ويا وڪوڙي پنج وڪار،
چنتا چت جي جاڳي ٿي روز روز نئين.
راھ ڏي سنئين، منھنجا مالڪ!

جڳت مُڪت جي رھي نہ چاڻ،
ويئي وڌي من جي چڪتاڻ،
ڪايا روڳي جيءُ ڪيا پاپ تاپ ڪئين.
راھ ڏي سنئين، منھنجا مالڪ!

دين ھيڻ جاڻي داتار،
ديا دکايل تي ڪا ڌار،
نفس نِجس جي جنھن خواري بار بار ڪئين.
راھ ڏي سنئين، منھنجا مالڪ!

آپار رنگ

عاليشان سندءِ دربار،
والي! تنهنجا رنگ آپار.

تون حاڪم تون حڪم هلائين،
ٿن لوڪن جو راڄ ڪمائين،
تنهنجو راڄ اکنڊ سدائين.
سائين! سرجڻهار- والي! ...

گل ڦل ۾ رنگت تنهنجي،
هرجا حسن حقيقت تنهنجي،
سڀ ٿا سان صداقت تنهنجي.
تنهنجو ڪل اظهار- والي! ...

تون منهنجو، مان تنهنجو اُپايل،
تون جڳ ۾ جڳ تو ۾ سمايل،
داتا! تو در آيو دکايل.
دان ڏجانءِ داتار- والي! ....

روئيءَ جي پرارٿنا

ننڊڙي مالا گود ۾ کير ڏيئي پالين،
وڏڙي روئيءَ ساڳ سان سڀجي سنڀالين.

رازق! تنهنجي رزق جو سارو جڳ محتاج،
پنهنجيءَ رحمت راز سان سارين سڀ جو ڪاج.

جيڪي جڳ ۾ آهه سو جاڻي ذات ڏنو،
تنهنجي پاڻي ئي رهي منهنجو من پنو.

تنهنجي هٿ ئوڪان نه شال امانت وارياڻ،
ڏيئي تنهنجيءَ وات ۾ پوءِ نه پچاريان.

مونکي سياڻپ زور جو بخشيو ئو پڳوان!
هردم حق جي راهه ۾ آڻيان ڪم سبحان!

ھٿ ھٿ آھ پسارو تنھنجو،
نرمل نُور نظارو تنھنجو،
سڀ کي ناٿ! سھارو تنھنجو،
تو بن منھنجي ڪير پُراڻي،
ناو لڳائي پار،
سائين تنھنجا رنگ اپار.

علم سان روشن ڪر دل منھنجي،
مھر ميا سان ڀر دل منھنجي،
توسان رھي اڪثر دل منھنجي،
سيوا مقصد رھي دکايل!
وسري بيو وھنوار،
سائين تنھنجا رنگ اپار.

تون ئي تون

سائين تنهنجا رنگ آپار،
تنهنجا رنگ آپار سائين! تنهنجا رنگ اپار.
تون ٻرَ ۾ تون ٻٽ بستيءَ ۾،
تون جهر جهنگ وسڻ وستيءَ ۾،
تون ئي فنا ۾ تون هستيءَ ۾،
وانجو ناهه وجودُ تون تنهنجي،
جوڙيءَ جو جنسار،
سائين تنهنجا رنگ اپار.

ڏي ڏات ڪٽي، خاوند ڪٽي،
سائين سا ٻٽي، جا توکي وڻي.
تنهنجي مهر مٽي، اِسرار ڏٽي!

ر ڪنهن کي ري گهڙئي تون نت روز ٿو رسائين،
وڙي اسين ٻُرا ٿيون ته به ٻُرو نه پائين.

تنهنجي حمد و ثنا، ڳايون شام و صباح،
ڪر فضل عطا، ڏي سمجهه صفا،
تنهنجي در تي صدا، داتار ڏٽي!

اجي نه فرض پنهنجا والي! ڪڏهن وساريون،
اپن ڪان نت پري ٿي شل ڏيان تنهنجو ڏاريون.

اي شاهن شاهه، ڏي پنهنجي پناهه،
جا تنهنجي رضا، رهون راضي سدا.
تون دکايل جا دک ٽار ڏٽي!
اي والي وڏا، آڌار اَجها ....

آڌار آجها

اي والي وڏا، آڌار آجها!
اي سائين سچا، ساري جڳ جا،
ڪر مهر ميا، مختيار ڌڻي!

در تنهنجي تي اي داتا! شاهه و گدا اچين
تنهنجي ديا سان سائين، هرڪو رجي رڄين

پتي ڀڳتي

ديوي جاڻ پتي ڀڳوان ·
ساکي ڏين ٿا ويد پُران - ديوي! ....

پت آگيا جو نرادر جيڪا ڪري هنياءِ نار،
تنهن ناريءَ جو اپجس جڳ ۾، هرجا ٿئي اپمان ·
ديوي! جاڻ پتي ڀڳوان ·

پت - ڀڳتي سيتا ماتا جي ڳائي ٿو سنسار،
انسويا، چوڙالا، اهليا، جن جو اوُچ آستان ·
ديوي! جاڻ پتي ڀڳوان ·

جاڻ اُتم ناري سا جڳ ۾ جنهن جو پت سان پيار،
پت چرنن ۾ پريت لڳائي، ڌاري پت جو ڌيان ·
ديوي! جاڻ پتي ڀڳوان ·

جپ تپ نيم نه پالي، جنهن جو پت ويسهه پربيڻ،
پتورتا جو آهه دکايل! مول پتيءَ ۾ پران ·
ديوي! جاڻ پتي ڀڳوان!

ڪرم ڪر

صاحب ڪرم ڪري ڪري،
ڏات ڏيا جا مهر ميا جا،
ڏيندين ڏاڻ ڀري ڀري.
صاحب ڪرم ڪري ڪري.

ڻن لوڪن ۾ تنهنجي ڪايا،
ٽن لوڪن ۾ تنهنجي مايا،
نوگڻ روپ، آلک آنوپ،
جڳ مڳ جوت ٻري ٻري.
صاحب ڪرم ڪري ڪري....

تنهنجا ئي اسرار اشارا،
پونءِ اندر ٿا هلن پنڌارا،
لوڪي ساريون، پل نہ وساريون،
تنهنجو ڏکايل نانءُ اُچاريون.
ٿون ڪَل جو، ڍڪ پردو،
اوڪي ويل ٽري ٽري.
صاحب ڪرم ڪري ڪري....

پرلاءَ

فهرست

صفحو

مؤمل راڻو

هير رانجهو

سسئي پنهون

حيدرآباد سينٽرل جيل اسپتال جي ٽنڍين
ارڊ ۾ داخل ٿيل هوس، جتان هڪ طرف هيراباد
ا عاليشان ۽ پڪا بنگلا نظر ايندا هئا ته ٻئي
لرف ڪالي مندر جي آس پاس واريون ڪچيون
ونگيون ڏسبيون هيون. هڪڙيءَ شام جو، جيئن
ڙ باٿ-روم واريءَ ڳڙڪيءَ وٽ بيٺي ٻاهرئين
نيا جو ديـدار ڪيو، ته اوچتـو ڪنهن اچي
ڪلهي تي هٿ رکيو. هوءَ بيمار ٿي منهنجي پر
اريءَ کٽ تي لاڙو آيو هو. خون جي ڏوهه
يٽ عمر قيد جي سزا مليل هيس. ڪاليءَ
لرف وسندڙ جهوپڙين ڏانهن اشارو ڪندي
يائين، ”ادا! هوءَ نه جيڪو جهنڊو ڦڙڪندو ٿو

سهڻي ميهار

لاڏا ۽ لوليون

ڀُلنامو

صفحو	سٽ	غلط	درست
۳۲	۱۰	ڏکيو ڏينهن	ڏکيرو ڏين
٦۰	۳	ونبي ڦر وبا راس	ونبي وبا ڦر ر
۷۱	۱	اڄڪ عام	اَڄڪ عار
۹۲	۹	ٻوزا ٿي ڌ بو	ٻوزا ٿي ڌ
۱۱۰	۸	سپائي اهي	سپائي غل ا

نهنجي شنڪا دور ڪرڻ لاءِ هن چيو- ”پالٽو
ابر جو هڪ مشهور ڪاريگر هو. سندس ٺاهيل
ت ۽ چڪرا وڏن وڏن اميرن وٽ ڪجهي ويندا
ئا. منهنجو گمان ٿيڻ ئي وڏيو. چيومانس-
واريءَ جي پٽن تي اِهي رٿ چڙهندا لهندا
وندا؟“ چيائين- ”اُت ئي ته گهلي ويندا هئا.
ڄ به ڪي پراڻا چيلا اِنهيءَ ڳالهه جا شاهد آهن.“
ير مون ته ٿر انهيءَ وقت اجا ڏنو ڪونه هو.
نهيءَ ڪري سندس ڳالهه کي اُڌيل ڪونه ڏنم.
هن چيو- ”هڪ ڀيري پالڻي هڪ نهايت سندر
رٿ ٺاهيو. ڪنهن دوست صلاح ڏنس ته اِهو
رٿ ڪڇ-راڄ جي حاڪم وٽ جي ڪٽي وڃين
ه جيڪر ڏهرا اِنعام پائي موٽين.“ پالڻي جي
ل سان هيءَ ڳالهه لڳي ۽ هو پنهنجي ڪاريگريءَ
جو اَمت شاهڪار، ڪڇ ڪاهي هليو. اُتي پهچي
ن رٿ راجا جي اڳيان آڻي بهاريو. ڪڇ جو
حاڪم، سنڌ جي هن ٿري ڪاريـگر جي ڪلا
ڏسي ڏاڍو خوش ٿيو ۽ رٿ خريد ڪرڻ جي
هام پريائين. ليڪن قدرت کي ڪا ٻي ڳالهه
پسند هئي. حاڪم جون ٽيڻي راڻيون اهو رٿ

ڏسين، انهيءَ جي پاسي ۾ ئي منهنجو گهر
اَٿيئي. منهنجي پيءُ ماءُ، زال ۽ ٻه ٻار اِتي
رهندا آهن ۽ آءٌ هت ماريءَ وانگر جڪڙ
جي ڪوٽ ۾ بند آهيان." اِئين چوندي چوند
سندس اکين ۾ پاڻي تري آيو. اُنهيءَ وق
منهنجي اندر ۾ ڪا مٺي خاهش پيدا ٿي ۽ ا
ڪٽ تي ليٽي پيس.

سامهون واري بادوان منجهان، چنڊ
ترورا منهنجي منهن تي پئجي رهيا هئا. دل
جذبات جو طوفان هو. اُنهيءَ گهڙي ماروي
اَمرڪوٽ اڳي منهنجي اکين اڳيان بيٺا. مو
جهونگارڻ شروع ڪيو ۽ اِئين ٻني ڪافيون لـ
ورتم. تنهن کان پوءِ تـــه عمر ماريءَ باب
جهجهيون ئي رچنائون وجود ۾ آيون.

۱۹۳۲ع جي جيل واري عرصي ۾، هڪ ٽو
راجنيتي قيديءَ عمر ماريءَ جي ڪهاڻي ٻڌا
هئي ۽ اُها اَڄ به جيئن جو تيئن مونکي ياد آهـ
هن ٻڌايو هو تـه ماروي، ميراڏيءَ جي پيٽان جا
ٻرابر هئي، پر هوءَ پالڻي جي ڌيءَ نه هئي
سندس حقي پيءُ ڪڇ-راڄ جو هڪ اُمير ه

هوءَ سهيلين سان گڏجي اِهو ڏسڻ آئي هئي. هن
رت جو ٿاهيندڙ پالٽو ٻه ڏنو ۽ هرک هاري
وينِي. دل ۾ پڪو پهه ڪيائين ته انهيءَ ڪاريگر
سان ئي رهنديس. انهيءَ ڪري مُنهه اونداهيءَ
ڏو وجهه وئي، رت جي پوئين پاسي هڪ ڪنڊ
ر لڪي وڃي ويهي رهي. رت هلڻ ۽ هوءَ
انهن لوڏن ۾ غرق ٿي ويئي. رت جي ڦيٿن
سان گسندڙ ڪستوريءَ جي سڳنڌ، تَوڙي هرڻ
جي آنڊن جي وڃندڙ تارن، جن کي هوا رکي
رکي ڇيڙي رهي هئي، ميراڏيءَ کي خمار ڏيئي
ڇڏيو ۽ هن جي اکين اک لڳي ويئي.
پره ڦٽيءَ جو پالٽي اُٺ کولي ڇڏيا. آزاد
ورن جي ڇينگهاڙ ٿي ميراڏيءَ جي اک کلي
۽ هوءَ پاڻ کي رت ۾ ڏسي وسي ٿي ويئي.
ڏيري ڏيري سڄي ڳالهه سندس حافظي ۾ جاڳي
اٿي ۽ هن کان هڪ گونگو سڏڪو نڪري ويو.
ر هاڻي ته هن جو پوئتي موٽي وڃڻ به محال
هو. ڪنهن اچانڪ جذبي وس هوءَ نيم مدهوشيءَ
ر رت ۾ وڃي ويٺي هئي. وڏي ڳالهه ته سندس
بيت ۾ پارهو ۽ ٿورن مهينن ۾ هوءَ ماءُ ٿيڻ

پنهنجي پنهنجي راڄ-طبياي ۽ بهارڻ جو هم
ڪرڻ لڳيون. نتيجو اِهو ٿيو جو راجا لاچار ٿ
رٿ خريد ڪرڻ تان هٿ ڪنيون. هن، پالڻ
کي چيو، ”جڏهن اهڙا تي رٿ تيار ڪري هم
ڪٽي ايندين ته اِنعامن سان اصل اهڙو ته ڍ
ڇڏيندوسانءِ، جو تنهنجون ست ئي پيڙهيو
ويٺيون اُنهيءَ تي تڳنديون.“

پالڻي، هن رٿ ٺاهڻ ۽ ايترو گهڻو وق
لڳايو هو، جو وڌيڪ به رٿ تيار ڪرڻ جو
خيال به ڪري نـٿي سگهيو. انهيءَ ڪري ه
نهايت معذوري ڏيکاريندي چيو، ”قبلا! ا
حياتيءَ سات ڏنو ۽ همت برقرار رهي ته ٻيئ
رٿ ڪاهي اچي حضور جـي خدمت ۾ حا
ٿيندس. نه ته اهڙو ته آهيان ئي....“

رات جو جڏهن هن ملير موٽڻ لاءِ رٿ
ٻڌايو، تڏهن هن وٽ نراشا کان سواءِ ڪج
ڪين هو. ڪيس ڪهڙي خبر ته آشا جي روپ
رٿ جي پوئين حصي ۾ هوءَ ڪڇ جي هڪ آ
جي سدامِلوڪ ڪنوار ڪنيون ٿو وڃي! ميراڏي
جڏهن پالڻي جي رٿ جي ساراهه ٻڌي تڏه

...ان پوءِ کو ٻار ٿيو ئي ڪين. ايتري قدر جو
...جڏهن ڪين پٽ جي اولاد جو خيال ٿيو ته ڦوڳه
...الي، پاڙي جو هڪ اناٿ ٻـار ٻنيباو ڪري
...پاليائـون؛ جو ئي وڏو ٿي مارئيءَ جي مصيبت
...جو ڪارڻ بـڻيو. ڦوڳه جي مرضي هئي ته مارئي
...ساٿس لائون لهي. ٻئي پاسي پالٽي کي اِها ڳالهه
...پسند نه هئي. هن سمجهيو ته آخر ڦوڳه کي ٻنيباو
...ڪري پاليو اٿئون، انهيءَ ڪري هوُ مارئيءَ
...جي پاءَ سمان آهي. اِهوئي سبب هو جو پالٽي
...توڙي ميراڏيءَ تهه تڪڙ ۾ مارئيءَ جو مڱڻو
...کيت سين سان ڪري ڇڏيو، جو مائر جي جوانن
...جو جڻ نڪ هو. مارئيءَ کي به اِها ڳالهه ڏاڍي
...وڻي. ليڪن ڦوڳه کان اِهو سٺو نه ٿيو ۽ هن
...رقابت جـي جوش ۾ اچـي اَمرڪوٽ جي
...حاڪم همير سومري جي پٽ عمر کي وڃي ڀڙڪايو
...۽ آخر هن کان اهو ڪم ڪرايائين، جو هوُ مائر
...اچي مارئيءَ کي زوريءَ ڳوٺ ڏان ڪـڻي ويو.
...وڏيڪ آڪاڻيءَ جي باري ۾ ڪجهه گيت ٻڌائيندا
...۽ ڪجهه ڪهاڻيءَ بابت جاڻ جي جڳياسا. اچو
...ته وطن جي پيار سان لبالب اهـي ڪافيون

واري هئي. سڀ ڳالهيون سوچيندي هن کا
هڪ هاڪي چيخ نڪري ويئي. پالٽو، رت جي
پاسي کان واريءَ تي ليٽيو پيو هو. سفر
اوجاڳي جي ٿڪاوٽ سندس اکين تي ڪير
چاڙهي ڇڏيا هئا. ميراڏيءَ جي اچانڪ ڪي
چيخ، پراڏو بڻجي هن جي ڪنن ۾ وڃي ويئي
۽ هو اُٿي ڪڙو ٿيو. هن ڏٺو ته هڪ وچولي جوا
عمر زعفا، سندس پرسان بيٺي هئي. پالٽي ڪ
نيٺ سمجهيءَ حقيقت جي خبر پيئي ۽ هن ميراڏي
کي دلداري ڏيندي چيو، "چئين ته پٺتي موٽا
هلان؟" ليڪن اُنهيءَ موٽي هلڻ جو نتيجو ڪهڙ
ٿيندو؟ اهو ويچاري گهٽ ۾ گهٽ ميراڏيءَ ج
بدن جڻ بيد جي لڪڻ وانگر ڏڪي ويو. نيٺ
گهڻي ڳڻ ٽور کان پوءِ اِهائي ڳالهه بيٺي ته ميراڏي
پالٽي سان گڏجي ملير وڃي وسائيندي. ٽري
ياءُ وٺيڪ چيو، "پالٽو، ميراڏيءَ کي ملير وٺي
ته آيو ۽ هن کي زال بڻائي گهر ۾ رکيائين پڻ
اِن هوندي به ميراڏيءَ کي سداءِ پراڻو ننگ
سمجهي سنڀاليائين. هن ڳالهه جي پشتي يا تاعي
۾ هن اهو دليل ڏنو ته ميراڏيءَ کي مارئي

عمر مارئي

وطن ڪيئن وساريان

عمر پنهنجو پيارو وطن ڪيئن وساريان،
ڏينهان راتيان ويٺي مِٺو ماڳ ساريان.

مٿي سون چانديءَ کان واري وطن جي،
وسڻ ڀائو! پايان ٿي پياري وطن جي،
وطن کان پري شل نه پل ڪو گذاريان،
عمر! پنهنجو پيارو وطن ڪيئن وساريان.

جهونگاريون ۽ ڳايون. جيڪي هندستان ج
آزاديءَ جي لڙائيءَ وقت ڳوٺ ڳوٺ ۾ ڳا
اسان پنهنجو ملڪ آزاد ڪرايو ۽ هاڻي به اِ
ساڳيون ڪافيون ۽ ڪلام اسانکي وطن جي خ
جا سبق پڙهائيندي، ملڪ جي آزادي برقرار رَ
جو اُتساهه پريندا رهندا اسانجيءَ نس نس ۾.

پنوهارن جي ياد

جڏي پوَن ٿا ياد پنوهار عمر!
ڏُکي دل جا اُٿن ٿا بخار عمر!

ڪيئن گهوٽ بنا هٿ گهاريندي يس،
ميان! ويڙهيچن کي وساريندي يس،
تنهن کان پاڻ مُنهِي آءٌ ماريندي يس،
متان مارو نه ڏين ڪا ميار عمر!

نڪي ڪاڄ سلوڙا ڪائيندي يس،
تنهنجو ريشم راؤ هنڊائيندي يس،
مَتِ مؤر نه پيرن پائيندي يس،
تنهنجا هيرا لعل هزار عمر!

پل پل ٿا دکايل پوُر پون،
ٿل مارو مير ملير مان،
ڪري ياد سنگهار ٿا نيڻ ٽمن،
مِنِي آهه مِنِن جي سنيار عمر!

لِڳن ٿان نه لاهيان لَڪو هي وطن جو،
ٻرين ٻَٽَ ڪان کُهرو ڪٿو هي وطن جو،
ڇڏي ڪين پنهنجو، پرائو پچاريان!
عمر! پنهنجو پيارو وطن ڪيئن وساريان.

ٽڪيندي آباڻا ڏُکيو ڏينهن لَڙي ويو،
عمر! ويرُ قسمت جو آخر پڙي ويو،
ڪٽي نبڻ، پيڪا پَڪا ٿي نهاريان،
عمر! پنهنجو پيارو وطن ڪيئن وساريان.

دڪايل، اٿم وات وائي وطن جي،
مِٺي دل ۾ محبت سمائي وطن جي،
وڇوڙي وطن ڪان هنجون روز هاريان،
عمر! پنهنجو پيارو وطن ڪيئن وساريان.

كيئن سَري

مارن ريءِ كيئن سري،
عمر! منهنجي، مارن ريءِ..........

واڳه وطن شل وري،
عمر! منهنجي، مارن ريءِ..........

ساعت سال ٿي پايان،
پيڪن کان هت پري،
عمر! منهنجي، مارن ريءِ..........

ڪوٽ چڙهي جڏي ڪانگ لنوين ٿو،
اوچتو آڪ ٿي قري،
عمر! منهنجي، مارن ريءِ..........

كيت بنان هت دل نہ دكايل،
ڳاري ڳجهه ٿي ڳري،
عمر! منهنجي، مارن ريءِ..........

آدا ڙي عمر!

عمر! ڏاڍ ي ڳالھ ڪري ڇڏيءَ ڪسي.
چوري مـُرڪُ مَلوڪ نہ تنھنجو،
بات بـٽـِي بي جسي. عمر! ڏاڍي.......

مان تہ ھيس حق ڀڏڙي ڪينت جي،
جنھن ڪان تو ناحق ڪسي. عمر! ڏاڍي......

ڪيـر سايندو سانگيڙن سان،
مٽي جي وچي بيڪسي. عمر! ڏاڍي......

ڱھوريا شـراب ۽ شربت تنھنجا،
پيڪي پيٽان وچي لسي. عمر! ڏاڍي......

اُنـڙا مينھن مـايـر تي،
پيا واريا سا پٽ وسي. عمر! ڏاڍي......

مر نہ ڪڄي مڙھ مٽيءَ جو دڪايل!
بيڪا پـڪا سي پسي. عمر! ڏاڍي......

آئي مند ڏي مند واءِ موتي،
موتيا کين مگر مُنڌ جا ڳوتي،
پايان زهر پيئڻ کائڻ روتي،
ويني پوُر پچايان پنهنجي پيارن جا.
پل پل پوُر........

اَک سانگين ڏاران سُکي ئي نٿي،
هيءَ مهل ڏکيري مُکي ئي نٿي،
چوُڪ پاڳہ ٻري جي چُکي ئي نٿي،
ساري سُهجَ رئان ٿي سنگهارن جا.
پل پل پوُر.......

هن بندَ بهار کي باهہ ڏيان،
گهاريان سرءُ وچي جهنگ وارن سان،
گولا گوُنهي دکايل شال پسان،
پنهنجي گاهہ پٽن گلزارن جا.
پل پل پوُر.......

پنوهارن جا پُور

پل پل پُور پون ٿا پنوهارن جا،
پنهنجي ٽاٽيچن ٽر وارن جا.
پل پل پُور.......

ڪائي رات هجي نه وڃي نبري،
ڪوئي ڏينهن هجي نه وڃي گذري،
هت آهه ادا پر بي خبري!
ڦيرا روز گهٽيان چنڊ تارن جا.
پل پل پور.......

كيئن ويڙهيچا وساريان،
سنپاريان سانگين کي ٿي ساريان،
نهاريان - كيئن ....
هتڙي رهنديس كين مور،
ونديس ماڳ ميان! ضرور،
چاكن كئي دل چور چور،
پريت دکايل پاريان،
كيئن ويڙهيچا وساريان،
سنپاريان ....

سانگين جي سنڀار

ڏوھڙو:-

عمر! اباڻن ريءَ ٿي انـدر آگ ٻري
ٽون ڪٿي آئين ڪوھ ٿان مونکي ريھي ريب ڪري
ٽڪي ٽڪي راھ ٿو منھنجي اکئين آب ٽري
ڏسي تنھنجو ڪوٽ ٿو منھنجو ڏورؤن ڏيل ڏري
قيد قھر جا ڏينھڙا منھنجي گھٽيو دل گھر
لکيو لوھ نصيب جو ٿو ٽاريو ڪين ٽري
منت ڪري موڪل گھرانءِ پائو! قدمن سر ڏري
سانگين ڏاران سومرا! منھنجي ساعت ڪين سري
پنوھارن ڪان ٻري، شل ٻاڪ ٻرور نہ ڪند

مارُو رنج نہ ٽِين

شل مارُو مُنيءَ سان رنج نہ ٽِبن،
پنهنجي پيٽ ڄڻيءَ کي ڏهاڳہ نہ ڏين.

ويم قيد ٿئي هڻ عرصو گذري،
جاڳيو وارث ڪونہ ولهيءَ جو وري،
ايڏي ڪيئن سگهن سانگين ڪان سري،
ڪَن لاشڪ تن جا ڀريا ٻُڇڙن.
شل مارو مُنيءَ ....

چڙهي ڪوٽ جي چوٽ تي ٿيان ٿي وِسي،
پوي هئبت ڪان منهنجو هيانءُ ڦسي،
رئان روز ماڻيرِ، سو ملڪ ڏسي،
ڪري ياد اباڻا ٿا نيڻ نِمن،
شل مارو منيءَ ....

روز سؤ سؤ ڪانگ اُڏايان ٿي،
ويني پير فقير منايان ٿي،
رکيو آس ٿي دل پرچايان ٿي،
من مارو دکايل ميرِ ملن.
شل مارو منيءَ ....

پيڪن جي لڄ

ڏاڍي ياد ستائي وطن جي،
پنهنجي ماروئڙن مٽڙن جي.
بند ۾ آءٌ عمر جي باندي،
ويٺي روز پڇايان پاندي،
ڳٽتين ڳاري دل هيڪاندي،
گهٽي سار اٿم سانگين جي.
مرضيءَ سان هو گهر نه ڇڏيو مون،
جاٽي واٽي وَر نه ڇڏيو مون،
ٿاٽيچن جو ٿر نه ڇڏيو مون،
ٻکي هيس نه مان بنگلن جي.
لوڪ جي ليکي ڪاري آهيان،
ٿر وارن لءِ خواري آهيان،
جاٽي ڏٽي حق واري آهيان،
لڄ پياري اٿم پيڪن جي.
ڏينهن سو نيٺ دکايل ايندو،
ماروئڙن سان ميلو ٿيندو،
ڏيهه مبارڪ سارو ڏيندو،
جڏي مارئي ٿيندي مِٽن جي.

آليون پلڪون

عمر منهنجي پڪيري پريت آ،
پيڪن پيارن سان.
وڃي هيڪر ملان شل تن،
مان ويڙهيچن ولهارن سان.

وڇوڙي جون ڳڻي پاڪون،
ادا آليون ٿيون ٿين پلڪون،
نٿي روڪي سگهان رودن،
عمر! حيلن هزارن سان.

وٺي ٿو ڪين تنهنجو ڪاچ،
دسترخوان شاهيءَ تي،
کٿا ڪاوان، پلر پيئان،
جٺيءَ جو چاهه چارن سان.

سري ٿي ڪين سانگين ريءَ،
مران ٿي مٺ مارن ريءَ،
ڏکايل دل گهٽي منهنجي،
سدا سهٽن سنگهارن سان.

ٻَلا ڪر ٻَلائي

عمر! تن مارن جي آڻم وات وائي،
اصل جن جي آهيان ميان! پيٽ جائي.

ڦٽيون ۽ ڦٽونا ڪنديس آءُ ڪاڏي،
عطر تيل سُرها ميان، مُنجِ نہ ماڏي،
ڪڍي بند مان ڪا ٻَلا ڪر ٻلائي.

وڻي ٿي نہ سوُسي ستارن سان پوئي،
وڃي پيڪي ڀريان اُها لاک لوئي،
عمر! مڱيءَ جي لءِ جا اَباڻن اُٽائي.

اَدا! ڪوٽ جا ڇڏ ڪڙا ڪلف لاهي،
وڃان پيرين پيادي ويڙهيچن ڏي ڪاهي،
اٿم جن جي دل ۾ سدا سڪ سمائي.

'دڪايل' نہ پنهنجا پڪا ڪنهن وساريا،
ٻلا ٻال کهڙا ٻَلائيندا ذاريا،
ملان مائٽن سان، ميان! ڇڏ منڌائي.

مارئيءَ جي فرياد

جڏي مارُو ٻون ٿا ياد عمر!
دکي دل ٿي ڪري فرياد عمر!

تو قيد ڪري هت آندو آهه،
هڪ پل نه روئڻ کان واندو آهه،
ڏس مارن ريءَ من ماندو آهه،
منهنجي دانهن جو ڪرڪو داد عمر!

تنهنجو پَٽ نه پٽيءَ آءٌ پائيندس،
ڪين لويون اباڻيون لڄائيندس،
نکي محلين مَنهَن مٽائيندس،
ڪڍي ڪوٽ مان ڪر آزاد عمر!

ڪيئن وسرن قرب اباڻن جا،
پنهنجا ڏُٺرا ڏٿ ڏاڏاڻن جا،
ڳهوريان هيج هي هنڌن وهاڻن جا،
ڪر دل تون دکايل، شاد عمر!

ليک لکيو ڪرتار

ڪيئن وساريان سنگهار،
عمر! آءُ ڪيئن وساريان سنگهار.
آءُ ڪيئن جي ڪيئن مُنيءَ جو،
ليک لکيو ڪرتار. عمر! ....
عطر نہ لايان ميٽ نہ پايان،
وٽن ٿا آٿيا وار. عمر! ....
ڪؤڙا ڪنورا، باسڻ ڪورا،
پاتل سان ٿم پيار. عمر! ....
لنڊڙا پراٽا ليڙن هاٿا،
لويون سندم سينگار. عمر! ....
صبح سنيپاريان سانجهيءَ ساريان،
عمر! اباٿا پار. عمر! ....
اوني اباٿا پڪڙا پراٿا،
وسرن ڪين پنوهار. عمر! ....
عمر! تو آندي ڪٿي جا باندي،
آهہ سا نماٿي نار. عمر! ....
سؤر دڪايل، سر ٿي آيل،
ڏاج ڏنو ڏاڏار. عمر! ....

اَباڻن جي تات

ڳائڻا :-

مارئي: تکي آهہ اَباڻن جي تات،
پڇي ويندي پوُر پڇايان،
ساري پيڪا پکا ڏينهن رات،
ڏکي روز دل تي ڏکايان.

آيا دل تي عمر! بار غم جا،
رسيا صدما کي رنج و الم جا،
کري ياد پنوهارن جي ذات،
نيڻين ويـنـي نير وهايـان.
تکي آهہ اَباڻن جي تات......

عمر: ڇڏ مارئي! رسامي جي بات،
توکي پٽ - راڻي بڻـايان،
لنوءُ پيار جي هيکر لات،
سِرُ هيءُ توتان گهوري گهمايان،
ڇڏ مارئي! رسامي جي بات......

پاڪ نہ پئي تدبير

منهنجا مارو ملڪ مليرَ عمر!
آءُ هتي تن لاءِ ويڳاڻي.
ويٺي نيڻين وهايان نيرَ عمر! منهنجا مارُوئڙا!

ڪنگڻ پايان قيد ڪڙيون تنهنجا.
پاءِ زيب زنجير عمر! منهنجا مارُوئڙا!

عرض ڪندي ڪيئي سڄ اُپريا،
پر نہ ميڙيو تو ميرَ عمر! منهنجا مارُوئڙا!

لوهہ لڪئي جو لوڙيان ويٺي،
پاڪ نہ پئي تدبير عمر! منهنجا مارُوئڙا!

دور وطن کان ڪيئن دکايل،
دل کي ايندي ڌير عمر! منهنجا مارُوئڙا!

ٿر جا ٿاڙا

سانگين ريءَ ڪيئن سري عمر! منهنجي.
ساھ سانگين کي سڪندي ساري.
آهن جو پل پري - عمر منهنجي سانگين......

مارو منهنجا گهارن بـر ۾،
ٿاڙا جن جا آهـن ٿر ۾،
واڳ سندن شل وري. عمر منهنجي سانگين.....

قسمت قيد ڪري هت آندي،
ڪير ڪري ها پيو ڪو باندي؟
لوھ لکيو ڪيئن ٽري. عمر منهنجي سانگين......

هنڙون ويندي سُور نہ رهنديس،
سُور ڏکايل، خوش ٿي سهنديس،
وانون سؤ سؤ ڪري. عمر منهنجي سانگين......

عمر: ڏني توکي مون دل جي حڪومت.
مارئي: هجي نيبهه اِها توکي عزت.
عمر: وائي آڻ نہ اهڙي تون وات.
مارئي: آءٌ نہ توکي ڀاءُ ٿي ڀانيان.
تنکي آهہ اَباڻن جي تات،
پڇي ويٺي پُور پڇايان......

وڇوڙي جا ڏينهن

ڏاڍا ڏينهن گذاريا ٿم وڇڙئي،
ساري ديس آباڻو دل تي پُري. ڏاڍا ڏينهن......

ڏاڍو ورهه ڪيس وياڪل ڙي ادا!
رڳ رڳ تي روئي هڏهڏ ٿو ڪري،
تنهنجي محل منجهان ڇا ڄاڻان ميان!
منهنجي دل ته اباڻا گهر ٿي گهري. ڏاڍا ڏينهن......

ڪري ٻوهه دغا سان آندو تو،
ڏنو سوُر عمر! هيڪاندو تو،
ڪنهن کي ڏوهه ڏيان؛ ڪنهن سان سور سليان؟
اچي بنديس هت ڪنهن ڏينهن ٻري. ڏاڍا ڏينهن.....

پٽ ڌرُ پيري جو عمر! اڏان،
وڃي پنهنجي ڏکايل ديس ڪڏان،
مٿي ملڪ جا وڻ ٽڻ ياد ڪري،
ڏُکي دل تي ڏکي جذو جيءُ ٿو جهري. ڏاڍا ڏينهن.....

ڪونجن سان رهاڻ

اُڏو، اُڏو! او ڪُونج قطارون،
جني وسن ٿا منٿر مارون.
اي ڪونج اُڏي وڃ جلدي،
ڇڏجان نہ ايڏي بي دردي!
مٺان ملڪ نہ ڏين ميارون،
اُڏو اُڏو او ڪونج قطارون.
ڏکي ٿارا نہ رات کُٽي ٿي،
آيا هو ڏکا جنڊ ڇُٽي ٿي،
وينٺي پل پل ڪيم پڪارون،
اُڏو، اُڏو، او ڪونج قطارون.
اَڪ ٻيهج پني ٿي ڦڙڪي،
دل درد ڪنان ٿي ڌڙڪي،
ڏکيون طالب جون تيز تنوارون،
اُڏو، اُڏو، او ڪونج قطارون.
همت آهي ٻاند ٻنديائي،
مري مفت ٿي نار نماڻي،
وينٺي پائي دڪايل قارون،
اُڏو، اُڏو، او ڪونج قطارون.

اُيري، اولهه آيو

ڏاڍو تات اباڻن جي تايو. آلا!
ساري ساري سانگيئڙن کي، اُيري، اولهه آيو.
ڏاڍو تات اباڻن ....

ويڙهيچن لءِ واجهه وجهانئي،
پاڙيچن جا پنڌ پڇانئي،
وهمن ويهڻ وڃايو. آلا! ڏاڍو تات..........

ايندا ايندا ڪين ڇڏيندا،
ننگ سچائي پنهنجو نيندا،
مون ڇو من پرمايو. الا! ڏاڍو تات..........

وچڙئي ڏکايل! ٿي وئي مدت،
ڪرڙو قلم وهايو قسمت،
انهنجي انگ اڙايو. آلا! ڏاڍو تات..........

پراڻا پکا

پـٽڻ تي وسن ٿـا، عمر! سي آبـاڻا
ڪچا گهر ڪکن جا پکن جا پراڻا. پٽڻ تي......

اهي محل ماڙيون هجن توکي نيبه
ميان! پل تہ پنهنجي قبيلي سان خوش ره
ڏسان شل وجيءَ مان ٽريچن جا ٽاٽا. پٽڻ تي......

هنڌايان نہ ريشم پٽيءَ پٽ نہ پايان
اَدا ڪيڻن مان لـوئي آباڻـي لجايان
انهيءَ چوڙ مان آءُ جٽياڻي چا جاڻان. پٽڻ تي......

پَکا پيرون ٿَر جا پنوهارن سان ڪاوان
آگيڻي لڏيون ڏون عمر جن سان لاوان
دکايل، سي مٽيءَ جا ٿي سانگي سياڻا. پٽڻ تي......

آباڻن کي نه لڄائيندس

مر مٺڙن آباڻن کي نه پَٽُ ڀري لڄائيندس،
ائي پنهنجي مارن جي نه شاهيءَ تي مٽائيندس.

ڻ جو غم نه ڪو دل ۾، جيئڻ جي ڪا خوشي باقي،
م جي آرزو ڪا شل وڃي ويڙهو وسائيندس.

ڏهن آجي ٿي تنهنجي بند مان، ويندس وطن پائڻ،
هيلين سان ملي تنهنجا سوين ڳاڻ روز ڳائيندس.

ي جيڪي تنهنجي ڪوٺن ۾، مٿن سان ڪين ٿيو ميلو،
ئي پڪ پنهنجي مارن سان عمر! ناتو نباهيندس.

وهارن ڳان پڙي منهنجو ڏکيو ڏينهن ٿو گذري،
ڳايل! دل سو هي سور پنهي ڪنهن کي سڻائيندس.

ڪو ڏس ڏيندو

ڪو جهانگيئڙن جو ڏس ڏيندو،
ڪو مارو ئڙن جو ڏس ڏيندو،
ڏس ڏيندو، الا ڏس ڏيندو، ڪو ڏس ڏيند

ڪانگل تنهنجي ڪار اُڏامڻ،
اَڄ نه نماڻيءَ جو نياپو ڪڻ،
صاحب توکي جس ڏيندو، الا! جس ڏيند

سانگيئڙن کي چنچ زباني،
ناهه لکڻ هت خط آساني،
ڪير قلم ۽ مس ڏيندو، الا! مس ڏيند

وڃ موٽڻ ۾ دير نه لائج،
حال ڏکايل! ترت سڻائج،
واءُ گهاءِ توکي گس ڏيندو، الا! گس ڏيند

روئن ٿا نيڻ نماڻا

جڏهن پون ٿــا ياد اباڻا،
منهنجا روئن ٿا نيڻ نماڻا.
زور عمر! تنهنجي آندي آهيان،
مارن ڌاران مـاندي آهيان.
مدان مان ڇا ڄاڻان. منهنجا ....

قياس ميان! ڪو مٽيءَ تي آڻج،
لاش ملير ڏي منهنجو اماڻج،
منهنجي مرڻ پڄاڻان. منهنجا ....

جن سان منهنجي ڳن جون ڳارون،
نيٺ دکـايل نيندم مـارون.
ڏيهه ونـي ڏاڏاڻـا. منهنجا ....

جهنگ وارن جا جهوُپا

عمر وسريو نٿا وسرن پکا پنهنجي پنوهارن
سدا ساريان، اَدا وينڍي سي جهوُپا جهنگ وارن

وسن ٿا مينهن ماڳن تي، پڇن ٿا ڍير پيرن
وڃي ٻاجهر جا ڍوڍا کاڻ، ٻارسان پنهنجي پيارن

وَلر وارا جي ويڙهيڇا، چڙهي پٽ چانگ چارن
ٻوَن ٻرلاءِ ٿا کن ٿي، سڌن واين وڳارن

عمر سکڻن سرودن تي نه ٿيندي مارئي موهت
وڻن وڌ ٿنهنجي واڄن کان، نرم آواز ڏارن

ڀلائي کر عمر ڀائو! وڃان شل مان وطن ٻنهنجي
مُکا نياپا ميان مون ڏانهن مِٺن مارن ميارن

ٿي واٽون نهاريان

مر پنهنجا سانگي سڄا ڪيئن وساريان،
سبح شام روئي آباڻا ٿي ساريان.

يڙهيچن جي پل پل اٿم وات وائي،
صل جن جي آهيان عمر آءِ جائي.
الان شال تن سان، گهڙي هت نه گهاريان. عمر پنهنجا...

رائي وجهو ٽاسرا طعام وارا،
ٽن ٿا نه ٽنهنجا ڪنٺا ڪاچ ڪارا،
جي شال پيهن تي پيرُون پٺاريان. عمر پنهنجا...

ڪايل ڏٺيءَ مان اُميدون نه لاهيان،
صل تن جو ٿيند و اصل جن جي آهيان.
طن نيث ويند يس، ٿي واٽون نهاريان. عمر پنهنجا...

ڪوٽ چڙهي ڪانگ اُڏايان

ڪيئن وسرن مون ڪان عمر آباڻا،
جيڪي سانگي ساهه سيباڻا. ميان ڪيئن ......

ڪوٽ چڙهي ٿي ڪانگ اُڏايان،
مير! آباڻا مُلڪ پڇايان،
سانگ رَسنِ مَن سياڻا،
اُهي سانگهه رَسن مَن سياڻا، هوءِ سياڻا ......

هو هُت مُئي لءِ ڳجهه ٿا ڳارن،
رويو ويٺا راهه نهارن،
هاري نير نماڻا،
اُهي هاري نير نماڻا، هوءِ نماڻا، الا نماڻا ......

ملڪ وري جي ويندي‌س آئون،
هُو تہ دکايل ڏيندءِ دعائون،
ڏمر چڱڏي ڏاڏاڻا،
اُهي ڏمر چڱڏي ڏاڏاڻا، هوءِ ڏاڏاڻا، الا ڏاڏاڻا ......

ڪوٽن ۾ قابو

تن قابو ڪيو تو ڪوٽن ۾،
منهنجو من نہ وسي ٿو ملير عمر!
نہ تہ ڪير هتي جو آڻي ها،
مونکي قيد ڪيو تقدير عمر! تن قابو....

تنهنجو ڪوٽ لهانئو ڪيئن پيهان،
ڪيئن موٽي ماڳ ملير وڃان،
اڃا آس اُدل مونکي آهہ اڄان؟
ڪجاڻ ڪين مونکي دلگير عمر! تن قابو....

هڏ ڪونڌري حاڪم! هيٺي مان،
دک درد دکايس بيٺي ماڻ،
ڪر قياس ڪو، قياص وهيٺي مان،
وجهہ زوريءَ ڪين زنجير عمر! تن قابو....

هي دؤر دکايل! آهہ ڪو دم،
ڪر ڪنهنجو حاڪم! حق نہ هضم،
توکي آهہ عمر! تنهنجي سِر جو قسم،
ڇڏ زور مُڙي وڃ مير عمر! تن قابو....

لاتيِ آباڻن اوير

ڏاڍي لاتي آباڻن اوير، اَلا!
آءُ نہ ڄاڻو ويڙهيچا هيئن،
وجهندا ايڏي وير!

راهہ تڪي ٿي دلڙي ماندي،
ڇو نہ الائي آيو پاندي،
واجهايم سڀ سير، الا! ڏاڍي ....

ماڙيچن ڪي هو نہ مناسب،
ننگہ ڇڏي هُت ويهڻ واجب،
مهٽا ملندن ڏير، الا! ڏاڍي ....

پاڻ وجهان ها جيڪر ماري،
آس رکو ٿي مئيءَ ڪي جياري،
نہ تہ آءَ ڏڪايل ڪير، الا! ڏاڍي ....

بادل ڀيھہ اُتي

کر خبر وسڻ جا ويس ڪري،
ڇو بادل! آئين نيڻ ڀري. کر خبر....

مونکي ڳرندو ڏسي ٿو ڳيچ ڳارين،
يا سُور ٿـو پنهنجا اوسارين،
ڏينهن رات هنجون هرهر هارين،
ڇا تون بہ وطن کان آهين پري؟ کر خبر....

وڃي ويجهو ويڙهيچن جي وسجانءِ،
ڪي پوکر پنوهارن جي پسجانءِ،
ڏکيو حال دکايل، جو ڏسجانءِ،
جا مارن ريءِ ٿي مفت مري. کر خبر....

ڀهاڙن جي ٻويان

ڀهاڙن جي ٻويان هو ڪڪرن قطارون،
ڏيارن ٿيون مڱيءَ ڪي مٺا ياد ماروں.

هيم جي ڀٽن جا هو نيلا وسيلا،
پسي سي پرانهون وڃن دل جون تارون.

هتي ڪوٽ ڪنگريون، هتي چوٽ چاڙهيون،
مٺيون جاتي ماٽيم ڪي بوندن بهارون.

وسيا هوندا پاٽي اُسائيل ٻٽن تي،
هينئر پونديون هونديون پاڙتي پڪارون.

گهٽا گاهه ساوا ٿيا هوندا ٿر ٻر،
مٿن ڪي نه پاڙي جون ملنديون مياروں.

مٿو مال هوندو ڏيا هوندا ٻاڪيا،
پرئي پيٽ وهندا سي هوندا ونگارون.

ڪڏهن ٻانهن ٻڙڪي ڪڏهن اک ٿي ڦڙڪي،
ڏکايل ستائن ٿيون سانگين جون سارون.

وجان ملڪ آباڏي

ٿلهه:-

راتيان ڏينهان تار، ميان مارُوئڙن جي،
جني کي ڪيءِ ذار، ڇوري زوريءَ سومرا!
وڃان ملڪ آباڏي مُهاڙ ڪري،
منهنجي ماڳ ملير ريءَ ڪين سري. وڃان......

آئين نار تان زوريءَ نار ڪڍي،
ايها ڳالهه عمر! توکي ڪيئن وڻي؟
ميڻان! ڏينديءَ ملڪ ميار گهڻي،
جيسين وطن وري ويچاري وري. وڃان......

اِجهي آيا اوٺي جاڻ ٺران،
ڏي موڪل مير ملير وران،
هت مارن لءِ ٿي آءٌ مران،
ڏورون ڪوٽ ڏسي ٿو ڏيل ڏري. وڃان......

مونکي مارن ريءَ ٻي تات نه ڪا،
ٻن رودن گذري رات نه ڪا،
تنهنجي عمر! وڻي ٿي بات نه ڪا،
گهاريان پل نه دکايل! تنهن کان پري. وڃان......

اباڻا جاڻ آيا

آيا عمر اباڻا جاڻ،
نيندم سانگي نيڻي ساڻ. آيا عمر!........

هيڪر ڳنڍي ڳنڍي ڪيئن چرڙيان؛
عمر! اباڻا ناتا ٽوڙيان؟
پنهنجو ننگ سڃاڻ. آيا عمر!........

لوئي لاهي پٽ نه پايان،
منهن ڇڏي ڪيئن محل وسايان،
مارن کهڙو ماڻ. آيا عمر!........

ڪنهن کي حال سڻايان پنهنجو،
روئي پاند پسايان ڪنهنجو؟
ڏينم ڏکايل ڏاڻ. آيا عمر!........

٥

عمر! اباڻي ڏيهه جا ذنڌرا ٿا سارين،
مُنهن ٿي مارُو چڙهي پيرون پٿارين،
رويو رت هارين نيڻ نهاري تن کي.

٦

هوڏ ڇڏي هل سومرا هوڏ نه هانديءَ ساڻ،
ڪنهن سان نيبهه ڪين هي ڏن جوڀن جو ماڻ،
چار ڏهاڙا زندگي کِهنبو ڇُٽڪو جاڻ،
ميان حق سڃاڻ، موٽائي مُنجهه مارئي.

٧

عمر! اباڻن ري هتي مري ٿيس ماندي،
ناحق نماڻيءَ کي تو ميرا! ڪيو باندي،
اٿم هيڪاندي سِڪ تن سانگيئڙن جي.

٨

سر ٿي پل ته ڪِري عمر! قهر قهار جو،
جان جدا ٿئي جسم کان، ٽَڪَرم ٽڪري،
جنهن پل ۾ وسري، وطن ويڙهيچن جو.

ڏوهڙا:-

آءُ نه اچڻي ماڳهين، ڇڏي ٿنهنجي مير
ڪٽي آئين ڪوه تان، تون زوريءَ جاءِ امير
قيد ڪيم تقدير، نه ته ڪوٽ لُهاندو ڇا لڳي

٢

عمر آڻي مارئي تو جيءَ وڌو جنجال
جيڏيري ٿيندءِ ڪين هي ٻورو خام خيال
منهنجو ملڻ محال سمجهي ڇڏ تون سومرا!

٣

جيڏري جي منهنجا عمر! عرض نه اُٿها ڻا
مُٺي پڇاڻا، ماڳ مُنجين من مارئي

٤

عمر! آيو اوچتي سنبري اهڙو سُور
روئي آباڻن کي نيڻن ڪوهيو نُور
ياد آباڻن ڪان وڌيو هڏ هڏ ۾ ناسُور
پنوهارن جو پُور جيڏري وِيندو ڪين ڪي

سسئي، سُورن جو مجسم هئي. جتي سک
ي، آئي سور ته آهن ئي آهن. تڏهن ته لطيف
ئين ۾ چيو "پنهون ٿيس پاڻ، سسئي تان سور
ا"- سک کان سواءِ ڳولهيندو ئي ڪير؟ جڳياسا
ڳولها، سک جو ٻيو نالو آهي. 'سک، ڳولها ۽
ر ڳالهه مڙيوئي هڪڙي'- ٻوءِ ته سائين ٻه
ي ڪونهي. رواجي ريت سورن کان هرڪو
دو آهي، پر انهن سورن کان سواءِ ڪنهنجي
ي به ته ڪانه ٿي! شل نه ڪنهن جي گهر ۾
ر نه ٿين، سوين حڪيم ۽ طبيب پڇائيندو،
ن فقيرن جي درن تي پيو مجرا ڀريندو.
لاءِ؟ ڇو اسانجي گهر سور نه ٿا ٿين! ڇو ته

٩

آهه اُڪير اچان، ڏاڏاڻن جي ڏيهه جي،
سگهندي روڪ نه سومرا! شل موٽي ماڳهه وڃان،
پيرو ڪيئن پڇان، ميان! ماڙيچن سان

١٠

آيا اونـي جاڻ ميان! ماروئـڙن جا،
سانگي ايندا وسيلي وٺـي ويندا ساڻ،
ويجهو آهه وٿاڻ، منهنجي ويڙهيچن جو

١١

اڪين هاريو آب، راهه تڪيندي تن جي،
ڪانگ اُڏايم ڪيترا، پر آيو ڪين جواب،
ٻڌيو ڏکيرو ڏيهه ڪان هاءِ بنديءَ جو باب،
حق وارن کي حق ڏئي، عمرا! ڪٽ ثواب،
پنهنجن ڌاران تاب، ڪنهن تي وجهان پرديس ۾؟

١٢

صبح سانجهيءَ تات آهي اباڻن جي،
ڏکندي ڏکندي ڏينهن ويو رئندي گذري رات،
سانگين ساريندي اچي مٿان پئي برپات،
وائي جن جـي وات ملندا شال ملير ۾

، وٺي وڃڻ وارا قاصد يا رهبر آهن. پوءِ اِنهن
ڏکڻ ۽ ڇرڪڻ ڇاجو؟ سسئيءَ کي به اِنهن
رن ئي نه سانگ رسايو. تڏهن نه اڄ هوءَ وقت
ڇاتيءَ ني پيئَي ٿي نچي؛ ڇو نه سور وقت
زيور آهن، سورن وارو وقت ئي سپني کي ياد
دو آهي. تڏهن نه شاهه به چيو:
ک سُکن جي سونهن، گهوريا سُک ڏُکن ري“

سورن بنا، گهر ۾ وسڻ کان ٿيندي. انهيءَ ک
جي چاهيون ته گهر ۾ سائين اچي، ته پوءِ سو
سان آليڪ سليڪ ڪرڻي ئي پوندي.

سُڪيا سَنهڙا ٻه هٿ وٺي سور ڳنهندا آ
نه ته سک ۾ ساک ڪوهه ڏُور ڀڄندا وتن
ڏکن کان پوءِ ئي ته ڪوسکن جو آنيؤ ڪري سگهن
سچو مزو ماڻي سگهندو.

اُهو ڪهڙو ديوي ديوتا يا گروُ گوسائين آ
جنهن ڏک نه ڏٺا هجن يا ڪاشٽائون نه ڪاٽي
هجن ۽ اسان انهيءَ جو قدر ڪيو هجي؟ راڄ
ڇڏي، گهر گهاٽ ڦٽائي، جن ڏکن ڏاکڙن
ياري ڳنڍي، اسان اُنهن کي ئي پنهنجو سائين بڻ
پوءِ اُهو رام هجي يا ڪرشن؛ ٻُڌ هجي يا گانڌ
گرو نانڪ هجي يا مهاوير. ڪوبه پير پيغمبر، ٽيس
آدمين جي دلين تـي راڄ ڪري ڪين سگ
آهي، جيسين هن ڏکن جي ڪرن-ڦل ۾ پڌ
پاڻ کي چِڪايو ناهي.

جي سوُر اسانکي مِٺا نه هجن ته پوءِ سو
ٽوڙي سوُرائتن جون ساکيون يا سُر ٻُڌي، جهوُلي
۽ ٿنڪون ئي ڇو؟ حقيقت ۾ اهي سور ئي سائ

آديون نيڻ ايندو

آديون نيڻ ايندو ڪڏهن مٺيءَ جي پاڙي،
سنياري سڄڻ کي ڇڏيم ڏينهن لاڙي.
پَتا روز پنهنجي پنهل جا پُڇانثي،
ڪڇان ڪين ٻاهر اندر ۾ لُڇانثي،
وڇوڙي سڙيءَ جو ڇڏيو ساهه ساڙي.
نهاري نهاري اکين نير هاريو،
وليءَ کي الاجي ونهيل ڇو وساريو،
آڙيو انگ اهڙي ڏکئي ڪنهن ڏهاڙي.
دکايل! نکو ننگ ڏيرن سڃاتو،
نکي نياز اُلفت پنهل پاڻ جاتو،
اچي شال ڍولڻ ڪيل قول پاڙي.

ايندڙيس هوت لهي

منهنجون سياٽيون سرتيون،
نيڻين ننڊ نه رهي،
راتيان ڏينهان ٿم تات پنهل جي،
منهنجون سياٽيون سرتيون..........
ڏير ڏکيءَ سان ڏاڍ ڪري ويا،
هڪڙي رات رهي،
منهنجون سياٽيون سرتيون..........
پاٽهي لهنديس پار پنهل جو،
سؤ سؤ سور سهي،
منهنجون سياٽيون سرتيون..........
صدقي پنهل جي ڏونگر ڏوري،
ويندڙيس ڪيچ ڪهي،
منهنجون سياٽيون سرتيون..........
نيت دڪايل هڪ ڏينهن پنهنجو،
ايندڙيس هوت لهي،
منهنجون سياٽيون سرتيون..........

زوريءَ هوت وڻي ويا

وڻيو هوت زوريءَ وچن ٿا اديون!
نکو قياس چوريءَ تي ڪن ٿا اديون.
پٿون ٿي پيا پير، مهنديءَ رتا؛
ڏهاڙي ڏکيءَ جا ڏکن ٿا اديون.
وڻي هوت..........
پون ٿا جڏهن ياد سک سهاڳ جا،
ڏکيا ڪين ڏونگر لڳن ٿا اديون.
وڻي هوت..........
نهاري نهاري ٿا پرجهي اچن،
نبل نيڻ نم نم نمن ٿا اديون.
وڻي هوت..........
هٺي هوت ويو جا چٽنگ چاهه جي،
دکايل! سي دونهان دکن ٿا اديون.
وڻي هوت..........

هوت وٺي ويم وَرُ

وَر ريءَ کيئن گهاريان ڏينهڙا،
کيئن گهاريان ڏينهڙا، ور ريءَ.......
پاڻ اُڙيو هو ٿن سان آهنجو،
پرڏي ڪين ڪيائون پنهنجو،
هوت اڪيلو ڇڏي هليا ويا،
ڪونہ حيا هو ٿن ۾، ور ريءَ.......
مان نہ ڏڪايل سورن هيري،
پريت پنهل جي ڪَيس پڪيري،
سڪ ساجن جي سانگہ رسايو،
لَاج لٿي لوڪن ۾، ور ريءَ.......

ڏونگر کين ڏکاءِ

ڏوھڙو:-

ڏونگر کين ڏکاءِ آءٌ ڏکياري آھيان،
آيس ٽنهنجي آسري ٽون تپي کين ٽپاءِ،
اھڙي ڪنهن ڏنهن لاءِ جو بهچان ٽرت پنهل کي.

مان ٽہ ڪيچ پنيور تي ڪاھيان، ڪاھيان جيڏيون،
قول ڪري ڪيچين نہ نباھيو،
مان ٿي نيهن نڀايان. جيڏيون! مان ٽہ ....

ويندِيس جيڏيون

ڏوهڙو:-
ڪنهن سان هي اوريان درد ڪهاڻيون دل جون،
چنتا تنهنجي چاهہ جي شام صبح چوريان،
اجا اُميدن جي وڻني وَٹ سوريان،
سوڏل سِر گهوريان، هيڪر جي هنڙي اچين.

آءٌ تہ هوت پنهل ڏي ڪاهي،
ويندِيس جيڏيون هوريان هوريان،
هوريان، هوريان، هوريان، هوريان،
پنڌ پُڄهي ٿو اوريان اوريان. آءٌ تہ......

ساهہ تہ ساجن ساڻ ڪٺي ويو،
ڪنهن سان اورون اوريان اوريان. آءٌ تہ......
پوئين پير وري شل مونن،
سر گورن تان گهوريان گهوريان. آءٌ تہ......

سار سڄڻ جي روز ستائي،
چت ۾ ويٺي چوريان چوريان. آءٌ تہ......

پنهنجي ڍولڻ ڪاڻ ڏکايل!
آءٌ تہ ڏونگر ڏوريان ڏوريان. آءٌ تہ......

هوت جا ديرا دل ۾

صبح پنهل جا کٽندي پيرا،
ڏينهن ڏکن جو لاڙي سسئي؛
ڏسندي ڄام پنهونءَ جا ڏيرا!
صبح پنهل......

پير پٿون ٽيس ڏونگر ڏوري،
برهه جي باهه جلايس جيرا.
صبح پنهل......

ڪيچ پنهور جا وڻ واجهائي،
صدقي ٿيندي سؤ سؤ ڀيرا.
صبح پنهل.......

ٻئي هنڌ ڪين وسي ٿو دڪايل!
هوت پنهونءَ جا دل ۾ ديرا.
صبح پنهل.......

رات وڏيءَ ويـا چوريءَ چاڙهي،
منهنجو پـنـهـل پـراهـــان،
ڏير ڏکيءَ سان ڏاڍ ڪري ويا،
ڪنهن جي درڪي دانهيان. جيڏيون! مان ته......

هوتُ هٿن سان ڪيـر ڇڏيندي،
آءٌ نياڳي ناهيان،
سڄ ته سهاڳ بنا هت سرتيون!
آءٌ اُداسڻ آهيان. جيڏيون! مان ته......

جانب جيڏي ڪيڏن پـرڻي جو،
جـيـڏيـون! جـورو لاهـيـان،
هوت بـنـا هيڪاندو دکـايل!
ويڻي نير وهايان. جيڏيون! مان ته......

رات ڏيئي تات ويو

پرديسي پريتم رات ويو،
ڏيئي طلب تکيري تات ويو. پرديسي....

پنهل وٺي ويا ڏاڍا ڏير،
رات ڪيائون پوريان پير،
آءُ سي ڪين سڃاڻان سير.
ويو رات، وڌيءَ پرڀات ويو. پرديسي....

اوريان ڪنهن سان دل جو حال؟
ريءَ پنهل ٿيم ساعت سال،
جيڏيون منهنجو جيئڻ محال،
ڪري ظاهر ڏکايل ذات ويو. پرديسي....

سانول جي سڪ

مون تہ سانوَل سان لنوَ لاتي،
دل تہ ڪٺي ويو ڪيچ اديون! منهنجي
جانب پـائـي جـهـاتي. مون تہ...
آءُ اُداسڙ راتيـان ڏينهان،
آهيان پنهل ريءَ آتي. مون تہ...
ڏينهن اڇي مهمان لٿا،
ونئي رات ويا منهنجو ڀاتي. مون تہ...
روئي وڃايم نـُور نماڻـو،
ڇيهون ڪئي مـون ڇاتي. مون تہ...
زوريءَ منهنجو هوت ڪٺي ويا،
ڏيـرن ريت نـہ جـاتي! مون تہ...
پنهنجي پنهل لاءِ مون تہ ڏکايل!
قرب جـي ڪئني پاتي. مون تہ...

روئن نماڻا نيڻ

ڏکا روئي نيڻ نماڻا،
اڄ سوڏل يار سباڻا.
ڏکا روئي نيڻ.............

حال اندر جو کنهن سان اوريان،
ڏينهن ڏکن جا ويٺي ڏوريان،
پورا پيا نہ پُڇاڻا.
ڏکا روئي نيڻ نماڻا.

برهہ بدن ۾ باهہ لڳائي،
ورهہ وڇوڙي ننڊ وڃائي،
سور کيا لڱ ساڻا،
ڏکا روئي نيڻ نماڻا.

رُسڻ ڇڏي اڄ پرچڻون راڻا،
کير ڏکايل، سهندء ماڻا،
منهنجي مرڻ پڇاڻا،
ڏکا روئي نيڻ نماڻا.

ڪتي پنهل جو پار

ڳوليان ڳوليان ڪوڏسي ڏُکيءَ کي،
ڪتي پنهل جو پار.
ڏيرِ ڪري ڏاڏائي مٽيءَ جو وٺي وَر ويا رات،
ريءَ پنهل جس کهڙو جڳ ۾، آهه سڄو سنسار،
ڳولهيان ڳولهيان.........
ٻَرَجي هوا اُڏائي هل تون، پار پنهونءَ مونکي،
پنهل بنا سسئيءَ جو ڄيئڻ! آهه جيئڻ بيڪار.
ڳولهيان ڳولهيان..........
پير ڦٽون ٿيا پڇي دکايل! لتا ٿيم ليڙون،
ڪيم پنهل جي ڪارڻ جيڏيون جهنگ جبل اختيار.
ڳولهيان ڳولهيان.........

وٺي ويا منهنجو پنهون

سڀو لوڪ سڏيندم لوٺي،
جي نہ سڃاتم ذات پنهل جي،
لوڪ سڏيندم لوٺي،
سڀو لوڪ.........

رات اچي مهمان بڻيا،
منهنجي ڳنڍن وندي جا ڳوٺي،
سڀو لوڪ.........

چوريءَ منهنجو هوت ويا چاڙهي،
آري جام جا اوٺي،
سڀو لوڪ.........

ڪاهي ويندس ڪيچ دڪايل!
ڪونهي يا ري ڪوٺي،
سڀو لوڪ.........

راھہ تکیان

روئي روئي راھہ تکیان،
ٻاروچل! موٽ سگھو.
سڏي سڏي ڪين ٿڪان،
ٻاروچل! موٽ سگھو.

آيون ويئون ٿيون ورجائن،
جيڏيون سرتيون وڻ ورائن،
ٻڌيو ٻڌيو لہج مُران،
ٻاروچل! موٽ سگھو.

ڪيڇين ڪي ھو ڪين مناسب؛
ننگہ ڇڏڻ ڪيئن ڄاڻون واجب!
سھي سھي وڻ ڏَجھان،
ٻاروچل! موٽ سگھو.

آءُ سگھو ڪوھيارل! ڪاھي،
ڏو بن چين دڪايل ناھي،
مري وري شال ملان،
ٻاروچل! موٽ سگھو.

ساري راتڙي

شاعر جو گيت:-

سوڍل! ساري راتڙي،
هيڪل گهاريم ڪاري راتڙي.
ڏکندي ڏينهن لنگهي ويو،
رئندي رئندي ماري راتڙي.
سوڍل ساري راتڙي. هيڪل گهاريم....
سر نه سڄڻ تان گهول گهول،
رسڻ ڇڏي اچ بول بول،
راڻا! ساري راتڙي. هيڪل گهاريم....

شاستريہ گيت

درد جي دوا،
ڏي کو،
درد جي دوا.
گهايل جي دل کي گهايل ڄاڻي،
راما گهايل ڄاڻي.
زخم ڏکيا،
دل ڄا نہ مِڙيا،
درد جي دوا ڏي کو. درد...
برهہ سنديون بي تابيون،
تو جي ڏنيون،
اي سودا!
تن کان دکايل کي ڏي شفا،
درد جي دوا،
ڏي کو،
درد جي دوا.

مؤمل، جڏهن راڻي جو وڇوڙو سهي نه سگهي ۽ هن پنهنجيءَ سک کي دلاسو يا آٿت ڏيڻ سانگي، سؤمل کي مڙداڻا ويس وڳا پهرائي، پاڻ سان سمهاري ڇڏيو، تڏهن سچو راڻو، سيج تاءِ اچي به موٽي ويو. موٽيو به وري اهڙو جو وري ڪاڪ جا واڻ به ڪين ڏٺائين، نڪي ڪڏهن لڏاڻوئي لنگهيو.

ويچاري مومل پنهنجي ڪئي تي پڇتايو ڏاڍو، پر سوڍو سرچي نه سرچيو. پر جڏهن هن پاڻ جلائي خاڪ ڪيو، تڏهن ته آبي-سيابي جي سزا کان ڇٽي ۽ سدا لاءِ مينڌري جي منهن

دلبر جو دلاسو

مليو كين دلبر جي در تان دلاسو،
مكو كين معبن كو خطرو خلاصو.

جدائيءَ جون راتيون مون لُڇندي گذاريون،
اسانجي اڱڻ كر اچي يار واسو.
مليو كين ....

دكايل اُميدون اجا كين لاٿيون،
ڏئي وچ كو دل سان پرين خير خاصو.
مليو كين ....

پاڻ لاءِ ڪيڏا نه ڪشٽ توڙي ڪشالا ڪڍڻا پيس؟ ويندي ايسين تاءِ، جو نيٺ پاڻ جلائي فنا ڪرڻو پيس. هونءَ به فنا ۽ بقا ٻه شيون نه آهن ڪين. فنا ۾ ئي ته مومل بقا پاتي ۽ ائين مينڌري سان ماڻي هڪ ٿي.

چڙهي سگهي. پاڻ ماريائين تہ قبول پيئي.

منهنجي راڻي جي ريت ئي نرالي آهي
هو سڙرو ريجهڻ وارو ڪاٿي آهي؟ جڏهن
وسيلا ڇڏي، هُنَ هڪ جي سڪ ۾ پاڻ سجهائي
ٿو، تڏهن ئي ٿو وڃي قبول پئجي. هلند
هلندي جي ٿڪجي، ڪٿي ويهي رهڻين ۽
پاءِ پلڪ روح ريجهائڻ لاءِ ڪنهن رِڌيءَ سڌ
سان سنگ ڪيءَ، تہ اِئين سمجهبو، تون ر
وڃائي گمراهہ بڻجي مالڪ کان پري ٿي وئين
جنهن جي سزا توکي مؤمل وانگر ڀوڳڻي
پوندي.

ونوباجي، گيتا پروچن ۾ چوي ٿو- "
۾ ئي تہ رام پيو اٿيئي؛ رڳو آتڪ بڻجي اُنهي
کي ڳول." جڏهن هي سڀ ڪجهہ مايا
پسارو، رام جوئي پسارو آهي تہ پوءِ رام کي
کان جدا ڪيئن ڪري سگهبو؟ انهيءَ ڪري ر
۽ ڪاڪ جدا هُئا ڪٿي؟ راڻو تہ ڪاڪ محل
هوئي هو. پر مومل جي جڏهن اُها سرت ساڃا
نہ رهي تہ هن راڻو وڃائي ڇڏيو ۽ پوءِ انهيءَ

مُومل جي معذوري

اچڻ عام ڇو ٿيو، ملڻ بار ڇو ٿيو؟
پري يار ڇو ٿيو! ٿڌو پيار ڇو ٿيو!
سلـي ڪا سهيلي!
ڏکي هـيءَ ڀيڀاي.

نہ ڪا ڪجهہ لڪائي، رکي پاند پائي.
ڏٽي جو ڇوائي، پلي ڏي ٻڌائي.
ڇڳي يا مَني جو،
ڪري ڪانہ سونو!

مؤمل - راڻو

مؤمل جي آرزو

نماڻيءَ ڏي هيڪر نهاري وڃين ها،
ڪيل قول راڻا تون پاڙي وڃين ها.

سلامن سان سڪ ڪين لهندي ستمگر!
انهيءَ ڪان ولهيءَ کي وساري وڃين ها.

سچو ڏينهن گذاريءَ رقيبن جي گهر ۾،
گهڙي ڪا نہ مٽيءَ وٽ بہ گهاري وڃين ها.

ڏکايل ڏکيو آ جدائيءَ جو جاڙن،
انهيءَ ڪان نہ مؤمل کي ماري وڃين ها.

مومل جو زودن

ڪو حال نہ ڏي ڪانگا،
ڪڏي ڀهڻ ايندو ٻول تون.
ڪو حال نہ ڏي ڪانگا!

رئندي رات گذاريم ساري،
پر نہ ورڻ جي راڻل واري،
ٽيو بدن ڀُري ڀانگا،
ڏيئي ريب نہ ناحق رول تون.
ڪو حال نہ ڏي ڪانگا!

درد دکايل آيا ڏُوکي،
تو ريءَ ڪاڪ سڃي ٿي ڪُوکي،
سڀ سر جا ڇڏيم سانگا،
منهنجا عيب نہ خاوند کول تون،
ڪو حال نہ ڏي ڪانگا!

تراري نشاني، ڇڏي ويو ڇو جاني؟
ڪري مهرباني، بڌائي ڪا سيائي!
رُٺو ڇاڪون راڻو؟
جهلي وينو ماڻو!

ڏِسي هيءَ ڪُمهري، رَسي ڇوٽ ڳوري؛
حياتي ٿي زهري، لڳي ڪاڪِ ڦهري.
وئي مرڪ مُنهن جي.
رهي سُڌِ نہ سنهن جي!

اچي نيهن لائي، نڌون پيچ پائي،
سڄڻ دل ليائي، ويو منهن مٽائي!
لڳائڻ ٿيو سؤکو؛
نڀائڻ ٿيو اؤکو!

بنا راڻي، موءِل، رهي ٿي دکايل،
اُڏائي ٿي ڪانگل، نٿي ڏيس دل جهل.
گهُونگا لڙڪ هاري،
حياتي ٿي گهاري!

مومل جي شڪايت

آءُ اَڱڻ اَڄ پيارا پيهي ايڏي دير نہ لاءِ،
پيار ڏنيءِ جو ڀريون سهڻل سائين سو نہ نياءِ.

تنهنجي لاءِ ٿي ڦارون پايان،
ڏھہ ڏهہ ڏينهن ۾ ڪانگ اُڏايان،
پوُرل ڪين پلاءِ. پيار ڏنيءِ جو......

توسان جنهن ڏينهن نيهن لڳايم،
پريت جو مارُو مرض پرايم،
دل ۾ وڃايم هاءِ. پيار ڏنيءِ جو.......

ڀريئين ڏڪايل دلڙي ڏيئي،
هاڻي ڪرين ٿو شڪوا ويهي،
پوءِ نہ توکي پڇتاءَ. پيار ڏنيءِ جو.......

مومل جي پڪار

هڪ رات رهي وڃ تون سڄڻ ڏوکي ٿي ساريان،
فرقت ۾ تنهنجي روئي وينِي راهه نهاريان،
ڳجهه روز ٿي ڳاريان.

ڪوني ٿي چڙهي ڪانگ ٿي تولاءِ اُڏايان،
ماڙي تو بنا ميندرا! پڙپانگ ٿي پايان،
ڏڪندي ٿو لڙي ڏينهن رڙي رات گذاريان،
فرقت ۾ تنهنجي روئي وينِي راهه نهاريان،
ڳجهه روز ٿي ڳاريان.

اقرار ڏکايل کي اچڻ جو ڪو پڪا ڏي،
لک مون ۾ منداڻون نه مگر ايڏي سزا ڏي،
وٺ سوري، اُميدن جو ڏيئو ويٺي ٿي ٻاريان،
فرقت ۾ تنهنجي روئي وينِي راهه نهاريان،
ڳجهه روز ٿي ڳاريان.

هڪ رات جي تقاضا

دوگانو:-

مومل: هـڪ رات رڳـو هڪ رات،
رهي وچ رات.......

اڄ قرب ڪري ٻني پيرِ پري،
منهنجي نوري سوڍل ڪين سري،
ڏاڍي طـلب ٽـڪيـري تـات.
رهي وچ رات رڳو هڪ رات.......

هڪڙي رات رهي وڃ

هڪڙي رات رهي وڃ راڻا!
رات رهي وڃ راڻا. هڪڙي رات...
عيب نہ ڏس تون ڪر نہ اُگهاڙو،
سوڍل يار سياڻا.
هڪڙي رات رهي وڃ راڻا!
تڪندي رات گذاريم تارا،
پر نہ پريتم آئين پيارا!
ڏوهہ ڏنيءَ کو مچاڻا.
هڪڙي رات رهي وڃ راڻا!
دل ۾ درد دکايا دونهان،
سور دکايل! ٽيندم سونهان،
سوز کيا لڳہ ساڻا.
هڪڙي رات رهي وڃ راڻا!

او راڻا!

او راڻا! مان دل لائي.
مان دل لائي، اڄجي ويڙس،
مان دل لائي، هائي هائي. مان....

ناحق توسان نيهن لڳايم،
عشق جو بيڙو مرض پرايم،
دل جو چين وڃائي،
هائي هائي. مان....

رودن ۾ ڏينهن رات گذاريان،
هيانءَ ڦٽي تي هنجون هاريان،
سيج سڄي تي ڪائي
هائي هائي. مان....

درد ڏکايل ماري آهيان،
تو بن چڙ ويچاري آهيان،
ڪاڪ تي ڏيل ڏکائي،
هائي هائي. مان....

راڻو: تون ذات زناني ذات زناني ذات،
بي درد صفا، ڄاڻين نہ وفا،
تنهنجي عادت مومل! جورو جفا،
دوکو پيار جي هرڪا بات.
زناني ذات........

مومل: رهي وڃ رات، او راڻـل! رات،
رڳو هڪ رات.
ڏک ڏات ڏنـا ڏک ڏات،
ڏٺيءَ ڏک ڏات.
مون نہ ڏوهہ ڪيو لڪئي لوهہ ڪيو،
مون سان سومل ڊوهڻ ڊوهہ ڪيو.

راڻو: اهـڙي آڻ نہ وائـي وات،
زنـاني ذات، زنـاني ذات.

مومل: راڻـا! فڪر ڦٽيـو فڪـرات،
رهي وڃ رات رڳو هڪ رات.
اڃ قرب ڪري ٻئي ٻير ٻري،
ڏاڍي طـلب تـڪيـري ڏات.
رهي وڃ رات، او راڻل رات........

آئي آهي؛ يعني قيامت ڪان پوءِ به ڳائبندي رهندي. هير، جي سراپا سڪ هئي، ته رانجهو، پاڻ سائين هو. جيسين سڪ سالم آهي، تيسين رانجهو دُور آهي ئي ڪين. پر سڪ جڏهن ڀَڙڪي وڃي ٿي ۽ هن مايا جي چڪر ۾ اچي، هِٽ هٽ پنڌڪڻ شروع ٿي ڪري، ته پوءِ اصل ديس جو مالڪ جڻ وڃائي ويهي ٿي رهي.

انهيءَ سڪ ئي ته رانجهن کي پنهنجي راڻ کپي، پرينءَ کي پڇائي ڪارائڻ لاءِ مجبور ڪيو. جي سڪ ڳجهه ڳاريندي آهي ته پين جا ڳجهه ڳارائيندي به آهي. صدقي انهيءَ سڪ تان. شل دل سدائي سڪندي، سَڏيندي ۽ سُڏڪندي رهي، پر پوءِ به اِئين ئي چوي:-

”ڳوليان ڳوليان مَ لهان شل نه ملان هوت
متان هينئڙي سندي لوچ، ماڻ سان ماڻي ٿئي“

رانجهو، تخت هزاري ڇڏي، هِير جي صدق
ماهيوال بڻيو. هونءَ به ڀڳت جي سڪ ۽ ڀڳتي
ڪري، 'ڪبيرساگر' ڇڏي ڀڳوان هن پرٿويءَ ت
ڇڪجي ڪين آيو؟ نه هڪڙو ڀيرو، پر وار
هو آيو ۽ اِنهيءَ سڪ جي ئي صدقي، ڪٿي بنواس
بڻيو ته ڪٿي رٿ هڪالڻ وارو سارٿي؛ ڪٿ
ڳايون چاريائين ته ڪٿي گهوڙن کي کَرکرو هڻ
وهجاريائين. مطلب ته سڪ صدقي هن ڇا ڇا
ڪيو ۽ ڇا ڇا نه بڻيو!

هير-رانجهو جي ڪهاڻي، انهيءَ سڪ جو ه
اهڙو لازوال مثال آهي. جنهن کي دنيا ڳس
ڳائيندي رهندي، جيسين قيامت جي قيامت

هير: منهنجي نگاهن ۾،
وارث ٿون ٿو وسين،
هائي هائي او ماهي!
اوُنهين آهُن ۾.
رانجهو: تنهنجي تات گهٽي،
وره وڇوڙو ڏکيو،
هائي هائي او هير!
توکي کيئن وڏي؟
هير: ساجن موٽ سگهو،
روئي روئي نيڻ ٿڪا،
هائي هائي او ماهي!
ٿو بن چين نه کو.
رانجهو: تنهنجي تات گهٽي،
آهه دکايل کي،
هائي هائي او هير!
ٿل کندو ميلو ڏڏي.

هـيـر - رانجهو

آهوُن ٿي روز پريان

دوگانو:-

هير: درد فـراق كـنـان،
آهـوُن ٿي روز پريان،
هائي هائي او ماهي!
تو رانجهن يار بنان.

رانجهو: كوئـل كوُك كري،
ٻُڌي ٻُڌي دل ٿي ڳري،
هائي هائي او هير!
ساعت كـيـن سري.

ڪيئن ٻجهايان

آگ تن ۾ لڳي ڪيئن ٻجهايان،
ڪيئن ٻجهايان رانجهن! ڪيئن اُجهايان.

جيءُ گهٻرائي، چين نہ پائي،
هينئڙو تڙفي ڪنهن کي ٻڌايان. آگ تن...

ڏوهڙو:-

پيارو پايان جڳ سڄو جي پيارو آهي پاس،
پيارو جي نيارو رهي جڳ جي کهڙي آس.

اُٿم اُميدون، تنهنجي اچڻ جون،
واٽون ڏسي ويٺي واجهہ ٿي پايان. آگ تن...

آگ دڪايل! تنهنجي لڳايل،
زور ٻري ٿي ڪيئن سا اُجهايان؟ آگ تن...

نينڊ کٽي نہ نهار

نينڊ کٽي نہ نهار، منهنجا رانجهن سائين.
ڪا گهڙي مٺيءَ سان گهار، منهنجا رانجهن...

ڏينهن تڪي ٿي رات نهاريان،
تنهنجي فراق ۾ هنجون هاريان،
جيئڻ ٿيم لاچار، منهنجا رانجهن سائين.

عشق ۾ تنهنجي حال وڃايم،
راحت ڏيئي رنج پرايم،
دردن ماريو ڌار، منهنجا رانجهن سائين.

ماڻهن وانگيان ڪين ملهايان،
سال سڄو ٿي معرم پانيان،
واڳ ڏڪايل وار، منهنجا رانجهن سائين.

شاستريه گيت:-

هِير پڪاري

رانجهن رانجهن هِير پڪاري،
رويون ويـنـي راهه نهاري.
نيهن نشي ۾ نـار نماڻي،
رانجهن جي وچي دست وڪاڻي.
برههِ جا بادل برسڻ آيا،
ٿم ٿم نيڻن نيـر وسايا.
رانجهن سائين!
شل نه پُلائين.
دل ڏنـاري، ڏاڙو ماري،
رانجهن ويهه نه پوءِ وساري.
رانجهن رانجهن هير پڪاري،
رويون ويني راهه نهاري.

رانجھن کين وسار

رانجھن! کين وسار،
عيبن ذي نہ نهار،
ايڏو کين رُئار،
رانجھن! کا نہ گهڙي اچي گهار،
رانجھن! کين وسار.

صبح سنپاريان، سانجھيءَ ساريان،
کين وساريان، ڳيچ تي ڳاريان،
راھہ نهاريان، رت تي هاريان،
قياس کو دل ۾ ڌار،
رانجھن! ايڏو کين رئار.

هير کي هاڻي، ڪانگھہ تي ڪاڻي،
ڏکڙن ڪاڻي، آب تي آڻي،
ماري جا ماڻي، الله جاڻي،
مُڇن کي نہ نہ مار،
رانجھن! عيبن ذي نہ نهار،
رانجھن! کين وسار.....

سهڻي، نفس روپي ڏَمَ سان پاڻ بڌي ٻه
پاڻ ميهار روپي مالڪ جي حوالي ڪيو هو. هوءَ
اڌيءَ رات ويساھ جو دِلو ڪڇي دنيوي - درياھ
لتاڙي پنهنجي ميهر يار سان ملڻ لاءِ نڪري
پوندي هئي. جڏهن ته سهڻي اَڻ تارو هئي،
يعني ايائي هئي، سياڻپ کان سؤ ڪوھ ڏور.
ڏم جي مٺيائين يعني نفس جي مددگار اِندرين
سهڻيءَ روپي جيوَ - آتما جي پڪي ويساھ کي
ڪچو ڪرڻ چاهيو. پر هوءَ انهيءَ ڪچي ويساھ
روپي دلي کي ڪڇي ٻه گهڙي پيٽي گهير ۾ ۽ آخر
ٻڏيءَ جا ٻيڙا ٽيا.

گنگا ٻه ته اِلين، اڏ رات جو نفس جي

شاستريه گيت :-

ياد ڪري ٿي جيئان

ٿوڪي ياد ڪري ويٺي جيئان، جيئان.
فرقت ۾ غم ڪائي دل جو،
خون جگر ويٺي پيئان پيئان.
ٿوڪي ياد ڪري..............

سُورن جي سڏ هُور نه پيئي،
دل ته دکايل! ويٺيس ڏيئي،
ڏوهه ڇو پين کي ڏيان ڏيان،
فرقت ۾ غم ڪالي دل جو،
خون جگر ويٺي پيئان پيئان،
ٿوڪي ياد ڪري ويٺي جيئان.

سهڻي - ميهار

پار وسي ٿو ميهر

دوگانو:-

سهڻي: منهنجو پار وسي ٿو ميهر،
مونکي ڪانه جهلي، هرڪا پاڻ پلي،
مان تہ ويندي يس پار ڙي جيڏيون،
منهنجو پار وسي ٿو ميهر.

صحبت کان پاڻ ڇڏائي، طوطي روپي ويـ
جي ڏنل ڏس تي هلي، وجي رام سان ملندي هـ
ميهار سان ملڻ لاءِ راتين جا اوجاڳا ڪـ
۽ آخر پاڻ غرق ڪرڻو پوندو، ٻوڙڻو پوندو ۽
آپي ڪي. ائين محبوب جو مشاهدو ٿوروئي ما
سگهبو، وصال ٿوروئي ٿيندو؟

سهڻي - ميهار جي ڪهاڻي، فنا ۽ بقا جو اُ
اَمر گيت آهي، جيڪو دل وارن جي ڪنن
سدائي پيو گونجندو.

اَچو ته اسين به اهڙي گيت جو رس وٺ
۽ سهڻي ٿوڙي ساهڙ جي سڪ جو راز پروڙيو

ميهر بنا ڪيئن جيئان

دوڳانو:-

سهڻي: مان ميهر بنا ڪيئن جيئان ڙي مائي!
ڪانءِ جهلي مونکي ڪائي،
جيجل ڪانءِ جهلي مونکي ڪائي.
مان نه ميهر بنا.........

منهنجي هن مان پريت پرائي،
ازلئون لوهه لڪائي،
مان نه ميهر بنا.........

ميھر: منھنجي سھڻي، جڳ ڪان سھڻي،
اڄ لوڪن لِڪي وچ رات تڪي،
مون سان ڪرڻ مٺي ھڏ ھيڏيون.

سھڻي: منھنجو پار وسي ٿو ميھر،
ھونڪي پار سڏي ٿو ميھر.
ڇڏيو ڇڏيو نه وچان، ڪيئن پيرو پيان،
ٿيو ڪين ننڍو اڊيون ايڏيون،
منھنجو پار وسي ٿو ميھر.

ويئي سھڻي، دڪايل! ڪاھي،
ويئي سھڻي سير ۾ ڪاھي،
ڪجهي گهڙي جي قضا ڪيا جاني جدا،
ھن برھ پُلايون ڪيڏيون،
منھنجو پار وسي ٿو ميھر.

ڪيئن سمهي؟

ساهڙ ساري ڪيئن سمهي،
دل نہ وسي ٿي پار درياہ جي،
ساري ڪيئن سمهي- ساهڙ....

ڏينهن رات جي تميز ويئي،
ويٺي جڳ جي ڳِلا وساري،
ساري ڪيئن سمهي- ساهڙ....

اکيون اُڪنڊيون جنهن ساجن لءِ،
ڪَن ۾ ڪَنهن جي طلب ڪنواري،
ساري ڪيئن سمهي- ساهڙ....

ڪچي گهڙي جي رهي نہ ساڃهہ،
سير ۾ سهڻي ميهر سنڀاري،
ساري ڪيئن سمهي- ساهڙ....

چمن چورائي چريو ڪري ويو،
ڪانڌ ڪري چترائي،
مان نہ ميهر بنا..........

ساهيڙي: پريت جي ريت نيائڻ سهڻي!
سؤلي جاڻ نہ جائي،
اؤکا آهن پنڌ پريت جا،
گهرجي خاص پڪائي،
سهڻي! سؤلي جاڻ نہ جائي.

سهڻي: سک ساهڙ جي آڌل! منهنجي،
آهي ننڊ ڦٽائي،
جيجل ڪانہ جهلي مونکي ڪائي.
مان نہ ميهر بنا..........

رات اَنڌاري ڪَن گھٽا ٻيو ڇولين سند وڇوھ،
ڀڪو پاسيرو ڪري مون سان ڪيڙو ٻ وهن ٻ وھ،
پر ٻڏي جو کھڙو ڏوھ، جو قسمت ڪاٽيارو ڪيو.
لڙھندي لاءِ ڪنار يار! تار اچي......

بار پسي ٿيا ڪپڙا ٻيا ڳُوڙا ويـٺر وار،
ٻڏندي ڪي آھي رڳو، ھڪ ساھڙ تنهنجي سار،
اڄ سھڻيءَ جا سينگار، مونکي سير جھاي سوگھو ڪيو.
ڪر نہ دڪايل ڌار يار! تار اچي......

ڪجي دلي دغا ڪئي،
ھٿ جھاي ڪر پـار.

سهڻيءَ جا سڏ

تار اچي مبهار يار!
سڏ سڻي مبهار يار،
ڪچي دلي دغا ڪئي،
هٿ ڏئي ڪر پار يار! تار اچي....

هٿ گهڙو آيو ڪچو منهنجي ڪچي ڪين ڪيو،
وهندءَ وچ درياهہ ۾ الا! ٻرزا ٿي نہ ٻيو،
ويسلي ئي ويو، جيڪو ولهيءَ وسيلو پاڻيون.
ساهڙ! سڻ پڪار يار! تار اچي......

لولبون ۽ لاڏا

شادي مبارڪ

ٻن منجهان ٿي هڪ ڪري جا،
هڪ منجهان ڦيري انيڪ،
سا رَسَمَ ناهي رڳو، پر،
زندگيءَ جي نيڪ ٽيڪ.

شوق شادي ناهه، پر آنيؤ،
سچي آنند جو.
ٿي ڪرائي آتما جي جاڳ،
جاڳائي ويڪ.

لوليون ۽ لاڏا، موقعي ٽي ئي چيا ۽ ڳ
ويندا آهن. مون به اِهي موقعي ٽي ئي چيا ٽوڙ
ڳايا آهن. اِنهن لولين ٽوڙي لاڏن ۾ ڪن جا
آهن. پر آهن نہ اِهي آخر بي نام جڳہ جا. اڳ
هلي جڏهن اِهي عام زبان ٽي آيا نہ بنا لاڏ
۽ لاڏيءَ جي ٻيو نالو شايد ئي ڪو رهندو.
بدلجندا ئي رهندا ۽ بدلجي ويندو اِنهن لاڏ
ٽوڙي لولين جو روپ. اَلبت انهيءَ تبديل
وقت جي ڪائي پابندي ڪانهي.

حال نہ جن لاءِ لکيا آهن، ٽن جي ئي نا
سان پڙهبا. جيسين اُنهن کي ٻيا به پنهنجو ڪ
پوءِ ئي نہ اِهي لاڏا چاهي لوليون جڳہ جا ٻڌبا
هت هُت جهونگاريا ٽوڙي ڳايا ويندا.

شانتيءَ سان تون بہ سو،
سنسار ناهڻ تـو وچين،
فرض سان گڏ پريم جو،
ڏاڍو نباهڻ تـو وچين.

آهي خرد نالي منجهان پڌرو،
سرل تنهنجو سڀاءُ،
پاڻ نالي ساڻ گڏ، ارجن!
ملهائڻ تو وچين.

شل جڙيو جوڙو رهي،
سنهنجو سکيو آباد شاد،
گهر گرهستيءَ ۾ رکي،
هر وقت سيوا ڌرم ياد.

پريم - ڳڻ پڙسي ڪان وڌ،
سمجهي هلي سنسار ۾،
اهڙي جوڙي ني ڪري،
ماتا پتا آشيرواد.

ڪالهہ تـاءِ جو پرائـو هو،
سـو اڄ پنهنجو ٿيـو،
تنهنجو منهنجو ويو وڇون نڪري،
سڀ سنهنجو ٿيو.

ڇو نہ گذرن تنهنجي جيون جون،
گهڙيون فرحت ڀريون.
گهر گرهستيءَ کي آڏي جي،
ڪو وجي ڪنهنجو ٿيو.

راجڌاني ٿي نهي ننڍڙي،
ڪٽمب پروار جي.
زور جي حاجت نہ جاتي،
پر حڪومت پيار جي.

مون ڪيو ڇا، تو ڪيو ڇا،
ٿڻي جو ڪجھ ليکي بنان،
ٿي رهي سنسار اهڙي م،
نہ ڪا گم بار جي.

منهن ٻڊائي ڪو جڏهن ڪجھ ڪيس چوندو،
ٻيءُ جو گهر هن کي ڏاڍو ياد پوندو،
سڀ سهي ويندي مگر ڪڇ ڪين ڪڇندي.
منهنجي راڻي ڌيءَ آهي عقل واري،
ڳالهه ٻي ويندي ڇيل ڪؤڙي ڪساري،
سمجهندي ٻڌندي ورائي ڪين چوندي.
ٻيٺ تي پُٺجي جڏهن ويندي نئين گهر،
ساڪ پونديس ۽ سمائيندي نئين گهر،
پيڻرن پڦين کان هوءَ پڻتي نه پوندي.
هڏ ٻِگل جيڪا رهي ٻيڪن گهرن ۾،
چو نه سيبائيندي اهڙي ساهرن ۾.
هوءَ جتي هوندي اُتي راڻي ٿي رهندي.
آڪ مِٺي ۽ مُک مِٺو جنهن جو سدائي،
سا سدوري ڪيئن رهي سگهندي پرائي،
ور وڳر پنهنجو ڪري هر وقت هلندي.
سو سياڳو ڏِڻ ڏڪايل نيٺ آيو،
منهنجي درگا، شيام جو گهرڙو وسايو.
مهر مالڪ جي سدا جوڙي ٿي جهلندي.

وواهه جون واڌايون

ساهري گهر جيئن ئي ڀيريون پير رکندي،
شڪ ڪندي شرمائبي، ڪيڏو نہ منجهندي!
لڄ ڪندي سهري ۽ سس، ڏيرن وڏن کان،
اڻ ڏٺل ٽوڙي سڄاڻل مائٽن کان،
لاڏلي منهنجي اُتي گهونگهٽ نہ ڪڍندي.
خوش سدا رهندي، ڪڏهن غم ڪين ڏسندي،
نت نئين ڏيرن ننڍڙن ساڻ کِلندي،
پيار ڏيندي تن کي، هردم پيارِ وٺندي.

ٻوڇڻي ڏاڻ جي رسم

(لاڏو)

پنهنجي لڏڻ جي ٻوڇڻي ڏايان،
ٻوڇڻي ڏايان سرتيون سڏايان.

مالڪ من جي آس پڄائي،
آيو ويو ڏنو ڏئي واڌائي،
ڦوُلي ڪين سمايان،
ٻوڇڻي ڏايان سرتيون سڏايان.

مڱڻو

مبارڪ ٿيو مڱڻو مبارڪ سڱائي،
وري ويئي تلسي - هريءَ جي واڌائي.

جي هڪ چنڊ آهي ته ٻيو آهه چڪور،
وڏاڻا عجب آهه جوڙي ٺهائي.

درياناٿي ۽ پوڄواڻين جو ناتو،
جڻڪ ڪير ۾ کنڊ قدرت ملائي.

انادي هي سنٻنڌ آدي جڳادي؛
هريءَ نت آ ڏلسيءَ سان شادي رچائي.

ڏهين ڏنت ٻڌي جي سنٻنت ويهه سؤ سوڙهن،
گهڙي شڀ ڏڪايل سڳوري سا آئي.

جنم ڏينهن تي

ننڍڙا وشنو، ننڍڙا وشنو، وشنو چولاٽي،
سال ڇهين ۾ پير تو پاتو راندين جا باني.

لاٽون، گوليون توکي پياريون، توکي پيارا کيل،
موٽر موچاري گهرجيئي چڙ چڙ گاڏي ريل،
لغڙ اڏائين ڊوڙون پائين پگهري پيشاني.

جيڏن سرتن تي آهه تنهنجو هردم خاصو روب،
توسان ٻَرميچڻ چاهيندو ناهي ساٿي ڪوبه،
تنهنجن يارن کي آهه تنهنجي پياري اڳواني.

ڏينهن گروءِ اڄ سو ڏيکاريو،
مون جنهن لءِ ٿئي روز نهاريو،
ٺورا کيئن سي لاهيان،
بوچڻي ڏايان سرتيون سڏايان.

پينر کپڙن ۾ نہ سمائن،
هڪ ٻئي سان ٽيون لاڏ پچائن،
ڏينهن سياڳو پايان،
بوچڻي ڏايان سرتيون سڏايان.

وندرون وندريو رهندو جڳ سان،
اَمڙ اَبي جي ويڙهي وڳ سان،
کهڙا ڳڻ مان ڳايان،
بوچڻي ڏايان سرتيون سڏايان.

شال دکايل ڏينهن سياڳو،
جڳ وارن لءِ ايندو ساڳو،
آءُ سوالڻ آهيان،
بوچڻي ڏايان سرتيون سڏايان.

١

جنم دن جي موقعي تي

جنم-دن تنهنجا دلاري! ايندا شل ور ور ڪري،
جوڳ-مايا، جي ديا سان ڀاڳ نت تنهنجو وري.

سال تيرهن تو ڪيا پورا ۽ چوڏهون ٿيو شروع،
ڏس! ڏسي توکي ٿو سيتا-رام جو هينئڙو ٺري.

سرڳ جو تون پشپ اندرُو! بي خزان آهين بهار،
پنهنجي لهڻن جي سڳنڌين سان ڇڏيءِ گهر کي ڀري.

تون سچي وديا پرائي شل سگهڙ سياڻي بڻين،
دک پرائي ۾ دکي، تنهنجي نه سيوا ري سري.

اڄ دکايل دل خوشيءَ کان آهه بي حد باغ باغ،
پيار جي ڦولن سان جنهنجو تو ڇڏيو دامن ڀري.

موهڻ وارا آهن تنهنجا مٺڙا ٻاتا ٻول
هرڪو دل سان چاهي توکي سيتا - رام جا ڍول
گهر، ٻاهر تون پيارو سڀ کي لعل لاثاني

راند ڀڃي ڪر، پر لکه پڙهه ٻيي رکه پورهئي سان چاهه
علم پرائي ٿيءُ نماڻو پاڻ ۾ رک ويساهه
هوش، هوشياري سڀ صاحب جي ڄاڻي، ٿيءُ گياني

تنهنجو ذهن چڱيرو آهي طبيعت تبريزي
سنڌي، هندي ڳالهائينٿو تامل، انگريزي
ٻوليون چار سکئين ننڍڙي ئي ڪونه سنڌ ثاني

پيار ڪري ٿي اندرؤ توکي، ٻيبي ۽ لاجؤ
سيتا - رام گهرن ٿا توکي ۽ منهنجا راجؤ
ماما، مامي چاهن توکي ٿا نانو ناني

آهه ڊسيمبر جي اڄ يارهين، سن آهه چاونجاهه
هڪ سؤ سال عمر ماڻيندين هي منهنجو ويساهه
ڏيئي ڪائيندين تون دکايل! رهندءِ دل داني

وسند جائي

بعد مدت سؤڻ ننهنجون ٿيون مرادون برثواب
ٿو ماي هرطرف کان ٿوڪي مبارڪ جو جواب.

آهه اڄ فرزند جي تشريف ڪان دل باغ باغ،
جڻ بهار آئي چمن ۾ ۽ ٽڙيو خوش رنگ گلاب.

هن خوشيءَ جي چاندنيءَ کان بي صبر دل ٿي پئي،
مشرقي پردي ڪي چيري پاڻ آيو ماهتاب.

آهه هن جلوي ڳريءَ کان خاص تابان تازگي،
آس جي آڪاس ۾ خود آهه اُڀريو آفتاب.

جي ڪاڻ ڪنهن پاءِ کان توکي مبارڪ ٿي ماي،
ٿو مهاندي ۾ نمايان خاص، ٿئي شرم و حجاب.

دل لڳيءَ کان توسان پائو! ٿو ننڍو چرچو ڪريان،
شڪر جو سالن جي ڪوشش ۾ ٿئين آخر ڪامياب.

قرب مان آندم ڪڪي جي لاءِ ڪاديءَ جو بنڌڻ،
جو ته منهنجي لاءِ ڪادي آهه مخمل ڪيمخاب.

هن خوشيءَ کان دل دکايل ڪي جهجهي راحت ماي،
ٿا خوشي پائر وندن ۽ پڻ خوشيءَ ۾ ماءُ باب.

جنم ڏينهن جون واڌايون

جنم دن ٽنهنجو ڪٺي آيو سرءُ ۾ جڻ بهار،
چؤطرف واشي! ملن ٽوکي ٽيون واڌايون هزار.

سانوري صورت ۾ سيرت آ پري سا شيام جي.
ٽوکي سيوا ڪان ڪڏهن آهي رهيو هرگز نہ عار.

ٽيرهن اونهارا سيارا ڪيڏيندي ڪلندي ويا،
سال چوڏهون تو ڪيو آهي شروع اڄ شير ٻار.

ٿا رهن گهرندا دعا داور جي در ڪملا ـ لڇوُ،
سترهين سپٽمبر سڀاڳي اچي ٻٽي بار بار.

اڄ ڪيو مڙيني مِٺو منهن خوب ڪائي چاڪليٽ،
ويو ٽڏهن ٻٽجي دکايل! آهہ ٽافين جو ڏڪار.

سنگیت قول

لولي

لوليءَ لعل ملايو،
منهنجو جيءُ جيءُ آيو،
منهنجو نچ نچ آيو،
لوليءَ لعل ملايو.

گهر گهر مان واڌائي آئي،
پيڻ ڏڏيءَ ٽنهنجي آس پڄائي،
مالڪ عرض اگهايو،
منهنجو نچ نچ آيو.

پنهنجي لڏڻ جون لولڙيون ڳايان،
کير پتاشا خوب ورهايان،
آهه چنيءَ جو سعيو،
منهنجو جيءُ جيءُ آيو.

گود اَمڙ جي آهه پري اِج،
واهه دکايل! دلڙي ٺري اِج،
ڳايو خوب وڄايو،
منهنجو لوليءَ لعل ملايو.

فهرست

صفحو

مهرباني فرمائي درست کري پڙهو

صفحو	سٽ	غلط	برابر
۲۱	۹	ڦڪِن	ڦڪِط
۲۷	۷	عصمت	عظمت
۵۲	۱۶	ڇڏ همت	ڇڏ تون همت
۵۹	۱۱	ساوڻ ميدنن	ساون ميدانن
۶۰	۶	هردم موسور ۾	هردم جوين ۾
۱۴	۲	ڊرلي	ڌرلي

Printed by Mellaram M. Vaswani, at the
Sunder Printing Press, Ajmer.
&
Published by Krishna Bhambhani Secretary Lok Sahitya
Prakashan Gandhidham, Adipur (Kutch)

گرديو ٽئگور

ساڌنا ٿاب ٻڌي ڪلپنا ساڪار بڻي،
فرش تي عرش لٿو پوربي پرڪاش ڪڻي،
آتما ڳايو مڌر گيت، ويو پراڻن کي وڻي،
درد ٻڌي جي تي متاثر ٿي پيا نيڻ ڇڻي.
ساز گرديو جو ڇيڙيو، ٿو اڃا ٻهر وڄي،
نيڪ دنيا جو بڻي، روح ٿو آدم جو رڄي.

٥

توکي هر وقت مهاڙي جي رهيو ڄار جو خيال.
عام مزدور جي گردن تي رکيل بار جو خيال،
بيل جوڙي توڙي هاريءَ سندي هر ڦار جو خيال،
بي ثمر تنگ غريبن جي ٻچي ٻار جو خيال،
توکي هر مهل رهي اون ٿي ڳوٺاڻن جي،
ماڪ جي مال جي پاڳين جي پٽن پاڙن جي.

٦

عشق کي مرض نه سمجهو تو محبت کي ملال،
ڪم ڪڏهن ڪين ڏٺو تو پنهنجي جانب جو جمال،
هر گهڙيءَ محب جو ماڻيندو رهئين خوب وصال،
تنهنجي آڏو نه رهيو پاڻجي وڇوڙي جو سوال!
روح جو بند پکي جسم جي پڃري نه ڪيو،
تنهنجو هردم مٿي آڪاس ۾ پرواز رهيو.

٧

توکي هر چيز منجهان حسن هزاري ٿي ٻکيو،
نور ۽ نار ۾ نت لهري سو لعل تو لکيو،
پنهنجي محبوب کي ڀاڪن ۾ ڇپائي تو رکيو،
بيخوديءَ ۾ ٿي سدا جام سندو ساءُ چکيو،
سونهن ساگر ۾ ٽٻي اونها تو غوطا ٿي هنيا،
پريت جا گيت چئي موج جا موتي پئي ڪٺيان!

٢

توهان جي ڪُوتا ۾ جُون ٿا، نه لڪي ڪجھ ڳايان
توهان جي قدمن ۾ رهي، توڪان سڪي ڪجھ ڳايان
تو ڇنڊي جيڪي ٻڌايو، اي رِکي! ڪجھ ڳايان
تار ويڻا جي سا تاڻي مان تڪي، ڪجھ ڳايان
موتي ڪُوتا جا مگر ڪيئن سي پُئان ڌوري ۾
خيال اعليٰ ڪري ظاهر نه سگهان ٿوري ۾

٣

درد مشرق جو هو مغرب کي ٻڌايو توئي
نغمو آزاديءَ هو لئه تار ۾ ڳايو توئي
نعرو جنگين جو مخالف ٿي لڳايو توئي
وشو-شانتيءَ جو سچو راهه بتايو توئي
پنهنجي واڻيءَ سان سُتل جڳ جو تو جاڳايو ضمير
تو ڇيو بند غلاميءَ جو نه رهندو ڪو اسير

٤

ذات اِنسان کي نفرت کان بچائڻ تو گھريو
رنگ ۽ جات جو ڪُل فرق مٽائڻ تو گھريو
نانءَ ۽ رُوپ سندو مرم ٻڌائڻ تو گھريو
هيڪڙائيءَ جو سبق هڪڙو پڙهائڻ تو گھريو
توهان جي دنيا ۾ رهيو ڪين ڪو ڪُوڙو يا مٺو
پنهنجو ڀڳوان تو هر جيو جي اکڙين ۾ ڏٺو

امڙ جيجل

(ماتا ٽڪل بائيءَ جي ديهانت تي)

٢٨ جون ١٩٣٠

ٽون جاڳي ڳوڊ پنهنجي جهل ،
امڙ جيجل ، امڙ جيجل !
ڇڏي ڪيئن ٿي وڃين هيڪل ،
امڙ جيجل ، امڙ جيجل !

چمن ڪي باغبانيءَ جي ،
ضرورت نغمه خوانيءَ جي ،
وڏي پرورش سان ڦل ڦل ،
امڙ جيجل ، امڙ جيجل !

٨

ٽوڪي دنيا ٿي مڃي امن جو بيباڪ سفير
ٽوڪي دنيا ٿي مڃي هند جو هڪ مست فقير
ٽوڪي دنيا ٿي مڃي سمنڊ جان گِهرو ۽ گنڀير
ٽنهنجي ڪوتا ۾ مليو وشوَ کي تلسي ۽ ڪبير
فلاسوفيءَ جا سرل راز سلڻ آئين ٽون
وشوَ ساري ٻنهي ٻانهن ۾ جهلڻ آئين ٽون

٩

واڪ ويدن جا چوان، ٽنهنجا هي اشعار چوان
قول مردن جا چوان، گيت بقادار چوان
جا روانيءَ سان وهي ٿي سا گنگا ڌار چوان
جن ۾ ڪنڊو نہ رهيو، قول سي بي خار چوان
گنج پنهنجي مان ڏکايل کي تو بخشي جا رتي
رنگ لائيندي زماني ۾ رهي ڪوتا - بتي

ننڍي تو ناز سان پالي،
ڪيو صالح جفا جالي،
مگر اُنجو نہ ماٺيءَ ڦل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

ڪيا جي مون انگل آرا،
سَنا تو مُرڪندي سارا،
نہ چينبيو هڏ ڏسي چنچل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

جتي منهنجو ڳڙيو ڳوڙهو،
ڏنيءَ اُت خون جو لوڙهو،
ڪيءَ همدرد دل شامل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

ٿئي آيو تاءُ آنڊي تي،
مٿي! تنهنجي مهانڊي تي،
ڏسي ڪومل کي ڪومايل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

لطافت تنهنجي لوليءَ ۾،
اَمِتَ ميٺاج ٻوليءَ ۾،
پريو ڪنهن؟ راج راڻي! مل،
امڙ جيجل امڙ جيجل!

امڙ جي هنج ۾ جوهر،
پٽ مان ٿئي ڦري گوهر،
عجب ڪيمياگري ڪامل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

نڪو اُج اوج گلشن جو،
لڏي ويو لاڏ گل پن جو،
نڪا اُج باغ ۾ بلبل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

نڪو ماهه ماءُ جي هنج جو،
نہ ڪاٿو پريم جي گنج جو،
ڏين نربل کي خاصو بل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

وڃائي ماءُ جي محبت،
ڪسائي پيار پرداخت،
وهائن ٿيون اکيون جل جل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

اُٿي هيڪر نہ تون ماتا!
دلاسو ڏين جنم داتا!
نہ اوريون اور ڪا آيل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

١٩٣٢ واري ستياگرهه آندولن ۾ نظربنديءَ ڪانپوءِ وري اٺاويهه مهينا سخت قيد جي سزا ملي. ڏاريءَ سرڪار طرفان اُنهيءَ وقت هلچل کي دٻائڻ جا سڀ حيلا وسيلا ٿي رهيا هئا ۽ سچ پچ ته ڏيري ڏيري آندولن ٿڌو پئجي ويو. ٻين سوين ستياگرهين وانگر مان به حيدرآباد سينٽرل جيل ۾ ٻن سالن ۽ ڇهن مهينن جو عرصو ڪاٽي رهيو هوس. هيٺيون شعر پنهنجي اُستاد سائين 'بيوس' جي ياد ۾ انهيءَ وقت لکيو هيم جڏهن سندن آسيس جا ٻه اکر پهتا هئا. هن دفعي شعر جي پهچ، سائينءَ شعر ۾ ئي ڏني. هن هيٺ ٻئي شعر "دلي آرزو" ۽ "ٻڙاڏو دلي آرزو" جي عنوان سان ڏنا وڃن ٿا. پڙهندڙ 'سائينءَ' جو جوابي شعر پڙهي، محسوس ڪري سگهندا، ته سندن پنهنجي هن ناچيز شاگرد کي بالڪ ٿي ڪيڏي نه مهربانيءَ جي نظر هئي. هونءَ به مون تي سندن احسان اڻ ڳڻيا ئي ته آهن.

رڌي ۾ پريم جو چشمو،
ٿو ڳائي حيرتي نغمو،
مَٺي قربائتي هلچل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

ڏسي توکي مِٺي! بيدم،
اُٿيو دل جو سمُورو غم،
هينئر مشڪل صبر تحمل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

ڦسي ٿي فڪر کان ڏهه ڏهه،
دفعا اُٿلي اچ اک ۾،
ڏکايل جي ڏکايل دل،
امڙ جيجل، امڙ جيجل!

پڙاڏو دلي آرزو

ڏسان پنهنجي پيارل کي سدا ٿو دل جي درپن ۾،
ڦري تصوير دلبر جي اکين جي ماڻڪن، من ۾.

اُڇايل ڇو دکايل! ٿي نهارين آسمان ۾ ٿو؟
رهي جُر جام مون وٽ ٿو مِٺا نيڻن جي چشمن ۾.

پوتر دل پرين تنهنجي تمنا کان مٿي آهي،
سچيرو عيش دنيا جو ڏنيءَ شيوا جي شغلن ۾.

اهي ڳوڙهن سندا موتي، دکن ۾ پيسجي پوندا،
کندا قوّت قوي پيدا هزارها دل شکستن ۾.

وڇايل ياد جي آيو، ته سمجهو ڄاڻ ٿيو حاصل،
حياتيءَ جو امله هيرو، اچڻ ٿي آهه چمڪن ۾.

سڄڻ صدقي ٿين ٿورڙان، ٿا خود بحر و وزن، قافيه
مجسم شعر ٿي پئين مات قربانيءَ جي چرنن ۾.

دکايل روپ ۾ 'بيوس' ٿيو پنهنجو پاڻ تي موهت،
حقيقت ۾ اُهو هڪڙو، جُدارو جو ڪ جسمن ۾.

ببوس ۽ دکايل

دلي آرزو

اُٿي ٿي آسمان هر هر نظر توڏانهن اُجايل جي
تنهنجي پندار ۾ اٽڪي رهي ٿي دل بکايل جي

تمنا عيش دنيا جي نه دل ۾ ڪا رهي باقي
فقط سيوا جي درشن لءِ سڪي ٿي دل سڪايل جي

روئي ڏينهن رات پنهنجي حال تي پاڪون پسايائو
هينئر ڪر آرزو پوري مصيبت ڪان مسايل جي

حياتيءَ جو اماهه هيرو وڃايم پوڄه وشين ۾
پوي ٿي يادگيري ليڪ هاٿي شيءِ وڃايل جي

نه مون ۾ شعر جو مادو، نه ڄاڻان بحرو قافيه مان
مگر سمجهان ڪرامت تو فقط آسيس آيل جي

سمت ڏي شل سچو سائين، سدائين پاؤ پڳتيءَ سان
رهي ببوس جي چرنن ۾، اٿل شرڌا دکايل جي

تابش کان باغ ٿالان ڪومائجي ويو لالان،
وانجي رهي وصالان ٿي اندليب نالان.
فرياد ٿي اچين تو،
امداد ٿي اچين تو.
بادل ٿهي اچن ٿا ڪڏندا ڪهي اچن ٿا،
وڄ سان وهي اچن ٿا لڏندا لهي اچن ٿا.
ڌرتيءَ جي گاهہ پن ٿي،
چوڏس اُجڙ چمن ٿي.
جيڪي ڦڳن ڦٽايا ساڙي سڙءِ سُڪايا،
بيهر وري سي جايا تو ناز سان نپايا.
سبزيءَ جو ساهہ آهين،
بختي پناهہ آهين.
سيتلتا چاندنيءَ جي تو منجهہ پري رهي ٿي،
خالص سخا جي سرسي خدمت خداء ترسي.
تو ۾ پلائي برڪت،
شامل رهي ٿي شرڪت.
قدرت ڪمال تو ۾ جلوو جمال تو ۾،
گل جو وصال تو ۾ هرشيءَ ٿئي لال تو ۾.
تو ۾ مدام مستي،
آهي عجب الستي.

ڀلي آئين سيارا

پوشاڪ سبز پائي سرهو سنڌر لڳائي،
چوطرف رنگ لائي جڳ ۾ جشن ملهائي.

منڊن ۾ ناميارا،
آئين ڀلي سيارا.

آرهڙ جي تيز تابش جبري سِٺي ٿي سازش،
چئوڏر وسائي آتش پيدا ڪري ٿي نالش.

هرجا مچي حشر ٿو،
توبهه پري بشر ٿو.

سورج جو تاب تجلو تو ۾ جهڪو پوي ٿو،
گل ڦل سڙي وڃڻ جو بلبل کي ناهہ اونو.
پويان بهار ايندو،
دل کي قرار ڏيندو.
مکڙين سان لنو لڳائي مشڪ و عطر لٽائي،
سازن سان سُر ملائي گِت گِت ڪري ٿي ڳائي.
ويساک جا وچايل،
تو ۾ سدا دکايل.

ساون وڏن ٽٽڻ تي گهاٽين ۽ ماٿرين تي،
ٻوٽن مٿان گلن تي رابيل ۽ سمن تي.

تو پوش سبز جهرڪي،
شبنم جو هار جرڪي.

ڪيتن ۾ اَن ٻرين ٿو گهر گهر ۾ ڏن ڏرين ٿو،
هرسوُ جشن ڪرين ٿو ڪيڏي مزي سان ڏين ٿو.

راهن کي سبز پوشي،
بلبل کي جام نوشي.

چوهو اُتر گهاي ٿو وڻ ٽڻ جَهاي جهاي ٿو،
شيشي جو در کُلي ٿو پيالو ٿي ڀَر ڇُلي ٿو.

عشرت جو اَوج تو ۾،
محفل جي موج تو ۾.

گلشن جو ڪونو ڪونو سوڏي ڪرين ٿو سونو،
هر گل جو توکي اونو فرحت لئي ٿو فونو.

سگهندي ڦلائي ڪنهن ڀَر،
بخشيش تنهنجي ٿانگر.

اُتري نسيم آئي رهندي نه ڪا اَگهائي،
تو ۾ صحت سگهائي آهي سدا سمائي.

توکي اَگهو سنڀالي،
سڀڪو سگهو سنڀالي.

۳

گلشن سندي صحن ۾ ڀونئرا نہ ڪيئن اُڏن ٿا،
اُڏندي گلن مٿان سي رونشا مزا ڪڍن ٿا،
ڪنهن ٽار تي ٽپڻ سان ڏوڙين ۽ ڏڏن ٿا،
لامن تي لوڏ لائي، پينگهي مٿل لڏن ٿا،
هر ڪنهن زبان ۾ آهي چؤ ٻول هي سمايو،
ڇهہ ڇهہ چمن ۾ لائي خوش دل بهار آيو.

۴

سؤ لطف سان چمن ۾ مورن جو ناچ ٿيندو،
مهتاب ٻڻ مزي سان سئنا سميت ايندو،
هر گل نقاب پنهنجي منهن تان پري پٽيندو،
هر ڪنهن کي باغبان جت ڏهرو انعام ڏيندو،
هر ڪنهن زبان تي اهڙي آزاد تان ٿيندي،
گلشن جي صدر در تي عالي ڪمان ٿيندي.

۵

ٿيو باغ ۾ گلن جو چالو عجب نرالو،
موتين سان آ لبالب ياقوت جو پيالو.
چؤطرف ڇهڇٽو آ خورشيد جو اُجالو،
فرحت جو آهہ باعث قولن جو هي اٽالو.
گلشن ۾ اي دڪايل رونق عجيب آهي،
آزاد ٻلبلين جو جاسو قريب آهي.

بهار

لک ناز، ساز واري خوش رؤ بهار آئي،
ڦولن جي سيج جنهن لءِ آ باغبان وڇائي،
گينڊي، گلاب، ناڱر، موتئي ڇا موج لائي،
نرگس ڪري ٿي ظاهر قدرت جي دل لڀائي،
هر ڪنهن زبان تي اڄ بس هڪڙي ئي ٿا رآهي،
آيـو بـهـار هرسوُ، هرسوُ بـهـار آهـي.

۲

بلبل جي اڄ زبان تي آهي اهو ترانو،
ماتم حشر جو دردي گذري چڪو زمانو،
ويئي خزان دفع ٿي، اڄ آهـ شادمانو،
رونق پريو لڳي ٿو قدرت جو ڪارخانو،
آئي بهار ڪان ڇا هر شيءِ ۾ موج مستي،
ظاهر ڪري ٿو هر گل قدرت ڪمال هستي.

٢

گجگوڙ سان گجي ٿي ڏس! آبشار هولي،
ڦولن سان پُر ڪري ٿي ڇا ڪوهسار هولي،
هر ڪنهن زبان تي ظاهر آهي تنوار هولي،
ڪيائي ٿئي مرڪندي خود بانڪي مرار هولي،
منهن تان پري پٽيندي مرڪي نقاب هولي،
گيدين لءِ خون جو رنگ آ لاجواب هولي.

٣

ڀارت جي آهه بيشڪ عصمت نشان هولي،
قائم ٿئي تنهنجي دائم هندوستان هولي،
خوش ٿي هميشه ڳايون جيئڻ شاد مان هولي،
گڏجي سدا ملهايون پيرو جوان هولي.
ٽيندي نه ڪنهن بشر لءِ هيءَ اضطراب هولي،
هر چونڪ ۾ چمن جي ٽبرڙي گلاب هولي.

٤

آڪاس ۾ اُڏائي ٿي ڇا گلال هولي،
ڇا رنگجي ٿئي ٿو افلاڪ لال هولي،
ظاهر ڪري ٿي ذاتي جلوو جمال هولي،
قدرت ڪنان ڪيو تو حاصل ڪمال هولي!
هر تار ۾ شجر جي آهي رباب هولي،
شوقين لاءِ شيشو آهي ثواب هولي.

هولي!

هر طرف شور آهي آئي بهار هولي،
لائي ٿي ڇهڇٽو ڇا هيءَ رنگدار هولي،
ظاهر ڪري ٿي ڇا ڇا، قدرت اپار، هولي،
ڏسندي ڇا شاد ٿئي ٿي دل داغدار هولي.
ڀارت ۾ شال آڻي اڄ انقلاب هولي،
مُڙدهه دلين ۾ ڦوڪي جوش شباب هولي.

هولي پرب

هولي پرب ملهايو پوتر هولي پرب ملهايو
پيار جو رنگ اُڏايو، پوتر هولي پرب ملهايو.

پريم رکي پرهلاد پڪاريو نرسنگهه ديو هو پاڻ پڌاريو،
ڪشٽ نوارڻ آيو، پوتر هولي پرب ملهايو.

هرناڪس جو ظلم مچايو، دور ڪرڻ ڀڳوان سو آيو،
ڀڳتن جو رکي رايو، پوتر هولي پرب ملهايو.

هولي ڏينهن ٿي هار مڃياجي، سوپ سچي ڀڳتي ۾ سڃياجي،
هولڪا پاڻ جلايو، پوتر هولي پرب ملهايو.

ڏينهن اڄوڪو آهه سڀاڳو، ڀارتواسي ڀائر جاڳو،
جيوتا وقت وڃايو، پوتر هولي پرب ملهايو.

مورنه ڪائو ماس پرايو، ڪين ڪنو هي مَدُ ورتايو،
جيوتا پاپ ڪمايو، پوتر هولي پرب ملهايو.

٥

تنهنجو اچڻ وڃائي رنج و ملال هولي ،
هر ڪنهن سان تون پلائين بيشڪ ٿي پال هولي ،
ڀارت ٿي شال ٿئين تون دائم ديال هولي ،
آباد ٿي ملهايون هر ڪنهن هي سال هولي ،
ڪيئن آدمي ڪرين ٿي ، تون بي حجاب هولي ،
ڪر مسخري نہ مون سان جبري جناب هولي .

٦

ڳائي ٿو ٽالَ سُرَ سان ڇا آسمان هولي ،
ڪيلي ٿو ڇا گلن سان ڏس ! باغبان هولي ،
معلوم آ دنيا کي هيءُ داستان هولي ،
ٿو مند ٿي ملهائي سارو جهان هولي .
ڪِلندي ٿو ڇا ملهائي ڏس آفتاب هولي ،
مرڪي ٿو ڇا دڪايل ! شب ماهتاب هولي .

ڏياري

جوت جهڪي نيڻن جي آهي دل ۾ ڀر اُتساهه گهڻو،
ڏياريءَ جي ڏينهن جي ڏسڻ جو چت ۾ آهي چاهه گهڻو.
وڻتا، من جي شرڌا لوڏي ڇا نه ڪيو گمراهه گهڻو،
رام جي نانءَ جي شڪتيءَ ۾ پر اڄ به اٿم ويساهه گهڻو.
نيت پڇاڙي ٿيندي هن ٻيڙا جي ء ملندو آرام،
رگهپت راگهو راجا رام پتت پاون سيتارام.

جنهن جو سنگ کري ٿو ڪارو، اهڙو آهه شراب هي چارو
مول نه مرض پرايو، پوتر هولي پريپ ملهايو

نشئي ٿي ڦتڪار پوي ٿي، هيڏانهن هوڏانهن مار پوي ٿي
چوٿا خلق ڪلايو، پوتر هولي پريپ ملهايو

ڪين ڳنهو هٿ ساڻ خواري، ٿئي هٿ هٿ بدنام جواري
پوءِ مٿان پڇتايو، پوتر هولي پريپ ملهايو

ملڪ اسانجو ٿيو ويڳاڙو، ڪٿي اڳيون سو آهي ناڙو
ويهي ڪڇ ويچايو، پوتر هولي پريپ ملهايو

ڪيئي اڄ تو ورٽيون نياڻيون، رڃ ٿيون روئي پرن نماڻيون
جنکي سسن ستايو، پوتر هولي پريپ ملهايو

ڏيتيءَ ليتيءَ ذنگي ماريون، سهما ويڙ سهن ويچاريون
لڇمين کي نه لڇايو، پوتر هولي پريپ ملهايو

داس اوهانجا ونتا ڳائن، ڳليءَ ڳليءَ ۾ ڦيريون پائن
ٽن جو ڪڇ ورنايو، پوتر هولي پريپ ملهايو

جنهن مان وطن جي حالت سڌري، ڦٽل دکايل قسمت سڌري
اهڙو ورق ورايو، پوتر هولي پريپ ملهايو

٥

ڀرت ڪٿي ڀارت ۾ جنهن وٽ ڀائن وارو ڀاءُ هجي،
سونپ ڪٿي شترو گهن وارو، جنهن ۾ سڪ ۽ ساءُ هجي.
سؤر وچن وسري، جي پنهنجن وٽ ڪجهه ڀي کهڪاءُ هجي،
پرجا ۾ جي پريت هجي ۽ راجا وٽ ڪو نياءُ هجي.
داسن وانگر پر هِت ڪرڻو آهي ترِ ترِ ٿي پرڻام،
رگهوپت راگهو راجا رام پتت پاون سيتارام!

٦

راماين جا ورق ورائي رام ڪي ٻيا ٿا ياد ڪريون،
روئڻ بد ران ٿهڪ ڏئي ٿا وڌندڙ وِک منزل ڏي ڀريون.
دل جا سڀ ارمان جلائي پنهنجا دک ٿا پاڻ هريون.
ڪانگرٿي جي پاسو ڪن، تن ڀائن ٿي ڇو بار ڌريون؟
ڏياري ويرن جي آ دڪايل! ڪمزورن جي لءِ ماتام،
رگهوپت راگهو راجا رام پتت پاون سيتارام!

٢

رام ورهيه چوڏهن ٻن پوڳيو، پاڻ هميشهه ٻنواسي
پوري ٿيندي نيٺ ڪڏهن ٿي نرواسين جي چوراسي
رام رشين جي آشرمن ۾ گهاريو ٿي تيرٿواسي
پاڻ به پيا ٿا پٽڪون پشڪرراج ڪڏهن ته ڪاش
رام جا ڳاڻ ڳڻيا ڏينهڙا؛ پر ٻي-گهر آهيون پاڻ مد
رگهپت راگهوَ راجا رام پتت پاون سيتار

٣

رام وڏن جي آگيا پالي، گهر ٿيا ڳي ٿيو ٻن راهي
پاڻ به ساڳي آگيا پالڻ ۾ نه ڪئيسين ڪوتاهي
رام ايوڌيا موٽيو، هنکي ٿي حاصل شوڪت شاهي
ڌهلي ڏوُر اڃا پنهنجي لءِ، ٻارئين ٻچين ٻي واهي
هو مريادا پرشوتم ٿيو، پاڻ مگر آهيون بدن
رگهپت راگهوَ راجا رام پتت پاون سيتار

٤

پاڻ ته سمجهوسين سک ملند و ٿيند و پارت جيئن آز
آزادي آئي، پر پنهنجي ماڳهين حالت ٿي برباد
ظلم ڏسو! جن لاءِ مئاسين تن کي جڻ ته نه آهيون ي
صدقي جا ٻڪرا ٿي پياسين؛ هاءِ فلڪا هيڏو بيدا
پنهنجي گهر ۾ گهر جا مالڪ گهارن ٿا جڻ ٿي ته غلا
رگهپت راگهوَ راجا رام پتت پاون سيتار

اڄ ايوڌيا ۾ نہ سورج ونش جو باقي نشان،
ٽڙ ڦندي ڪٿ جي وئي مياڻن اندر شمشير، رام!

اي دڪايل هند ڪي اڄ آهہ تنهنجي جستجوُ،
پنهنجي آمد سان عطا ڪر ملڪ کي توقير رام.

جواب

اڄ ايوڌيا ۾ نہ ساڳيو پرت وارو پاءُ آهہ؛
منهنجي موٽڻ ۾ نہ منهنجي آهہ ڪا تقصير هند!

هن اُداسائي، علالت جو فقط هڪڙو سبب،
داستا جا پيڪڙا ۽ زِهُہ لڳل زنجير هند!

ڪين گهر وينئي ملي ڪنهنکي اماهہ آزادگي؛
راهہ اُنتيءَ تي رسائي ٿي رڳو تدبير هند!

ڪرشن پڪ ۾ ٿو ڏسائي ديپ مالا جو ظهور،
نااُميديءَ ۾ اُميدن جي لڪل تنوير هند!

اي دڪايل رات پياري رام جو نياپو مليو،
هند وارن جي هٿن ۾ هند جي تقدير هند!

ڏياري

(رام سان سوال جواب)

اڄ ڏياريءَ جي ماھائڻ جي نہ وصعيت ملڪ ۾
ٿا غريبيءَ ۾ لڳن جوڙا جشن رگهبير رام

جهوپڙين جي مالڪن کي ھن انڌاريءَ رات ۾
تيل جو ڏيئو جڳائڻ ٿيو عبث بلوير رام

مڻ مناين جا لنئڻ مشڪل غريبيءَ حال ۾
ناھہ قدرت ھند سان ھمدرد عالمگير رام

اڄ اُھي آڪاس-گنگا ۽ نٿيون لھريون اُٿن
جن جي ٿوھ ٿوھ ۾ نھان ڪنھنجي سندر تصوير رام

ٿو چڙھيل ڏسجي اُتو، چانديءَ جي رٿ ۾ چند ڪي
مند ستاري ڏيئڪن جي روشني راڏير رام

۳

...ر سان مطلب نہ ڪو تعليم جو ذرڙو خيال،
آهہ هڪڙو پل پڙهڻ سڪول ۾ جنهن لۓ محال.
...شق تنهن لۓ آهہ اڄ ڪاهہ زال جو هرهڪ سوال؛
...جاگرافي هسٽري پڻ پنهنجي پياريۓ جو جمال!
...بالپڻ جي آهہ شادي زندگانيۓ لۓ خزان،
...ٿو چوي افسوس هرڪو "آهيان مئٽرڪ فيل مان."

۴

بعد شاديۓ چاهہ ڪيئن تعليم جو ٿيندو جناب!
ٿيو جڏهن ميلاپ پنهنجيۓ ارڌانگنيۓ جو ڪتاب.
زال جي ماءُ ون وجڻ سڪول جي ٿئي ٿو خجاب؛
ڪيئن پڪي امتحان ۾ ٿيندو ڀلا پو ڪامياب؟
رحم ڪائو بزرگو! پنهنجيۓ مٺيۓ اولاد تي،
پل سندس شادي ڪريو ٿئي جوان جڏهين ايم-اي.

۵

...خواب غفلت مان اُٿي اي همدمو هوشيار ٿيو،
فجر جون باڳون ڦٽيون ۽ ٿيو صبح، بيدار ٿيو.
جيڪڏهن ننڍپڻ جي شاديۓ کان صفا انڪار ٿيو،
اڻ ٻڇو ٻارت جو ٻيڙو پار ٿيو بس پار ٿيو.
ايۓ حالت ديش جي جيڪس دکايل! دور ٿئي،
نظم هي منهنجو جي اهل ملڪ کي منظور ٿئي.

ننڍ پڻ جي شادي

هاءِ ڀارت جو اُهو اڄ زيب ۽ زينت ڪٿي
خوش فضا فرحت ڪٿي ۽ رس ڀري راحت ڪٿي
اڄ اُهو ساڳيو اباڻو شان ۽ شوڪت ڪٿي
رس ڪٿي رغبت ڪٿي مصلحت ڪٿي مروت ڪٿي
آه بربادي جو ڪارڻ خاص ننڍ پڻ جو وواه
جنهن اسانجي ديس دلبر کي ڪيو آهي تباه

٢

عمر ۾ ٿورو وڌيو تعليم جي قابل ٿيو
بعد شاديءَ پنهنجي پياريءَ زال ڏانهن مائل ٿيو
ڪنوار جي ڪمري ۾ شدمد شوق سان داخل ٿيو
الغرض هم بستري ٿيو، عيش پڻ حاصل ٿيو
جسم ۾ ڪمزوري ٿئي ٿي اهڙي شاديءَ کان عيان
تو ٿئي اولاد پڻ پيدا ضعيف و ناتوان

کيا چوٽ تنهنجي هزارين چريا،
وني رنج و غم دل، جي جيئري بريا،
گهڻا تنهنجي ٻاراڻي اندر ٻريا،
وَيل رت اُنهن جا نه موٽي وَريا.
تنهنجو ڪاچ پرائو ماس،
هاءِ هاءِ ڏيتي ليتي.

ڏسي ڏيل تنهنجو ڏُکياريون ڏرن،
مصيبت جون چوٽون سهي ٿيون مرن،
حياتي گذارن ٿيون پيڪي درن،
وري ڪين جي ساهري گهر وَرن!
نياڻيون ڪيئي ڪيءِ نراس،
هاءِ هاءِ ڏيتي ليتي.

وري جي ڇٽن سان هلائين مُنا،
گهڻن جا دنيا ساڻ ناتا ٽُٽا،
چڙهيا تنهنجي وَر جي، سي جاڙو ڪٽا،
بچا سي دکايل جي تو مان ڇٽا.
ڪٽي نه شل ٽون ڪرين نواس،
هاءِ هاءِ ڏيتي ليتي.

ڏيتي ليتي

ڳنهنجي ٽٽي شل ستيا ناس،
هاءِ هاءِ ڏيتي ليتي.
ڳنهنجو آهه ندورو واس،
هاءِ هاءِ ڏيتي ليتي.

رکين ٿي جتي پنهنجو ڳؤرو قدم،
ڪرين ٿي اُنهيءَ گهر کي آخر ختم،
هڻي ڏنگ زهري رسائين زخم،
ملي ڪين جنهنجو وري ڪو ملم.
ڳوڪي ٻندن عام و خاص،
هاءِ هاءِ ڏيتي ليتي.

۲

چِٽ پِٽ جي ڪُنڊ پاسو،
تنهن ۾ ڪري ٿي باسو،
جيئَن ٿُئي بچاءُ خاصو،
ويري ڪري نہ واسو،
ڪو ڪانءُ باز ٻهري،
ڪاهي نہ نانگ زهري.

۳

قائم رهي ڪکن تي،
ڀرو ٿي ڏئي ٻچن تي،
آرو ڪري ٿي تن تي،
تازن جُٽين ڪچن تي،
جيسين پرئين پڪا ٿين،
ٻاهر اندر اُڏامن.

۴

جهرڪيءَ جي جهنب ننڍڙي،
چُوُن چُوُن ڪري ٿي تڪڙي،
قد ٻت ۾ آهہ ننڍڙي،
پر عاقبت ۾ وڏڙي،
ڪيڏو ڪٽمب ٿي پالي،
گهر ٿي سڄو سنڀالي!

جهرڪي

ڪک پن ڪري گڏي ٿي،
ڪيڏو لڏو لڏي ٿي،
ڄمڊو آڏو آڏي ٿي،
حيرت ڪري ڇڏي ٿي،
تعمير سادگيءَ جي،
تصوير سادگيءَ جي.

ڪبوتر

وَهَه وَهَه تنهنجي ٽورَ ڪبوتر،
مِٺڙي مِٺڙي اور ڪبوتر!
ڪيتن ۾ چِٽ چور ڪبوتر،
تنهنجي چِڳه چِڳه زور ڪبوتر!
اڪي لڪي ٿو جهاتيون پائين،
چوڳو ٿو چورائي کائين؟

٢

ڦر ڦر سان هر دل هرکائين،
هُوُ هُوُ جو آلاپ آلائين.
ڦرڙيءَ واريون ڦيريون پائين،
جهرڪيءَ واري جهمر لڳائين،
پنهنجن پيارن ساڻ اڏين ٿو،
باد زمان سان راند ڪڏين ٿو.

٥

چرنديون چچُون جهليِ ٿيِ،
گهر ڏي ڪٽيِ هليِ ٿي،
سَرِ سرِ ڪريِ سلي ٿي،
پائين ٻليِ ٻليِ ٿيِ،
ٻچڙا ڏسي نچن ٿا،
ڪيڏو نہ شور ڪن ٿا.

٦

سٽيِي سَجَر سوادي،
آندي جا چيز ڪادي،
مِٺڙن مکي اُپادي،
اُن جي ٻٽي نہ آدي،
ڪلَ سان مليِ ٿي ڪائي،
آنند نت منائي.

٦

ڏُور ڪان ڦرڪي ايندو ماري،
ڪسڻ جي ڪرين نه ڀه تياري؛
مگر وڇايل ڇُوڏر جاري،
آٽي ڦاسائيءَ ڇُوڏاري،
تو ٿئي عيش اُڏائڻ چاهيو،
ليڪن قسمت قيد ڪرايو.

٧

ماري ڏوري ترت ڪشي ٿو،
دستِ جفا سان بند ڪري ٿو،
ٽڪڙو ٽڪڙو پاند پري ٿو،
آخر ۾ تڪبير پڙهي ٿو!
هينئر ڪٿي سا ذات ڏکايل؟
لالن واري لات ڏکايل!

۳

پَر پَر ۾ سُر تار سمايو،
سنل سَتا کي جنهن جاڳايو،
بيعد جو درياهه وهايو،
سا، ري، گ، م، پ، د، ني سا، ڳايو.
ٽڪ ٽڪ ۾ ڇا تاڙ هاي ٿو،
قدرت جو اِسرار سلي ٿو.

۴

سورج جا ڪرڻا ڦاسائي،
تن جا خاصا ويس بڻائي،
رنگ برنگي نقش ڪڍائي،
بت ساري کي ڏين ٿو ڍڪائي!
پر پر تي چِٽ ميناڪاري،
سهڻي سگهڙي نقشنگاري.

۵

سئر فلڪ جا خوب ڪرين ٿو،
ذرڙيءَ تي پڻ ڏيان ڌرين ٿو،
ڪيڻن ۾ انبار تڪين ٿو،
اَڙجي لالچ منجهه لهين ٿو،
تو ٽئي پانيون جنهن کي چوڳو،
نڪتو آخر ۾ سو ڏوڪو.

وَر وَر ڪري نماڻي، ڦڙ، ڦڙ ڪندي اُڏاڻي،
ليڪن ڪري ٿي ساڻي، آڪاس جا اُماڻي.
مشڪل اجا صبر هو،
صياد جـو فڪر هو.
پرواز جي نہ طاقت، تفريح يا تراوت،
ويجهي نہ ڪا حمايت، ساٿي نڪو سلامت.
سيني ۾ هاءِ ڏڙڪڻ،
دل ۾ هزار اُلجهڻ.
ڦٽڪي گهڻو زخم کان، صياد جي ستم کان،
وانجي رهي رحم کان، محروم ٿي ملم کان.
آئي ٻري پکين تي،
لڙڪن جي لڙهہ اکين تي.
صياد جي هٿن کان، حرفت، فريب و فن کان،
هن گردشِ زمن کان، هن عارضي وطن کان.
موٽڪي امانَ گهرجي،
اي آسمان! گهرجي.
قدرت جا ساز سهڻا، ميدان هي ڪشادا،
ساٿين سوا وڻن تا، ساوا نہ هي چراگا.
ٿي دور نغمي خواني،
هــي سڏ آسماني.

ڪونج

ڪيڏي قطار ٽوڙيءِ، هڪ ساٿ مان وڇوڙيءِ،
جهٽ پٽ بندوق ھوڙيءِ، داغي نشان ڇوڙيءِ.
ڪيڏي مفاصلي تي؟
ڪونجن جي ڪافلي تي!

ساٿين سان گڏ سفر تي، ويٺي ٿڌي ڪنهن ڪپر تي،
گولي چُنبيندي پر تي، آئي هئين ڇپر تي.
تو بي رحم شڪاري!
هڪ وار ساڻ واري!

پنجٽيھ سالن جي پراڻي ڳالھ آھي. لاڙڪاڻي جي وڏي بازار کي، رات جي وڳڙي ۾ اچانڪ اچي باھ لڳي. ڪيترائي ڪپڙي توڙي ميھار جا دوڪان باھ جي لپيٽ ۾ جلي رک ٿي ويا. انھيءَ وقت اڄوڪين فاير برگيڊ موٽرن جو بندوبست ڪٿي ھو. ميونسپالٽيءَ جون ھٿ سان پمپ ڪرڻ واريون مشينون ھونديون ھيون، جن جي وسيلي ئي باھ تي پاڻي وجھي، جھڙن سان باھ وسائي ويندي ھئي. پاڻي بہ ڀري ڀري کان کوھن ۽ بورنگ پمپن تان آندو ويندو ھو. پر انھيءَ وقت ھر ڪو زندھدل شھري باھ جي گھنڊ جو آواز ٻڌي ھن سيوا جي ڪم ۾ اچي مدد ڪندو ھو. ويندي زالن ۽ ٻارن تائين سڀ شھر وارا، پنھنجي وت آھر پاڻي پھچائڻ، توڙي باھ کان بچيل سامان ڍوئڻ ۾ ھمراھي ڪرائيندا ھئا. پاڻ تي پاڙڻ جو اھو زمانو ڪيڏو نہ سونو زمانو ھو، جڏھن ھڪ ٻئي سان ھمدرديءَ جو جڻ عملي سبق ملندو ھو. ھيٺيون بيالي شعر انھيءَ وقت جو جھونو آھي، جو پڙھندڙن جي سيوا ۾ پيش ڪجي ٿو.

چرپر ڏسي شڪاري، هلڪي ڇلانگ ماري،
چپ چپ ڪري پٺاري، اُف! خون خوار جاري.

ٻوڙي جهلي جهڙيءَ ۾،
سڪرات جي گهڙيءَ ۾.

ٿي ڪم تڙپ بدن ۾، صياد جي ڇنبن ۾،
باقي رهيو نه تن ۾، ڪو دم هو الوطن ۾.

ڪيڏو نه غم ڏکايل!
جيوت جو دم ڏکايل؟

٣

جيئي جار ڄر جو چنڊ يو ڇا وڇائي،
ڪيا خاڪ گهرڙا گهٽن جا جلائي،
اُٿي! ڀڄ، ڀڄڻ تو توکي ڄگائي،
نہ چنڊ لعل! شيوا جو سڏڙو نٽائي،
وسائڻ جو ڪڻ بس سمر تون سنڀاري،
اُٿي ٻاهہ جو گهنڊ ٻيلُو پڪاري.

٤

ڀڪڙجي ٻون ۾ جي شعلا اُڏن ٿا،
اُڏرندي گهڙيءَ ۾ وڃيو گم ٿين ٿا،
ٻري ٻڙڪ سان ڏس تہ معلا ڪرن ٿا؛
ڌڌي ڌڙڪ سان ڌوُ زمينءَ تي پون ٿا،
ڌئي خوب ٻڙڪا اُلا ٿي اُٿاري،
اُٿي ٻاهہ جو گهنڊ ٻيلُو پڪاري.

٥

چڏي ننڊ آرام پنهنجو ڦٿائي،
اچي ڀڄ جادي تکي دوڙ پائي،
ڪٽي ڏول، پاٽي ٻري ۽ ٻرائي،
گهڙيءَ لاءِ چنڊ جوان! گنگا وهائي،
اکر چنڊ تون شيوا جو دل تي اُڪاري،
اُٿي ٻاهہ جو گهنڊ ٻيلُو پڪاري.

باھ جو گھنڊ

أٿي ! ميلهن ٿانڊن جو ڇوڏ ر وسي ٿو،
غضب ٿيو، مدد ڏيو ڪا ھر ڪوڇوي ٿو،
ظام، روڄ، راڙو، ڪنن تي پوي ٿو،
نظر غم جو ھرسوُ نظارو اچي ٿو،
نڌھن تون ٻه وڄ، ٻڌ ٻين کي أٿاري،
أٿي باھ جو گھنڊ ٻيٺو پڪاري.

٢

پڄي جلد ٻوڙي جو انسان آھي،
مدد لاءِ ٿيو عـام اعـلان آھي،
وڏيءَ ڪنهن مصيبت جو امڪان آھي،
نـيـاڳـو شهر لاءِ نيشان آھي،
ٻري آ، ڏيندي جهڳا ٻيا ٻه ٻاري،
أٿي باھ جو گھنڊ ٻيٺو پڪاري.

۹

ڪڏهن آڳ ناراڻ ۾ تي خاص حشمت،
خطر راهه ۾ آ حياتيءَ جو الفت،
ڪندي شيوا سرتي اچي جي مصيبت،
مصيبت نه آهي، مگر آهه رحمت،
ڇڏيندي اچانڪ جا آفت ڪي تاري،
اُٿي باهه جو ڳهنڊ بيٺو پڪاري.

۱۰

ڪڏهن اڄ تو شيوا سندو دان تنهنجو،
ڏکئي وقت آهي هي امتحان تنهنجو،
پڙهيندا دعا ساڻ دامان تنهنجو،
وسيلو ٿئي شال ڀڳوان تنهنجو؛
نه ڇڏ فرض پنهنجو وسوڙها وساري،
اُٿي باهه جو ڳهنڊ بيٺو پڪاري.

۱۱

نه ڪاءِ خوف، سامهون مصيبت اگر ٿي،
نڪي هاردل، جي کو خطرو نظر ٿي،
دکايل! سدا ڪر تون شيوا بي ڏر ٿي،
ڪري نانءُ جيڪا دنيا ۾ امر ٿي،
سچو سڪ وٺي ڏس! تون شيوا ۾ گهاري،
اُٿي باهه جو ڳهنڊ بيٺو پڪاري.

٦

وسائل جو ٿوڪي نہ سامان آهي،
نہ همٿ، جي گيا ڳيهہ گهمسان آهي،
نہ ڪا راهہ رستو، خطر جان آهي،
گهڙي ٻؤ اگر ٿوڪي ايمان آهي،
مٿي يا ڪٽي آب چڙهي ٿورٽ هاري،
اُٿي باهہ جو گهنڊ ٻينو پڪاري.

٧

نہ جي وچ نہ سامهون جي سردي اگر آهہ؛
سڄو ٻٽ يا ٿنهنجو پسايو پگهر آهہ،
نہ چڙهہ فرض ٿوٽي اُڏانگو سفر آهہ،
اگيان سخت واري يا ريتي پٿر آهہ،
همت ڪار ساري چڙهيندي سنواري،
اُٿي باهہ جو گهنڊ ٻينو پڪاري.

٨

چوَن باهہ ناهي مگر آهہ قيامت،
اچانڪ آ ڪڙڪي غريبن ٿي شامت،
رهي ڪين شايد ڪو هڪ گهر سلامت،
ڪري چڙهہ همت سان جنسي ڪرامت،
ارادي جي طاقت ٿي ڏونگر کي ڏاري،
اُٿي باهہ جو گهنڊ ٻينو پڪاري.

آهه رکڙيءَ ۾ سمايل،
ڀيڻ جي آشيرواد،
جنهن ۾ ڀاوڪتا سان شامل پريم واري ويدنا،
ٿي ڏياري سخت آفت،
جي سمي سؤمان ياد،
فرض قربانيءَ سان جوڙي سنگ ٿو،
ساهه ڪان پيارو لڳي خود ننگ ٿو،
حوصلو ڏيئي ٿي رکڙي،
سرخرو جڳ ۾ ڪري،
ڀاونا قولي قري.

آڱريون نازڪ وجهن ٿيون،
جان، بت بيجان ۾،
ٻڌي رکشا جي ٿي جاڳائي پوتر چاهنا،
ريشمي سوٽي تندون،
آٽيو چڙهن ايمان ۾.
ڀيڻ جي رکشا لءِ دل ٿي بيقرار،
آبرو صدقي ٿئي ٿي تار تار،
ٿو دڪايل ڀاءُ مرڪي،
ڀيڻ جي خاطر مري،
ڀاونا قولي قري.

رکشا بنڌن

پياونا ڦولي ڦري .
رکشا بنڌن جي امر جوتي جري ،
ڀائو جا ڳي ڀاءُ جو شل ،
ڀيڻ جو هردو ڀري ،
پياونا ڦولي ڦري .

ڌنڌُ ڪچڙي ناهه رکڙي جي ،
مگر ممتا جي ڏور ،
جنهن ۾ آهي ڪرتويه جي پالنا جي سا ڪنا ،
ڪلپنا سگهي نه آهي ،
پر امر آشا جي ڏور .
هرش جي آئي گهڙي تو من ڪڏي ،
دل ٿي پينگهي ۾ اُمنگن جي لڏي ،
دل اُڇل سان نيڻ - جل بڻجي ،
ٿي اکڙين ۾ ترې ،
پياونا ڦولي ڦري .

ڪڏهڪ رنگا محبوب مهاندا،
مرڪ چپن تي، نيڻ گلابي،
هلڻ چلڻ ۾ بي حد سادا!
دل جذباتي ورم وسيڪي هنري ۽ هوشيار،
سدائي هريو ڀريو ملبار.
محنت سان هرڪنهن جي محبت،
هڏ ن سچو هٿ آهي سيڪو،
زالين مردين کن ٿا مشقت!
ويهي ڪائڻ ڏوهه سماجي، پورهئي جي لءِ پيار،
سدائي هريو ڀريو ملبار.
ڳوٺ نه ڪو مندر کان خالي،
پوڄا پاٺ ڪري ڪائيندا،
خالي ڪيندا مور نه سوالي،
ڪو پنج وقتو ويندو مسجد، ڪنهن ديول ديدار،
سدائي هريو ڀريو ملبار.
هڪ پاسي ساگر جون ڇوليون،
ٻئي پاسي پربت جو اولو،
هير صبح جي ڏئي ٿي لوليون،
مند موافق آهه دکايل! هنڙي هر پرڪار،
سدائي هريو ڀريو ملبار.

ملبار - ڪيرل

هريو ڀريو ملبار سدائي هريو ڀريو ملبار،
اسانجو هريو ڀريو ملبار.

سارين جي هت ڪيتي خاصي،
آنب گهٽا، ناريل جهجهيرا،
ڌرتي ڪجھ آهي وارياسي.
ڪاجن جي پيدائش چڱي، هت خاصو وڻج واپار،
سدائي هريو ڀريو ملبار.

ماڻهو دلَ ڀر ڌرتي ٿوري؛
ڳوٺ ڳتيل وڪ وڪ تي بستي،
ورلي ڪا هت ٻڌبي چوري!
ڪونہ گناھ غريبيءَ هوندي، گهٽ جهيڙو تڪرار،
سدائي هريو ڀريو ملبار.

ڏينهن جُهڙالا ٻوندا باري،
رات اَنڌاري ڪاري ڪاري،
اونچا نيلا ديوَن جهڙا،
راتيون جاڳي ڏين ٿا پهرا.
خاصا چوڪيدار ـ ڏکڻ ۾ ......

نَٿهڻ ۾ ڇايا ڏيڻ وارا،
نيلگريءَ جا وڻ سونهارا،
ڏارن تي ٿا نينگ ٽپا ڏين،
ڏينهن جا پنڇي رانديون ڪيڏن.
خوب وندن ٿا پيار ـ ڏکڻ ۾ ......

ساون ميدانن جون موجون،
ٻارن جي ڊوڙڻ جون شرطون،
هارڻ وارا جيتڻ وارا،
پاڪ فرشتا پيارا پيارا.
نازڪ ننڍڙا ٻار ـ ڏکڻ ۾ ......

ٿڌڙيون ٿڌڙيون شوخ هوائون،
ڪيتن ۾ ڪرمين جون صدائون،
سوپارين جا درخت اونچا،
ڪيت چڱا چانهه ۽ ڪافيءَ جا.
ڏسجن ٿا چؤڌار ـ ڏکڻ ۾ ......

اوٺا ڪمند

ڏکڻ ۾ نيلِ-گري هن پار.
نيل-گري هن پار- ڏکڻ ۾ ....

سايون ڇهڄ پهاڙي چوٽيون،
اُڀ سان جڻ جي گسنديون موتيون،
جهرڻن جا روپا ڦوهارا،
اِندلٺي رنگين نظارا.
ساک ڏين هروار- ڏکڻ ۾ ....

وَروَڪڙن سان چاڙهيون لاهيون،
ڍاندي خوب ٺٺائن ساهيون،
آهه گڏيءَ جهڙي هيٺ گاڏي،
بند ٽي ڊوڙي آڏي ٽاڏي.
ڏندن جي جهلَ ڏار- ڏکڻ ۾ ....

اسانجو ڳانڌيڏام

اسانجو پيارو ڳانڌيڏام،
ڏٺون ۽ نيارو ڳانڌيڏام.

لاڙي۽ سنڌ جي لاڙي وٽ ٿي سنڌ ڏسين نروار،
ساڳي ٻولي، چالي ساڳي، ساڳيو ارٿ اُچار،
ديس ٻه ساڳيو، ويس ٻه ساڳيو،
ساڳي طرز تمام - اسانجو پيارو ڳانڌيڏام.

ٻئي هنڌ هرجا ڌاريا آهيون دردر آهه ڌڪار،
هت پنهنجي گهر وارا آهيون پيو پنهنجن جو پيار،
ڪنڌ نه جهُڪايون، ڪين ورايون،
ڪنهنکي مور سلام - اسانجو پيارو ڳانڌيڏام.

ڪيتي واڙي هتڙي پنهنجي، پنهنجو وڻج واپار،
هت روٽيءَ پنهنجيءَ ٿي رهندو پنهنجوئي اختيار،
هت موٽاجي، ٻئي جي چاجي،
حاصل ڪُل آرام - اسانجو پيارو ڳانڌيڏام.

نوَيگ جو نرماڻ ڪنداسين هتڙي هر پرڪار،
دنيا وارا ڏسندا رهندا همت جو اسرار،
گهر گهر ساڳي، در در ساڳي
مچندي موج مدام - اسانجو پيارو ڳانڌيڏام.

گــدڙن جيڏا لعل ٽماٽا،
اَڏ اَڏ سبرڪ گول پٽاٽا،
گجرون موريُون گوبيُون ٽوُريُون،
ڦوٽ ڦوٽ لنبيون ڪمند ڳوُريون.
ڦل ڦُلَ اڪيچار- ذڪرُ ۾ ....

هردم موسم ۾ ڦلواري،
موسم جي ناهي ڪائياري،
گرمي سردي سرءُ بهاري،
هرڪا مند هتي موچاري.
ڏئي ٿي خاص خمار- ذڪرُ ۾ ....

قدرت جي هت سونهن اِلاهي،
ايندو ويندو ٿئي خوش راهي،
ماندي دل نہ دکايل ڪنهنجي،
شام صبح جڙُ دنيا پنهنجي.
سستو سئو شڪار-- ذڪرُ ۾ ....

وڻ پوکيون - برسات وسايون

گهر گهر وڻ پوکينداسين ،
اسين در در وڻ پوکينداسين ،
باهر وڻ پوکينداسين ،
اسين اندر وڻ پوکينداسين - اسين گهر گهر..

وڻ ڌرتيءَ جا ڳهڻا آهن ،
ٿر بر کي سينگارن ٿاهن ،
قدرت جي هيءَ پياري نعمت ،
پائي جهول جهليندا سين - اسين گهر گهر ...

١٩٣٩ ۾ جڏهن ڀائي پرتاب گانڌ يڏام رتا ڪ
عملي جامو پهرايو، تڏهن نگر اڏجڻ لڳو، تڏهن هن
سڀ کان اول رستن جا نَڪ ڏياري، وڻن پوکائ
جو اُتم ڪم شروع ڪيو.

اسڪول جي اُستادن ۽ وديارٿين سان گڏجي
رستن ۽ گهٽين ۾ ڳائيندي ڳائيندي، پنهنجي هٿ
سان هن گهٽيئي وڻ پوکيا. انهيءَ وقت انڪل ڏيڙه
هزارن وڻن جون چڪيون لڳايون ويئون. اتساه
نرواسي، گهرن جي ڪڇ ويڙهر، ڀاڻ ڪري ڪم آڻ
لڳا. اُنهيءَ وقت هر گهر ٽوڙي گهٽيءَ منجهان اِهو
آواز ايندو هو- 'اسين گهر گهر وڻ پوکينداسين، اسين
در وڻ پوکينداسين.' "اسانجو پيارو گانڌ يڏام، نئو
۽ نيارو گانڌ يڏام" اچوته اُهي گيت، جيڪي نرواسي
جي اُدم ۽ ساهس جا شاهد آهن، هڪ دفعو ور
جهونگاريون.

قدرت جا اسين چور نہ آهيون،
قرض ڪٽي جو پوءِ نہ لاهيون،
جي ديون ڪان وٺنداسين،
ديون کي ڏيڻ نہ ڇڏينداسين - اسين گهر گهر...

جنهن ڌرتيءَ تي سنڌُ ماتا،
پيچ ڏيڻ وارا پيرا پاتا،
تنهن ڪَچ جي اُتم ڌرتيءَ کي،
ڌرتي مهان مڃينداسين - اسين گهر گهر...

وٽن تُٽڻ وارو هي دکايل!
ڳان ڦان وارو هي 'دکايل'!
ڀارت ماتا جي ڪڇ ۾ اسين،
ڳانڍيندام آڏينداسين - اسين گهر گهر...

برک جي لڳندا، ٻوڪا ايندي،
درتي ڦلندي، اَن ڏن ڏيندي،
ٿيندا مال مڇي گاهن تي،
پرجي پاڪپيا ٿيندا سين ـ اسين گهر گهر ...

وڻن منجهان جا گهر نڪري ٿي،
ڪڪر ٻڌي اُپ ۾ پکڙي ٿي،
ميگهن جا اسين راجا ٻڻجي،
اِندر سان ٻرميچيندا سين ـ اسين گهر گهر ...

هن حڪمت جا مالڪ ٻڻجي،
وڻن ٽڻن جا پالڪ ٻڻجي،
پنهنجي هٿ سان ٻيڙ لڳائي،
پاڙهي پاڙي ڏيندا سين ـ اسين گهر گهر ...

وڻ ٽڻ ديش جي دولت آهن،
طاقت ملڪ کي ٿا پهچائن،
هي اِسراري ٻجهه گولهي، اسين،
خاڪ مان سون وٺيندا سين ـ اسين گهر گهر ...

وڻ سڀ ۾ ٿا وسڻ لڳائن،
آئي وئي کي سک پهچائن،
اهڙن سد اُپڪارين جا اسين،
شيواداري ٿيندا سين ـ اسين گهر گهر ...

هئي رات سچي چنڊ جي دريا سان لڙائي،
جنهن موج مچائي.
ڪڏندو ٿئي رهيو ڦرب سان، سينءَ سٺر تي،
سنڌوءَ جي ڪپر تي.
سينءَ تي هو درياهه جي هڪ ديو لُهائون،
ماندارڻ ڪوهائون!
گاڏي ٿئي چڙهي گرجندي اُن ديو جگر تي،
سنڌوءَ جي ڪپر تي.
ٻيڙي ڪڏڻ جي لاءِ مهاڻو هو منتظر،
چيائين ته سفر ڪر.
چڙهياسين وڏي چاهه مان ٿي چُست چڪر تي،
سنڌوءَ جي ڪپر تي.
ٻيڙيءَ مان لهڻ جي جڏهن آذر ٿي تياري،
دل ٿي هئي ڀاري.
ٻيوس جو دکايل مان ٿيو شؤق شعر تي،
سنڌوءَ جي ڪپر تي.

سنڌُو

(سائين بيوس سان)

١٩٢٨

سانگي سان وڃڻ ٿيو منهنجو سائين سان سفر ڏي
سنڌوءَ جي ڪپر ڏي
ڇا نرم وڇاڻو ويو ماي سبز ڇپر ڏي
سنڌوءَ جي ڪپر ڏي
چوڏس هئي چمڪاٽ ڪان چانڊاڻ ڇتائي
ڇا صاف سهائي
چؤطرف چڙهي نور جي چادر ٿئي نظر ڏي
سنڌوءَ ڏي ڪپر ڏي

بجلي چمڪي، چمڪي قسمت،
پاڻي برسي، برسي رحمت،
نسري انڪر، نڪري حسرت،
گهر، گهر، در، در، جهولي مسرت،
ڪارا ڪارا بادل ٻوڙو!
ٻوڙي ٻوڙي ڪارا بادل!
جل سان ٿار ڪري ڇڏ جل ٿل،
اپڙن ٿـــازا ٿـازا گل ڦل،
جهنگل ۾ ٿين مؤجون منگل،
ڪارا ڪارا بادل ٻوڙو!

بجلي چمڪي چم چم، چم چم،
پاڻي برسي رم جهم، رم جهم،
ٿئي ڇؤڏاري ڇم ڇم، ڇم ڇم،
رڱجي رنگ نئين ۾ عالم،
ڪارا ڪارا بادل ٻوڙو!
مرڪي مرڪي مست ٻٽايو،
مڻغاني جـو دؤر ڇلايو،
گل گل ٿي ڪو رنگ جمايو،
بلبل ڳـائي، مـور نچايو،
ڪارا ڪارا بادل ٻوڙو!

بادل ٻوڙو!

پيارا پيارا بادل ٻوڙو،
ميگهه ملهارا بادل ٻوڙو.
او متوارا بادل ٻوڙو،
پاڻيءَ وارا بادل ٻوڙو!
ڪارا ڪارا بادل ٻوڙو!

گلشن جو مالي گهبرايو،
کيتيءَ جو والي گهبرايو،
داتا ۽ سوالي گهبرايو،
ادني ۽ عالي گهبرايو،
ڪارا ڪارا بادل ٻوڙو!

باراڻا گيت

پوپٽڙو سردار

اُڏر، اُڏر ڪر پوپٽ! بات،
او سيڙي ۾ گذري رات.
اُٿ يارن کي تنهنجي تار،
ڏينهن چڙهئي ننڊ کهڙي يار،
واهه ڙي پوپٽڙا سردار!

گھور گھنا ڇانئي ڀل ڪاري،
مستيءَ ۾ جھومي هر ٽاري،
فرش زمين تي ٽڻي گلڪاري،
خاص خوشي ٻوڙي چوڌاري،
ڪارا ڪارا ٻادل ٻوڙو!

سال پڇاڙيءَ ساوڻ آيو،
ڀاڳين جي اڄ ڀاڳ ڀرايو،
هرڪنهن ديوي، ديو منايو،
سرس ڏکايل سارنگ ڳايو،
ڪارا ڪارا ٻادل ٻوڙو!

ڪڪي جو گهوڙو

شاباس منهنجا گهوڙا تيار،
تکي ريل جي هل رفتار.
هَٽ گهوڙا جهٽ پٽ گهوڙا،
پل پير اگي پوء مَتِ گهوڙا،
ڪر هڪ وک سان چانئٺ پار،
تکي ريل جي هل رفتار،
شاباس منهنجا گهوڙا تيار.

تور مور جي هل گهوڙا،
چال ڏيل جي چل گهوڙا،
قدم قدم تي ڪر هٽڪار،
تکي ريل جي هل رفتار،
شاباس منهنجا گهوڙا تيار.

جڏهن مان تورو ڇڪيان لغام،
تون رخ ڦاک ڏي رکي اُڏام،
دل آرام، ڪر پرنام،
تهه تهه نيڪيءَ سان هوشيار،
تکي ريل جي هل رفتار،
شاباس منهنجا گهوڙا تيار.

ڇڏ آلس، اُٿ ڪر نہ اوير،
اڳتي حاڪم! اُٿج سوير،
نيرن ساجهر آهي تيار،
چانهہ ۽ ڪيڪ تي پوندي مار،
واهہ ڙي پوپٽڙا سودار!

ڳڏن ڳُڏين جي راند رچاءِ،
لاڏيءَ سان لاڏو پرڻاءِ،
منهنجو گهوٽ ۽ تنهنجي ڪنوار،
ڏاجي ۾ ڏج ڇوڙا چار،
واهہ ڙي پوپٽڙا سردار!

صبح گهمڻ هل سر بازار،
شام جو باغ جا سير شڪار،
رات ڪمر سان ٻڌ تلوار،
ٿيءَ سپاهي، رهہ هوشيار.
واهہ ڙي پوپٽڙا سردار.

ڪوپ قدرت ڪان هلي حيلو نہ ڪنهن اِنسان جو،
آهہ مالڪ جي هٿن ۾ ٿي سمورو معاملو.

ٿي غضب گذريو هي ٻيو ٻيرو اسانجي هند سان،
هاء هڙن حادثن کان هارجي ويو حوصلو.

ڪالهہ تائين جو ڪروڙن ۾ لڪن جو هو ڌڻي،
اڄ اُهو محتاج ٿي در در وتي ٿو ويسلو.

بات بندي جي نہ آهي بن سَهڻَ چارو نہ آهہ،
پر اسانجي وس رڳو آهي ڪريون گڏجي ٻاو.

اي ڌني پرشو دليون کوليو، مُٺيون کوليو، اَچو!
ٻنهنجي ڀائن کي ڳاي لائي مصيبت ۾ ملو.

آب جي عيوض ڪرن ٿا گرم ڳوڙها خون جا،
پر نہ ٿيندو خون هارڻ سانڻ ڏک دل جو ڍلو.

اي دکايل هل هلي سيوا ۾ ڪنهن جي جان ڏي،
جو اچي ڪوٺيا کان ڪاهي بي ثمر ٿو ڪافلو.

ڪوئٽيا جو زلزلو

(١٩٣٤)

ٿهر ڪوئٽيا سان ٿيو، ٿي ظالم جو ويو زلزلو
هـنـد ۾ ۽ سنڌ ۾ ٿـيـو واءِ ويـلا ولولو

رات وسپت اوچتو پيو ڪمپ ٿي پاري چڪو
جنهن ٿڏيري شهر ۾ آنــدو اَچانڪ ٿرٿلو

ري ڪنهيءَ جي موت ۾ جانيون هزارين ناس ٿيون
ٿيو اچي غالب غضب غوغاءِ وارو غلغلو

منت اڻ ۾ محل، گهر، بنگلا ڪئين برباد ٿيا
ڪوئٽيا بدران اُت مٽيءَ جو ڍير! اڄ آهي پلو

بي خبر اڻ رات جو آندا ڇپجي آلدن ڪان ويا
مرد زالن کي ڇڏي ويا ٻيءَ ٻچن کي هٻڪلو

دڀو

دڀو بيماريون ٻڌي؛
ويڄهو ويهڻ نہ ڏي.
ڏينهن ٿرئي ڏاڍي گندي،
سر جي ڏپ ڪيدي.
زهري مڇر منجهي،
منهن اونداهي؟ ملڪ ۾.

مڇر

منهن اونداهي؟ ملڪ ۾،
نڪري ڪن ٿا مار.
چڪ هڻي ڇڄري ڇڏن،
مهان هي ڏنگدار.
ڏيئي ٻٽ ٻخار،
وڃن ٿات طبيب جي.

طبيب

ٻڄڙي آهي بابلا!
طبيبن جي ٿات.
ڦندي ۾ ڦاسي نہ شل،
ڪو اڇي آڪسمات.
ڇنڊ سولي بات،
ناهي ٿرت طبيب ڪون.

پاڻي ۽ وهندڙ

درياهه

بيهان ته ٿئي بدبوءِ،
وهان ته ٿئي وهه واهه.
بيٺي ڍنڍ ڏيو ڇوَن،
وهندي ڏنگ درياهه.
وهندڙ ٿـــي ويساهه،
بيٺل ٿي بانور نه ڪو!

ڍنڍ

بيٺل ٿي بانور نه ڪو،
بـــوڙي يـــا مـــاري.
هوندي پيٽ وڏي نه ڪو،
ڪـــارج ســنــواري.
هـــــردم آزاري،
بيمارين جي پيڙ سان.

ڪري لوپ ڪاڏي جو، بدهاضمو،
خوشيءَ جو ٿو جنهن ڪان ٿئي خاتمو!
اَگهائي نڪي عرش جو قهر آهه،
نه ڌرتيءَ مان پيدا ٿيل زهر آهه.
اَگهو آنهه جي تون! نه روئي نه ڪاءُ،
ڏسي طعام آڏو، نـه لالچ ۾ آءُ.
مٺو آهـه ميوي جو رَسُ ۽ سواد،
ڏئي خوب لذت، ڪري دل کي شاد.
پِڳل پاڄي هرگز نـه ورتائجي،
نڪي سازي باري رڌي کائجي.
ڪچي يا اُباريل ٿي کائڻ کپي،
سندس سَٽ نه وئرت وڃائڻ کپي.
بدن مان نه بيماري، ڪوشش ڪري،
وڌيل زهر زوريءَ ٿي ٻاهر ڪڍي.
دوا سان ڇڏڻ روڪي اَگيان آهه،
سراسر وڏو جنهن مان نقصان آهه.
علالت جي ڪن ٿا دوا ڊاڪٽر،
مگر ڪين ڏين ٿا شفا ڊاڪٽر.
دوا مرض کي ٿي دٻائي ڇڏي،
سنهو سوُر اندر اڪائي ڇڏي!

جيئڻ جو جس!

صحت کسي سکن جو خزانو چون،
اِها لاٽ سياڻا سدا ٿا لنوَن.
حياتي صحت جي بنا بي چسي،
سدا بي رسي ۽ سدا بي جسي.
صحت ۾ سکن جو نهان گنج آهه،
نہ جنهن ۾ رتيءَ جيترو رنج آهه.
صحت صدقي اِنسان ڇا ٿا نہ کن؟
هماڻيون هٿن سان ٻيا ٿا لٿن!
سگهائيءَ سندي جي گهرين بهتري،
اِضافو ۽ ٻي عمر جي برتري؟
نہ ڄاڻج ڍلهي پيٽ ڪاڻ خراب،
وڌي جنهن مان بيماري بي حد عذاب.

خوشي کير ڏئي ۽ ڪريٿو اُداس؟
لڳائي ٿو بُک ۽ وڌائي ٿو پياس!
مڙيوئي هي شڪتين سندو کيل آهه،
دوا سان نه جن جو ذرو ميل آهه.
صبح جو اُٿي خوب ڪثرت ڪريو،
بدن خوب مهٽيو ۽ محنت ڪريو.
رکو جام تازيءَ هوا ساڻ پيار،
صحت جو سدا جنهن تي دارومدار.
ٿي ورزش ڪرڻ ساڻ طاقت وڌي،
۽ 'سنِ-باتِ' سان دل جي قوت وڌي.
ڪريو روز چمڙيءَ کي مهٽي صفا،
صحت لءِ بدن کي ڏيو ڪجهه جفا.
رکو وير ڪنهن سان نه سباڻا اوهين،
ڪريو دور رنجش کي پاڙان اوهين.
غصي ايرشا کان ڪنارو ڪريو،
ڪري ڪرود، مَنُ کين ڪارو ڪريو.
چڙيو آپ سوارٿ، نه خود غرض ٿيو،
دکايل چو پنهنجي لءِ ٿا مرض ٿيو؟
مٺو آهه ماڪيءَ کان سيوا جو رَس،
انهيءَ مُ ئي جيئڻ سندو آهه جس.

دوائون تا جيڪي مريضن کي ڏين،
اُنهن کي وري خود اُهي تا نندن!
سندن واهپو گهٽ حياتي ڪري،
دوائن ٿي جيئندڙ سُتت ٿو مري.
دوائن ۾ آهي اثــر جوش جو،
ڪري خاتمو جو سدا هوش جو.
چڙهي ٿو بدن کي ٿڪائي جلاب،
ٻوي پيٽ کي جنهن مان عادت خراب.
دوا سان زهر ٿو وڏي جان ۾،
وجهي زندگي جا وڏي زيان ۾.
ضعيفي دوا نيٺ پيدا ڪري،
زهر سان ٿي ساري بدن کي ڀري.
صفائي بدن جي ڪريو ڌُوش سان،
بچائي اوهانکي جو سڀ مرض کان.
شفا ڏيڻ جو حق ناهه ٻئي کي نصيب،
علاج آهه پنهنجي هٿن ۾ قريب.
علالت جو قدرت ڪري ٿي علاج،
سٿيل آهه جنهنجو سمورو هي ساج.
غلاظت اندر مان ڪڍي ڪير ٿو؟
هلي ڪنهنجو ٿو هي اٽل قاعدو؟

فئشنبل سنڌي صاحب

ڪالهه رستي تي ڏٺو مون هڪ سنڌي صاحب،
جنهن تي مڪتب جي خُطابين جو هو خاصو ميڙو!

ڪي ٽِمي مبهم ۾ کِليا؛ ڪن ٽِمي وڏا ٺهڪ ڏنا،
ٺاءُ ٺيڙيءَ جي مٿان ڪوٽ تي ڪالرُ ٺيڙو!

سرج جي سوُٽ تي، ناڙي جا ٽِمي ڇيڙا لٽڪيا،
پرت ڪيسي تي پيل جنسي پرين جو پيڙو!

پويان ڇورن جي ڏسي گهل، آئي صاحب کي ڪجهي،
ڪي پيڇي اڳتي ٽيا، پوين ڪيو هيڙو، هيڙو!

"ايڏي اِنسلٽ!" چيو جوان، لڪڻ لوڏيندي،
ايندو اُردوءَ ۾ غصو مونکي "آڙي مت ڇيڙو!"

نقل ڌارين جو ٺو آخر ۾ پشيمان ڪري،
اهڙي فئشن کي فقط ملڪ جو ٻوڙيو ٻيڙو.

ڪنهن ٻه اِنسان جي دل ڪين ڏکائڻ گهرجي،
اي دکايل مون وڏي جهد سان ٺاريو جهيڙو.

خوشامد

قسمت سان ڏٺو ڪالهه مون اخبار ۾ نوٽيس،
پنهنجي جي لڳي پاڻ لڇيدار خوشامد.
چاهيو جي نفعو ترت ۽ سؤدي ۾ ڪفايت،
يارو! اچي ٻوڙي ڪريو واپار خوشامد.
سرديءَ ۾ بليزر جي گهري خرچ کي ٻنجو،
اونهاري ۾ فرحت ڏي ٿنديڻار خوشامد.
جاهل منجهان ڦيري وڏو عالم ٿي بڻائي،
پينوءَ مان ڪري ترت پٽيدار خوشامد.
بازر ۾ گراهڪ ٿئي وڏيرو ۽ سِرائي؛
هاريءَ کي بڻائي ٿي زميندار خوشامد.
محفل ۾ يا مجلس ۾ فقط ٿي هلي چرچا،
اڄ ڪالهه گرم خوب آ بازار خوشامد.
پنهنجي جي يا ڪا سگهٽي، خوشامد جا نمونا،
هر جنس ڪامياب مگر يار خوشامد!
عالم ۾ نه اڄ آهه سچائيءَ جو زمانو،
هر طرف جهجها تنهنجا خريدار خوشامد!
ٻئي ڪنهن کي زماني ۾ ڏ۽اپل نه سچائي،
توسان ئي رکيو منهنجو سروڪار خوشامد!

ڏکي ايڊيٽري

مشڪلاتن سان ڏئي ڪنهن کي ڏيا ايڊيٽري،
اي دڪايل! آهہ مالڪ جي مِيا ايڊيٽري.

نااُميديءَ ۾ اُميدن جي ضيا ايڊيٽري،
ٿي غريبن جا ڪري ڪم آڻ چپا ايڊيٽري.

جو سچي ايڊيٽريءَ جي ٿو اصولن تي هلي،
اهڙي ايڊيٽر لاءِ ڪندن جي شيا ايڊيٽري.

ٿي غريبن جي حمايت لاءِ ڪافي ڪم ڪري،
۽ ڪري مسڪين تي دهري ديا ايڊيٽري.

ٿو هلي جنهنجو قلم بين جي هميشه اون تي،
اهڙي تي ايڊيٽري بيشڪ سهاڳو سون تي.

سُکي ايڊيٽري

آهه اڄ ڪاله جو سُکيو سهنجو گذر ايڊيٽري،
عيش عشرت جو خلاصو ڏٺي سر ايڊيٽري.

ٿي پڙهائي خوب سيکاري ٻچڙ ايڊيٽري،
۽ ڪري اخلاق ٿي اُلٽو اثر ايڊيٽري.

ڪنهن ڪي ڏمڪائڻ جي خاطر آهه ڏر ايڊيٽري،
ملڪ ۾ جهٽ پٽ ڪرائي ٿي قدر ايڊيٽري.

سرڳ، دنيا جو مگر دوزخ جو در ايڊيٽري،
ڪين اهڙو ٻيو ڪٺن جهڙو ڪٺن ايڊيٽري.

ملڪ ۾ جاوا ڏکايل! اهڙو ايڊيٽر ڪري،
پل بنا محنت مزوري ۽ پنهنجو ٻالهو گهر ڀري.

جيوت جي جيوت کي ڏاهيو تو جنهن نينهن نظر سان،
ٻيه رام کيو ڪل حاصل تنهنجي ئي هڪ در تان.
چانڊومل کي مهت ڏنيءَ،
شل داس ٿي مهر وسائين - وهه واهه ....

تنهنجي ڪراماڻ جون ڳالهيون ڳائن ٿا سنڌ وارا،
ڀڳت ٻول ٻڌڻ لءِ شائق آهن اڄ هند وارا.
سالڪ! پنهنجي سوالين جو شل،
اهڙو عرض اگهائين - وهه واهه ....

ڪالن وارا لعلن پيارا، ڪهڙا حال سڻايان،
ماي ٽوڙي نقلي گهر کان دور، مان ٻي گهر آهيان.
شال حقيقي گهر پرجهائي،
من جو وهم وڃائين - وهه واهه ....

ان هڪڙو ڇا جڳت مڙيوئي تنهنجي آهه پناري،
انهو در تنهنجي جو دڪايل ٻئي ڪنهن ڏي ڇو نهاري.
ڪرم ڪري پنهنجو اڄ تنهنکي،
شال سنئين داڳ لائين - وهه واهه ....

والي ولائت راء

وهه واهه ولائت سائين.
تنهنجو نالو امر سدائين،
وهه واهه ولايت سائين!

گهر- ٻاري ٿي جوت جڳائي تو جا جگياسا وار
اونداهن هردن ۾ اڄ تنهن گيان جي جوتي ٻار
منهنجي هردي ۾ شل ساڳي،
جڳ مڳ جوت جڳائين - وهه واهه ....

سورج ستگر، گيان اُجالو،
موهہ اگـيـان انـذارو.
پريم جي يوگ جو شبد ڏئي جن،
ڪاٽيو بنڌن سارو.
بند پيگا ڪوڙيءَ ڪلپن جا آنند ساگر ڇُلڪيو،
هر جاءِ نيهن نظارو ساڳيو آيو ڪين نظر ٻيو.
منصوري انلحق جا جن،
مستن نعرا ماريا،
شري سچ کنڊ سنت پڌاريا.

پاڻ ڌرم اوتار پڌاريا،
ڌرمون نانءُ ڌرائي.
نيت نماڻيءَ ساڻ رهيا جي،
من جو ماڻ مٽائي.
سک دک سم جاڻي سنتن کل ڊبڏا من جي ڪاٽي،
آتم درشن جي خاطر جن باري گيان ڏياٽي.
هوت حضوري ٿيو، دوريءَ جا،
وهم سيگهي جن واريا،
شري سچ کنڊ سنت پڌاريا.

ڀائي ڌرمداس

شري سچ کنڊ سنت پڌاريا،
ڪال اڪال جا ساکي صاحب،
موت نه جيڪي ماريا.
شري سچ کنڊ سنت پڌاريا.

پنهنجيءَ مرضيءَ سان جي آيا،
سمر ڪرڻ سلطاني،
انيوءَ ديس ويا اڄ موٽي،
سي جوڳيسر جاني.
ڀيري ڪين پکي روڪيا پرواز ڪري ويا ڀيا
جيون مکت سدا سي هرِ جنِ موهه ممت کان نيا

ديهه وديهه جو ٻيڌ سڀي جن،
پرم ٻلاٽا تاريا،
شري سچ کنڊ سنت پڌاريا.

ڀڳت ڪنور رام

ٿي اڪنڊ ٻرندي رهي نت ٽنهنجي ڀڳتيءَ جي مشعال،
ڪير جو حاسد، وسائي، ڪين طوفان کي مجال.
پاڻ تو پنهنجو جڏهن هڪ يار کي سونپي ڏنو،
نيستيءَ هستيءَ جو پوءِ باقي رهيو ڪهڙو سوال!
پريم ۽ سچ ٽي سدائي ڀروسو ٽنهنجو رهيو،
تو ڪڏهن ڌاريو نه ڪنهن لءِ وير جو ڪپٽي خيال.
ذات هڪڙي ٽو جڏهن هرذات آدم ۾ ڏٺي،
پوءِ ڀلا ڀيائيءَ جي سگهٽي ڪيئن ڪرين قال و مقال؟
ٽو نماڻو ٿي سدا هر منش جي سيوا ڪئي،
فرق ڌاران تو لڌي هر فرد جي سولي سنڀال.

مستن جي محفل ۾ ساڳي،
اڄ نه ڏکايل مستي،
موڳي تن لاهوتين ڏاران،
بيراڳين جي بستي.
ويڳاڻا هن ويڙهي وارا ويڻا تا واجهائن
سوامي جن جي صحبت جون ٿا پل پل ڳالهيون ڳائن
امرت واٽيءَ ساڻ جڳياسن،
جا جن هردا ٺاريا،
شري سچ کنڊ سنت پڌاريا.

سوامي ٽيئُون رام

تنهنجو مئخانو سدا وسندو رهي ڏِبَ جا ڏٽي!
جام ڏي ڀرِ جام نت ڦرندو رهي ڏبَ جا ڏٽي!

١

جي اڇن چاڙهي ڇڪي، مدهوش ۽ مخمُور ٿين،
ڪر دنيا جا وساري مست ۽ مسرُور ٿين.
پاپ آپي جو مٽائي چاهه ۾ نت چوُر ٿين،
جي رهن ويجها وسڻ کي، سي نہ هرگز دور ٿين.
دل جو پيالو ڇلڪندو ڇلندو رهي ڏبَ جا ڏٽي،
تنهنجو مئخانو سدا وسندو رهي ڏبَ جا ڏٽي!

٢

عشق سلطانيءَ جو چاڙهي رنگ جي بي رنگ ٿيا،
سنگ مايا جو ڇڏي تنهنجي سدا سي سنگ ٿيا.
ڏسن ڪيو ديدار، دل جو تاڪ کولي، دنگ ٿيا،
ڪ پسي هر جاءِ ساڳيو حق نہ ڪنهن مان تنگ ٿيا.
وڏنو هوڪو جو، سو هلندو رهي ڏبَ جا ڏٽي،
تنهنجو مئخانو سدا وسندو رهي ڏبَ جا ڏٽي!

پيٽ پالڻ لاءِ پورهئي کان نه توکي عار هو
تو سدا محنت ڪري پنهنجو ڪيو ڪاڄ و حلال
رِيس معان جي نه هڏ تنهنجي مٿان غالب پئي
ڇو ته تو وٽ هئي سدا سنتوش جي مضبوط ڍال
تو رکي هردم وِلهن نيچن نماڻن تي نظر
پيو تڏهن توتي نجو نالو هو ڏينن جو ڏيال
توکي جيڪي پي مليو سو تو نه پنهنجن لءِ رکيو
پر ڪيو وَنڊ ورچ جو تو ملڪ ۾ قائم مثال
تنهنجون خوبيون تنهنجا گڻ ڪيڏا ڳڻي ڪيڏ چوان
منهنجي جڀ ويچاري ڇا ورنن ڪندي تنهنجا ڪمال
تو پروڙي رمز سهڻي سان ماڻ جي راڳ ۾
ڇيڙ جي ڇِڪي ۾ تو پاتي سا لذت بي مثال
پر مليو توکي سو دنيا کان، جو سنتن کي مليو
سيني تي گوليون سهي تو يار سان ماڻيو وصال
تون ڪنول گلَ جان ڪنور! سنسار ۾ ترندو رهئين
شل 'دکايل' کي ڪندين نرمل نگاهن سان نهال

ڀڳت ڪوڙومل صراف

رهست ۾ سنياس جو رهسيه ٻڌائيندو وئين،
ياڳ، تتپرتا جو جڳ کي ڏس ٻڌائيندو وئين.

و رڳو پنهنجا ڄڻيا، پنهنجا نه دنيا ۾ ڪيا،
پراون کي به تون پنهنجو ٻڌائيندو وئين.

ور تنهنجو هو پٽن جيان چون ڌيئر پيئي پڙهن،
ات اهڙو پنهنجي جاتيءَ کي پڙهائيندو وئين.

و گهٽو-ڏڻ ڪان مٿي ٽول ۽ نه ڏن سنسار ۾،
نهنجي سيوا سان سدا سو ڏڻ وڌائيندو وئين.

ارڙن ۾ تو ڏٺو سڀ ڪان وڏو پرماتما،
يار ٽن معصومڙن ٽي نت وسائيندو وئين.

نت-سيوا سان ننڍي ڪان ٽنهنجو ڏاڍو هو سنبھ،
پنهن پيريءَ تائين سو پنهنجو نڀائيندو وئين.

ون ٽوريندي سدائي ٽو سڌي ڳني جهاڳي،
يءَ سکيا سچ جي هنئين سان نت هنڊائيندو وئين.

٣

تو فقيريءَ کي اميريءَ کان مٿي ڄاتو سد
بي سمر، بي گهر نماڻن سان رکيءَ ناتو سد
پاڻ کوهي پاڻ ۾ تو پاڻ کي پاتو سد
نينهن پنهنجي يار سان مطلب بنا لاتو سد
سُرت وارو ساز نت وڄندو رهي دب جا ڏٺي
تنهنجو مئخانو سدا وسندو رهي دب جا ڏٺي

٤

اڄ به ورتي جنهن جگياسوءَ ٽيڪ تنهنجون رام جي
ڇوٽ هڏ رسندي نه تنهن تي خيال خالي خام جي
ڪانه پرواهه سو ڪندو مايا جي ڌهري دام جي
اوٽ تنهن کي موت ۾ ملندي سچي ستنام جي
جنهن رکيو ويسهه اُهو هسندو رهي دب جا ڏٺي
تنهنجو مئخانو سدا وسندو رهي دب جا ڏٺي

٥

پريم جي پرڪاش سان روشن ڪيو جو راهه تو
پوءِ پلا باقي دکايل! دل رهي گمراهه ڇو
يا نه ڇٽبو ناهه بختو ۽ پکيرو چاهه س
سچ نه دنيا مان کٿائي هڪ رکو ويساهه ت
جيئُ هرڪو هي سبق پڙهندو رهي دب جا ڏٺي
تنهنجو مئخانو سدا وسندو رهي دب جا ڏٺي

ساڌو ريجهومل لاهوري

(لاڙڪاڻي ۾ ڪالرا وقت سيوا ڪندي سرڳواس ٿيو)

(مؤلف سان شڪايت)

ڪيان ڪهڙي نموني دل مان،
تنهنجي سخت ٽيرن کي.
اڪائي لعل لاهوري رلايءِ
راهـــ گـــيـــرن کي.
ڏٺي جاڻي، خوشي هئي يا الم، ليڪن
ڏنـــو مـــون چـــا ؟
پيامِ مرگ هو، افسوس، سيوا جي اسيرن کي.

ويهي ڪائڻ يا بنا پورهئي گذارڻ پاپ آ
ڪرم جي اهڙي مٺي مرلي وڄائيندو وئ

جو ڪمائين، ڪرشن ارپڻ ڪر ۽ پوءِ پرساد
اهڙي جڳتيءَ سان جيئڻ جو ڀيد پائيندو وئ

رک سدا سادو گذر پنهنجو مگر ويچار اُو
حيدرابادين کي چا، سنڌ کي سٺائيندو وئ

ديهه سان سنبنڌ نه ڪو، هئين آتما-ساکي آ
تون ڏکن ۾ ٻي سدا سک ئي سو پائيندو وئ

ٽوکي ڪاشيءَ جي ڪشش ڳهلي ويئي گهر ٻار ڪ
وات وئنڪٽ جي وٽي هرنام ڌيائيندو وئ

ڦاڳ ۾ جيڪي ڦُٽو سو چيٽ ۾ چمڪي اُ
ٻاڻ سان گڏ ٻين سوَن کي رنگ لائيندو وئ

پريم ڀڳتيءَ جي ڪري نالو پيو ٽوٽي ڀڳت-
ڀڳت ڪوٽومل ٽڏهن جڳ ۾ سڏائيندو وئ

تو سُکين سينئين اڳيان ويهي نه ڳايا راڳ ڪ
جو 'دڪايل' گيت ڳايو، سوئي ڳائيندو وئ

ڪاڪو گيانچند موٽواڻي

گيان-گهر جو ٿون آبو، بابو وِشي نازڪ جو،
ڪاڪو ڪل جو ٽِڪي رهئين، ڪين مگر ڪنهن هڪ جو.

تو ڪڏهن پنهنجي پرائي ۾ نہ ڪو ڀيد رکيو،
ساهہ ۾ جاءِ ڏنيءَ جي ڪو بکيو هو سڪ جو.

سنت ساڌن ۽ فقيرن جو رهئين داس بڻي،
پيالو واليءَ ڪو سچڻ! اهڙو پياريءَ پِڪ جو.

علم ٿورو پڙهئين پر مهر سان مرشد جي ڪڙهئين،
چاڙهيون چؤڦير چڙهئين، دپ نہ رهيو ڪنهن چڪ جو.

گيان گلشن مان سدا گُل تو آلوفيءَ جا ڪنيا،
ياد هر ويل سبق ٿوڪي هو لوڪان لِڪ جو.

جاڻ ۽ ماڻ جڏهن هوت حوالي تو ڪيا،
پيؤ پو باقي ڇو رهي يار جي در تان ڏِڪ جو؟

ايندي ويندي جا بندڻ ٿوڪي بنڌي ڪين سگهيا،
خيال دم دم جو ڪنيون بيٺو هو ڇوهو ڇِڪ جو.

آهي اڄ ؤچ جو هي دستور پراڻو، ليڪن
ماڳ شل پاڇون دڪايل! نہ منڻي مالڪ جو.

٢. وَبـا جي سخت واچوڙي،
جڏهن جڪڙيو وطن تنهنجو.
تڏهن تو شير! ٽوڙيو خوف
ديهي جي زنجيرن کي.

٣. خوشي دل جي رکي پاسي،
ٿئين همدرد پائن سان.
ڪڍي تو دست سا دولت،
ملي مشڪل اميرن کي.

٤. سَنئو قسمت، دکايل کين
اهڙو لعل لاڏيٽو.
ڪيو مشتاق جنهن موهي
اميرن ڇا فقيرن کي.

سنگيت - ڇهڇٺو

ارو- اُپگرهه ۾ اُڏري ويندس،
چانڊوا! چندر لوڪ.
انڊو- اونءَ هونءَ، ٺؤم ڪٿي سا ٽومنجهه،
تارو ڦاڙ نه ٻوڪ.

ارو- روس، امريڪا نه اُڏايا پنهنجا نقلي چنڊ؟
نهنجي لءِ سوڪين ڏکيرو جوڙ، ضرب، ڪٽ وَنڊ.
آهه حسابي ڪم وگياني،
کيل ڪبي هٿ جو سو جاني.
ٽورو ٽرسي ڏس رنگ منهنجا ناحق دار نه ٽوڪ.
اُپگرهه ۾ اُڏري ويندس ....

ڀڳت پورومل چنديرام رام رکياڻي

وقت کان اڳ وئين هليو،
ڇا کون ڀلا پورل فقير.
ڪال کي پنهنجي ڪئي ٿي،
چينبيو خود هوندو ضمير.

ٿون اچا مس رنگ پنهنجي ۾ هيئڙو آيو هئين
جو ڪنهي ٿوکي ڪٽي ٽکڙو پڳا منکر نکي

کيئن فرشتو موت جو تن کي چوان؟ جيڪي ٿها
ويا سوين سبئن ۾ ڪوڙي اڄ سنڌ، فرقت جا ٽي

پر وچڻ جي وقت پيءِ تن سان کِليو هوندين ضرو
چو ٿہ مشڪڻ جي هيءَ عادت سدا سهڻا سڌ

شغل شيوا جو رهيو، تو لءِ سدا اخبار ج
رات ڏينهن جنهن لءِ کري پورهيا، وڏءِ ڍاهي سري

ڀاؤ ڀڳتيءَ سان سدا ٿنهنجو ڀريو هردو رهي
ٿو ٿڏهن عقبا کان، دنيا کي سجڻ! سمجهيو حقي

اڄ دکايل سان کندو پيو کير ٿو بن ڳالهڙيون
جنهن سان اورڻ لءِ رهي باقي فقط ٿنهنجي اُکي

مذهب ڌرم جو پيد نہ جن وٽ،
اوچ ۽ نيچ جو ڪيد نہ جن وٽ.
ڌرم رڳو جن جو اِنساني،
مست ڪوي سي ٿيا لاثاني.
محفل ۾ تن جي هلٽو آهہ،
سرڳہ ڏي چاهہ رکي چلٽو آهہ.
همت وارا پل نہ اُڏامن سَڏوُن ڪن ڊرپوڪ.
اُپگرهہ ۾ اُڏري ويندس ....

چاندو- سرڳہ ڏي جيئري هلندس مان پڻ،
پر جي موڪل ڏيندي پاپڻ!
يار چڱو ٿي تيار هلائنو،
ٿــرط ڪوي دربار هلائنو.
درويشن جو ٿيندو درسن،
ميلي سان من ٿيندو پرسن.
دير چڱي ڪم ۾ چڙو وجهجي ٿارو! ڪلندا لوڪ.
اُپگرهہ ۾ اُڏري هلبو ٿارو! چندر لوڪ
(ٻئي گڏ) هلبو چندر لوڪ هاڻي هلبو چندر لوڪ.

(طبلي تي) پاڻ نہ ڪنهن جا دشمن آهيون،
بگڙيل ڪارج ٿا نت ناهيون.
جڳ ساري سان پريت اسانجي،
ڪانہ لڙائي ريت اسانجي.
جنهن سان لايون توڙ نباهيون،
غم ڪائون سنگت نہ ڦِٽايون.
وعدو اوڏر وڙ نہ اسانجو، ڏيڻ وٺڻ سپ ر
اُپگرهہ ۾ اُڏري ويند

(سرود) سرگس وچڻ جو آهي رايو،
جنهنجي لاءِ ڪريانٿو سعيو.
آهن جست صوفي سونهارا،
شاهہ سچل ۽ ساميءَ پيارا.
پيار، صلح جو جن سُرُ ڳاتو،
روحانيت جو راهہ سڃاتو.
تن وٽ ويندي، ايندي ناهي سِڪ وارن ني
اُپگرهہ ۾ اُڏري ويند

٤

ي ڇتيج دنيا تي ٿو هرڪو ائڪٽر بڻجي،
يضن کي شفا ڏيڻ لءِ روحاني ڊاڪٽر بڻجي.
اري عيش دنيا ۾ ٿئو ڄاڻي، ته رب تعاليٰ،
جيءَ مخلوق ۾ درجو ڏنو انسان کي اعليٰ.
ڻ سان دؤر دنيا ۾ اصل ناتو وساري ٿو،
ايل! فرض کي ترڪي رڳو غرض ۾ گهاري ٿو!

٥

ڪڏهن چاهين دنيادارن جو بڻجڻ رازدار،
گهرين پيدا ڪرڻ پنهنجي لءِ خاصو روزگار.
۾ ها جو سُر ملائڻ، سِک ثنا وارو ستار،
برو ڪافي خوشامد جو لڳائي ڇڏ انبار.
ڙي ڪوشش سان دکايل خود جشن وارن منجهان،
ن به هڪ ڏينهن ٿيندين اهڙن خاص سردارن منجهان.

٦

م موسيقي رسائي خاص منزل ماڳ تي،
ي دکايل مهر مالڪ جي هميشه راڳ تي.

اُڇلون

طبيعت ۾ حب وطن جي خصلت ۽ خوُ ر
پارت جي فائدي جي دلي آرزو ر
جنهن ۾ مٺي وطن جي عزت آبرو ر
آزادگيءَ جي دل ۾ اُها جستجوُ ر

٢

جي مصيبت ٿي اچي مرد کي بهتر ٿي ڪ
پهرين تڪليف ڏيڻي بعد ۾ پر سرِ ٿي ڪ
رتبو بالا ٿي ڪري اوُج تي آخر ٿي ڪ
آگ قرباني سچي سون کي ظاهر ٿي ڪ
ملمع سوني جو پلا باهه جو ڪيئن ڏوُ س
پنهنجي اصليت کي لڪائي ڪيسين پتل ره

٣

نہ ڏس نفرت سان ٻئي ڪنهن ڏي ادا! دشمن ڪتر سم
ڌڪاري ڇڏ نہ دنيا کي گندي سِر جو ڳتر سم
نہ ٿيءُ اهڙو نرم ڳهڻي متان ماڻهو ٻڏو سم
نہ ٿيءُ اهڙو مڇڻ، ڇڏني متان موڳو مٺر سم
دڪايل! هت ڪڙهڻ ڏاران پڙهڻ سان ڪانہ پورت
مريضن کي دوائن سان، ڪريءَ جي پڻ ضرورت

١٢

ں دنيا ۾ فقط پنهنجي نہ جيون پالنا،
ﮔﻮ پوري نہ ڪرڻي آهہ من جي ڪامنا.
جي ڏاران گهڻائڻ آهہ مشڪل ترشنا،
دڪايل! پوڳہ جي پويان اچي ٿي پوڳنا.

١٣

رهڻ چاهين سُکيو، دل جي وڏيل چڏ چاهنا،
ـم ۾ لوڀين ٿي تون ساڌ پوري ساڌنا.
تموگڻ ٿي رسائي خاص من جي تاڙنا،
دڪايل! سُک ماڻ مشڪل، ستوگڻ جي بنا.

١٤

جي حسرت ڪي هوند پير هڃن،
جي در تي اچي فرياد ڪري.
مي أرمان ڪٽي دامن ۾،
ـرا پيش نامراد ڪري.

١٥

ہ مون پڙهندي ڏٺو هڪڙيءَ جڳهہ اخبار ۾،
خوشامد جي ضرورت آ گهڻي سنسار ۾.
ڪايل! جيڪڏهن لذت اٿي گفتگار ۾،
پو ملندءِ مزي سان جاءِ محفل يار ۾.

٧

جي گهرين واقف ٿيان دنيا جي اسرارن منجها
غيب جي پردي منجهان عالم جي اظهارن منجها
اي دڪايل! صاف ڪر دل جي اُگهي تون آرس
جنهن جي پاڇي ۾ سڄو قدرت جو رنگ سگهندين پس

٨

هي ڪڙو محلات خيالي ڪير آهي جو پڇ
جو ڇُٽو هيڪر، وري سو تير ڪيئن خالي وڃ
منهنجي ترڪش ۾ هزارين تيز تيرن جو مڪ
اي دڪايل! ڪين ويندو منهنجو خالي ڪو نش

٩

اي شاهه! ڪر نه ڪاوڙ ڀينوُ فقير آهيا
سنسار جي نظر ۾ هڪڙو حقير آهيا
مونکي نه زر زمين يا سهڻو لباس گهرج
سائين! فقط اوهانجو قرب و قياس گهرج

١٠

اڄ اڄڻ سان شمس سِر تي تاج سوني جو رک
چارسوُ سينگار سهڻو ساج سوني جو رک

١١

ماهه ڪنڍ آهي ڏکيو قدرت جي زينت زيب
اي دڪايل! ڪين جنهن ۾ آهه نقطو عيب

١٦

لاڙڪاڻي ۾ هلي اُستاد جو درسن
بي صبر نادان دل کي خوب خوش پرسن
ٺرت سائينءَ سان اجا شايد ملڻ قاصد! نه
چو ته هتڙي ئي ختم هي تيئيهن جو سن

١٧

حضرت حسن دنيا جو دوکو لطيف
بيشڪ دلين لُٽڻ ۾ ڌاڪو شريف
ڪنهن کي ڏنگي ڏڪائڻ پيشو سندس
مشڪل وڃڻ ورائي، پاسي مان دل و

١٨

هرڪو ذرو دنيا جو منهن جو رقيب
هر حال ۾ مصيبت نفرت نصيب
بدنام حال پنهنجو ڪنهن کي وڃي
جهڙو اُهي تا جاڻن اهڙو پرين نه
تنهنجي ٻنيي تي آهيان خيرات لاءِ
هيڪر نظر عنايت تنهنجي ڪٻي

ترکه صاحبی
برهانی کاتب زاده
آدهورو (حکیم)